سهيڙيندڙ

رکيل مورائي



# شاعريءَ ۾ جيئندڙ شخص

[اينٿالاجي]

[احمد سولنگي - فن ۽ شخصيت]

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# شاعريءَ ۾ جيئندڙ شخص

[احمد سولنگي: فن ۽ شخصيت- اينٿالاجي]

سهيڙيندڙ

**رکيل مورائي**

**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄامشورو، سنڌ

2018ع

ڪتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

چاپو پهريون                    ڊسمبر 2018ع                    تعداد 1000

هي ڪتاب سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي جان الهڏتو وڳهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

حسين صورت

۽ فقير سيرت رکندڙ

احمد سولنگيءَ جي والد

**رسول بخش سولنگيءَ**

جي نالي.

# سلسلو


| | | |
|---|---|---|
| ـ ڇپائيندڙ پاران | الهڏتو وگهيو | 07 |
| ـ شخص، شاعر ۽ ڪتاب (مقدمو) | رکيل مورائي | 09 |
| **مون مَن ڏي رابيل اماڻيا** | | 29 |
| (احمد سولنگيءَ جي چونڊ شاعري) | | |
| **آدمي محترم آهي** (احمد سولنگي بابت ليک) | | 77 |
| 1ـ مون وٽ آ لڙڪن جي لپ | لڇمڻ موڪل | 79 |
| 2ـ خواب آوارا پکي | يوسف شاهين | 139 |
| 3ـ نئين سوچ جا ڏيئا ٻاريندڙ شاعري | سوڀو گيانچنداڻي | 150 |
| 4ـ خوابن جو آوارا پکي ـ احمد سولنگي | امداد حسيني | 152 |
| 5ـ هڪ عمر کپي دوست سخن دان ٿيڻ لاءِ | مدد علي سنڌي | 171 |
| 6ـ خواب آوارا پکي ۽ احمد سولنگي | جگديش لڇاڻي | 224 |
| 7ـ اندر اُجالا | ملڪ نديم | 238 |
| 8ـ شاعريءَ سان ڊيٽنگ | نامديو تارا چنداڻي | 241 |
| 9ـ آدمي محترم آهي! | تاج جويو | 257 |
| 10ـ شاعريءَ جو سفر اياز کان احمد تائين | نصير مرزا | 265 |
| 11ـ شاعري احمد سولنگيءَ جي | ڪيمن يو مولاڻي | 270 |
| 12ـ ڏار اوندهه ۾ رِجهن ٿا ترورا | حليم باغي | 283 |
| 13ـ احمد سولنگي: شاعري ۽ زندگي | انور ابڙو | 291 |
| 14ـ خيال سرمدي پنهنجو لباس منصوري | اياز جاني | 297 |
| 15ـ احمد جي هڪ نظم "شهسوار" جي پرک | فياض لطيف | 299 |
| 16ـ چانڊاڻ ۾ چاهت کي آمات ڪڏهن آئي | مولا بخش ٻرڙو | 310 |
| 17ـ نئين غزل جو سرجڻهار احمد سولنگي | اختر درگاهي | 320 |
| 18ـ عشق ٿو آڪاس ۾ جاڳي | نواز شاهه ياڏائي | 330 |

| | | |
|---|---|---|
| 19_ سرحد پار کان آيل خواب آوارا پکي | موهن همتاڻي | 339 |
| 20_ شعر آوارا پکي | مسرور پيرزادو | 344 |
| 21_ سمنڊ کي سوگهو ڪيو | مارو جمالي | 350 |
| 22_ آئينا روبرو آهن | ايوب کوسو | 363 |
| 23_ اک عبادت گذار آ هُن جي | معشوق ڌاريجو | 369 |
| 24_ احمد جيان اُڏار ڪئي آ | امر اقبال | 387 |
| 25_ بي خواب هوا آئي | عبدالمؤمن ميمڻ | 391 |
| 26- سادو شخص ۽ سهڻو شاعر | سجاد ميراڻي | 413 |
| 27_ چنڊ ڪو جاڳي پيو | مولائي ملاح | 417 |
| 28_ شاعري جا انمول گل آڇيندڙ شاعر... | پارو مل امراڻي | 421 |
| 29_آڄپي جي آس جو شاعر :احمد سولنگي | آزاد انور ڪانڌڙو | 435 |
| 30_ ڌرتيءَ جي دونهاتيل گولي جو شاعر | بخشل باغي | 440 |
| 31_ هڪ بوند جو مصور شاعر | فراق هاليپوٽو | 449 |
| 32_ احمد سولنگيءَ جي شاعراڻي تپسيا | انور ساگر ڪانڌڙو | 453 |
| 33_ سيئي پٽر کپي ويندا | حفيظ باغي | 462 |
| 34_ اينجلو جون آڱريون | رحمت پيرزادو | 468 |
| 35_ اوهان پنهنجي ضمير کان پڇو | آڪاش عامر | 474 |
| 36_ زندگيءَ سان پيار ڪندڙ شاعر | برڪت جيهو | 479 |
| 37_ تنهنجي هٿ ۾ ماڻڪ موتي | اسير امتياز | 487 |
| 38_ ٻڏو پاتال ۾ احمد ڪئي آ | اسد مگسي ٺهار | 497 |
| 39_ احمد تون محترم آهين | مصطفيٰ آڪاش | 506 |
| 40_ هڪ ڏياري منهنجي نانءُ | موهن مدهوش | 511 |
| 41_ خوبصورت انداز بيان جو شاعر | وزير فرهاد سولنگي | 514 |
| 42_ احمد سولنگيءَ جا نظم | احمد شاڪر | 518 |
| 43_ جديد شاعريءَ جو چمڪندڙ تارو | سجاد يوسف سومرو | 522 |
| 44_ احمد سولنگيءَ جي نالي | روشن شيخ | 523 |

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌي شاعريءَ جو نهايت ڊگهو سفر آهي ۽ سنڌ ان حوالي سان شاهوڪار آهي، جتي ڪيترن ئي اعليٰ شاعرن جنم ورتو آهي. انهن مان هڪ نوجوان شاعر احمد سولنگي به آهي. جنهن جي شاعري ۽ شخصيت بابت سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي روايت برقرار رکندي هيءَ اينٿالاجي "شاعريءَ ۾ جيئندڙ شخص" شايع ڪرائي رهيو آهي.

بورڊ طرفان سنڌ جي تاريخ، تحقيق، تخليق ۽ ٻوليءَ بابت ڪيترائي ڪتاب شايع ڪرايا آهن، ۽ دنيا جي ٻين ٻولين مان ادب جا شاهڪار ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپائي سنڌي ادب جي جوڳي خدمت ڪئي آهي. ساڳئي وقت سنڌي ٻوليءَ جي بزرگ عالمن، اديبن ۽ محققن جي سوانح بابت ڪيترائي اڻ لڀ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪرايا آهن، جن ۾ ڪيترائي اهم نالا آهن.

سنڌي ادبي بورڊ جي هڪ رٿا هيٺ ڪجهه اديبن عالمن بابت اينٿالاجيز جوڙڻ لاءِ مختلف اديب دوستن کي ڪم ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو. جنهن سلسلي تحت نوجوان شاعر احمد سولنگيءَ بابت اينٿالاجيءَ جو ڪم ناليواري شاعر ۽ اديب محترم رکيل مورائي صاحب جي حوالي ڪيو ويو هو. جنهن خوشيءَ سان اهو ڪم ڪنيو ۽ اينٿالاجي مڪمل ڪري بورڊ جي حوالي ڪئي.

سنڌي ادبي بورڊ پاران هيءُ پهرين اينٿالاجي آهي جيڪا هڪ نوجوان شاعر بابت شايع ٿي رهي آهي. اداري جي ڪوشش رهندي تہ هن قسم جا ڪتاب نہ فقط اسان جي انهن عالمن اديبن شاعرن بابت ڇپجن جيڪي هن جهان ۾ نہ رهيا آهن، پر اڄ جي موجود ۽ نمائنده عالمن، اديبن ۽ شاعرن بابت پڻ اهڙا ڪتاب اچڻ گهرجن، جن جي شروعات منهنجي ئي ايامڪاريءَ ۾ ٿي آهي، جنهن لاءِ آءٌ پاڻ کي ڀاڳوارو سمجهان ٿو.

هيءُ ڪتاب ڇپائي آءٌ سرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان، جنهن لاءِ سنڌي ادبي بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب مخدوم جميل الزمان صاحب جن جو نهايت ئي شڪرگذار آهيان، جن پنهنجي مفيد مشورن سان منهنجي رهنمائي ڪري اشاعتي مرحلي کي آسان ڪيو.

مون کي اميد آهي تہ اسان جي هيءَ ڪاوش سنڌ جي عالمن، اديبن، اڪابرن ۽ تخليقڪارن وٽ مانُ ماڻيندي

| | |
|---|---|
| 03 ربيع الثاني 1440هہ | **الهڏتو وگهيو** |
| 11۔ ڊسمبر 2018ع | سيڪريٽري |

## ● شخص، شاعر ۽ ڪتاب

[مقدمو]

ضلعو نوشهرو فيروز ساهتي پرڳڻي جو مُکُ شهر رهيو آهي جنهن ساهت (ادب) ۾ نهايت اهم نالا پيدا ڪيا آهن. ادب جي الڳ الڳ پهلوئن جو اڀياس ڪرڻ سان اها ڳالهه سج جيان روشن ٿي پوندي ته هن پرڳڻي، سنڌ جي ادبي تاريخ کي پنهنجي حصي کان گهڻو گهڻو وڌيڪ ادب ڏنو آهي. احمد سولنگي اڄ جي نئين شعري ادب ۾ هن ساهتي پرڳڻي جي اهڙي سڃاڻ آهي، جنهن تي هي ۽ پرڳڻو هڪ پيرو وڌيڪ فخر جو سبب بڻبو.

ساهتي پرڳڻي جو ۽ ضلعي نوشهري فيروز جو هڪ اهم تعلقو مورو آهي. هي تعلقو جاگرافيائي لحاظ کان سنڌ جي دل ڪري ليکيو ويندو آهي، سنڌ جي وچ وارو هي شهر جيڪو پڻ ادب جي تاريخ ۾ صدين جو ڊگهو سفر ڪري چڪو آهي ۽ جيڪو ايندڙ صدين تائين پنهنجي ادبي سفر جا نشان تاريخ جي صفحن تي ظاهر ڪري ڇيهندو،ان شهر جي هڪ خاموش ڪنڊ ۾ رهندڙ هڪ نيڪ سيرت ۽ حسين صورت واري شخص رسول بخش سولنگيءَ جي گهر ۾ جيڪو (ٽيون) ٻار پيدا ٿيو ان جو نالو نقشبندي سلسلي جي حضرت الحاج الله بخش آبادي غفاري، المعروف سهڻا سائين جن جي هدايت. موجب احمد حسين رکيو ويو. هي نالو اسلام جي عظيم رهبر جي نسبت سان جڙيل آهي جنهن ڪري مسلمان گهراڻن ۾ احترام طور رکيو ويندو آهي. ائين سنڌي ماڻهون به هي نالو احترام سان پنهنجي اولاد تي رکندا آهن. احمد جا به وڏا ڀائر اڳ پنهنجي ننڍ پڻ ۾ ئي هن فاني جهان منجهان موڪلائي چڪا هئا. هن صدي جي سنڌي ٻولي جي بيمثال نوجوان شاعر احمد سولنگيءَ پنجين جنوري 1971ع تي جنم ورتو جنهن کان پوءِ سندس امڙ ڇئن نياڻين ۽ هڪ پٽ کي جنم ڏنو ائين احمد سولنگي ڇئين ڀينرن ۽ هڪ ڀاءُ جو وارث بڻيو. اڳتي هلي اهي سمورا وارثيءَ وارا فرض هن نڀايا، جيڪي سندس والد نيائڻ کان اڳ ۾ ئي جواني ۾ وفات ڪري وڃڻ سبب سندس ڪلهن تي رکي ويو هئو. اڳتي هلي احمد نالي واور نينگر سنڌي ٻوليءَ جو

هڪ بيمثال شاعر ٿيندو، اهو ڪنهن جي وهم گمان ۾ به نه هوندو، ڇاڪاڻ ته ان خاندان ۾ نه ئي ڪو اڳ شاعر، اديب پيدا ٿيو هئو ۽ نه ئي ان خاندان جون معروضي حالتون اهڙيون هيون، جنهن طرف اڳتي هلي احمد ناليُ ان نينگر کي ويڙهو هئو اڄ محسوس ٿي رهيو آهي ته پنجين جنوري نئين سنڌي شاعريءَ لاءِ سڀاڳ جو ڏينهن آهي.

احمد سولنگيءَ پرائمري تعليم 1979ع ۾ مين پرائمري اسڪول موري ۾ حاصل ڪئي. ميٽرڪ تائين تعليم هاءِ اسڪول موري ۾ پڙهيو. هن 1985ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ انٽر مهراڻ ڪالج موري مان 1987ع ۾ پاس ڪئي. بي.اي ۽ ايم اي شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور مان 1993ع ۾ پاس ڪئي. نوجواني ڏانهن سفر ڪندڙ احمد سولنگيءَ جي والد گذر ڪري وڃڻ کان پوءِ ڪيس پالڻ نپائڻ ۽ پڙهائڻ جو ذمو سندس ڏاڏي محمد سومر سولنگي تي آيو ۽ سندس تربيت سندس امڙ جي ذميواري بڻي جنهن سندس اهڙي تربيت ڪئي جو اڄ کيس فخر ٿيندو آهي ته سندس اوجاڳا اگهاميا آهن. ڏٺو وڃي ته احمد سولنگي اڄ جيڪي به ڪجهه آهي اهو پنهنجي ڏاڏي جي پورهيي جي پالنا ۽ ان امڙ جي تربيت ۽ اڻ ڳڻين دعائن جو ثمر آهي. ٻيءَ طرح سندس طبيعت تي پنهنجي والد کان وڌيڪ پنهنجي ڏاڏي جي مزاج جو اثر آهي.

احمد جنهن گهر ۾ جنم ورتو اهو هڪ نيڪ پورهيت جو گهر هئو جنهن ڪري ڏکن ۽ تڪليفن جو مڪاميلو احمد سان ننڍپڻ ۾ ئي ٿيو جنهن سبب پورهيت دوستي انسان دوستي ۽ وطن دوستي سندس رت ۾ شامل آهي ۽ شعوري طور هو جن حالتن مان سفر ڪري آيو آهي، انهن حالتن جو اولڙو هن جي شخصيت جي الڳ الڳ حصن ۾ گهر ڪري ويٺل آهي، هُو سيرت ۾ پنهنجي امڙ جهڙو، صورت ۾ پنهنجي پيءُ جهڙو آهي ۽ مزاج ۾ گهڻي حدتائين پنهنجي ڏاڏي جهڙو آهي. هن جي خاندان ۾ ڪي لکيل پڙهيل شخص ته ضرور آهن پر ڪابه علمي ۽ ادبي شخصيت هن جي خاندان ۾ نه رهي آهي، جنهن ڪري اهو چوڻ مناسب ٿيندو ته سنڌي ادب ۾ اڳتي هلي جيڪا سندس خاندان جي تاريخ جڙڻ واري آهي، ان جي شروعات سندس نالي سان ٿيڻي آهي. سندس ننڍپڻ جي شخصي دوستن ۾ ٻيا به ڪيترائي شخص هوندا پر

هڪ شخص نهايت اهم آهي، جنهن جو نالو غلام نبي جويو آهي. جنهن کي گهر وارا ۽ احمد "گڏو" سڏيندا آهن. احمد جي پسند جي شهرن ۾ سڀ کان اوليت حيدرآباد شهر رکي ٿو جيڪو هن جي ماسيءَ جو شهر به آهي ۽ محبوبا جو شهر به آهي، هن جي خوابن جو شهر به آهي ته هن جي ٻارڙن جو شهر به آهي، جتي ئي هو اڄ ڪلهه پنهنجي ٻي سڪون روح ساڻ هڪ پر سڪون گهر ۾ رهائش پزير آهي. هن زندگيءَ ۾ ڪيترائي عشق ڪيا آهن پر سندس شخصي زندگيءَ ۾ به عشق مٿانهون درجو رکن ٿا. ٻاراڻي عمر ۾ ڪبوترن سان عشق ۽ وڏيءَ عمر ۾ ڪتابن سان عشق سندس اهم سڃاڻپ طور ياد رکيا ويندا. هو پنهنجي سخت طبيعت رکندي به پنهنجي لباس جي حوالي نهايت نفيس شخص رهيو آهي. اڄ جڏهن هو پنهنجي خوشحال زندگي گذاري رهيو آهي، تڏهن سندس ان خوش لباسيءَ ۾ وڌيڪ اضافو آيو آهي، خوبصورت ڪپڙا ۽ بوٽ هُن جي ڪمزورين واري لسٽ ۾ شامل آهن.

احمد سولنگيءَ ايم-اي ڪرڻ کان اڳ ۽ پوءِ اخبارن توڙي ٻين ادارن ۾ نوڪريون ڪيون پر ڪيس مناسب نوڪري سنڌ جي اڳوڻي وزيراعلي سيد عبدالله شاهه مرحوم ڏني، جنهن ڪيس 1994ع ۾ وزيراعلي هائوس ۾ پروٽوڪول آفيسر ڪري رکيو. هي نوڪري سندس زندگيءَ جو اهم موڙ ثابت ٿي، جنهن ڪيس شديد اداسائي جي ڪيفيت کان ۽ خودڪشيءَ جي رومانس کان ٻاهر آندو سيد صاحب جي حڪومت وڃڻ کان پوءِ نئين اينڊڙ وزير اعليٰ 1996ع ۾ هن کي نوڪري کان فارغ ڪيو ۽ ائين هڪ ڏکيو عرصو وري هو نوڪريءَ کان الڳ رهيو پر پنهنجي شاعري کان هڪ پل به پري نه ٿيو.

انهيءَ وقت ۾ پاڪستان جو اڳوڻو صدر مملڪت آصف علي زرداري جڏهن جيل ۾ هئو ته ان اڪائونٽ بلٽي ڪورٽ راولپنڊيءَ ۾ پنهنجي مشهور وڪيل بابر اعوان معرفت هڪ پٽيشن داخل ڪئي جنهن ۾ هن گهر ڪئي ته مون کي جيل اندر هڪ استاد ڏنو وڃي ۽ ائين احمد سولنگيءَ کي ڪورٽ پاران آصف علي زرداريءَ جو جيل اندر استاد مقرر ڪيو ويو ۽ ائين احمد سولنگي آصف علي زرداريءَ جي اسيريءَ آزاديءَ ۽ پاڪستان جي صدارت جي قسم کڻڻ تائين ساڻس گڏ رهيو. هن 11 آڪٽوبر 1996ع تي سنڌ جي نامياري ڪهاڻيڪار ۽

ناول نويس ماهتاب محبوب جي ٻيو نمبر نياڻي زمر سان شادي ڪئي. جنهن مان کيس ٽن نياڻين جو اولاد ٿيو: (1) مشعال حسين- 23 آڪٽوبر 1997ع (2) نظم حسين- 13نومبر 2000ع ۽ (3) رمل حسين- 14 مارچ 2002 ۾ جنم ورتو. قدرت جا ۽ وقت جا فيصلا پنهنجا ٿين ٿا جيڪي انسان جي پهچ کان گهڻو گهڻو ڏور آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن سمجهه ۾ نه ايندڙ آهن ائين ئي اڳتي هلي اهو رشتو ٽٽڻ لڳو ۽ آخر ٽٽي ئي ويو. سندس زندگيءَ ۾ هي حادثو اهڙو هو جنهن سندس روح کي ٻنهه رهڙي ڇڏيو. هن حادثي جي پيڙا کي هُن ڪئين پوڳيو اهو فقط هن جا ڪجهه شخصي دوست ئي ڄاڻن ٿا ۽ ان پيڙا کي هن پنهنجي شاعري ۾ ڪئين اظهاريو آهي، اهو سندس شاعري پڙهندڙ ئي ڄاڻي سگهندا. اڳتي هلي هن شهناز نالي خاتون سان 20 نومبر 2005ع تي شادي ڪئي جنهن کيس ٽن پٽن جو اولاد ۽ هڪ خوبصورت نصيب بخشيو جيڪو اڄ تائين ساڻس ساڻ آهي. سندس ٽن پٽن: (1) چيزل حسين 30 آگسٽ 2006ع (2) ساحل حسين 26 سيپٽمبر 2008ع ۽ (3) نازل حسين 31 آڪٽوبر 2011 ع تي جنم ورتو.

ڊگهي عرصي کان پوءِ 2008ع ۾ آيل پيپلز پارٽي جي سرڪار کيس ٻيهر نوڪري تي بحال ڪيو ۽ گذريل سرڪار پاران ساڻس ٿيل ناانصافي جو ازالو ڪندي، کيس هڪ گريڊ جي پروموشن سان گڏ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ڊپٽي سيڪريٽريءَ جي پد تي ويهاريو جتان هو ڊائريڪٽر ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن حيدرآباد لاڙڪاڻو ۽ سکر ڊويزن جي عهدي تي رهيو. اڄ ڪلهه وري پنهنجي اصل پوسٽ تي ڪم ڪري رهيو آهي.

احمد سولنگيءَ جي شخصي زندگيءَ ۾ جيڪي به حادثا، اتفاق، پريشانيون ۽ خوشحاليون آيون آهن، انهن سڀني کي هو پنهنجي خوشگوار مزاج ۽ بردباريءَ سان منهن ڏيندو رهيو آهي ۽ هاڻ زندگيءَ جي ڪڙن ۽ مٺن تجربن مان هن اهو سکي ورتو آهي ته سچ به پاسا آهي. ان جو هڪ پاسو اپرڻ وارو آهي ۽ ٻيو پاسو اُلهڻ وارو آهي.

هو اڄ پنهنجي شخصي زندگيءَ مان ڪيترو خوش آهي ۽ ڪيترو نا خوش آهي، اُهو عام آڏو ظاهر ڪرڻ اجايو سمجهي ٿو. جنهن به شخص ۾ اهڙي

طرح جيئڻ جو حوصلو اهي، اهو اج جو ڪامياب ترين شخص اهي، شايد احمد سولنگي بہ انهن ڪامياب سمجهو ويندڙ شخصن جي لسٽ ۾ شامل آهي.

پنهنجي امڙ جي آسيس وٺڻ کان سواءِ ڪوبہ ڪم نہ ڪندڙ احمد سولنگي، ان جي دعائن جي ڇانو ۾ ئي پاڻ کي گهڻو محفوظ سمجهندو آهي. اڻ ڳڻين تضادن وارو مزاج رکندڙ سنڌي ٻوليءَ جو هي حسين شاعر ۽ شخص ڏينهن ۾ ٽي وڳا بہ مٽائيندو آهي تہ هڪ ئي وڳي ۾ اسلام آباد لاهور ۽ حيدرآباد جو هفتي جو سفر بہ ڪري سگهندو آهي. اڄ ڪلهہ جهاز ۾ سفر ڪندڙ هي شخص دوستن يارن سان گڏ ميلن جا ميل پنڌ ڪري گهمڻ وارو مزاج بہ رکندو آهي. حاصل ڪيل آسائشن کي ماٽيندڙ هي شخص دل وارن دوستن سان زمين تي ڌڌو وڇائي، مٽي هيٺان ٻانهن ڏئي راتيون بہ گذاري سگهندو آهي. قصرِ شاهي جي مصنوعي ماحول کان بيزار ٿي پنهنجي دل وارن ۽ پراڻن دوستن سان ملڻ لاءِ ڪنهن بہ تڪلف کان ڪم نہ وٺندو آهي. ڪيترن ئي موقعن تي دوستن کان ڪيتريون ئي صلاحون وٺندڙ هي شخص فقط پنهنجي عقل سان ئي ڪو فيصلو يا ڪم ڪار ڪندو آهي جنهن سندس ٻيڙو ڪڏهن تاريو آهي تہ ڪڏهن ٻيڙو ٻوڙيو بہ آهي. پر هيءَ سدائين ساڳيو رهيو آهي.

بيوروڪريٽ جو ڏيکاءُ ڏيندڙ هيءُ شخص پنهنجي مزاج ۾ ٻنهہ ان جي ابتڙ آهي. مذهبِ اسلام ۾ اعتقاف اندر فقط هفتو ڏهہ ڏينهن ويهڻو پوندو آهي. پر هن جي ويجهن دوستن کي سُڌِ آهي تہ هيءُ ڪن حالتن ۾ ڇهہ ڇهہ مهينا بہ پنهنجي اندر جي آڏو اعتقاف ۾ ويٺل هوندو آهي ۽ دوست سندس منهن ڏسڻ لاءِ سڪندا آهن. اهڙي صورت حال ۾ هر دوست الڳ انومان ڪڍي تبصرو ڪندو آهي. هي شخص جنهن سان ملڻ چاهي، ان سان ڪهڙي بہ وقت ملي سگهندو آهي ، جنهن سان ملڻ نہ چاهيندو آهي ان سان سالن پڄاڻان بہ نہ ملندو آهي ۽ جيڪڏهن اتفاق سان ان سان ملي ويندو آهي تہ ان جون سڀ شڪايتون دور ٿي وينديون آهن ۽ وري سالن تائين اهو شخص ڪيس ڏسڻ لاءِ سِڪندو آهي. هيءُ اهو شخص آهي جنهن جو روح سدائين بي چين رهندو آهي، اهو ڪنهن بہ هنڌ ٽڪاءُ نہ ڪري سگهندو آهي. ڪنهن بہ ماحول ۾ هيءُ ڊگهو وقت گذاري نہ سگهندو آهي. سندس مزاج ۾ مستقل رهندڙ اهي تضاد فقط سندس ڪي شخصي ۽ ويجها دوست ئي ڄاڻن ٿا.

هڪ دوست جي ناتي دعا اهي تہ هو سنڍي صحت سان گڏ وڏي ڄمار ماڻي پر قدرت جي اٽل قانون موجب هر شخص کي قبر ۾ ويھڻو آهي، هيءَ بندو (راقم الحروف) پريشان آهي تہ ڇهن فٽن جي سوڙهي قبر ۾ سنڌ جو هي شاعر گذارو ڪئين ڪندو، ڇو تہ اتي ڏگهو عرصو رهڻ بہ هن جي بي چين روح جي ابتڙ ٿي پوندو.

هر شخص جي اندر ۾ ڪيئي ڪائناتون موجود هونديو آهن. ڪيئي مفاهمتون ۽ ڪيئي مخالفتون موجود آهن ۽ انسان انهن سڀني جو گڏيل مجموعو آهي پر ماڻهو سڀ کان پهرين ماڻهو آهي ۽ پوءِ ٻيو ڪجهہ. ان ڪري ان لاءِ ماڻهپي جو هجڻ پهريون شرط آهي جيڪو ئي ان جي اولين ۽ آخرين سڃاڻپ آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي هن نوجوان شاعر احمد سولنگيءَ جڏهن شعور جي اک کولي تہ هن ملڪ تي بد ترين مارشل لا لڳل هئي. سڄي ملڪ سان گڏ سنڌ ان فوجي راڄ ۾ جلي رهي هئي، ڇٽني پاسي جلسا، جلوس، گولين جا آواز ۽ فوجي لانگ بوٽن جي ٺڪ ٺڪ موجود هئي. اهڙي گهٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول سندس ذهن تي جيڪي پهريان اثر وڌا، اهي اڄ تائين سندس شاعريءَ ۾ موجود آهن. سندس شاعراڻي سفر ايڪيهين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي ۾ داخل ٿيندي جيڪو پنهنجو چهرو ظاهر ڪيو آهي يا سڃاڻپ ڏني آهي اها هڪ گهڻ رُخي يا گهڻ پاسائين شاعر واري آهي. پر اهو چوڻ مناسب آهي تہ سندس اصلي ۽ پهرئين سڃاڻپ هڪ نج شاعر واري آهي. ان سچ کي سنڌي ادب جي تاريخ پاڻ وٽ سدائين لاءِ سانڍي رکندي.

نئين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي ۾ احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ کي جنهن تخليقي ۽ تنقيدي اڀياس جي گهرج آهي، اهڙو اڀياسي / نقاد شايد سنڌ کي اڳتي هلي پيدا ڪرڻو آهي پر هڪ اهم تخليقي شاعر جي حوالي ۾ احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو اڀياس هن صدي جي اهم گهرج ۽ ٻٽبواهڙي پڪ آهي. ڪيس بابت هي لکڻ ان اڀياس جي لکندڙن لاءِ پهرين ڪڙي ثابت ٿيندي ۽ پڙهندڙن/لکندڙن لاءِ اڳتي هلي هڪ بنياد فراهم ڪندي. ايڪيهين صدي جي هڪ ننڍي عمر واري وڏي شاعر جي اڀياس لکڻ لاءِ

احمد سولنگيءَ جو مزاحمتي مزاج، سنڌ جون پرندڙ حالتون، قومي ڦرلٽ، طبقاتي ويڇا، انساني حقن جي لتاڙ ۽ جمهوري قدرن جي پائيمالي، اهي سڀ اهڙا موضوع آهن جيڪي احمد جي ذهني ارتقا وارن شرعاتي ڏينهن ۾ سندس آس پاس موجود هئا. سندس ذهني ارتقا انهن ڳنڀير حالتن ۾ ٿي آهي ۽ ڪنهن به حساس ۽ غير رواجي ليکڪ توڙي شخص جو انهن حالتن جو اثر قبولڻ فطري ڳالهه هئي. احمد تي به اهي اثر چٽي نموني پيا جنهن جي ردِ عمل ۾ هن پنهنجو پهريون شعر رچيو جيڪو هڪ مزاحمتي نظم هئو. غالبن اهو اسي جي ڏهاڪي جو ڇهون سال هئو سندس اهو شاعراڻو سفر اڄ تائين جاري آهي.

هن جي سموري شاعراڻي سفر جي باريڪين کي سمجهڻ شايد ڊيگهه جو سبب بڻجي پر ڪي حقيقتون ۽ واقعا اهڙا آهن، جن جو ذڪر ڪرڻ کان سواءِ شايد هن جي شاعراڻي سفر جو احوال اڻ پورو رهجي وڃي.

1983ع ۾ ملڪ اندر عام طور ۽ سنڌ اندر خاص طور جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ هلايل تحريڪ پهريون محرڪ هو جيڪو احمد سولنگيءَ جي شاعري لاءِ اهم بڻجي سگهجي ٿو. چاڪاڻ ته هن ان تحريڪ جي اثر هيٺ ئي شاعري جي شروعات ڪئي ٻاراڻي عمر کان نوجواني ڏانهن ايندي، هن جيڪي شروعاتي شعر لکيا، اهي ان وقت موري شهر ۾ رهندڙ سنڌي ٻولي جي نامياري شاعر سائين راشد مورائيءَ کان اصلاح وٺڻ لاءِ ڏيکاريل آهن. دراصل هي اهو وقت هو جڏهن احمد جي شاعريءَ جي شروعات هئي ۽ جئين شروعات ۾ هر نئون شاعر پنهنجي ڪنهن /ڪن سينيئر شاعر / شاعرن کان متاثر ٿيندو آهي تيئن احمد به ان وقت سائين راشد مورائي، عبدالحڪيم ارشد، مير محمد پيرزادي، خاڪي جويي، تاج جويي، مشتاق باگاڻي ۽ ٻين شاعرن کان متاثر هو.

اڳتي هلي هن جي دل ۾ استاد بخاريءَ، ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ، شمشير الحيدريءَ، نياز همايونيءَ ۽ امداد حسينيءَ جڳهه والاري ۽ جڏهن هن پنهنجي شعوري عمر ۾ شيخ اياز کي پڙهيو ته هو ان جوڳي ٿي ويو. سندس شاعريءَ جو ٻيو دور اهو آهي جڏهن هو پاڻ کان ٿورو سينيئر شاعرن، حليم باغي، نماڻي سنڌيءَ، گدا خاصخيلي ۽ ڪجهه ٻين جي اثر هيٺ رهڻ لڳو. اسيءَ وارو سمورو ڏهاڪو سندس شعوري طور واڌ ويجهه وارو عرصو آهي پر ان وقت به سندس باري ۾ اها

ڳالهه آخري آهي تہ هن جڏهن اياز کي پڙهڻ شروع ڪيو تہ اهو سندس آخري ڏاڪو هو.

اڳتي هلي احمد جڏهن شخصي ۽ شاعراڻو چڱوئي مرتبو حاصل ڪري ورتو ۽ اياز سان سندس شخصي ويجهڙائي ٿي تہ اياز ڪيس ڏسي ۽ ملي چهري تي خوشگوار تاثر آڻيندي چيو هئو تہ "احمد توکي منهنجي دعا آهي" ۽ مان سوچيان ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جي مهاڪويءَ جي اها دعا نہ رڳو احمد جي هن ڪتاب سان گڏ آهي پر شايد اها دعا سندس شاعريءَ سان سدائين گڏ رهي. اياز هن جو جنون بہ هو تہ پڙهڻ جي عشق جي انتها بہ. اياز جي ڪتابن کي هن محبوبا جيان سنڀاليو ان وقت اياز جا جيڪي بہ ڪتاب اڻ لڀ هئا. اهي هن وڏي جاکوڙ ڪري هٿ ڪيا. اياز کي گهرو پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءَ هن پنهنجي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۽ لوڪ شاعريءَ کي نهايت سنجيدگيءَ ۽ ڌيان سان پڙهڻ شروع ڪيو. جيڪڏهن ائين چئجي تہ هن پنهنجي سنڌي ڪلاسيڪي/اساسي شاعريءَ ۽ لوڪ شاعريءَ کي ايتري ڌيان سان پڙهيو آهي جيتري ڌيان سان سندس ڪنهن بہ همعمر ۽ همعصر شايد ئي پڙهيو هجي، تہ غلط نہ ٿيندو.

احمد جي شاعراڻي اٿت ۾ سنڌي ڪلاسيڪي/اساسي شاعريءَ ۽ لوڪ شاعريءَ جي مطالعي جو گهڻو عمل دخل آهي. هو اڄ بہ سنڌي ٻوليءَ جي اصليت ۽ سونهن سلامت رکڻ لاءِ پنهنجي ڪلاسيڪل شاعرن ۽ لوڪ شاعرن کي پڙهندو رهندو آهي. جنهن کان پوءِ ئي هن جي مطالعي ۾ جديد شاعريءَ جو وارو اچي ٿو. سندس شاعري ۾ مغربي شاعري جا حوالا ٽئين نمبر تي اچن ٿا. سڀ ڳالهيون ائين ڇوڙ وڏيڪ چٽو آهي تہ احمد سولنگيءَ جو شاعراڻو شعور سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ سنڌي جديد شاعريءَ ۽ عالمي جديد شاعريءَ تي ٻيٺل آهي. هن وٽ تخليقي قوتون قدرتي ڏات آهن. هن جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جي سونهن سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي ڪري آهي ۽ هن جي شاعريءَ جي آفاقيت جديد عالمي شاعريءَ جي مطالعي جو ثمر آهي.

اسي واري ڏهاڪي ۾ احمد جي تربيت سنڌي ادبي سنگت موري جي گڏجاڻين ۾ ٿي ادبي طور موري جي ادبي ماحول ۾ ٽن ماڻهن جا نالا احمد سولنگيءَ جي حوالي ۾ اهم آهن. راشد مورائي، ڊاڪٽر سليمان سولنگي ۽ عظيم سنڌي

جنهن کان پوءِ سڪرنڊ اچي ٿو جنهن سان پڻ احمد جي گهڻي ادبي ويجهڙائي رهي آهي، جتي ڪيس مير محمد پيرزادي، خاڪي جوئي ۽ تاج جوئي سان صحبت رهي سندس همعصر اديبن دوستن ادريس جتوئي، خادم ٻگهيي ۽ راقم الحروف جو ٻه سالن ساٿ رهيو سندس ارتقائي دور ۾. پر سندس ادبي واڌ ويجهه ۽ سندس شعوري واڌ ويجهه ۾ سندس مطالعي جو گهڻو عمل آهي جيڪو ئي ڪيس هڪ قد آور شاعر طور مٿي ڪڍي آيو.

موري جي ادبي ماحول، سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۽ سندس شخصي طور ڪتابن پڙهڻ واري شوق منجهس ۾ نکار آندو. اڳتي هلي هو موري جي سنگت جو ٻه پيرا 1987 ۽ 1988 ۾ سيڪريٽري به بڻيو ۽ جيئن ئي اسيءَ جو ڏهاڪو پڄاڻيءَ تي پڳو ته احمد جي شخصي توڙي ادبي اڏام شروع ٿي.

هن روزگار جي تلاش ۾ مورو ڇڏيو ۽ مستقل حيدرآباد ۾ رهڻ لڳو جتي هن هڪ ڪان وڌيڪ سنڌي اخبارن ۾ ڪم ڪيو جنهن ڪان پوءِ هو ڪراچيءَ ۾ آيو پر هن شهر هن لاءِ سازگار ماحول پيدا نه ڪيو ۽ هو وري حيدرآباد ۾ رهڻ لڳو حيدرآباد شهر ڪيس ڇا ڏنو ۽ ڇا نه ڏنو اهو هڪ الڳ داستان آهي جيڪو هن جي ڪنهن به وقت لکڻ واري آتم ڪٿا لاءِ ڇڏيندي، هت فقط ايترو لکڻ تي قناعت ڪجي ٿي ته هن شهر ڪيس زمين تان کڻي آسمان تي پهچايو جيڪا طاقت يا قوت موري شهر ۾ نه هئي.

مناسب ٿيندو ۽ اهو قبول ڪيو وڃي ته احمد سولنگيءَ جي هڪ تخليقي شاعر واري سڃاڻپ 1990ع ڪان پوءِ ٿي آهي جڏهن هو نج پچ هڪ شاعر طور سامهون آيو آهي، جيتوڻيڪ هو ان ڪان اڳ ئي هند جي مشهور رسالي "ڪونج" ۾ ڇپجي پنهنجي شاعر واري سڃاڻپ ڪرائي چڪو هئو ۽ سنڌ جي ڪن رسالن ۾ به هو شايع ٿيندو رهيو پر هن جي شاعراڻي مزاج ۽ بي پرواهه طبعيت ڪيس رسالن ۾ شاعري ڇپائڻ واري ڊوڙ کان گهڻو پري رکيو آهي. هو بنهه ٿورو ڇپيو آهي، جنهن ڪري، سنڌي شاعريءَ بابت لکيل ٿورن گهڻن ايياسن ۾ به هن جي موجودگي ڪا اهم نه ليکي وئي آهي، ٻيءَ طرح هن جي هر نظم پنهنجي وقت ۾ جڏهن به هن اها ڪنهن موقعي تي پڙهي آهي يا ڇپي آهي ته پنهنجي مڪمل سڃاڻپ ڇڏي وئي آهي هڪ اهڙي سڃاڻپ جيڪا ڪنهن به

ٻوليءَ جي شاعر لاءِ اهم سچائپ هوندي آهي ۽ جنهن شاعريءَ تي اهاٻولي اها قوم ۽ اها مٽي فخر ڪندي آهي.

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ تي ايندڙ وقت ۾ سنڌي ادب، سنڌي ٻولي سنڌي قوم فخر ڪندي اهڙي پڪ هن جي شاعري ڏياري ٿي. هو ايندڙ دور جو هڪ اهڙو شاعر آهي جيڪو سنڌ جي جديد شاعريءَ کي عالمگير سطح تي کڻي ويندو جيڪڏهن سندس شاعريءَ کي مناسب مترجم ملي سگهيو تہ هن جي شاعريءَ ۾ هڪ ٻوليءَ ۽ قومي پيڙا، ڏک، غصو ۽ تهذيب ٽوٽي ثقافت ۽ جديد قدر گڏجي هڪ اهڙو سنگم پيدا ڪري بيٺا آهن، جو شايد ئي اڄ جي سنڌي شاعريءَ ۾ هن جي شاعريءَ کان ٻاهر ملي سگهن.

نوي واري ڏهاڪي کان هو لکندو رهيو آهي ۽ ان کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ هو پنهنجي ڪلاسيڪي شاعري، لوڪ شاعري، همعصر شاعري ۽ ترجمن جي صورت ۾ عالمي شاعري پڙهندو رهيو آهي. مجموعي طور ادب جون ٻيون نثري صنفون جن ۾ سمورو لٽريچر شامل آهي ان سان هو جڙيل رهيو آهي. جنهن جا سڀ رنگ هن جي شخصي پيڙا سان گڏجي سندس شاعريءَ ۾ نکري بيٺا آهن.

احمد سولنگيءَ جا ويجها دوست ڄاڻن ٿا تہ هن ڪڏهن بہ پاڻ لکڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي. ڪڏهن ڪڏهن هو ڪيترن ئي مهينن ۾ هڪ سٽ لکي نہ سگهندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن شاعري هن تي ساوڻ جي مينهن جيان اوڙڪون ڪري وسندي آهي. ٻي جيڪا اهم ڳالهہ سندس حوالي ۾ اچڻ گهرجي، اها هيءَ تہ هن زندگيءَ ۾ جيترو وقت پنهنجي شاعريءَ کي ڏنو آهي، اوترو ٻئي ڪنهن بہ عمل کي نہ ڏنو آهي. شاعري هن جي محبوبہ تہ آهي ئي پر شايد سنڌي ٻوليءَ جو هيءُ پهريون نوجوان آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ کي ماءُ وارو مان ڏنو آهي. مان احمد جي باري ۾ هڪ ٻي بہ ڳالهہ اوس آکڻ چاهيندس اها هيءَ آهي تہ عشق شاعر ٺاهيندو آهي پر احمد کي شاعريءَ عشق عطا ڪيو آهي. جيڪا ڳالهہ شايد، سنڌي ٽوٽي عالمي ادب ۾ ذڪر ڪرڻ جهڙي آهي. هن سدائين شاعريءَ لاءِ عشق ڪيا آهن ۽ پوءِ عشق جي ڪرشمن جو اوسيئڙو ڪيو آهي جن اوسيئڙن جو نتيجو احمد جي شاعري آهي.

هو پنهنجي ديس ۾ ۽ ديس کان ٻاهر سرجندڙ ادب تي نهايت گهري اک رکندو آيو آهي نوي تائين هن جي پسند جي ڪتابن ۾ ڪي نظرياتي ڪتاب ٻه هئا، پر مزاج ۾ هو هڪ تخليقڪار آهي جنهن گهٽي اهميت تخليقي ادب کي ڏني آهي. ائين ڪبير کان ميران، تائين پٽائي کان اياز ۽ اياز کان اياز گل تائين، ٽالسٽاءِ کان پائلو ڪوئلهو تائين، پئبلو نرودا کان ناظم حڪمت تائين، غالب کان ٽئگور تائين فيض کان احمد فراز ۽ پروين شاڪر کان نوشي گيلاني تائين سڀ ليکڪ اڪثر ساڻس رات جو گڏ هوندا آهن. جن مان هن جيڪو فيض پرايو آهي، اهو هن پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌ کي موٽايو آهي. هو پلي سنڌي ٻوليءَ ۾ لکندڙ شاعر آهي پر هن جي شاعريءَ جو دائرو فقط سنڌ نه آهي، جڏهن سنڌ، هن جي شاعري ۾ ڳولبي ته اها پنهنجي سموري تهذيبي، تاريخي ۽ ثقافتي موڙهن سميت نڪري نروار ٿيندي ۽ جڏهن سنڌ کان ٻاهر جي دنيا هن جي شاعري ۾ گولبي ته اها دنيا پنهنجي سمورن جمالياتي توڙي المياتي تصورن سميت اسان جي آڏو اچي بيهندي اهڙي شاعري ايڪهين صديءَ ۾ مون کي چوڻ ڏيو ته مان چوان ته سنڌيءَ ۾ فقط احمد سولنگيءَ جي آهي. سندس همعصر ڪانئس ڪيئي پرانگهون پوئتي آهن! تخليقي طور به ته شعوري طور به ۽ ايندڙ دور ۾ سنڌي شاعري، تخليقي طور جنهن تيزيءَ سان پٺ تي وڃي رهي آهي اها نهايت مايوس ڪندڙ آهي. جنهن جو اظهار ڊاڪٽر تنوير عباسي، امداد حسيني ۽ ٻيا ذهين لکندڙ پڻ الڳ الڳ وقتن تي ڪري چڪا آهن. اڄ سنڌيءَ ۾ سرجندڙ شاعريءَ جو گهڻو گهڻو حصو ورجاءَ کان سواءِ ڪجهه به نه رهيو آهي ۽ جيڪا نئين ٿهي اچي رهي آهي، ان مان شخصي طور مان سمجهان ٿو ته سنڌ کي اڌ صدي ڪن ڪا به اميد نه آهي جيڪڏهن سنڌي شاعريءَ کي اڌ صديءَ ۾ ٻن هٿن جي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا، غير معمولي شاعر مليا ته اهو هن صديءَ جو وڏي ۾ وڏو معجزو هوندو جنهن جي ٿيڻ ۾ مون کي اميد ٻنهه گهٽ آهي.

خير! 1990ع کان احمد حيدرآباد رهڻ لڳو. حيدرآباد سنڌ ۾ علمي ۽ ادبي شهر جو اعزاز رکندڙ شهر آهي. هن شهر ۾ احمد کي دوستن جو هڪ وسيع حلقو مليو جنهن سندس شخصي توڙي ادبي زندگيءَ ۾ وڏيڪ نکار آندو نصير مرزا، مولا بخش چانديو حسن درس، جامي چانديو تاج جويو زيب سنڌي ۽ ٻيا انيڪ

شخص سندس ان دور جا اهم دوست آهن. ان کان اڳتي هلي سندس دوستن ۾ وڌيڪ اضافو آيو جن سندس رهبري پڻ ڪئي ته سهڪار پڻ! هن حيدرآباد ۾ صحافتي زندگي اختيار ڪئي ايستائين جيستائين کيس سنڌ حڪومت هڪ معتبر نوڪري ڏني ۽ اردوءَ جي هن شعر وانگر هن زندگيءَ کي استعمال ڪيو ته:

"خدا جب حسن دیتا ہے، نزاکت آہی جاتی ہے۔"

جيتوڻيڪ هو زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين انهن دوستن کي ياد رکڻ وارو آهي جن سندس شخصي زندگي سنوارڻ ۾ سا‌ٿ سهڪار ڪيو ۽ جن سندس ادبي زندگي سنوارڻ ۾ سهڪار ڪيو جيڪو هر لکندڙ کي زندگيءَ جي هڪ موڙ تي گهرجي ٿو البت هن ۾ پنهنجون صلاحيتون هجڻ اولين شرط آهي ۽ احمد سولنگيءَ ۾ جيڪي صلاحيتون هيون. اهي انهيءَ دور ۾ وڌيڪ ظاهر ٿيون ۽ هو هڪ اهڙو شاعر ٿي اڀرو آيو جنهن کي پنهنجي ٿهيءَ ۾ اڳواڻ شاعر جو اعزاز ڏئي سگهجي ٿو.

ان ئي دور ۾ هن جو شهيد محترمه بينظير ڀٽو بابت لکيل نظم سنڌ ۾ اعلي مرتبي تي پهتو ۽ پيپلز پارٽيءَ طرفان ان نظم کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرائي، ان نيشنل اسيمبليءَ ۾ ورهايو ويو جنهن نيشنل اسيمبليءَ ۾ پيپلز پارٽي حزب اختلاف جو ڪردار ادا ڪري رهي هئي، ان نظم شهيد محترمه کي موهي وڌو ۽ احمد محترمه مان اتساهه وٺي جيڪي مزاحمتي نظم لکيا. اهي سنڌ جي مزاحمتي تاريخ جو ۽ سنڌي شاعريءَ جو املهه حصو ٿي رهندا.

ائين سندس شاعرا‌ڻو سفر ڪڏهن تيزيءَ سان، ڪڏهن آهستگيءَ سان جاري رهيو ۽ آخر ان صديءَ جي پڇاڙي تي جنهن صديءَ ۾ احمد سولنگيءَ جنم ورتو.

نئين صدي ادبي حوالي سان سنڌي ادب لاءِ ۽ احمد سولنگيءَ جي زندگي توڙي شاعريءَ لاءِ هڪ نئين اتساهه سان گڏ هڪ سڀاڳ پڻ کڻي آئي. هن جي زندگيءَ جون اهم حاصلاتون ايڪهين صديءَ جي دين آهن. ساڳئي وقت هيءَ اهڙي صدي آهي، جنهن کي مان پنهنجي ننڍڙي مطالعي، سنڌ جي ننڍڙي ادبي دائري، سنڌي شاعريءَ جي محدود ويچار جي ۽ سنڌي شاعريءَ جي بيحد گهٽي ورجاءَ واري غربت جي آڌار تي، احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جي صدي ڪوٺيان

آهي. احمد پنهنجي شاعريءَ لاءِ ٻولي، لهجو ۽ ويچار سڀ نئون ۽ پنهنجو ڳٽي آيو آهي جنهن ڪري سندس نظم ڪنهن به لهجي ۾ پڙهيو وڃي، ڪنهن به انداز سان پڙهيو وڃي ۽ ڪنهن جي به آواز ۾ پڙهيو وڃي، جڏهن اهو پني تي لکيو ويندو ته پنهنجو تعارف پاڻ ڪرائيندو. اهڙو اعزاز هن نئين صديءَ ۾ نوجوان شاعرن مان احمد سولنگي کي حاصل آهي. ها! ٻين جن نوجوان شاعرن کي اهڙو اعزاز حاصل آهي انهن جو ذڪر سندن حوالي ۾ لکيل اپياسن ۾ اچڻ نهايت ضروري آهي ۽ اهڙو احوال خاص طور سنڌي شعري ادب ۾ اڄ جي سنڌي شاعريءَ جي نقادن جي اهم نميواري آهي. ائين ڪري هو سنڌي شعري ادب جي هڪ پاسخاطريءَ کان سواءِ نج ادبي/تنقيدي/تخليقي تاريخ مرتب ڪندا. جيڪا ئي ڪڏهن نه ڪڏهن سنڌي ادب کي عالمي ادب ۾ نه رڳو مناسب حصو ڏياريندي پر فخر جوڳي جڳهه به ڏياريندي.

اڄ دنيا جو ادب ترجمن جي معرفت جنهن تيزيءَ سان، سائنس جي نئين ايجادن وسيلي پڙهندڙن تائين پهچي رهيو آهي، ان مان اها اميد جاڳي آهي ته سنڌي ادب کي عالمي ادب جو حصو بڻجڻ ۾ ڪو گهڻو عرصو نه لڳندو ۽ جڏهن ائين ٿيو ته پڪ سان احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو عالمي شاعريءَ ۾ حوالو اُهي نظم بڻجندا جيڪي هن مشرقي قدرن هيٺ لکيا آهن. جيڪي قدر مغربي علمن جي اظهار ۾ گهٽ ئي سهي پر آيا ضرور آهن. ٻن ڏهاڪن ۾ انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيل مشرقي قدرن واري ادب کي هڪ نوبل پرائيز ۽ ٻه بوڪر پرائيز ماڻڻ جو اصل سبب اهي مشرقي قدرئي آهن. جن جي اثر هيٺ اهي ڪتاب لکيل آهن. جيڪي مغربي قدرن کان ڪوهين ڏور، هڪ ٻئي جي ڇيڙي تي بيٺل آهن.

احمد سولنگيءَ جا نظم مائيڪل اينجلو اتر قطب خُدا جا خليفا، هڪڙي يهودي ڇوڪري، هميرو ڪولهي، هڪ ٻوند مان مصور، رنگ رتي تنهائي، قلو پطرا، لهين ٿي خواب تون جڏهين، اوير جي آرسي، قرت العين طاهره/ پوپ کي کهڙي خبر/ ۽ سڀ کي پنهنجو گوتم آ. مشرقي قدرن تي ٻڌل مغربي اسٽائيل ۽ ويچار وارا نظم آهن. جيڪي جڏهن به مغربي ٻولين ۾ ترجمون ٿيندا ته عالمي شاعراڻي ادب جو هڪ اٽوٽ انگ بڻبا، جنهن کي الڳ ڪري نه سگهبو. ساڳئي

وقت اهي نظم سنڌي ٻولي جو اهڙو حصو هوندا. جيڪو حصو سنڌ ۽ سنڌي شاعريءَ جي سڃاڻ بڻجندي ئي عالمي شاعريءَ جو حصو بڻجندو.

اسان جي سوچڻ جو ۽ ڳڻتيءَ جو مسئلو هي آهي تہ هن نئين صديءَ ۾ سنڌ سنڌي ۽ سنڌي ادب اڄ جي تيز رفتاريءَ ۾ ڪيترو ڊوڙي سگهڻ جي سگهہ رکي ٿو_ ان سوال تي سوچيندي ۽ وري احمد سولنگيءَ جي شاعري کي پڙهندي هڪ اعتماد اندر ۾ جاڳي ٿو تہ هيءَ سنڌي ٻوليءَ جي نئين شاعري پنهنجي اندر ۾ ايتري سگهہ ضرور رکي ٿي تہ اها هڪ صديءَ جو تحفظ ڪري سگهي پر اهو ميڻ اوس آهي تہ هن نئين شاعريءَ کي مغربي ٻولين ۾ ترجمو ڪرائڻ جو ڪم هن ملڪ جي سرڪاري ادارن کي ڪرڻ گهرجي اها اسان جي اولين گهُر آهي

احمد سولنگيءَ نئين صديءَ ۾ پنهنجي اظهار ۾ جيڪو نئون ويچار ڏنو آهي اهو فقط هو اڪيلو ئي ڏيندڙ آهي اهو ڏسڻ لاءِ نئين صديءَ ۾ ڇپيل سڀ سنڌي شاعرانا ڪتاب، ادب ۽ احترام سان مطالعي هيٺ آڻي ڏسي پڙهي ۽ پروڙي ڪو بہ فيصلو ڪرڻ گهٽ ۾ گهٽ ڏکيو ڪم نہ آهي. ڪنهن بہ سنجيدي اپياسيءَ يا نقاد لاءِ.

احمد سولنگيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ جيڪا ٻولي استعمال ڪئي آهي ان جو هڪ حصو هن پنهنجي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۽ لوڪ شاعريءَ کان ورتو آهي هڪ حصو پنهنجي جديد دور کان ورتو آهي . هڪ حصو هن ملڪ جي ٻين ٻولين جي ادب کان ورتو آهي ۽ باقي عالمي ادب مان، انهن ترجمن جي صورت ۾ پڙهيل ادب کان ورتو آهي. جيڪو ادب هن مسلسل پنهنجي مطالعي هيٺ رکيو آهي ان سڀ مان سندس شاعريءَ جو ظاهر ٿيل اڄوڪو چهرو بڻيو آهي جيڪو هڪ خوبصورت جديد سنڌي شاعر وارو آهي ۽ جيڪو هن نئين صديءَ جي سڃاڻپ بڻجڻ وارو آهي اهڙي پڪ آهي

سندس شاعريءَ جو اڄوڪو چهرو پڪو، پختو ۽ هڪ خاص سڃاڻپ ڏيندڙ آهي ۽ ان سڃاڻپ ڏيارڻ واري يقين جي پٺ ۾ جيڪا سندس تپسيا/رياض آهي ان جو عمل دخل آهي. هن جي اکين جا اوجاڳا، دل جو درد ۽ پيرن جو پنڌ،



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

سنڌس نظمن، غزلن، گيتن ۽ واين جي هر سٽ مان ظاهر ٿئي ٿو. ڪنهن به اعليٰ تخليقڪار کي سنڌس تخليقن ۾ آسانيءَ سان ڳولي سگهجي ٿو. ائين احمد کي به سنڌس شاعريءَ ۾ ڳولڻ گهڻو ڏکيو نه آهي. هن جي شاعريءَ جي سِٽ سِٽ ۾ سنڌس ڪونه ڪو سُور سمايل آهي.

هن جي ڪنهن نظم ۾ هن جي اکين جا ڳوڙها آهن ته ڪنهن ۾ سُور جا سڏ آهن. ڪنهن ۾ هن جي عشق جو الميو آهي ته ڪنهن ۾ وڇوڙي جو ورد. ڪنهن ۾ وصال جا لمحا آهن ته ڪنهن ۾ جدائي جا سوال. ڪنهن ۾ محبت جون موسمون آهن ته ڪنهن ۾ الفت جا اهڃاڻ. ائين هو پنهنجي شاعريءَ ۾ مڪمل طور تي موجود آهي. ٻياڪاڻ ته هن جي سموري شاعري، سنڌس ماٺيل يا پوڙهيل گهڙين جو اهڙو داستان آهي، جنهن کي هن ڪمال اظهار سان شاعراڻو روپ ڏنو آهي. هڪ اهڙو روپ جيڪو سنڌي شاعراڻي ادب ۾ سنڌس نالي سان ئي پنهنجي سڃاڻپ رکندو.

احمد پنهنجي ننڍيءَ عمر ۾ ئي سنڌي شاعرن ۾ ۽ هن ننڍي کنڊ جي وڏن شاعرن ۾ هڪ اهم سڃاڻپ رکندڙ جي حيثيت ماڻي ورتي. اهڙي هن جي شاعريءَ ۾ قوت به آهي ته سنڌس شاعراڻي روايت به. روايت جيڪا ڪبير کان ميران تائين، بلي کان پناٹي تائين، ٽيگور کان اياز تائين ۽ اياز کان احمد تائين ساڳئي تاجي پيٽي سان اٽيل آهي. نسبت اها آهي ته مٿين سيني مها ڪوين جو واسطو ان ساڳئي ڏک سان آهي، جنهن ڏک جي حوالي سان هيءَ ننڍو کنڊ عام طور ۽ ان کنڊ جو هيءَ ننڍڙو ديس سنڌ، خاص طور سڃاتو ٿو. ننڍي کنڊ جو هي ننڍڙو ديس، جنهن مان سنڌو درياهه وهي ٿو اهو سنڌس ادبي سڃاڻ به آهي روايت به آهي ته بنياد به آهي جيڪو ويدن جي روپ ۾ موجود آهي. جيڪي ان ئي سنڌوءَ جي ڪناري تي لکيا ويا هئا. جنهن سنڌوءَ جو پاڻي پي احمد وڏو ٿيو آهي ۽ اڄ پنهنجي ان روايت جي پاسداري ڪندي هو سنڌي ادب جي هڪ حصي شاعريءَ جي وارثي ڪري رهيو آهي. هو نه رڳو ان جي وارثي ڪري رهيو آهي پر پنهنجي سمورين شاعراڻين روايتن جي باريڪين بابت به ڄاڻي ٿو ته جديد

شاعرائي علم ۽ فن کان بہ بخوبي واقف آهي. جنهن ڪري سندس شاعريءَ ۾ نہ فقط روايتن سان نباھ آهي پر، فن طرف بہ هو گھڻو سچيت آهي، ايترو جيترو هڪ ذهين ۽ سنجيده شاعر کي پاڻ ۽ پنهنجي تخليق ڏانهن هجڻ گهرجي.

غزل جو عروض هجي يا بيت جو ڇند، گيت جي ملائميت هجي يا نظم جي پر جوش اڏار. وائي جو واڪو هجي يا دوهي جو درد. هو سڀني کان واقف آهي ۽ جڏهن اهو سڀ پنهنجي شاعريءَ ۾ آڻي ٿو تہ سندس شاعري هڪ حسين روپ ڌاري ظاهر ٿئي ٿي. جيڪا سنڌي شاعريءَ جي سونهن ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ٿي.

ها! سندس شاعريءَ جا حوالا مون هن لکڻ جي حدن کان ٻاهر پري رکيا آهن. جاڪاڻ تہ اهي سڀ هن ڪتاب/انتالاجيءَ ۾ موجود آهن. جيڪي پنهنجي پنهنجي صفحي تي پڙهڻ وقت وڌيڪ اهم لڳندا. انهن جي ڪٿ سندس دور جي نهايت اهم لکندڙن، عالمن، اديبن، شاعرن ۽ سندس دوستن جي ليکن ۾ موجود آهي.

... ۽ هاڻ ڪجھ هن ڪتاب بابت ڪجھ چوڻ چاهيان ٿو. ٽي سال کن اڳ اسان جي آبرودار اداري سنڌي ادبي بورڊ جي سربراھ منهنجي دوست ۽ بورڊ جي گهڻ گُهري الهڏتي وگهٽي صاحب جو خط اچي پهتو هُئو جنهن ۾ چاتايل هُئو تہ مان (رکيل مورائي) سنڌي ادبي بورڊ پاران نوجوان شاعر احمد سولنگيءَ بابت هڪ اينٿالاجي ترتيب ڏيان. منهنجو نالو بورڊ کي بہ قبول هئو تہ احمد سولنگيءَ کي بہ ۽ مون هڪدم جوابي خط ۾ پنهنجي رضامندي لکي موڪلي هئي.

مون لاءِ هي اينٿالاجي سهيڙڻ جا پڻ ٻہ مٿان بئي سبب هئا.

پهريون تہ هيءَ اينٿالاجي بورڊ جهڙو آبرودار ادارو ترتيب ڏياري رهيو آهي ۽ ٻيو تہ اها احمد سولنگيءَ بابت آهي. احمد سولنگي نہ فقط اڄ جي نوجوانن ۾ نهايت اهم شاعر آهي پر هو منهنجو دوست بہ آهي تہ اسان زندگيءَ جو وڏو حصو گڏ بہ گذاريو آهي.

انهن ڳالهين کان وڌيڪ خوشي ڏيندڙ ڳالهه اِها هُئي تہ بورڊ ڪنهن نوجوان تخليقڪار بابت اينسائيڪلوپيڊيا ترتيب ڏياري رهيو آهي اها بورڊ جي هڪ نئين روايت هئي.

بيءَ طرح بورڊ اسان جي بزرگ شاعرن، اديبن ۽ عالمن بابت نہ رڳو سائڻ جهڙا "مهراڻ" جا شخصيت نمبر ڇپيا آهن پر ڪن اديبن عالمن تي اينسائيڪلوپيڊياز پڻ شايع ڪيون آهن. ائين بورڊ پنهنجو مرتبو وڌايو آهي پر هيءَ اينسائيڪلوپيڊيا نئون قدم هُئي.

ائين مون پنهنجي طور تي ڪن ليکڪن دوستن سان رابطو ڪيو. ۽ اهڙو اظهار ڪيو. ايستائين احمد جي شاعريءَ جو ڪتاب "خواب آوارا پکي" بہ ڇپجي آيو تہ لکندڙن لاءِ وڌيڪ آساني ٿي پئي ۽ چڱو چوکو مواد ملي ويو. جنهن ڪري مون ڪمپوز ڪرائڻ شروع ڪيو.

سرحد جي پار عالمن ۽ اديبن مان، جن جا ليک هن اينسائيڪلوپيڊيا ۾ شامل آهن انهن سان رابطو رهندو آيو ۽ مواد تيار ٿيندو ويو.

سچ اهو آهي تہ ڪجهہ دوستن/لکندڙن کان سواءِ جن بہ عالمن اديبن کي مون عرض ڪيو انهن سيني پنهنجا ليک ڏنا ۽ خوشي سان لکي ڏنا، جنهن ڪري مان سندن نهايت ئي ٿورائتو آهيان.

اينسائيڪلوپيڊيا جي ترتيب ڏيڻ وقت مون ڏٺو تہ سمورو مواد مختلف رخن ۾ حوالن جو آهي ڪي مضمون اڀياسي آهن، ڪي ليک تاثراتي آهن ڪي شخصي آهن ۽ ڪي تنقيدي پڻ!! پر اُهي جيئن تہ احمد سولنگيءَ جي آس پاس ۽ آر پار آهن ان ڪري انهن سيني جو هن اينسائيڪلوپيڊيا ۾ هجڻ بنهہ ضروري هُئو. سنڌي ادب ۾ جيئن تہ تنقيد جو رواج نہ آهي يا گهٽ آهي ان ڪري اهڙا ليک بہ گهٽ آهن.

هن اينسائيڪلوپيڊيا ۾ شامل ليکن تي ڪنهن بہ راءِ جو اظهار ڪرڻ مون لاءِ ٺيڪ نہ آهي. انهن تي پڙهندڙ ۽ اسان جا عالم اديب ئي پاڻ راءِ ڏيندا. منهنجي انهن سان سهمتي/اسهمتي منهنجو هڪ مرتب طور شخصي معاملو آهي، ان

ڪري جن بہ ليڪڪن، عالمن، اديبن ۽ دوستن جيئن لکيو آهي پنهنجي ذميواريءَ تي لکيو آهي. ڪن ليکن جي نوڪ پلڪ ٺيڪ ڪرڻ منهنجي فرض ۾ شمار آهي، جنهن جو مان حق مان اوس رکان ٿو ڇاڪاڻ تہ اهي ليک منهنجي همعمر يا همعصر دوستن جا آهن. ان کان سواءِ منهنجا بزرگ آهن، جن جا ليک ڪاما ۽ بريڪيٽ سميت جيئن آهن، ائين رکيا ويا آهن.

پڪ اٿم تہ هيءَ اينٿالاجي پڙهي بہ ويندي ۽ ان تي ڳالهايو ۽ لکيو بہ ويندو. اهڙا سبب هيءَ اينٿالاجي پاڻ پيدا ڪندي، جن مان شايد هڪ سبب اهو بہ هجي تہ بورڊ پاران هڪ نوجوان تي اينٿالاجي ڇپائي پئي وڃي، جڏهن تہ ڪيترائي بزرگ اديب آهن، جن تي هن قسم جو ڪم ٿيڻ گهرجي.

اتي شايد مان اهو چوڻ چاهيان تہ بورڊ جي تاريخ ۾ هيءَ پهريون پيرو آهي جو هڪ نوجوان تخليقڪار تي هڪ اينٿالاجي/ڪتاب اچي رهيو آهي. وسارڻ نہ گهرجي تہ سنڌي ادبي بورڊ جي ڪم ۾، تاريخ سهيڙڻ ۽ ترجما ڪرائڻ سان گڏ تخليقي ادب ڇاپڻ بہ شامل آهي، ان ڪري هڪ نوجوان تخليقڪار بابت هيءَ ڪتاب آڻي ۽ جيئن مون پهريان بہ چيو تہ بورڊ هڪ نئين روايت وڌي آهي.

منهنجي خواهش بہ آهي تہ هڪ رٿ بہ تہ بزرگ اديبن بابت تہ ڪم ٿيڻ گهرجي ئي، پر هن قسم جا ڪتاب گهٽ ۾ گهٽ اسان جي ٽن نوجوان شاعرن بابت ضرور آندا وڃن، تہ جيئن اسان انهن کي ياد رکي سگهون، ڇاڪاڻ تہ اهي اسان کان وقت کان اڳ ۽ ساڳئي وقت نوجوانيءَ ۾ وڇڙي ويا آهن، جيڪي آهن، حسن درس، اياز جاني ۽ سعيد ميمڻ، مون کي اميد آهي تہ بورڊ منهنجي ان رٿ ڏانهن جوڳو ڌيان ڏيندو!

وري بہ مان هن ڪتاب ۾ شامل پنهنجي بزرگ اديبن، عالمن ۽ شاعرن، ساڳئي وقت پنهنجي هڪ جيڏن دوستن جو بہ نهايت ٿورائتو آهيان جن مون کي هنن ليکن معرفت عزت ڏني ۽ هڪ نوجوان شاعر احمد سولنگيءَ بابت پنهنجي ويچارن کي وقت ڪڍي لکت ۾ آندو. احمد سولنگي ڪيترو لهڻي ٿو اهو ايندڙ

وقت ئي پڌائيندو پر هيءَ اينٿالاجي ڪيس لاءِ بورڊ پاران هڪ مڃتا ضرور آهي. جيڪا ياد رکي ويندي

۽ هاڻ ﮬ لفظ خاص سنڌي ادبي بورڊ بابت. جنهن نهايت سهپ ۽ بردباريءَ جو مظاهرو ڪندي مون کي ٻن سالن کان وڌيڪ وقت لڳي وڃڻ باوجود هن اينٿالاجيءَ کي ڇاپڻ تان هٿ نہ ڪنيون. منهنجي شخصي مصروفيتن ۽ ان سان گڏ ڪي ننڍيون وڏيون پريشانيون جيڪي هر شخص سان لاڳو هونديون آهن. هن ڪتاب/اينٿالاجيءَ جي ڇپجڻ ۾ دير جو سبب بڻيون. شاهہ سائينءَ جا لفظ منهنجي شايد ترجماني ٿا ڪن:

مڙيئي مون ڏانهن، هوتن ڏانهن نہ هڪڙي

۽ هر وقت نهايت پيار ۽ احترام سان پياري ياءُ الهڏتي وگهئي جو چوڻ تہ "سائين! دير ٿي وئي آهي" مون لاءِ لڄ جو سبب بڻبا رهيا. سچ پچ دير گهڻي ٿي آهي مون کي احساس آهي. اڄ جڏهن هيءَ اينٿالاجي مڪمل ٿي آهي تہ بيحد خوش آهيان ۽ ٿورائتو آهيان بورڊ جي سربراهن سميت سموري اداري جو جنهن هيءَ اينٿالاجي سهڻي ڪري ڇاپي آهي ۽ بس!

16_ آگسٽ 2018ع — رکيل مورائي

ڪراچي.

# مون هن ڏي رابيل اماٽيا

(احمد سولنگيءَ جي چونڊ شاعري)

## نظم

### قلوپطره

جواني قيمتي تنهنجي،
اکين ۾ چانديءَ پوکي،
هوا مضبوط تختن تي،
لهي تي اپسرا وانگي
درياءِ نيل جو پاڻي،
ڏسي تو اک کڻي توکي

قلوپطره!
چپن جا تو ڏني ياقوت
۽ الماس اکڙين جا،
هٿن جا ڏئي کنول اُجرا،
سَريکون سون جو سينو
ڳلن جا ڙِ، بدن جون کئين بهارون ڏئي،
ميون تا تو بچايا،
ملک پنهنجي جا،
سوين انمول هيرا ۽ هزارين بي بها موتي،
مٿي محبوبُ پنهنجي،
آسماني ديوتائن جا سيئي اوتارَ
ڏاهپ، ڪرشما، اهرام ۽ صحرا،

قطوپطره!
مٿان فانوس فطرت جو

سمورا منتشر تارا،
حسين ڪنهن حادثي جي لڪ
الڪ چو منتظر آهن؟
ملائم، ريشمي، ڪمخواب بِستر ۾،
مُهين تي روز سِيزر سان،
مگر خنجر ٻُڏل رَت ۾،
مٿي تو سُرخ سِيزر جي،
ڏٺي ڪنهن خواب ۾ ناهي!
رسيءَ کان مختصر، نازڪ،
سنهيءَ هن چيلهه تنهنجيءَ کي،
سهارو ٻانهن جو آهي.
مٿان دستور موجب ئي،
چپن تي چَپَ رکيل آهن.
بدن جڙ ڊاک جي وَلِ جئن،
بدن تي ئي وريل آهي.
هٿن جون آڱريون ويهه ئي وڄن ڳنڍجي،
اِئين ڪنهن طلسماتي موهه ۾ تيون جو
پتوئي ڪونه توپئي ڪو
هَوس ۽ عشق ۾ ڪهڙو
ازل کان رابطو آهي؟

قلوپطره!
مڃون ٿا تون هميشه کان محبت جي اسيريءَ ۾،
اڪيلو ڪونه سيزر کي رکين ٿي، پر
ڪرين ٿي زلف ڪافر سان، سموري روم کي قابو
پيو ڪهڙو پلا نَسُ، مصر جي آ چنڊ جو جادو!

نظم

## هميرو ڪولهي

وقت هميري ڪولهيءَ جو
ڪيئن گذريو آ، ڪيئن گذري ٿو؟
ڪيڙيءَ ۾ آ خوابُ انهيءَ جو
اوڙاوڙ ۾ آس انهيءَ جي،
ناڙيءَ تي آ جاڪ انهيءَ جي،
پار ڪِري هُو پوڙهو ڪڙمي
جوڳ انهيءَ وٽ، جاٽ انهيءَ جي،
پيرَ اُگهاڙا واٽ انهيءَ جي
گهاٽ انهيءَ جو گاجاهه موريه
پرٽوأن جو مرٽي جهڙو
ڪهڙا گهوٽيتا ۽ ساٽي،
ڪهڙا ڄاڃي ڪهڙا ڪانڌي؟
زالون اُن جون موت مري ويون.
پٽ، نه نُهرون، اڱڻ اڪيلو
ڪهڙو اُن جو ڪُٽم قبيلو؟
گهر ـ لوڙهي ۾ هڪڙو پوٽو.
هڪ ۾ پاٽي پيئندڙ پوڙهو
رنگ جو ڪارو ڪن ۾ والي،
اڪ سُفيد پڪيءَ جي پَر جيئن.
هيءَ حياتي ڪيئن اُن جالي؟
موڪَ ۾ ريت، لُڙاٽيل پاٽي،
سارين سائي چادر تاڻي،

ٻنيءَ ٻنيءَ ۾ ديرو اُن جو
پٽيءَ پٽيءَ تي پيرو اُن جو
هر پلُ آهي تابع اُن جي،
سانجهي، رات، سويرو اُن جو
هيءَ ڌرتي آ ماءُ انهيءَ جي،
وڻ وڻ آهي پاءُ انهيءَ جو
سڄُ ۽ ٻجُ ته ٻهڪي اُن لئہ
هر ٻارو آ دنگ انهيءَ جو.

هر ماڻهو چا چاڻي سگهندو
اُن جي ڳالهين جي مالها ۾،
آهي معنيٰ جو هر ڌاڳو
وقت هميري ڪولهيءَ جو
ڪيئن گذريو آ، ڪيئن گذري ٿو؟

✦

## قرت العين طاهره

قرت العين،
ڪالهه خوشبوءَ جي ملڻ ۾ جيئن ٿي سُتي،
اڄ به اُن جي مٽي،
جڻ گلابن ۾ آهي رکي،
۽ گُل لاله وانگر سندس چهرو ٻهڪي پيو.
طاهره جو بدن باغ ۾،
ڪوڙ سارن گلن جي آهيٺان رکيو
وارَ جڻ ياسمن ساڻ مهڪن پيا،
۽ اکيون جڻ ته نرگس ۾ رهجي ويون،
چپ هر ڪنهن ڪليءَ ۾ ٿا مُرڪن پيا.
ڪنهن به پوشاڪ پردي ۾ ڇا هي رکيو
حسن جو هر حوالو آ وکريو پيو!
سبزُ سُرهي هوا ٿي گلن مان لنگهي،
جاڳ جلاد جي،
ننڊ منصور جي،
موت آڏو الڳ ٿي ڪا معني رکي!
ڪالهه جيئن ڊيل جي چال سان،
سونهن ساگر ڪٺي،
رنگ پوپٽ جا ڦهري هوءَ نڪري گهران،
ماڪ شيشا جهليا جڻ ته اُن جي اڳيان،
نُور وسندو رهيو صبح — تاري منجهان،

ءِ اکين خواب جا ڪنپ ڪولي ڇڏيا،
ڪنهن پکيءَ جي پَرن جي اُڏارن جيان،
عشق پنهنجون جبينون جهڪائي رکيون.
ڪير آهي، ڏسي ڪائناتي حسن؟
جُهڙ جي جهالر منجهان، چنڊُ جهاتيون وجهي،
سمنڊ ڪي ڪيئن نديءَ پَوَ ۾ پاڪيون وجهي!
آبشارن پهاڙن، زمينن اُپن،
ريگزارن سان ڪنهن جو رهي ربط ٿو!
ڪنهن بہ آهي ڏنو؟
سِجُ، صد برگ، جو گُل ٿو نوڙي چُمي،
وقت، تاريخ جي جڻ تہ تسبيح ۾،
ملڪ موتيءَ جيان ٿو هٿن ۾ گُهمي،
طاهره جي ڳچيءَ ۾ چُنيءَ کي وجهي جن ڇڪيو
نَنهن نِڙيءَ تي ڏئي ءِ گُهٽو جيئن ڏنو
وقت گهوگهو ڏنو جڻ تہ ايران کي!!

✦

نظم

## سَروَم دُکم دُکم

سڀ ڪي پنهنجو گوتم آ،
سڀ ڪي پنهنجي پنهنجي ريت،
پنهنجي پنهنجي ڌرتي آ،
پنهنجا پنهنجا پيغمبر،
پنهنجي پنهنجي جاڳرتا،
پنهنجو پنهنجو ڌرم ڪرم،
پنهنجي پنهنجي آ پوڄا،
پنهنجي دنيا ۽ عقبيٰ،
پنهنجي پنهنجي محبوبا،
ساپيا ساپيا جا موتي،
سپني سپني جي مالها!
پنهنجون پنهنجون سِيمائون،
پنهنجا پنهنجا حصا ۽۔
پنهنجون ڌند ڪٿائون ڪيئن،
پنهنجا پنهنجا قصا ۽۔
پنهجي پنهنجي حرم سراءِ،
پنهنجا پنهنجا ديرا ۽۔
پنهنجا پياسا پياسا پَٽ،
تاسا تاسا صحرا ۽۔
پنهنجا جَهر جَهر جهرڪا ڪيئن،
پنهنجا جهلمل تارا ۽ ۔
پنهنجن پنهنجن پيرن ۾،

پنهنجي پنهنجي دلدل آ.
پنهنجو پنهنجو رستو ٻ
پنهنجي پنهنجي منزل آ.
سبز جزيرا پنهنجا ٻ.
پنهنجو پنهنجو ساحل آ.
سڀ کي پنهنجي ميگها رُت.
پنهنجو پنهنجو بادل آ.
پنهنجي پنهنجي عصمت ٻ.
پنهنجو پنهنجو آنچل آ.
سڀ کي پنهنجو پورٻ ٻ.
پنهنجو پنهنجو پيچم آ.
سڀ کي پير رقاصا جا.
پنهنجي ڇير ۾ ڇم ڇم آ.
سڀ کي پنهجا ساز ۽ سُرَ.
سڀ کي پنهنجو سر گم آ.
سڀ کي پنهنجا پنهنجا گهاءَ.
پنهنجو پنهنجو مرهم آ.
سڀ کي پنهنجو گوتم آ.
سَرَوم دُکمُ دُکمُ آ.

✦

## تهذيب جو نئون جنم

ٻُکن ۾ ڪڙهن ڪنهن جا آنبا جڻهن ٿا،
سڄي رات نطرت جي تخليق روئي،
ڏکن جون ٽي شبنم سان مالهائون پوئي
عُمر کان اڳي ٿا ٿين ٻارَ بالغ،
وتو هي جنم آهه تهذيب ڪهڙو؟
انڌو دور ڪنهن جي ڪري پالنا ٿو!

سڄو ڏينهن ڇِمني ٻري مِل جي ٿي،
ٻُڪن نانگ دونهين جا آڪاسَ ۾ ٿا،
پناهون وٺن لُڙڪ احساسَ ۾ ٿا،
جڏهن سانجهه سوني اُڳهَ تي لهي ٿي،
تڪل ساٿُو ساٿُو ٿو مزدور موٽي،
هٿين پيٽ خالي ۽ مجبور موٽي!

لٿو شهر جي آ اکين منجهه موتيو
کنن منجهه ڪوسو ٽِريو وقت شِيهو
رهي شهر گونگو ۽ خاموش ڪيڏو!
ڪٿي ساز آواز جا گيت پوکيون؟
اکيون آرسيءَ تي رکي ناز ڪريون،
ڪٿان گفتگوءَ جو ته آغاز ڪريون؟

✦

## سمنڊ ۽ شهر جي ڳالهه

سمنڊُ هي شهر سان لُڇيو آهي،
ڪهر آوازَ جو پڙاڏو ٿيي،
هر ڪناريِ مٿان ٻُڪِيِ ٻوڙيِ،
شهر جي زهر کي چَکيو آهي-
سمنڊُ هي شهر سان لُڇيو آهي!
سمنڊُ فطرت جو معجزو آهي،
۽ زمينن جو آئينو آهي؟
صُبح سانجهيءَ رنگين غاليچا،
سانگ سِيرن مٿان سجائن ٿا.
رنگَ ۽ روشنيءَ جي ساحل تان،
جڻ هوا کي پکي اُڏائن ٿا!
پنکَ پر هانوَ ۾ هَلائن ٿا!
روح شاعر جو ڪنهن رڱيو آهي؟
سمنڊُ هي شهر سان لُڇيو آهي!
شهر ننڊ ڦرو نِراسُ ڪيڏو آ.
دل جو گهر ڦرو اُداسُ ڪيڏو آ!
هن صديءَ جي ٿڪل مسافر جي
سونُ- پيرن تي ڌوڙ چاندي آ.
پنڌ دل جو قديم تنهن ڪاٺي،
پيارَ جي ڪائنات آندي آ.
موهه باندي نه سونهن ماندي آ.

دردپر ڪنهن سنلس ڳچيو آهي!
سمنڊُ هي شهر سان لُچيو آهي!
سمنڊَ ۾ شهرَ جي صدا پنهنجي،
هر ڪا تمثيل ۾ ڪٿا پنهنجي،
شهر چپُ آ زبانَ جي هوندي،
سمنڊُ گُونجي گَڏي ڪنارن کي
شهر پُرهول پُرخطر آهي!
سمنڊُ عاشق سڏي ستارن کي،
چينُ آڃي تو بيقرارن کي!
ريت تي رات پر رُليو آهي!
سمنڊُ هي شهر سان لُچيو آهي!

✦

## هڪ بُوند جي وِشالتا

هڪ بُوند مان مصورَ
جُوڙيا سوين سمندرَ

جو ساحلن مٿان آ
هر وقت پيار تنها
جيڏو اٿاهه ساگر
ايڏي وڏي تمنا
لهرون ڪٿي وڃن ٿيون
اوجل اکين جا سپنا
ڪي دلفريب لمحا
مصروف عاشقن جا
سڀني نصيب پنهنجا
پنهنجا لِکيا مقدرَ
هڪ بوند مان مصورَ
جوڙيا سوين سمندرَ

ميرا طويل رستا
تا دورُ منجهه ڏوپن
هن ڪينواس تي ڪئين
چهرا حسين چمڪن
هر هڪ بدن ڏيئو آ

ڀڻ ڀڻ ٻري ٿا ٻهڪن
صحرا, سرابَ سهڪن
اکڙيون انيڪ جاڳن
هر رنگ جون لڪيرون
هر سوچ جا تصورَ
هڪ بوند مان مصورَ
جوڙيا سوين سمندرَ

ڪنهن ڏنڊ مان ڪنواري
وهنجي جڏهن ڪِلي ٿي
مُکڙي ڪنول جي گل جي
پاڻيءَ مٿان ٿِڙي ٿي
ڪاجل ـ پري ڪناري
پٽرائجي وڃي ٿي
سڀ سِرشتي ڏسي ٿي
اوگهڙ سچي ڀڪي ٿي
ءِ خوبصورتيءَ جا
مُرڪي پون ٿا منظرَ
هڪ بوند مان مصورَ
جوڙيا سوين سمندرَ

دل جي اُداس اُپ ٿي
تارا نہ ڪوبہ بادل
ڪِهميل هوا گُهلي ٿي
هر سانجهہ سانت گهايل

هر ڏينهن ساهُ ساٽو
هر رات روحُ پاڳل
هڪ سُور سُور سُمهيل
هڪ دردُ دردُ جاڳيل
جيون سفر ۾
ڄڻ پيرَ پيرَ پٿرَ
هڪ بوند مان مصورَ
جوڙيا سوين سمندرَ.

✦

## غزل

تنها پالي پيار نہ سُمهہ!
ائين اڪيلي ڏار نہ سُمهہ!

ننڊ ۾ ويندءِ چنڊ چُمي
وِلَهہ ۾ ويڙهي وارَ نہ سُمهہ!

جَرَ تي بَرسِي ساري رات،
بَرَ ۾ ڪارونڀارَ نہ سُمهہ!

جيسين بُکيو پيٽُ ڀَريءِ
تيسين پالڻهارَ نہ سُمهہ!

ڪِرِيو چنڊُ اُڏام چڪورا!
ائِئن قبولي هارَ نہ سُمهہ!

ڇوريءَ! ڇونٽيءَ منجهہ ڀَريءِ
موتئي جي مهڪار نہ سُمهہ!

✦

## غزل

بدن تنهنجو جواني آ. نديءَ جي،
جواني جادواني آ. نديءَ جي

ڪنارا خواب جا ٻوڙي وڃي ٿي،
اکين ۾ ٿي رواني آ. نديءَ جي

ڪو منظر بي لباسيءَ جو رکي ٿي،
ڪهاڻي بي زباني آ. نديءَ جي

وڻن ۾ ٿيون وڃن وکري هوائون،
ڏٺي سانجهي سُهاني آ. نديءَ جي

مڙهي ٿي پيرَ پکَہ دلڪش اُڏارون،
پکيءَ تي مهرباني آ. نديءَ جي

پُراڻو هاڪڙو ٿو ڏوڙ ڇاڻي،
مڪاني لا مڪاني آ. نديءَ جي

ٻڏو پاتال ۾ احمد ڪٿي آ.
نديءَ ۾ بدگماني آ. نديءَ جي

✦

# غزل

کنهن اڳيان شخص ھُو جُهڪي نٿو
ٻُڪَ ۾ ڀي ھوڏ تان لهي نٿو.

روز ڪيڏا ڪتاب تو پڙهي،
سچ جي زهر کي چَکي نٿو.

ھُن اُڏارا وتا ۾ پيرَ، پکَ،
وقت سان گڏ ٻُڪي، اُڏي نٿو!

آس جو آسمانُ آگميو
پر ڪِنوي ۾ گجي، وسي نٿو.

نانگَ جو پيندَ تي پڇي لِڪو
ھارُ لٿ کان ڀڄي، لڪي نٿو.

ھي سفر آ سفر عجيب ڪو
زندگيءَ جو سفر لڳي نٿو!

✦

# غزل

شهر ۾ سمنڊ جهڙو ڪر، ڪيي ويندا!
ڪراچيءَ ۾ اسان جا گهر، ڪيي ويندا!

گهري ديوار جو پاڇو حصي ۾ تو
سيئي دالان، دريون، در ڪيي ويندا!

لهي تو سڄ شاعر جي پيالي ۾
جوانيءَ جا سُبو ساغر، ڪيي ويندا!

خريدڻ خوابَ نڪتا هُو وڏي واڪي،
سُندر سپنا سنڀاليو يرا ڪيي ويندا!

شهر ڪان شهرُ تو بدلو وڃڻ چاهي،
سيئي خنجر، سيئي پٿر، ڪيي ويندا!

اڪيون ڪوليو نہ ٿئي جڻن سنڌ جو سودو
وڏي ناٽي وڏا رهبر، ڪيي ويندا!

✦

## غزل

پيارُ جيون پر ڪجي،
دردَ کي دلبر ڪجي!

نيڻ تنُهنجا پُوڄجن،
توکي پوڄا گھر ڪجي!

مرتبي ۽ مانَ لئہ
پيٽ کي پٿر ڪجي!

جو سِسي نيزي رکي،
پنهنجو سو رهبر ڪجي!

هار لئہ چو سوچجي!
سوچ کي ساگر ڪجي!

✦

# غزل

رات اُپ تي ستارن جي سرواڻ تِي!
چنڊُ اُلهي ويجي، آءَ چانڊاڻ تِي!

مُنهنجي ڳوڙهن سان ڪڏهين ملي ڏِسُ مِني!
آنءُ ننڍڙي ندي تون تہ مهراڻ تِي!

تنهنجي آئي ملي، نُور تارن کي تو
۽ گلن کي ملي، ماتَ سرهاڻ تِي!

اي سرءُ جي هوا! گُهل نہ منهنجي مٿان،
ساهہ ۾ تو ڇڪي، دردُ پيلاڻ تِي!

مان سدائين صليبن تي مُرڪان پيو
بارگاهِ محبت جو اهڃاڻ تِي.

✦

## غزل

ڪَڪ چُٽڻ تا پاريهر،
خوابَ اُٿڻ تا پاريهر.

باک ڦُٽي جٿن روزانو
ننڊ ڇُڳڻ تا پاريهر.

وڇينءَ ويلا پاڇن هيٺ،
ڳُٽ ڳُٽ ڪن تا پاريهر.

رنگ سليٽيءَ جو احساسُ!
روز ڏِين تا پاريهر.

ندي پُراڻي محل سراءِ،
اچن وڃن تا پاريهر.

ٻُڪيا پنڪي سانجهيءَ ويرَ،
گهر موٽن تا پاريهر.

✦

# غزل

خواب نگر جا نقشا کُلندا،
بند دريون دروازا کُلندا.

چانديءَ اُس ۾ ڳاڙهي گُل تي،
پوپٽُ پوپٽُ لمحا کُلندا.

سمنڊُ اُڏامي دل ۾ لهندو
اکڙين منجهه ڪنارا کُلندا.

ياد ملائم مخمل جهڙي،
سوچ-پٽدر تي تاڪيا کُلندا.

✦

## • چانڊاڻ ۾ چاهت ڪي ا مات ڪڏهن آئي

مولا بخش پرڙو

سو ريج ريتي رت جو
جنهن مان ڦٽي ٿو ڪٽڪ جو ڪو سنگ سونو
تو پيري جڻ پيٽ جنهن مان ڪو بکيو
جنهن چرچ ۾ گهاريو گهڻو
تنهن پوپ کي ڪهڙي خبر؟
اهڙي مٽي آ هر ڪليسا کان مٿي.

خيالن جي گهرائي، تشبيهن جي نواڻ ، اسلوب نرالو صرف ئي صرف پنهنجي مقصديت ۾ چٽائي، ڌرتيءَ سان والهانہ ڪمٽمينٽ، محبت، عالمگيريت، ڌرتيءَ تي روز پلجندڙ ايذائن ۽ انيائن تي گهري نظر ۽ انهن جو درد دل سان محسوس ڪرڻ، ماڻهو ۽ ماڻهپي جي سيني سدا ملوڪ خوبين، احساسن امنگن، حوصلن ارادن ۽ انهن جي پگهر جي خوشبوءِ، انهن جي پيار جي پورهئي تي سدا پنهنجي شاعريءَ جون حسين تشبيهون گهور ڪندڙ احمد رڳو داخلي درد ۽ پيڙا جي پوڳنائن کي شاعريءَ جو موضوع نہ بنايو آهي پر مٿي بيان ڪيل خارجي پر حقيقي وارتائن کي بہ هم آهنگ ڪري انهن کي اهڙي تہ فني پيرائي ۾ بيان ڪيو آهي جو اهو شاعراڻو اسلوب خوبصورت تہ لڳي ئي ٿو پر ان ۾ جا عالمگيريت اجاگر ٿي بيهي ٿي ان جو ڪو مثال ئي ڪونهي.

پورهيت تي ۽ ان جي پورهئي تي تمام گهڻي ۽ خوبصورت شاعري سرجندي رهي آهي ۽ سرججي پئي. پر مون جيئن چيو تہ احمد جي اسلوب ۽ انداز بيان ان کي هڪ نئون جنم ڏنو آهي جيڪو اسان جي جديد شاعريءَ جو بڻ بنياد تہ آهي ئي پر ان ۾ وسعت جي لحاظ کان هڪ نواڻ بہ آهي. عبادت خانن جي مٽيءَ کان اها مٽي مٿانهين آهي. جنهن ۾ پورهيت جو ريٽو رت، پگهر جي صورت ۾ سونا سنگ ٿو اپائي. جنهن مان بکيو پنهنجو پيٽ ٿو پيري، ڌرتي ماءُ يا مٽي ئي سڀ ڪجهہ آهي پر ان مٽيءَ مان سون اپائيندڙ پالڻهار پورهيت جو وجود ڪيڏو نہ اهم ۽ عزت جي لائق آهي اهو ڄاڻڻ ڪيٽو نہ سياويڪ آهي.

## هڪ شهر جو الميو

هر دور ۾، هر حال رهيو سچ جي خاطر،
سوريءَ جو سزاوار علقمندُ اڪيلو.
تاريخ، تفڪر جو رهيو اوج تي تارو،
مورخ ته رهي ذات ۾ پابندُ اڪيلو.
شاعر به تصور ۾ ته تنها ئي گذاري،
موجود رهي جيئن ته خداوندُ اڪيلو!

ابهامُ ڪو اِلهام ۾ ڪڏهين نه رهيو آ،
هن صورت يزدانَ کي ڪڏهين ته پُڌرو ڏيو،
قرآن جي عرفان کي ڪڏهين ته پُڌرو ڏيو،
انجيل جي اعلانَ کي ڪڏهين ته پُڌرو ڏيو،
جبريل مخاطب ته مسلسل ئي رهي ٿو،
انسان جي فرمان کي ڪڏهين ته پُڌرو ڏيو!

مذهب ٿو ڪري بند جڏهن پنهنجي اکين کي،
تعصب جي ٻري باهه ٿي تنهن وقت ذهن ۾،
ٿي خلق وسوڙيل رهي ويچارَ ڪان وانجهيل،
ايمان، ڪُفر جي ٿي مري روز تهن ۾،
حاڪم يا حڪومت جو انهيءَ منجهه وڃي ڇا،
مندر ۾ سڙي لاش يا مسجد جي صحن ۾؟!

وحشي پٽي جي دور ۾ اڄ پيي تہ رهون ٿا،
احساس سندو چنڊُ بہ ڪنهن رات ڀَريو آ،
اڄ موت ٿو بارود جي گونجار ۾ ڪيڏي،
سپنن جو گهڙي هڪ بہ نہ هي شهر ٺريو آ،
جڻ ملڪ هي پنهنجيءَ عُمر تي آ رسي ويو
پنهنجو ئي ڪفن پاڻ خريدي تہ رهيو آ.

✦

# گيت

## سنڌ سَريرَ ۾ ساهُ

واءُ
وڪيري واءُ
مٿان ٿو سِجُ تکو ڏئي تاءُ

ريت۔
اُلاءِ آڳ
وري ڪوريُ ورائي واڳ

ڏينهن۔
تِکيري تِکَ
ڪٽي ٿو ڪير وڏي هر وِکَ

گهاءَ۔
سُهڻ تا گهوٽ
اٿئي هي رڻ راهي اٺموٽ

ديسَ۔
سنياريو سَٽُ
گهري ٿو ڳچيءَ ڳچيءَ جو رَٽُ

سنڌ۔
سرير ۾ ساهُ
انهيءَ ۾ وهندو پيو درياهُ

✦

گيت

## بي خواب هوا آئي

جنهن وقت ڪِلي مون تي، آ رات جي تنهائي،
اکڙيون نہ اُگهيون ڪنهن پي، دل ڪنهن بہ نہ پرچائي،
بي خواب هوا آئي
بي خواب هوا آئي

معصوم محبت جا، لمحا هي سَتَرن ڇو ٿا؟
۽ دل جي قبيلي جا، خيما هي سَتَرن ڇو ٿا؟
ڪنهن ڇو نہ ڪئي دل جي دل ساڻ مسيحائي؟
بي خواب هوا آئي
بي خواب هوا آئي

جَهٽَ اک نہ لڳي رڻ جي، رولاڪ پکين جي آ،
جڻ سانت سِبي سوڙهي، پوشاڪ پکين جي آ،
ڪنهن طرف ڪنْهن گُونجي، ڪا گُونجَ نہ صحرائي۔
بي خواب هوا آئي
بي خواب هوا آئي

آواز ويا وسري، نغما بہ ويا وسري،
واڪا نہ وڻن ۾ ۽ جهونڪا بہ ويا وسري،
ماحول ڪيو ڪيڏو سُرَ، سازَ کي سودائي۔
بي خواب هوا آئي
بي خواب هوا آئي

چُپ چاپ سجو صحرا، چُپ چاپ سمندر آ،
چُپ چاپ ڏمالون ۾ چُپ چاپ قلندر آ،
چُپ چاپ ٽُٽن تارا، چُپ چاپ اڪيلائي-
بي خواب هوا آئي
بي خواب هوا آئي

ڪو پڙ به نه خوابن کي، اُرڻ جي رکان خواهش،
آڪاش، منڊل سارا، اڪرڻ جي رکان خواهش،
رفتار اُتم اهڙي، مان اُن جو تمنائي-
بي خواب هوا آئي
بي خواب هوا آئي

✦

## وڇڙين وڏا ونگ

وڇڙين وڏا ونگ
ڪڪر ۾.

آءُ ته سر تا سونهن اُجاريون،
سرهايون سارنگ.
ڪڪر ۾!

تنهائيءَ ۾ پکجي وئي آ،
آڏيءَ آس اُمنگ!
ڪڪر ۾!

توبن ڏُنڌلا ڏُنڌلا آهن،
سارا رنگ ترنگ.
ڪڪر ۾.

✦

گيت

## پيار اسان جي منزل

دل گهِري کا دلدل آهي،
سامهون سِڪَ جو ساحل آهي-
پيارُ اسان جي منزل آهي!

نيري اُڀَ ۾ سردُ صدائون،
برف ٿيون سڀ قربَ ڪٿائون،
خواب ۾ خُنڪي هر پل آهي-
پيارُ اسان جي منزل آهي!

سُرهي سُرهي سُرڪَ اوهان جي،
اُسَ ۾ چاندي مُرڪَ اوهان جي،
ڇا تہ اکين ۾ جِهلمل آهي-
پيارُ اسان جي منزل آهي!

سانگَ سمورا موسم جاڻي،
وڻ وڻ ڏوڙي، ٻَنُ ٻَنُ ڇاڻي،
ڪا تہ هوا ۾ هلچل آهي-
پيارُ اسان جي منزل آهي!

محبوبا جو پيارُ سڏي ٿو
اوجهڙ رستو دارُ سڏي ٿو
هاءِ جواني اڻ جهل آهي-
پيارُ اسان جي منزل آهي!

## ڪاري ڪوئل ڪُوڪي بَن بَن

احساس جي اڪيلائي
خاموشيءَ جو ڇانٽي پَن پَن،
ڪاري ڪوئل ڪُوڪي بَن بَن.

وڻ وڻ هيٺان ڇائون ڇانيي،
ڪُوڪَ هوا سان پنهنجي ماهيي،
نوٽُ منلن ۾ تاري تَن مَن،
ڪاري ڪوئل ڪُوڪي بَن بَن.

ڪارا پکَ تتيءَ ۾ تنهن جا،
رنگ نہ رنگريزڻ جا اهڙا،
ڪاڏي مات سمورن رنگن۔
ڪاري ڪوئل ڪُوڪي بَن بَن.

راڳ رسيلا سرگم ڇيڙي،
آلاپي تي ننڍ اُڪيڙي،
ٻول سمواتيءَ ۾ ڀڪن۔
ڪاري ڪوئل ڪُوڪي بَن بَن.

ساري ڌرتي سبز وڇاڻو
اُپ اکين ۾ ٻانهن وهاڻو
خوابن مان جاڳايو جذبن۔
ڪاري ڪوئل ڪُوڪي ٻَن ٻَن.

تون ٻـ اڪيلي، مان ٻـ اڪيلو
ساٿ نـ ڪنهن جو هيڪل ويلو
جيون کي جڻ ڳوهيو ڳوڙهن۔
ڪاري ڪوئل ڪُوڪي ٻَن ٻَن.

✦

## وائي

ڪيڏو تيزُ تِکون،
وينگس تُنهنجي ويس ۾!

مهڪن پيئون ماڪ ۾،
ڪيئي رنگ-رُتون-
وينگس تُنهنجي ويس ۾!

رُوپ سُنهرا سِجَ جا،
رم جهم روشنيون،
وينگس تُنهنجي ويس ۾!

اُسَ نپايون گج ۾،
ڪرڻن جون ڪِرچيون،
وينگس تُنهنجي ويس ۾!

✦

# وائي

جلي سانجهه ستي،
اُپُ سجوئي آڳ آ.

لَڪن راسيون رَتيون،
سوج ساڻ رَچي،
اُپُ سجوئي آڳ آ.

هيءَ جا لهر درياهه جي،
ڳاڙهي رنگ رَتي،
اُپُ سجوئي آڳ آ.

تارن اکيون اُپٽيون،
ٻٽيو چنڊُ ٻتِي،
اُپُ سجوئي آڳ آ.

✦

# وائي

اڪيڙين جي آلاڻ-
تنهنجي ڳالهه ڪري پئي.

تنهائيءَ جي اونداهيءَ ۾،
يادن جي چانڊاڻ-
تنهنجي ڳالهه ڪري پئي.

موتئي جهڙن ماڪ ڦڙن ۾،
هيءَ جا آ سرهاڻ،
تنهنجي ڳالهه ڪري پئي.

آڌيءَ اُڀ ۾ هيءَ تارن جي،
جڳ مڳ روح رهاڻ-
تنهنجي ڳالهه ڪري پئي

پرهه ڀريءَ جي پاند ڪڻن سان،
اوير ۾ لالاڻ-
تنهنجي ڳالهه ڪري پئي.

✦

# وائي

جوڳڻ – يين وڳي،
انگ ندورا آئيا.

چڙهي رات چڪيا متي،
مُنهنجي پيڙ سڳي،
جوڳڻ – يين وڳي،
نانگ ندورا آئيا.

ڄُونا جوڀن هيئن تون،
مون سان ڪر نہ ٺڳي!
جوڳڻ – يين وڳي،
نانگ ندورا آئيا.

ها، هيءَ منهنجي جندڙي،
تنهنجي توهہ تڳي،
جوڳڻ – يين وڳي،
نانگ ندورا آئيا.

توبن ڏاڍا ڏاڪڙا،
آيا لار لڳي،
جوڳڻ – يين وڳي،
نانگ ندورا آئيا.

✦

# وائي

رات ٻہ ڪاري رات

مون وٽ، وٽِ نہ ڏيئڙو!

جنهن جي هٿ ۾ روشني،

اُن کي کھڙي مات.

مون وٽ، وٽِ نہ ڏيئڙو!

سِرُ مٿانهون سنڌ کان،

ڪيڏي اوچي بات!

مون وٽ، وٽِ نہ ڏيئڙو!

هِن اونداهي ڏيهہ ۾،

جرڪي منهنجي ذات.

مون وٽ، وٽِ نہ ڏيئڙو!

رانول تنهنجي رٿ مان،

جاڳ ڦٽي پرڀات

مون وٽ، وٽِ نہ ڏيئڙو!

✦

## وائي

تون ئي منهنجو پيارُ۔
تون ئي منهنجي آرسي!

تنهنجو روپُ سروپُ تو
موهي هي سنسار۔
تون ئي منهنجي آرسي!

ڪيڏيون نيڻَ نهارَ ۾،
ويُرون ويرو تارُ۔
تون ئي منهنجي آرسي!

گُجري پنهنجي گَجَ مان،
اُجرو سِجُ اپارُ۔
تون ئي منهنجي آرسي!

پنهنجي ريت پريت آ،
جنم جنم اسرارُ۔
تون ئي منهنجي آرسي!
تون ئي منهنجو پيارُ!

✦

## وائي

ڪناري لائين!

ڪاهي ڪاري سمنڊ مان!

مڪڙيون ماڀن تيون ڪڏهن،

سِپن ۾ سائين!

ڪناري لائين—

ڪاهي ڪاري سمنڊ مان!

ساري هن سنسار جو

پيار ٻُڪي پائين—

ڪناري لائين—

ڪاهي ڪاري سمنڊ مان!

اڳاهون اوڙاهه تو

سڏي سدائين—

ڪناري لائين—

ڪاهي ڪاري سمنڊ مان!

ننڍ نهوڙيا ناکئا!

لنگر لڳائين—

ڪناري لائين—

ڪاهي ڪاري سمنڊ مان!

✦

## وائي

پياسا پياسا چپ۔
ڪير اُجهائي اُڃ ڪي.

ڪِنگرين ۾ او ڪامڻي!
ناهي پاڻيءَ لپ۔
ڪير اُجهائي اُڃ ڪي.

رڳُ رڳُ ۾ تو روح ۾،
ڪهڙي ساهہ سَهپ،
ڪير اُجهائي اُڃ ڪي.

سيئي گهايل گهاگهريون،
تانگهي تاسَ تڙپ،
ڪير اُجهائي اُڃ ڪي.

ڳل تان ڳوڙهن جي اچي،
ڪريو پاڻ ڳٽپ،
ڪير اُجهائي اُڃ ڪي.

✦

## ماڻولال حسين

من جي اوندهہ گهٽجي وينديءَ جرڪي پوندي خوابَ،
ڪڻ ڪڻ هٿ ترين تي ڏيئا، سوچ نہ ڪجهہ ويچار!
چنڊ تنهنجي پيشاني چُمندو روشن ٿيندي نيڻ،
ماڏو لال حسين ڏٺاري ميڻ بتين کي ٻار!

✦

## روشنيءَ جا رسول

چراغُ ميڻَ بتي ڪيئن جلي جلي مشعل؟!
جلائي ڪير ٿو باڪَسَ بغير ڪا ڪاني،
ڇئون ڇئون بہ پيلا ڪنهن کي باهہ جو باني،
ڪئي نہ ڪنهن بہ شعاعن جي پالنا ڪنهن پل!

اُماسُ آهي يقينن نِهارَ جي آڏو
نہ آسمانُ ٿي ڄائو نہ روشني ڄائي،
نہ نظر جي حدن ۾ ڪا چانڊني ڄائي،
ڪٿون تا روزُ اکيون انڌڪارَ جي آڏو!

ڪتي نہ چٽنگَہ نہ شُعلو اُهاءُ ٿو ڏسجي،
ڪتي نہ رات جون نِڪتيون ٽِروڪِڙيون، تارا،
ڪتي نہ چنڊُ ئي نڪتو نہ چمڪيا چارا.
ڪتي ڪيئن نرم ڪنهن هٿ جي لڪير کي پڙهجي!

ڪڏهن تہ صبح جا سُورجَ نُزولُ ٿي پوندا،
ءِ روشني جا سَراپا رسولُ ٿي پوندا!

✦

## پاڇي

صديون ۾ سالَ غُلامي ۾ ٿي گُتيون وينا,
ضميرَ، ذهن ڏنا, ظلم جا نوان نقشا!
زمين ديسَ جي ماڀي، ڏٺي لکين تحفا,
سلام وقت جي جلاد کي ڪيون ويٺا!

رهيو نہ چور جي پويان ڪو پَير جو ليڪو
سُفيد رنگ ۾ ڏوئي رکون پيا ڏاڳا!
قبول ڏوهہَ ڪري ننڊ ۾ هلون پيا ٿا,
لـڌو نہ ڪنهن بہ اجا آهي رات جو رستو!

اچي نہ لڄَ ٿي زماني کي ڪڄَ ڪمائيءَ تي،
بڏاءِ پاڻ کي پاڇي پلا بچي چاهي!
نصاب ڪوڙ جو دنيا نئون لکيو آهي،
رهي انڌير جو قبضو ٿو روشنائيءَ تي!

پَري، پَري نہ ڏسو سج نهارَ مان نڪتو!
للاٽ لاٽ ۾ پنهنجي ڪَپارَ مان نڪتو!!

✦

## سرابَ ڪان اڳتي

رڃَ ۾ اڄَ ڪي لتاڙيون تا
هر قدم آ سرابَ ڪان اڳتي
ننڊ جي نرم خواب ڪان اڳتي
ساپيا - سُڃَ ڪي لتاڙيون

ڏوڙ اک ڪي فريبُ ڇا ڏيندي
پاڻ پنهنجو سفر رکون جاري
واٽ جي ڏُنڌ جي هجي ڪاري
پيرَ تي پيرُ زندگي رکندي

آءُ ڊڙون ڊُڪون هرڻَ وانگي
هاڻ ٻيهون نہ پير ڪي ڪوڙي
پاڻ ڊوڙون زمين پڻ ڊوڙي
منزلن تي وَرون وَرڻ وانگي

ريت رستي جي آرسي آهي
دل بيابان ڪي پئي چاهي:

✦

## ڏراڙ

هڪڙي پوڙهي مهانتا ماٺي
ديس جو دلپسند ٽِي بيٺو
ڪيرٿر ڪان بلند ٽِي بيٺو
عشق جي هُن اڏولتا ماٺي

ڪنهن نہ چوٽيون پهاڙَ جون ماپيون
ڪنهن نظر، ٻاجهہَ پيارَ ڪي پاتو
جهونٽڙيءَ دل جي انت ڪي جاتو
ڪنهن لڪيرون نراڙَ جون ماپيون

وقت پيغمبري ڏني هُن کي،
وقت هُن کي امانتون اربيون
وقت پنهنجون امامتون اربيون
سنڌ جي رهبري ڏني هُن کي

چنڊَ اُڀ تي هنيون پڙيون هالا،
هُو هئو هن زمين تي اعليٰ:

✦

## اياز جي نانءِ

ڪُوڪ ڪوئل جي سُٽي، ڪو سُر سُتل آ جاڳيو
ڪنڌَ تنهنجي ۾ ڪوي، گيڙو غزل آ جاڳيو!

لاڙَ تان لالڻ لهي ويو سجُ تلاون کي رڱي،
لاهيارين جي اکين ۾ جل ڪجل آ جاڳيو!

واءَ واڪايون ڏنيون ۽ سانجهه سرگوشيون ڪيون،
ڳپَ تنهنجي تي ڪراڙ اَج نئون ڪنول آ جاڳيو!

رات ڪوهستان جي، پنهنجا پلوَ ويڙهي پئي،
ننڊ مان ڪرچات ۾ شاعر سُتل آ جاڳيو.

✦

# آدمي محترم آهي

(احمد سولنگيءَ جي شخصيت ۽ شاعريءَ بابت ليک)

## ● مون وٽ آلُٽرڪن جي لَپ

لڇمڻ ڪومل

رابرٽ فراسٽ جو هڪ شعر آهي:

"Oh God, thou' forgive my little jokes on thee
And I shall forgive your bigger ones on me."

(اي ڏڻي! تون مون کي، توسان ڪيل ننڍين ٺٺولين لاءِ معاف ڪر ۽ مان توکي، مون مٿان ڪيل وڏن ٺٺولين لاءِ معاف ڪري ڇڏيندس.)

رابرٽ فراسٽ جون هي به سٽون خُدا جو هڪ اهڙو تصور پاڻ سان کڻي ٿيون اچن، جنهن ۾ ڪنهن اجنبي ۽ اجاتي هستيءَ لاءِ مَيار به آهي، شڪايت به آهي ۽ گڏوگڏ هڪ شاعر جي الميي جي باوجود سندس اُداردلي پڻ آهي.

ان ئي پس منظر ۾ مان اڄ جي هن ڏاڍي ڏمر جي دؤر ۾ سنڌيءَ جي نئين ٿهيءَ جي نوجوان شاعر احمد سولنگيءَ جي هيٺ ڏنل سٽن کي پرکيان ٿو ته مون کي هڪ اهڙيءَ شدت جو احساس ٿئي ٿو جنهن رابرٽ فراسٽ ۽ هن جي پيڙهيءَ جي نئين سجاڳيءَ (Renaissance) وارن شاعرن جو اهڙو مانڊاڻو ۽ وسيع وستار نظر اچي ٿو جيڪو اڄ جي ادب ۽ خاص طور شاعريءَ جو الميو آهي.

ٻ جڏهن ٿي شام نارنگي لهي،
ڪنهن جي رَت جي ٿي مٿان ڪڻ ڪڻ وسي،
ڪو صليبن تان لهي ۽ ڪو صليبن تي چڙهي،
بدحواسيءَ جو نئون اتهاسُ تو لِکبو رهي!

فراسٽ جي شاعريءَ ۾ هُن جي ذاتي ٺٺولينا ۽ پڇتاءَ جي پيڙا آهي، جيڪا داخلي درد جي اظهار سان سور جي سَٽَ تہ اُڀاري ٿي پر داخلي درد جڏهن هڪ فرد جي ماتم بدران هڪ دؤر جو ماتم بڻجي وڃي ٿو تہ هڪ شاعر جو فن ڪنهن ميزان مان اُڀار پائي بلوغت کي رسي ٿو.

پر سوال آهي تہ هڪ سنجيده شاعر پنهنجي لاءِ ڪهڙو ۽ ڪيترو ميزان مقرر ڪري سگهي ٿو؟ خاص ڪري جڏهن تخليقي عمل دوران هُو هڪ طرف خيال جي لئہ ۽ ٻئي طرف ٻوليءَ جي روانيءَ کي هڪ ٻئي سان هم آهنگ ڪندي، پنهنجي تخيل جي اُڏام کي پنهنجي گرفت کان ٻاهر اوجهل ٿيڻ نٿو ڏئي هر ڪويءَ جي هر ڪوتا هن جي آتم ڪٿا آهي، جيڪا پڙهندڙن آڏو هڪ اهڙو آئينو ٺهجي اچي ٿي جنهن ۾ هُو رچناڪار جو ئي عڪس ڏسن ٿا:

مايا ڇايا موهہ
ڀرين پارسُ پاڻ هٿاسين،
هاٿي پٿر، لوهہ
خالي سڪتا خوابَ اکين جا،
ڳوڙهن سان ئي ڳوهہ
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهہ

احمد سولنگيءَ جون هي سٽون پڙهندي، بلڪ جهونگاريندي، مون کي اهو احساس ٿيڻ لڳو تہ هُو اهڙين حساس سٽن واري شاعريءَ وٽ پاڻ نہ ويو آهي، پر اُها شاعري پاڻ احمد وٽ بارش جي بوندن جيان وسندي آئي آهي.

شاعري هڪ عورت جيان هار سينگار ڪري تقاضائون ڪندي آهي تہ "ڏس، مان ڪيئن ٿي لڳان؟" ۽ انهن تقاضائن جي پورتيءَ لاءِ احمد سولنگيءَ جهڙي سونهن جي پوڄاري شاعر وٽ موتئي جهڙن ماڪ ڦڙن جي سونهن ڀري سُرهاڻ آهي.

اَڪِڙين جي آلاڻ-
تنهنجي ڳالهہ ڪري پئي،
تنهائيءَ جي اونداهيءَ ۾،
يادن جي چانڊاڻ-
تنهنجي ڳالهہ ڪري پئي،
موتئي جهڙن ماڪ ڦڙن ۾،
هيءَ جا آ سُرهاڻ-
تنهنجي ڳالهہ ڪري پئي،

جڳائي اتي هُو پاڻ شاعريءَ مٿان نازل ٿيڻ لڳا ۽ اهڙي افراتفريءَ واري دؤر ۾ ڪيترن کي لُڙ ۾ مزو لڳي ويو ۽ هُو راتورات شاعر ٿي ويا. پر شاعريءَ لاءِ جيڪا اندر جي سُوجهه ٻُوجهه گُهربل آهي، ان تقاضا تي احمد سولنگيءَ جهڙا ڪي ٿورائي تخليقڪار کَرا ثابت ٿي سگهيا. ڪاريءَ ڪُڪ مان ڄاول هن نامراد نسل جو شعور جڏهن بالغ ٿيڻ لڳو ته سندن اکڙ جي سُڪل ڇپر تي ماڪ جون به چار بوندون ٿي بڇيل هيون.

اُتر قطب،
ساندهه برف وسي ٿي
جبل جبل جي،
هر ڪا چوٽي،
ململ پوتي،
اوپر، اولهه اُبتو ڦيرو
سِجُ اُبري ٿو
سال ۾ هڪڙو ويرو.
آريا۔ سٽ جي هڪڙي ناري،
روپ—رُپهرو
ٻانهن ڪرائيءَ اُس ۾ روگهري،
چوڙيگر جو چوڙو،
ٽڪريءَ ٽڪريءَ پگهري پاڻي،
شور ڪري ٿو جهرڻو
پکيءَ پکيءَ جو ٻاچو پرکي،
نديءَ نديءَ ويڳاڻو.
رات رَسِي ڪو ڏٺي ويو جنهن کي،
گُوڙها، گُل۔ ڳاراڻو
هاءِ هماليه جيڏا ماڻهو،
ڇپر ڇانون،
جن جون واٽون،

هندوڪش مان نڪتيون
پنک پنک جيئن پيرَ اُڏامي
فرش، عرش مان نِڪتيون
ٻاکون، لائون
پويان آهن اُپَ ۾ اکيون
سورج ونسيءَ جون
پربت پربت
اُتر قطب
۽ هوءَ وينگس
سورجُ پوڄي
برف پگهاري ڏينهن ڳڻي ٿي
ساندهه برف وسي ٿي

بدقسمتيءَ سان احمد سولنگي هڪ اهڙي مظلوم ٻوليءَ جو شاعر آهي جنهن جو ساهتڪ سرمايو وسيع ۽ معياري هئڻ باوجود اها ناانصافيءَ، بيائيءَ ۽ ويرونجوڳ جو شڪار پئي رهي آهي. اسان جو ساهت ۽ ٻولي نه رڳو ٻن ملڪن ۾ ورهائجي ويا آهن، پر سڄيءَ دنيا ۾ ڊاٽو ڊاٽو ٿي چڪا آهن. سنڌ ۾ ان کي پنهنجي ڌرتي آهي پر قومي سطح تي ميڄتا نه ملڻ ڪري ان کي قومي ٻوليءَ جو درجو حاصل نه ٿي سگهيو آهي. ان جي ابتڙ هند ۾ ان کي سرڪاري سطح تي قومي ٻوليءَ طور قبوليت (Recognization) ته ملي چڪي آهي پر هند ۾ هن کي پنهنجي ڌرتي ناهي. نتيجي طور سنڌ جا شاعر Sons of Soil (ڀومي پُترا) ته آهن، پر قومي سطح تي سنڌن ڪو والي وارث ناهي ۽ ٻئي طرف هند جا شاعر ڌرتيءَ ڌڪاڻا ٿي پنهنجي وطن جي مٽيءَ کي ته ياد ڪري رهيا آهن، پر هُو ان مٽيءَ جي مهڪ ڪٿان آڻن، جنهن سان شاعري واسجندي رهندي آهي.

ڪنهن به ٻوليءَ جي شاعريءَ جون پاڙون پنهنجيءَ ئي پلاري پوڻ ۾ اندر گهرائيءَ سان ڪُتل هونديون آهن ۽ شاعريءَ جو بڻ بنياد ناخواندگي هوندي آهي. هند جو شاعر شهري سڀيتا جي گُهٽ ٻُوساٽ ۽ پيچ ڊوڙ واري ماحول ۾ ايئن وڪوڙيل آهي جو سنجيده کان سنجيده شاعر به هِن دؤر کي 'حرامي دؤر' سڏي

پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪري ٿو. تخليق جي مجبوريءِ هند جي ڪنهن بہ شاعر کان احمد سولنگيءَ جيان هي ستون نہ چوائي سگهندي:

هير هِندورو ڪينجهر ڪپَ،
چنڊُ ڇُمي پيو نوريءَ ڇپَ

سِپَ ۾ موتي تا سِپجن،
من ۾ سرجي تانگهہَ تڙپَ

تنهنجي اهڙي نيڻَ نهارَ
جهڙي جهرڪيءَ بازَ جهڙپَ

مون کي وينا روز ڳڪين،
تنهنجي ساروڻين جا سپَ

تو وٽ مهنگا موتي ڪوڙ
مون وٽ آ لڙڪن جي لَپَ

سنڌ سڄي آ نيزي پاند،
دلبر کهڙا ڏِجَ ۽ ڏَپَ!

سوچ جي سطح تي هند ۾ تخليق ٿيندڙ موزون شاعري توڻي نثين ڪوتا پنهنجو هڪ منفرد معيار قائم ڪري سگهي آهي. ’سٽيٽوريم جي هڪ رات‘ ۽ ’پُرش وڻشيا‘ جهڙيون شاعرائيون تخليقون ذهني سطح تي اڄ جي دغابازيءَ واري دؤر جي علامت تہ بڻجي اچن ٿيون پر انهن ۾ پنهنجي ڌرتيءَ جي ڏکَ کان وڌيڪ داخلي سطح تي من جي مونجهہ جو احساس وڌيڪ اُڀري ٿو.

هند جي جديد شاعريءَ ۾ ’سنڌ، سرير ۽ ساهہ‘ جهڙي هم آهنگيءَ جا سيني ۾ سَلا ڦُٽي نہ سگهندا. احمد سولنگيءَ جي هن ڪوتا جي سِٽَ سِٽَ خود

هند ۾ رهندڙ سنڌ ڄاون جي دلين ۾ سور جو سَٽون اُپاري سگهي ٿي ۽ اسان کي اهو احساس ڏياري ٿي تہ اسان ڇا ڇا وڃايو آهي.

واٽ-
وکيري واءُ،
مٿان ٿو سِڄُ تکو ڏٿي تاءُ.

ريت-
اُلا ۽ آڳ،
وري ڪورِيرُ ورائي واڳ.

ڏينهن-
ٽِڪيري ٽِڪَ،
ڪٽي ٿو ڪير وڏي هر وِڪَ.

گهاءَ-
سُهڻ ٽا گهوٽ،
اٿئي هي رِڻ راهي اَموٽ.

ديس-
سنياريو سَٽُ،
گُهري ٿو ڳچيءَ ڳچيءَ جو رَٽُ.

سنڌ-
سرير ۽ ساهُ،
انهيءَ ۾ وهندو پيو درياهُ.

اڄ عالمي ادب جي رنگَ- منچ تي شاعريءَ جهڙي نفيس ساهتڪ صنف کي پوئينءَ نشست ۾ آڻي ويهاريو ويو آهي. نہ رڳو هن ننڍي کنڊ ۾، پر عالمي

سطح تي پڻ ناشرن جو بيان آهي تہ جديد ادب پڙهندڙن جو ذائقو ئي بدلائي ڇڏيو آهي اڄ گهٽ ۾ گهٽ ڪتاب آتم ڪٿائن (آٽو بايو گرافين ۽ بايوگرافين) جا ڇپجي وڪرو ٿي رهيا آهن. ان کان پوءِ آتم ڪٿائي ناول ۽ انهن کان گهٽ ڪهاڻين جا مجموعا.

ڪي نقاد تہ ڪهاڻيءَ کي ادبي صنف ئي نٿا مڃين پوءِ بہ پڙهندڙن جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪافي دلچسپي قائم آهي. باقي شاعري-؟ شاعريءَ جي مجموعن جون پنجاهہ سٺ ڪاپيون کپائڻ ۾ بہ سال لڳي ٿا وڃن.

T. S. Eliot جڏهن هڪ وڏي اشاعتي اداري جو ايڊيٽر هئو ۽ هڪ سختگير ايڊيٽر هئو جو هُن جارج آرويل جي Animal Farm جهڙي ادبي شاهڪار جو مسودو ڪيس تي پيرا موٽائيٰ موڪليو هئو ۽ پٺي اداري طرفان شايع ٿيڻ تي، ان ڪتاب تي ڀرپور تبصرو لکيائين. ايليٽ (Eliot) جو ئي چوڻ هئو تہ (خود انگريزيءَ ۾) شاعريءَ جي ڪنهن مجموعي جون جيڪڏهن سؤ ڪاپيون بہ وڪامن تہ ان کي تسلي بخش پذيرائي ڪري مڃڻ گهرجي.

گذريل پندرهن سالن کان شاعريءَ جي ڪنهن ڪتاب کي نوبل پرائيز نہ مليو آهي. لاطيني امريڪا جي شاعر Octavio Paz کي پوئين نوبل پرائيز مليو آهي (منهنجيءَ ڄاڻ موجب). پر شاعريءَ جهڙي جاودان ۽ اندر جي اڌمن کي اظهاريندڙ صنفِ سخن اڳيان عارضي طور آيل ناموافق ۽ ناسازگار فضا گهڻو عرصو جٽاءُ نہ ڪري سگهندي، جو خدا وٽان آيل پهريون پهريون لفظ 'ڪُن فيڪون' بہ شاعراڻي سِٽَ هُئي ۽ ايشور جي مُک مان نڪتل پهرين پهرين سِٽَ 'اوم نمو شواءِ' بہ شاعراڻي تخليق هئي، ان ڪري ئي 'شاعري پيغمبري است' جي سچ کي قبول ڪيو ويو آهي.

پر شاعريءَ جا وک وک تي سوين سچ آهن:

سِپَ ساحل جي مٿان،
سمنڊ کي سوگهو ڪيو
ريت جي ذرڙن منجهان،
چنڊُ ڪو جاڳي پيو!

هن پل جو پسمنظر ڏسڻ سان يا محسوس ڪرڻ سان سڄي ڪائنات جڻ شاعريءَ جي رنگ ۾ رڱجي وڃي ٿي، جنهن ڪي نہ رڳو شاعر جي سجاڳ اک برکيو آهي، پر هر پڙهندڙ آڏو ريت مٿان چانڊوڪيءَ جو سڄو ڪائناتي منظر نامو پنهنجي آب و تاب سان اڇو اُجرو ٿي بيهي ٿو.

جيئن تہ احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو هي پهريون مجموعو آهي، ان ڪري اهو سمجهڻ سولو ناهي تہ شاعريءَ جي ذڪين ڏاڪن تان هُو ڏاڪو ڏاڪو ٿي مٿي چڙهيو آهي يا ڏاڪو ڏاڪو ٿي هيٺ لٿو آهي. هڪ شاعر جي سلسليوار ارتقا جي صحيح ڪٿ (evaluation) هُن جي ٻن چئن مجموعن جي اشاعت کان پوءِ ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي پر احمد سولنگيءَ جي هن پهرئين ئي مجموعي جي مسودي جي پهرين نظم 'مائيڪل اينجلو' کان وٺي آخري نظم 'سيوهڻ مٿان چنڊ' تائين جيئن جيئن مان هن جي هڪ هڪ رچنا ٻہ ٻہ ڀيرا پڙهندو ويس. هڪ ڀيرو خيال جي لئہ جو لطف وٺڻ لاءِ ٻيو ڀيرو روانيءَ جو رَسُ ماڻڻ لاءِ تہ مون کي رفتگيءَ سان اهو احساس ٿيندو رهيو تہ شاعريءَ جي هن وَر وَڪڙ ڏاڪڻ تي ڏاڪو ڏاڪو ٿي چڙهندي نئين نسل جو جيڪو سڀ کان پهريون شاعر مٿي پهتو آهي اهو 'احمد سولنگي' آهي.

تاريخ ساک ٿي شاهدي ڏني آهي تہ جن قومن جو ماضي شاندار هوندو آهي، انهن قومن کي حال ۽ مستقبل ۾ ڏاڍا ڏک ڏاکڙا ڏسڻا پوندا آهن. اسان جي قوم پڻ الائي ڪيترن دؤرن جي ماتم مان گُذري آهي. اسان جي ڌرتيءَ مٿان ڌارين ٻولين، ڌارين ثقافتن، ڌارين تهذيبن ۽ ڌارين حاڪمن ۽ حڪومتن جي حملن ۽ انهن جي ڏاڍاين اسان جي قوم کي سنئين لڱين سُکَ سان سُمهڻ نہ ڏنو آهي. اهڙين هنگامي حالتن اسان جي ادبي برادريءَ خاص طور شاعرن کي احتجاجي ۽ مزاحمتي شاعريءَ طرف راغب پئي ڪيو آهي. پوءِ ٻہ هڪ ديرپا ۽ اثرائتي ترقي پسند دؤر ۾ تخليق ٿيل شاعري هڪ تہ اسان جي پنهنجي ڌرتيءَ مان قُتل شاعري نہ هئي پر اشتراڪي ملڪن وٽان امپورٽ ٿي آئي ۽ اڳتي هلي اها 'ادب براءِ ادب' ۽ 'ادب براءِ زندگيءَ بدران'، 'ادب براءِ امپورٽ' جي شڪل اختيار ڪرڻ لڳي ۽ وقت گُذرڻ پنهنجي وقعت ايتري قدر وڃائي ويٺي جو شيخ اياز جهڙي شاعر جيڪو ڪنهن وقت اهڙي شاعريءَ جو سرواڻ هئو ان ٻہ لکيو تہ "ان دؤر جي

سجي شاعريءَ کي گاڏن ۾ پيرائي ڪنهن گند جي ڍير ۾ اڇلايو وڃي.“ جيتوڻيڪ اياز جو اهو هڪ انتهاپسند بيان هئو پر اها حقيقت آهي ته اڄ ترقي پسند دؤر واري شاعري ماضيءَ جي دڙن ۾ دفن ٿي چڪي آهي.

پاڪستان ۾ ’ون يونٽ‘ جي ٺهڻ کان ’ون يونٽ‘ جي ڀڄڻ تائين، پندرهن سالن جي عرصي دوران پڻ تخليق ٿيل مزاحمتي شاعريءَ سنڌي شعر و ادب جي رنگ ـ منچ تي هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو پر ان ۾ پڻ داخليت بدران خارجيت جو دخل وڌيڪ هئڻ ڪري، اها شاعري پڻ پرچار جي حدن کي ڇهڻ لڳي، پوءِ به مزاحمتي شاعريءَ جي جذباتي توڙي عملي ڪردار جي اهميت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي.

ماضي هميشه حال جي هٿ ۾ هٿ ڏيئي مستقبل طرف قدم سان قدم ملائي مسافتون ۽ منزلون طئي ڪندو رهندو آهي. سنڌ جي نئين نسل جي انهن شاعرن جن ماضيءَ جي اهڙين مزاحمتي مسافتن بابت رڳو پنهنجي اڀياس ۽ علم معرفت ڄاڻ حاصل ڪئي آهي، اُهي نئين نِڪوري ذهن ۽ ڪنوارِي دوشيزه جي اڻ ڇُهيل انگن جيان پاڻ سان پنهنجي شاعريءَ ۾ نوان خيال، نئين سوچ، نئين منظر ڪشي، Imagery نئون بڪشن ۽ نوان رخ ۽ رويا کڻي آيا. هنن وٽ پنهنجن پيشرُوئن جيان ڪي ٺهيل نڪيل يا ’ريڊي ميڊ‘ نظريا نه هئا.

مون جڏهن سنڌ ۾ نئين نسل جي شاعرائن جو ڪلام پڙهيو ته منهنجن پنجن حواسن سان گڏ ڇهين حِس پڻ بيدار ٿي ويئي ۽ مون کي احساس ٿيڻ لڳو ته اسان جهڙي، ظلم سان مهاڏو اٽڪائيندڙ قوم جي مظلوم ٻوليءَ جي نئين ٽهيءَ جي اهڙي جديد سوچ ۽ شاعريءَ جي روح تائين رسائي ٿي چڪي آهي؟

عالمي ادب جي اڀياس واضح ڪيو آهي ته جڏهن به ڪا ادبي تخليق، خاص طور شاعرانه تخليق ڪنهن نظريي، ڪنهن اصول، ڪنهن عقيدي يا ڪنهن مَتَ جي معرفت يا ماتحت تحرير ڪئي ويئي آهي ته اها نه ديرپا ثابت ٿي سگهي آهي ۽ نه گهڻو وقت جٽاءُ ڪري سگهي آهي. مان سمجهان ٿو ته هند سنڌ جي نئين پيڙهيءَ جو نئون شاعر، جيڪو مٿين مڙني حد بندين کان پاڻ کي آجو ڪري چڪو آهي، اهو احمد سولنگيءَ جهڙي نئين سوچ ۽ نئين رخ ۽ رويي جو آئيني عڪس هِنن سٽن اندر سمائيندو:

ڪنهن گلن تان آ چڪيو نمڪين سُرهي ءَ ساٽ ڪي!
ڪنهن ڪيو محسوس مُنهنجي درد جي احساس ڪي!
ڪنهن چڪيو پاڻي اکين جو لڙڪ جي لُوٽاٽ ڪي!
ڪير ڳوڙهن کي ڳڻيندو؟
وقت جي هيءَ ڏوڙ سيني جي مٿان وسندي رهي،
ڪير ٿيو بدنام آهي،
ڪير ٿو سوچي اهو
ڪنهن خواريءَ جو ڪنيو هي پاڻ تي الزام آهي!

احمد سولنگيءَ جون هي دل ۾ پيهي ويندڙ سٽون، احساس ڏيارن ٿيون ته 'ڪو عڪس نه پوي ته آئينو اُجروئي رهندو آهي.'

احمد سولنگيءَ جي هن مجموعي ۾ شامل هن جي گهڻي ڀاڱي شاعري پڙهندڙن کي نئين ۽ جديد سوچ سان روشناس ۽ نئين سچ سان مُنهان مُنهن ڪرائي ٿي. اهڙي نوعيت جي شاعريءَ کي ڪنهن هڪ دؤر يا دائري اندر قيد نٿو ڪري سگهجي، جو اڳتي هلي به اُها 'ڪالهه' جي شاعري نه پر 'اڄ' جي شاعري ڪري تسليم ڪئي ويندي اها شاعري ماضي پرستيءَ وارا لڪ لتاڙي، مستقبل جا اهي روشن شُعاع اُجاگر ڪندي، جيڪي ڪڏهن به اڳتي هلي ڪنهن به دؤر ۾ جاءِ تي جهڪا نه ٿيندا.

سياڻي جو سُچيت ۽ سُجاڳ نقاد جڏهن احمد سولنگيءَ کي سندس سنڌيت واري جذبي لاءِ آفريني ڏيئي کانئس سوال ڪندو ته تو 'وقت، وقت'، 'جاءِ جاءِ' ۽ 'ماڻهو ماڻهو' ۾ نراليت پسي، انهن لاءِ انساني قدرن ۽ مُلهن کي مٿانهون ڪرڻ لاءِ تنهنجي تخليقي عمل ڪهڙو "شفي" (Positive) يا "نفي" (Negative) ڪردار نباهيو ته ان سوال جي جواب ۾ احمد سولنگيءَ جي مجموعي جي پهرئين نظم جون هي چار سٽون نه رڳو حوالي طور بلڪ سندَ طور پيش ڪري سگهجن ٿيون:

ديس هر هڪ جي مٽي،
مون ته ڌرتيءَ جي دونهاٽيل،
سُرخ گولي تان ڪٽي
پنهنجي خوابن ۾ سنڀالي آ رکي!

پنهنجي ان پهرئين ئي طويل نظم ۾ احمد سولنگيءَ مائيڪل اينجلو زان ڪازاڪس، آلندي ۽ پبلو نرودا جي ڪردار نگاريءَ سان گڏوگڏ پٽ ڌڻي، ٽئگور، ميران ۽ ڪبير جو تذڪرو ۽ image پيش ڪيو آهي. سڀ کان پهريون ڪردار زان ڪازاڪس عالمي ادب ۾ هن خطاب سان نوازيو ويو آهي.

"The Ingenious Gentleman Don Quixote of La Mancha"

(لامنچا جو هنرمند پلوڙ شخص زان ڪازاڪس)

هي ڪردار اندليسي ادب جو هڪ ڀڳتو ڪردار آهي. زان هڪ ئي وقت 'اڏ چريو'، 'چرچائي'، 'حاضر جواب'، 'سمجهو'، 'چريٽ' ۽ 'پورالو' ڪردار آهي، پوءِ به هن جي دانشمندانه ڪارنامن هن کي عالمي ادب جو هڪ جاودان ڪردار ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي ئي تضادي ڪردار کي احمد سولنگيءَ پنهنجين شاعراڻين سٽن ۾ پيش ڪندي، هن جي ڪردار نگاريءَ جو انوکو رُخ چٽيو آهي:

منهنجي اک جي دائري جي ويجهڙو،
زان ڪازاڪس، تو رهي،
۽ پکي پنهنجي پَرن ۾،
جِئن لڪائي تو رکي پنهنجا ٻَچا.
سوچ مُنهنجيءَ ۾ ائين 'محمود' جي ڏرتي رهي:
جا تُنل ڪشڪول ۾ ڪنهن ماءُ جي ڳوڙهن جيان،
يا نديءَ تي بُوند- بادل جو لڳي تو نقش ڪو،
عشق مون لئه تو اُٿي جڻ شبنمي ڪا شاعري،
ساحلن تي، ريگزارن جي مٿان،
۽ وڻن جي جُهنڊ ۾،
آ خُدا جي جُستجوءِ بيگانگي مون لئه لکي!

احمد سولنگيءَ زان ڪازاڪس جي ڪردار کي پنهنجين شاعراڻين سٽن ۾ سموئي، هن جي سيني "شفي" (Positive) "نفي" (Negative) ڪُنبن کي رِل مِل ڪري هن تي Odoriferous (سرهي ساٺ واريون) سٽون تخليق ڪندي، جڻ زان تي ODE (خطاب) جي صورت ۾ خراج پيش ڪيو آهي. پنهنجين ايترين

(صفتن ۽ صورتن) Multiple and Multifaced جي باوجود زان ڪازاڪس جي پاڻ بابت راءِ اها رهي ته "مان ته ڪجهه به نه آهيان."

زان ڪازاڪس جا اهي احساس ته "توڙي جو ڪنهن جي هر خواهش تڪميل تي پهچي، ته به ضروري ناهي ته هن جو پاند خوشين سان پرپور ٿي وڃي. هُو وڏيڪ خوشحالي ۽ آسودگي ماڻي سگهي هن جو درجو ۽ رتبو سندس موجوده رتبي کان مٿانهون ٿي وڃي، پر جي سڀ ڪجهه ان جي ابتڙ ٿي وڃي ته تون ڪنهن اهڙي اوڙاهه ۾ ڏِڪجي سگهين ٿو جنهن جو تون تصور به نٿو ڪري سگهين ۽ اهڙي بدنصيبي تو مٿان چو نازل ٿي آهي، ان جي تنهنجن ملائڪن کي به خبر نه پئجي سگهندي تو وٽ رڳو اِيترو ئي احساس رهجي ويندو ته آسمان مان نازل ٿيل هر مصيبت تنهنجوئي گهر پُڇايو آهي"

انهيءَ ئي حوالي سان هسپانوي شاعر لوئي ٽانسلو (Luigi Tansillo) پنهنجي نظم 'Tears of Saint Peter' (سنت پيٽر جا ڳوڙها) ۾ لکي ٿو:

No eye was there to see him, well he knew,

Yet, he himself was to himself, a shame,

Exposed to all men's gaze or screened from view.

(هن کي پڪيءَ پت ڄاڻ هئي، ڪائي نگاهه ڪانه ٿي هن تي ڪُتي،
پوءِ به جڻ هُو پاڻ پنهنجو پاڻ ۾ ڪيڏو نه شرمندو هئو
هُو هئو هر ڪنهن جي اک ۾، هر نظر هُن کي تڪيندي ٿي رهي!

ترجمو: ل. ڪ)

احمد سولنگي پنهنجي مٿي ذڪر ڪيل نظم ۾ ڪيترين نيون تشبيهون نوان استعارا ۽ علامتون سمائي سگهيو آهي. هڪ طرف هُن جي اک جي فوڪس ۾ زان ڪازاڪس ٿو رهي، جيڪو هڪ اهڙي پکيءَ جي allegory (علامت) بڻجي آيو آهي، جيڪو پنهنجن پَرن ۾ پنهنجا ٻچا لڪائي ٿو رکي ته هُن جي ذهن جي ڌرتيءَ جي ٿَتل ڪشڪول ۾ ماءُ جا ڳوڙها به آهن ۽ ٻئي طرف نديءَ مٿان ڪرندڙ بوند، هڪ بادل جو نقش بڻجي اُڀري ٿو.

ساڳئي ئي نظم ۾ اِڳتي هلي آلندي جهڙي انقلابي ۽ چِليءَ جي شاعر پيبلو نرودا جو شاعرانو تصور احمد سولنگيءَ جي سٽن ۾ سمائجي هن جي شاعريءَ کي نئين پيرائي ۾ پيش ڪري ٿو:

دُور آلنديءَ نرودا جي چِليءَ
باکَ پنهنجي لاکَ برسائي جڏهن ٿي اُن مٿان،
سجَ ازل جي ديوتا سامهون سيئي،
صُبح جا سورج مُکي ڪن ٿا سجودُ

احمد سولنگيءَ جون هي سٽون پيبلو نرودا جي ڪردار جي ڪيئن عڪاسي ڪن ٿيون. ان جو هڪ دلپذير واردات سان واسطو آهي.

سريلنڪا جي هوٽل جي ڪمري ۾ پئبلو نرودا جڏهن هڪ جُوان سنهالي ڇوڪريءَ کي هُن جو ڪمرو صاف ڪندو ڏٺو ته هوءَ کيس وينس جي مورتيءَ جيان ڪنهن حسين مجسمي وانگر لڳي ۽ جڏهن هُو هُن جي عريان جسم کي لساڙي رهيو هئو ته هوءَ حيرت وچان ڏسي رهي هئي ته اهڙي شاهاڻي شخصيت وارو شخص هي ڪري ڇا رهيو آهي؟ ان واردات جي پس منظر ۾ احمد سولنگيءَ جون هي سٽون ڪيتريون نه جاذب آهن.

باکَ پنهنجي لاکَ برسائي جڏهن ٿي اُن مٿان

ان پل، اندر ۾ ڪهڙا جذبا ڳروٽون وٺن ٿا. صبح جا سورج مُکي ڪيئن نه سجدا ڪن ٿا!

مون کي چِٽيءَ طرح ياد آهي ته دهليءَ ۾ سال اڻويهه سو ڇاونجاهَ جي 'ايشين رائيٽرس ڪانفرنس'(Asian Writer`s Conference) دوران جڏهن شاعراڻي محفل جي صدارت ڪندي پيبلو نرودا، نارايڻ شيام جي نظم "ڪهڙي آئيني ۾ منهنجي اصلي صورت گم ٿي ويئي؟" انگريزي ترجمي ۾ ٻڌي ته هُو حواس باختہ ٿي ويو. پيبلو نرودا سوال ڪيو: "ڇا، هڪ غير معروف ٻوليءَ وٽ به اهڙي ڇرڪائيندڙ شاعري موجود آهي؟"

(ساڳيو ئي سوال ڀارتي وزيراعظم آنجهاني اندرا گانڌيءَ ڀوپال ۾ ڀارت ڀوَن جو افتتاح ڪندي، سنڌي سيڪشن جو معائنو ڪندي ڪيو هئو جڏهن مون هُن کي شاهہ لطيف جي ڪن بيتن جو شيخ اياز جو اردو ترجمو ٻڌايو هئو.)

پئبلو نرودا ان وقت احمد سولنگيءَ جو هي نظم ٻڌو هجي ها ته هُن کي سندس سوال جو جواب ملي وڃي ها ۽ اوپر جي آرسيءَ جو اولڙو سندس اکين ۾ ڀڪي پوي ها!

رات جي منحوسُ ۽ ڪاري هوا،
شهر جي روشن ڏيئن کي،
تِپي وڪوڙيندي رهي.
يوڳنائن جي سفر جا پيچرا،
پيرَ پنهنجا،
جڻ چَٽيندا ٿا رهن!
وقت جا پاليل ڪُتا،
ديوتائن، انبيائن،
شاعرن، صوفين ۽ سنتن جي مٿي،
روزُ ڪوٺيندا رهن ٿا،
۽ ٿا ڪُتريندا رهن،
قيمتي زربفت جهڙي ديسَ جون،
چارئي ڪنڊون!
ڪالهہ سورجَ، چنڊَ جيڪي،
هُئا ڦُٽا اوير منجهان،
اڄ انهن جي روشني ۽ چاندني ممنوع آهہ
فڪر کي پئي دور جو رائج سِڪو سمجهي ڪري،
جڻ عجائب گهر اندر تشهير لَءِ سانڍيو ويو
چارڻ جڻ ڪوريئڙي جي جارَ ۾ ڦاٿي پئي آ،
وقت جي اپياس بابت،
ڪنهن بہ پنهنجيءَ کوجنا کي ڪو نہ ٿو ليکيو وڃي!

•

شاعري،
انمول تحفو
گفتگوءَ جو،
ڪو صَحيفو
ڏُوڙ وانگي جڻ تہ ڌرتيءَ تي لَٿو

ڪوڙ سان ميٽيو وڃي ٿو
سچَ جو چهرو سڄو.

•

سنگ تراشي پٿرن ۾ اڄ رهي روپوشُ ٿي،
آڳريون فنڪار جون پڻ،
برفَ وانگي ويون ڄمي،
سچ اجنتا ۽ الورا منجهه ڳوليندو بہ ڪيرُ؟
ڪامَ جو. مندر جي اندر ڪيرُ ڳوليندو بہ پيرُ؟

رقصُ گهايل،
زندگيءَ جي چور دروازن اندر،
هر نظر کان بي نيازُ
هر خبر کان بي خبر.

چِترڪاريءَ منجهہ ليڪيل ڪا لڪيرَ.
ڪو تصور سوچ جي تجريدَ جو
بُرش جي خاموش ڪنهن گفتار سان،
فن نَقاشي جي وسيع معنيٰ اندر،
پنهنجي خنجر سان ڪري ٿو خودڪشي!
ملڪ اولهہ جا سيئي،
اوپر تي ميڙيا ٿا گهُمن،
دشمنيءَ جي دائمي آڙاهہ هيٺان،
ڪيتريون ڏرتيون سڙن.
پو بہ دنيا جي ڏڪاٽيل،
ڏور هڪڙيءَ ڪُنڊَ ۾،
آشتيءَ ۽ امن جو اهڃاڻ بڻجي،
ڪالهہ وانگي

اج بہ آهي،
سنڌ بيٺي!
اج بہ آهي،
سنڌ بيٺي،
سنڌ بيٺي!

ڪنهن ناول يا ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار نگاري ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن عظيم شاعر وٽ (Epic) رجزنامي يا وِير چترڪٿا جي صورت اختيار ڪري ڇڏيندي آهي. هيلن آف ٽراءِ هيلن نہ هجي ها، جي هُن کي هومر جو قلم نصيب نہ ٿئي ها. قلوپطره بہ قلوپطره نہ رهي ها، جيڪڏهن وليم شيڪسپيئر هُن جي ڪردار کي هنن سٽن ۾ نہ سموئي ها:

Age cannot wither her nor custom stale,
Her infinite variety: other women cloy
The eppetites they feed, but she makes hungry,
Where most she satisfies:

(عمر هن کي ڪوماڄڻ نٿي ڏئي،
نہ راهہ رسم هن جي روپ کي بد زيبو ٿي ڪري،
هن جهڙيون اَپار آنند ڏيندڙيون حسينائون،
ڏو تي لطف وٺائين ٿيون،
پر هيءَ بکڻ،
ڍائيندي بہ بُک وڌائي ٿي.

۔ ترجمو: ل.ڪ)

قلوپطره جي ڪهاڻي هڪ اهڙيءَ دوشيزه جي ڪهاڻي آهي، جنهن ساڳيءَ ئي شدت سان ذاتي توڙي اجتماعي زندگيءَ سان پاڻ کي لاڳاپي رکيو آهي، جتي هڪ ٻئي پويان بہ مرد هن جي زندگيءَ ۾ آيا. جوليس سيزر ۽ مارڪ انٽوني پر هن جي ڪهاڻي تاريخ جي دل ڇُهندڙ ۽ حيران ڪندڙ ڪهاڻي آهي، جو قلوپطره جيان هن جا ٻيئي عاشق پڻ خاص خوبين جا مالڪ هئا، جن روم جي سلطنت جي سڄي نصيب کي پنهنجي هٿن ۾ قابو ڪري رکيو هئو. سيزر جي

قتل کان پوءِ قلوپطره جو مارڪ ائنٽونيءَ سان بدبخت رشتو ناتو هڪ ٿي وقت راز ۽ رمز پريو به رهيو تہ روحاني پڻ.

قلوپطره جي ڪيترن مصري سوانح نگارن هن جي ڪردار کي نفرت پريءَ نگاهہ ۽ ناشانائتي رنگ ۾ رڱيو آهي. پر سيزر ۽ ائنٽونيءَ پنهي هن کي پنهنجي مانائتي محبوبا. ساٿ ڏيندڙ سنگتياڻي ۽ دل گهري داشتہ ڪري قبول ڪيو آهي. ان ڪري ئي قلوپطره کي تاريخ توڙي ادب ۾ ايتري اهميت ملي سگهي آهي.

احمد سولنگيءَ جو نظم قلو پطره هومر جي هيلن آف ٽراءِ جيان يا چندر بردائيءَ جي پرٿوي راج "سنجو ڳِتا" جيان يا نارائن شيام جي 'روپ مايا' جي مينڪا اپسرا جيان ڪو epic تہ نہ آهي پر هن پنهنجي شاعراڻي تخيل ۽ تخليق سان قلوپطره جي جيڪا imagery ۽ منظرنامو پيش ڪيو آهي. اهو سنڌي شعر و ادب جي دنيا ۾ جوڳي جاءِ اوس والاريندو.

ڪُشادي رات جي بيڙي،
رسيون، ساڪا، لنگر لوها،
نماڻن ميربحرن جا،
تڏا ڪي خوابَ جا پاچا،
مٿان فانوسُ فطرت جو
سمورا منتشر تارا،
حسين ڪنهن حادثي جي لئہ
الئہ ڇو منتظر آهن؟
جواني قيمتي تنهنجي،
اکين ۾ چانڊني پوکي،
هوا مضبوط تختن تي،
لهي ٿي اپسرا وانگي،
درياءِ نيل جو پاڻي،
ڏسي ٿو اک کڻي توکي،
قلوپطره!!

۽ نظم جون پويون پنج سٽون جن ۾ قلوپطره جي من جو سچو پيڊ ۽ هن جي چِت جي چاهت، هن جو هٺيلو ۽ مغرور ڪردار پڙهندڙ جي اکين آڏو جيئرو جاڳندو ٿي اُڀري ٿو.

قلوپطره!
مجون ٿا تون هميشہ کان محبت جي اسيريءَ ۾،
اڪيلو ڪونہ سيرز کي رکين ٿي پر
ڪرين ٿي زلف ڪافر سان، سموري روم کي قابو
پيو ڪهڙو پلا ڏَسُ، مصر جي آ چنڊَ جو جادو!

تاريخي ڪردارن کي شاعريءَ ۾ سموئڻ ڪن ديومالائي (Mythological) ڪردارن کان وڌيڪ رتُ وِلوڙ عمل آهي، جو شاعر ديومالائي ڪردارن ۾ پنهنجي تصور ۽ تخيل جي زور تي انهن کي پنهنجي سوچ ۽ پسنديءَ جي ڍانچي ۾ ڦهڪائي سگهي ٿو ۽ انهن ڪردارن کي خلقيندي هُو ڪنهن سان بہ ذميدار ناهي، سواءِ ان جي، جو هُن جي تخيل ۾ آهي، پر تاريخي ڪردارن کي شاعريءَ جو موضوع بڻائڻ لاءِ فني چابڪدستيءَ کان سواءِ سندن تاريخي وجود ۽ اهميت سان هٿ چراند ڪرڻ لاءِ شاعر وٽ تواريخي تلافي نٿي ٿي سگهي. احمد سولنگيءَ قلوپطره جي سچي ڪردار کي هُن جي چڱاين ۽ لڱاين سان ٿي هُن جي تصوير، تصور ۽ منظر کي شاعريءَ جي قالب ۾ ايئن ڦهڪائي پيش ڪيو آهي جو اکين اڳيان سچو منظر ڪنهن چِتر شالا (Art Gallery) جيان ڦرندو ٿو رهي. چپن جا ياقوت، اکڙين جا الماس، هٿن جا اُجرا ڪنول، سون۔سَريکو سينو، ڳلن جا تِر، ڏاهپ، ڪرشما، اهرام ۽ صحرا، سچو منظر ايئن آهي جڻ رنگ۔ منچ تي هڪ ئي وقت قلوپطره پنهنجيءَ هر ادا سان مجسم موجود آهي.

پر ان جي ابتڙ جڏهن اسين Medieval (وچين دؤرا) جي شاعريءَ کي ڏسنداسين تہ ان ۾ ديومالائي (Mythological) ڪردارن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪندي، ان دؤر جي شاعرن نہ رڳو مبالغي آرائيءَ کان ڪم ورتو آهي، پر انهن ڪردارن کي پنهنجي تخيل جي اڏام سان يقين ۽ گمان جي حدن کان ٻاهر نڪتل آزادي پڻ ورتي آهي.

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو اڀياس ڪندي مون کي هن جي جدت ۾ پڻ درمياني دؤر جي شاعريءَ جي شرنگهار رَس (جمالياتي رَسُ چَسُ) جون جهلڪون نئين رنگ روپ ۽ رس ۾ رچيل نظر آيون آهن. سنڌي شاعريءَ ۾ شاهه جي هيءُ سِٽَ "رَتيءَ جي رهاڻ جيءُ اڙايو جَتَ سين" جمالياتي شاعريءَ جو هڪ جاذب مثال آهي، جيڪو هڪ کان وڌيڪ معنائون ڇڏائي ٿو.

شاهه سائينءَ جي هيءُ سِٽَ سنڌي جمالياتي شاعريءَ جي اُها سِٽَ آهي، جيڪا مختلف رخن کان پرکي وڃي ته ان جون مختلف معنائون ۽ مفهوم نڪري نروار ٿيندا. رَتي - ماسي - تولي جي جدول موجب هتي "رَتيءَ جي رهاڻ هڪ ڪن، هڪ پل جي رهاڻ ته هڪ عام فهم مطلب ۽ معنيٰ ڇڏائي سگهي ٿي، پر ڪن پارکن جي راءِ موجب 'رَتي' ڪام ديو (جيڪو sex جو ديوتا آهي) جي پتنيءَ جي ناتي پُرش ۽ اِستريءَ جي سميوڳ (جماعَ) جي علامت پڻ بڻجي اچي ٿي.

شاهه جي هڪ ٻئي شارح جي ويچار موجب رَتيءَ جو مطلب رنگ ۾ رَڇي ويل يا 'رتل' پڻ آهي. مان پنهنجي پنهوءَ جي رنگ ۾ رڇجي ايئن 'رَتي' ٿي ويس جو ان 'رتيءَ جي رهاڻ جيءُ اڙايو جت سين.' اهو شاهه لطيف جهڙي عظيم جمالياتي شاعر جي فن جو ئي ڪمال آهي جو ان هڪ سٽ ۾ جدا جدا رنگ رڇجي تا وڃن.

شاهه لطيف کان شيخ اياز ۽ نارائڻ شيام ۽ اياز کان احمد سولنگيءَ تائين جمالياتي شاعريءَ وڏي مسافت طئي ڪئي آهي. شاعريءَ جي مفهومن جا ٻه الڳ الڳ روپ ۽ رنگ آهن: هڪ سڌو ۽ واضح مفهوم ۽ ٻيو رمزن ساڻ ريجهائڻ وارو. اهو اشارتن مفهوم، جيڪو جمالياتي حِس ۽ حواس ۾ رچجي، انهن کي متاثر ۽ معطر ڪري ٿو اهوئي شاعريءَ جو روح سان راس رچائيندڙ عمل دخل آهي.

رسيءَ کان مختصر، نازڪ،
سنهيءَ هِن چيلهه تنهنجيءَ کي،
سهارو ٻانهن جو آهي،
مٿان دستُور موجب ئي،

چپن تي چَپَ رکيل آهن.

بدن جڻ ڍاڪ جي وَلِ جئن،
بدن تي ئي وريل آهي،
هٿن جون آڱريون ويھ ئي وڃن ڳنڍجي
اِئين ڪنهن طلسماتي موهَ ۾ ٽيون جو
پتوئي ڪونہ ٽوپئي ڪو
هَوس ۽ عشق ۾ ڪهڙو
ازل کان رابطو آهي؟

شرنگهار رس يا جماليات جو سڌو واسطو ڏسڻ، ٻُڌڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي حواسن سان آهي، جن جي نازڪ ۽ لطيف فن تائين رسائي روبرو بہ آهي تہ گفتگو ذريعي پڻ. شاعريءَ ۾ جماليات جو معنوي مفهوم سونهن سوڀيا. رسُ گيان ۽ حسن پرستيءَ جو سوکيم اظهار آهي.

جماليات لطيف فن جي اها فيلسوفي پڻ آهي، جيڪا حواسن جي نفسانيت جي رنگ روپ ۾ انساني حسن کي معراج تائين پهچائي ٿي چڙهي کاليداس جا epics 'شڪنتلا' ۽ 'ڪمار سمڀو' ۽ ٻاڻ ڀٽ جو شاهڪار ايپڪ 'ڪادمبري' شاعري ۽ رنگ-منچ جو رل مِل روپ پسائين ٿا.

هن ننڍي کنڊ جي جمالياتي شاعريءَ جو پرتري هريءَ کان پوءِ وڏي ۾ وڏو شاعر چوڏهين صديءَ جو مٿلي ٻوليءَ جو ڪوي ودياپتي ڪري مڃيو ويو آهي. ودياپتيءَ پنهنجيءَ هڪ ڪوتا ۾ چيو آهي: "ڪوبہ منش تيسين پورڻ (مڪمل) نٿو سمجهيو وڃي، جيسين هُن کي شرنگهار رس (جماليات) جو پورو انيو نہ ٿيو هجي."

شنڪر آچاريہ کي پڻ 'سروگياني' جو پد تڏهن پراپت ٿيو جڏهن هن انهيءَ پاوَ جو انڀو ڪيو. ڪاليداس ۽ ڀَو ڀُو وتيءَ جا سنگيت ناٽڪ، جئہ ديو جو 'گيت گووند' ٽئگور جو 'چترانگدا' شاعريءَ ۾ شرنگهار رس کان اڳتي اُپري وسميءَ ۾ وجهندڙ نفساني ۽ نفسياتي شاعريءَ جو روپ وٺي چڪيون آهن ۽ گڏوگڏ سنگتراشيءَ جي سُندر گهڙت پڻ نظر اچن ٿيون.

ان حوالي ۾ وديا پتيءَ جي هيءَ ڪوتا:

هرڻيءَ جهڙين اکين واري رادا کي
ڪرشن جي حوالي ڪري،
سڀ ساهيڙيون هليون ويون.
موقعو ملنديئي ڪرشن جا جذبا ڀڙڪي اٿيا.
هُن پنهنجيءَ رادا جو هٿ پڪڙيو
۽ لُڀائيندڙ ڳالهين جي بارش شروع ڪري ڇڏي،
اهڙين ڏُتاريندڙ ڳالهين رادا جي حياءَ مٿان پردو وجهي ڇڏيو.
سينگاريل ۽ نرم بستر تي،
ٻيئي مباشرت ۾ مصروف ٿي ويا.
ڪرشن رادا جي انگ انگ کي چُمڻ لڳو.
چُمڻ جي لذت سان رادا بيخود ٿِجي ڏڪڻ لڳي،
رنگين مزاج ڪرشن شهوت جي تخت تي ويهي،
هُن جي خوف ۽ هراس جي قلعي کي فتح ڪري ورتو.
هاڻي رادا وٽ ڪو ٻيو ڏاءُ نہ هئو،
عزت بہ بچي ويئي ۽ ترپتي ۽ لذت بہ حاصل ٿي.
ودياپتي چئي ٿو:
ٻُڪايل کي جيترو کاڌو ملي گهٽ آهي
اهڙيءَ حالت ۾ ٻنهي جا جسم ۽ جان ٿرڙندا ٿا رهن.
بي قراري سُک سُمهڻ نٿي ڏئي.

- ترجمو: ل ڪ)

هيءَ مڌيہ ڪالين (وچين دؤر) جي چوڏهين صديءَ جي شاعري آهي
ڇهن صدين گذرڻ بعد سوچ جو توارد ۽ ٽڪراءُ ويهين صديءَ جي هنديءَ جي
سرشِٽ (برک) ڪوي وتسائين اگيہ (Agya) وٽ نئين نوعيت ڪٿي آيو آهي:

ڪيترين گوپين ڪيئي ڀيرا ڪنهيي کي پيار ڪيو
پر هُن پنهنجو سڄو پيار اوتي ڇڏيو
ان هڪ ٿي سُندرتا تي جنهن جي هُو تلاش ۾ سرگردان رهيو
جنهن کي هُو ڪڏهن پنهنجو نہ ڪري سگهيو.

جيڪڏهن هُو پنهنجو پيار ڪنهن ۾ به ماڻي سگهي ها،
ته پوءِ ڪنهن پيار جا پنڌ ڇو پُڇائي ها؟
شاعر گيت مٿان گيت جوڙيندو رهيو
پر هڪ ئي موضوع کي وري وري پنهنجن گيتن ۾ ورجائيندو
رهيو
۽ ڪنهن گيت تي هن جي گرفت مضبوط نه ٿي سگهي.
۽ نه ئي ڪو اهڙو گيت جوڙي سگهيو جيڪو هن جي دل جي
ترجماني ڪري سگهي.
جي هُن کي اهڙو ڪو موضوع ملي سگهي ها،
جنهن ۾ هُو پنهنجي سچي دل پيئي سگهي ها،
ته ڪويءَ کي پوءِ ڪنهن گيت جوڙڻ جي ضرورت ڇو
محسوس ٿئي ها؟

-انگريزيءَ مان ترجمو: ل. ڪ)

اگيه جي هيءَ ڪوتا نراشا واد يا قنوطيت پسنديءَ سان پُر آهي. پر گڏوگڏ هن جي 'تخليق جي مجبوري' پڻ هن جي اداسينتا جو هڪ روپُ آهي.

گوپيون ۽ ڪنهيو علامتون آهن نئين يُگَ جون. جنهن ۾ ڪيتريون ئي گوپيون، ڪيئي پيرا ڪنهيي (ڪرشن) کي پيار ڪن ٿيون. پر ڪرشن جو سچو پيار هڪ راڌا مٿان ئي اوتيل آهي.

انهيءَ پيرايي ۾ احمد سولنگيءَ وٽ راڌا ۽ ڪرشن جي پريم جو تصور هڪ ڏيمي لئه لهجي ۾ سانتيڪي سُر ۾ اچي ٿو:

پڳلي راڌا!
تنهنجي شويا،
سانجهيءَ ويلا،
ڏيئي وتِ جان،
لاٿون لاٿون،
روز ٻري ٿي!
مندر چُپ چُپ،

گهنڊَ ننڍاڪا،
سانجهہ سهيڙي،
پازيبن جي،
سُر جي ورڪا۔
گوپيون ڳائن،
بندرا بن ۾۔
شيام ڪنهيا!
تو لئہ دوها،
خاموشين جا!

هڪ شاعر جو روح لڳاتار ڪنهن نہ ڪنهن اڻ ڏٺل ڳولا ۾ سرگردان رهندو آهي. بدلجندڙ موسمن جو مزاج ٽئگور جي شاعريءَ جيان احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ ۾ مختلف موڊن (Moods) ۾ هڪ موسم دل جي اندر هڪ موسم دل کان ٻاهر جو اُپار پائي ڪنهن رڳ جيان رُباب سان اُلجهندو آهي، ۽ ڪنهن تندُ جيان طلب سان تڙپي، روح اندر راڳ ۽ روح کان ٻاهر سرگم بڻجي، سُرن جي سنگيت سجائيندو آهي. هي دل کان ٻاهر جي موسم جو اهو منظر آهي، جيڪو مها ڪوي ٽئگور، جڏهن سنڌوءَ جي ڪپ تان سون-ورني سانجهيءَ جي لهندڙ سج کي ڏسي چيو هئو: "مون پنهنجي سڄي ڄمار ۾ دنيا جي ڪنهن بہ ڪُنڊ تان شام جو اهڙو منظر نہ ڏٺو آهي." تڏهن ئي هُن اُها ڪوتا رَچي هئي:

تون اهڙي سُندر آهين، جهڙي شام!

مهاڪوي رابندرناٿ ٽئگور جي مهانتا جو بنيادي نڪتو پنهنجي سون-ورني بنگال جي ڌرتيءَ جي اعليٰ قديم قدرن سان قدامت پرستيءَ کان پاسو ڪري، پنهنجي شاعريءَ جون نيون واٽون جوڙڻ رهيو. ڪاليداس جي خوشگوار جمالياتي منظر ڪشي ۽ بنگال جي ويشنو شاعريءَ جي جذبات سان پُر، سنگيت جي موتين سان پنهنجا پلاند پرڻ هئو. هُو هڪ طرف پنهنجي ڌرتيءَ جي ڪوين ۾ سڀ کان وڏيڪ ڌرتيءَ جو ڪوي هئو تہ ٻئي طرف سڀ کان وڏيڪ عالمي سطح جو شاعر هئو جنهن ڪري رابندر سنگيت جي سٽ سٽ ۾ سُر ۽ ساز جي جهنڪار رلِ مِل آهي.

ٽئگور کي نثري نظم جو شاعر سمجهڻ وارن کي شايد اَهو احساس نہ آهي تہ نثري نظم توڙي نئين ڪوتا لکڻ لاءِ پڻ طبيعت جو موزون ۽ روان هئڻ بيحد ضروري آهي.

نثري نظم ۽ نئين ڪوتا جا ڪوي جڏهن اهو دليل پيش ڪندا آهن تہ اسين تجرباتي طور بحر وزن يا ڇندن ۽ ماترائن کي ٽوڙي رهيا آهيون تہ انهن کي اهو ئي چئي سگهجي ٿو تہ "خدارا! پهرئين ڪجهہ جوڙڻ سِکو ۽ پوءِ ئي توهان کي اهو ٽوڙڻ جو حق حاصل ٿئي ٿو." جديد مغربي شاعريءَ جي متوالن کي اهو احساس هئڻ گهرجي تہ ٽئگور جو زندگيءَ طرف نظريو هميشہ قبوليت، شڪرگذاري ۽ قدر شناسيءَ وارو ئي رهيو.

هُو پنهنجي سڄي شاعريءَ ۾ ڪٿي بہ قنوطيت ۽ بيزاريءَ جو شڪار نہ ٿيو آهي ۽ نہ ئي ڪٿي هُن جديد شاعرن جيان شڪايتن ۽ آهُن، داهُن جا دفتر کوليا آهن. ٽئگور جي هڪ طويل نظم جون شروعاتي سٽون آهن:

مُرڪَ ۽ لُڙڪَ،
خوشي ۽ غم جي پينگهہ ۾،
سانوڻ ۽ آرهڙ جي موسمن جيان،
جُهومي رهيا آهن.
۽ مان گيت ڳائي رهيو آهيان،
سڄي عمر گيت ڳائيندو رهندس،
ڇا اهائي تُنهنجي مرضي آهي؟
ڇا اهائي تُنهنجي خوشي آهي؟
ڇا اِن ڪري ئي تو منهنجي ڳچيءَ ۾،
سنگيت سان سجايل سُرهاڻ جا هار وجهي ڇڏيا آهن.

اُهي گيت ۽ نظم، جن جو موضوع محبت آهي، پوپٽ جي پرن جيان رنگ برنگي هوندا آهن. انهن جي رفتار روان دوان آهي ۽ شاعر هڪ مگن ۽ مطمئن راهگير آهي، هُو جلد باز نہ آهي، جو تڪڙيون وکون کڻي منزل ڏانهن ٻوڙندو وتي، پر ان راهگير جي اُنهن وڏايل وِکن پويان اعليٰ مقصد آهي، ڇو جو هُن کي زندگيءَ سان پيار آهي.

مان پنهنجي ان جاچنا جي جواب ۾ ڪنهن دليل يا حيلي حجت پيش ڪرڻ بدران احمد سولنگيءَ جو نظم "مدهوش راتين جي جنت" پيش ڪريان ٿو:

ڪنهن نئين عشق جي آرزوءَ ۾ وري،
زندگيءَ جي مُنڍيءَ ۾ تو پُورو پوان.
ڪوبہ تنهنجو تصور جڏهن ٿو جُڙي،
باک گهري گگن ۾ تي وکري وڃي،
سُرخ، زرتار باريڪ پوشاڪ مان.
تنهنجو چاندي بدن ايئن ٿو ڏيکار جي
جڻ تہ ڪا، جل پري نِڪتي سنڌوءَ منجهان.
تنهنجي چوٽيءَ جي خوشبوءَ ۾ خاموش جڻ،
ڪائي مدهوش راتين جي جنت هئي
تنهنجي شمشاد قد جي مٿان پَرَ هڻن،
هُئي عقابن کي اهڙي نہ ڪا ئي مجال!
تنهنجي ڳِل تي ڳچيءَ تي ترِن جا ٻِڙا.
جڻ خُدا سونهن جا توکي تمغا ڏنا!
تنهنجي اکڙين جون چُڙواڳ چوليون گرمُ،
سرد رُتِ ۾ محبت جو ساحل هُيون!
وقت گذري ويو،
اک ۾ تنهنجو تصور ئي رهجي ويو.
ڪنهن نئين عشق جي آرزوءَ ۾ وري،
زندگيءَ ۾ نئون رنگ پرٽو پيو!

انگريزي شاعريءَ ۾ رومانوي شاعري گذريل ٻن صدين تائين عروج تي رهي، جو ان ۾ هڪ مخصوص (Romantic School of Thought) (رومانوي مڪتبِ فڪر) هن ننڍي کنڊ جي شاعريءَ سميت پوري عالمي شاعريءَ مٿان حاوي رهيو ۽ ان جو اثر اڄ تائين جاري ۽ ساري آهي پر جمالياتي شاعري (Aesthetic Poetry) خالص هن کنڊ (Continent) جي پيداوار آهي.

برصغير جي شاعريءَ ۾ غالب وٽ Imagery تہ عروج تي آهي، پر هن وٽ جمالياتي شاعريءَ جا عنصر ڪٿي بہ واضح نہ آهن. وڏ ۾ وڏ غالب جي هيٺين سٽن جهڙي شاعريءَ مان ڪي جمالياتي نقطا تلاش ڪري سگهجن ٿا:

شرم رسوائی سے جا چھپنا نقابِ خاک میں

ختم ہے الفت کی تجھ پر پردہ داری، ہائے ہائے!

ٻئي طرف هن جي پيشرُو شاعر مير تقي مير وٽ جمالياتي شاعري هڪ اڻ ڇُهتي رنگ روپ ۾ رواني‌ءَ سان درياهہ جي ڇولين جيان ڇُلڪندي نظر اچي ٿي.

وصل میں رنگ اُڑ گیا میرا

ہجر کو کیا مُنہ دکھاؤں گا؟

برصغير جي جديد شاعريءَ جا نمائندہ شاعر هر ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ اوس هوندا. پر منهنجي اڀياس موجب جديد اردو شاعريءَ جو باني ثناءالله ٻٽ (ميراجي). جديد هندي شاعريءَ جو باني 'سوريہ ڪانت نرالا' ۽ سنڌي جديد شاعريءَ جو باني 'هريش واسواڻي' آهن. ميراجيءَ اردوءَ ۾ هندي لهجي واري شاعري تخليق ڪري هڪ نئين ٻڪشن سان گڏوگڏ خيال جي گهرائي پيدا ڪري، نہ رڳو جديد شاعراڻي سوچ کي وسعت ڏني، پر پنهنجي لئہ-پريي لهجي سان اردو ۽ هندي شاعريءَ کي هم آهنگ ڪري ڇڏيو:

جب نیندوں سے جاگیں گے

اور سپنوں کو تیاگیں گے

تب کیسی حالت ہو گی

بِپتا یا راحت ہو گی؟

ميراجيءَ وٽ ادب انساني قدرن جي نت نين منزلن جو ڏَسُ ڏيندو آهي. هُن لاءِ ادب ڪنهن خارجي حقيقت جو عڪس يا اولڙو ناهي، پر ڪنهن اڻڄاڻ جستجو جو پيو نالو آهي. ڊاڪٽر وزير آغا جي چوڻ موجب: "جديد اردو نظم ۾ متاهينءَ کان هيٺاهينءَ ڏانهن وڌڻ جو آغاز ميراجيءَ سان ٿئي ٿو."

میں دندھلی نیند میں لیٹا تھا، سوپردوں سے وہ جاگ اُٹھی

ہلکی ہلکی بستی آئی، اور چھائی میٹھی خوشبو سی،

باریک دوپٹا سر پہ لیئے، اور آنچل کو قابو میں کیئے
چنچل نینوں کو اوٹ دیئے، شرمیلا گھونگھٹ تھامی تھی۔

ميراجي جڏهن دهليءَ ۾ آل انديا ريڊيو تي اسڪرپٽ رائيٽر هئو تہ اسٽوڊيو ۾ نشريات شروع ڪرڻ کان پهرين، اسٽوڊيو جو در اندران بند ڪري پنهنجي جسم جي تاڻيل رڳن کي هٿ سان خارج ڪري رلئڪس ٿي، پوءِ ئي نشريات ڪري سگهندو هئو. ان موضوع تي هِن ہ نظم 'لبِ جوئباری' ۽ "رَس کی انوکھی لہریں" بہ لکيا آهن. جيڪي ڪن نقادن شاهڪار نظم ڪري ميجيا آهن، پر گڏوگڏ "لبِ جوئباری" ميراجيءَ جو بدنام ترين نظم بہ آهي. رڳو اهو نظم ئي نہ بلڪ ميراجيءَ جي سڄي شاعريءَ کي غلاضت جو ڍير سڏي، ترقي پسندن ميراجيءَ کي ادب کان ٻاهر ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي، پر ميراجيءَ جي شاعريءَ ۾ جيئن تہ زندگيءَ جون سچايون موجود هيون، ان ڪري اڄ بہ هن جي شاعريءَ جي اهميت ۽ بلندي جيئن جو تيئن برقرار آهي. شيخ اياز پڻ ميراجيءَ کي جديد اردو شاعريءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر قرار ڏنو آهي. 'لبِ جوئباري' نظم جو آغاز هنن سٽن سان ٿئي ٿو:

ایک ہی پل کیلئے بیٹھ کر ہم اُٹھ بیٹھے،
آنکھ نے صرف یہ دیکھا کہ نستہ بُت ہے،
نہیں بصارت کو نہ تھی تاب کہ وہ دیکھ سکے،
کیسے تلوار چلی، کیسے زمیں کا سینہ،
ایک لمحے کے لئے چشمہ کی مانند بنا،
پردہ چشم نے صرف ایک نستہ بُت کو،
ذہن کے دائرِ خاص میں مرکوز کیا۔"

۽ نظم جو آخري بند آهي:

"جل پری آئی کہاں سے؟ وہ اسی بستر پر

ميراجيءَ سان عمر وفا نہ ڪئي، هن رڳو سٺٽيهہ سال مختصر عمر ماڻي نہ تہ هُو اردو/ هندي ادب کي الائي ڪيترو املهہ سرمايو ڏيئي وڃي ها. پوءِ بہ هُو نثر ۽ نظم جي تيرهن مجموعن جو خالق آهي. ان جي ابتڙ هن جي همعصر نذر محمد

راشد (ن- م- راشد) اسي سالن کان جيتري ڄمار تائين جديد اردو شاعريءَ کي چڱو اڳتي وڌايو پوءِ بہ اردوءَ ۾ جديد شاعريءَ جو باني ميراجيءَ کي ئي مڃيو ويندو. ميراجيءَ جي جمالياتي شاعريءَ جو تجزيو ڪندي ن- م راشد هن مٿان فحاشيءَ جي الزام کي رد ڪندي لکي ٿو:

"ميراجيءَ جو مقصد ڪڏهن بہ شهوتي جذبن کي اُڀارڻ نہ هئو هن مٿان اهو الزام مڙهڻ تہ هُو بيمار ذهن رکندڙ هئو جنهن مٿان سدائين جنسيات سوار هئي ۽ هُو فحاشيءَ جو پرچارڪ هئو بنهہ شرارت آميز سوچ آهي. حقيقت اها آهي تہ ميراجيءَ کي اهو يقين آهي تہ اسان جي دؤر جي انسان جي اخلاقي شڪست ۽ پستيءَ جو اصل ڪارڻ رازداري آهي. جنهن جي پردي ۾ جنس جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي ۽ جنس جي باري ۾ اهي نيم اخلاقي ۽ اياڻپ وارا عقيدا آهن. ميراجيءَ جي شاعري ان ڪري ئي ڄڻ انسان کي غلاضت ۽ شيطاني توڙي شهوتي عمل کان نجات ڏيارڻ جي ڪوشش آهي. جيڪا هن جي تحت الشعور جي چوڏاري صدين کان گڏ ٿي چڪي آهي. ميراجيءَ جي شاعري ان نام نهاد اخلاقي تصور خلاف احتجاج جي صدا آهي. جنهن انسان جي روح کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي."

خود ميراجيءَ پنهنجي جنسيات جي تصور جي وضاحت ڪندي چيو آهي:

"ڪيترا شخص ايئن سمجهي رهيا آهن تہ زندگيءَ جو رڳو جنسي پهلو منهنجي توجهہ جو مرڪز آهي. پر اهو خيال صحيح ناهي. جنسي فعل ۽ ان جي تعلق کي مان قدرت جي وڏي نعمت ۽ زندگيءَ جي سڀ کان وڏي راحت ۽ برڪت ڪري سمجهان ٿو. جنس جي چوڌاري جيڪا آلودگي تهذيب ۽ تمدن گڏ ڪري رکي آهي، اها مون کي بيهوده لڳندي آهي. ان ڪري ردعمل طور مان دنيا جي هر ڳالهہ کي جنس جي ان تصور جي آئيني ۾ ڏسان ٿو جيڪو فطرت جي بنهہ مطابق آهي ۽ منهنجو آدرش آهي."

ان ئي آدرش هيٺ ميراجيءَ جو عشق بينگالي دوشيزه ميراسين تائين ئي محدود رهيو. ان جي ابتڙ احمد سولنگيءَ جي عشق جو تصور بسيارگوئيءَ تي بيٺل آهي:

مون تہ سوچيو ڪين ھو مُنھنجي مني،
پنھنجي جوڀن جو تون بخشيندينءَ بھارُ!
رات جو جگنوءَ جيان ۽ ڏينھن جو
پوپٽن ۾ تون ڪنديندءَ پنھنجو شمارُ!
رات ساري مُنھنجي سيني تي سُتينءَ،
ڪونجَ جھڙي تون ڳچيءَ سان ڳھرجي!
خوابَ جھڙي ڪنھن جزيري ۾ پُڄي،
ننڊ – ياڪر ۾ وئينءَ تون ويڙھجي!
سانوڻيءَ جو چاڙھہ مستي مُند جي،
جسمَ تنھنجي ۾ نديءَ جھڙو اُڀار،
تون بلن جي سون ٺڪريءَ تان سَڪي!
پنھنجي چاتيءَ جي چڪورين کي اُڏار.
نغمگي پازيبَ تنھنجي جي ٻُري،
روح جي تاريڪ تہخاني مٿان،
تنھنجي پنبڻين جا ڇپرَ ڪارا ڪڪرَ،
رات چانيل جڻ تہ مئخاني مٿان
مون تہ سوچيو ڪين ھو منھنجي مِني!
پاڻُ اربي، پاڻ لاھيندينءَ لباسُ،
ڏينھن جو سوچي، رتوليءَ رات تي،
تون اڪيلائيءَ ۾ تي ويندينءَ اداسُ!

ميراجيءَ وٽ محبوبا جو 'پاڻُ اربي لباسُ لاھڻ' وارو تصور نہ ھئو ۽ نہ ئي ننڊ ياڪر ۾ ويڙھجي وڃڻ جو ڪو تخيل ھئو. ميراجيءَ رڳو ھڪ پيرو ھمٿ ٻڌي لاھور ۾ ڪاليج جي احاطي ٻاھران ميراسين کي بيھاري پنھنجي عشق جو اظھار ڪيو تہ ميراسين بنا ھڪ اکر ڳالھائڻ جي چپ چاپ ھُن کي ٻُڌندي رھي. جڏھن ميراجيءَ پنھنجي سڄي دل ھن اڳيان پيش رکي تہ ميراسين ھن کان رڳو ايترو پُڇيو: "توھان پنھنجي ڳالھہ پوري ڪئي؟ ھاڻي مان وڃان؟" ميراجيءَ جي وات مان رڳو ھڪ اکر اُڪليو "ھا". ۽ ميراسين ھن کي 'خدا حافظ' چئي ھلي وئي ۽ ڪجھہ ڏينھن اندر لاھور ئي ڇڏي وئي.

ان ملاقات کان پوءِ ثناءالله بٽ پنهنجو ادبي نالو 'ميراجي' رکيو ۽ 'ميرا' جي ياد ۾ پنهنجا ڪيترا نظم هن سکر ۾ سنڌوءَ جي ڪناري تي ويهي تخليق ڪيا، جتي هن جو والد ريلوائي ملازم هُئو.

اڄ جو دؤر رياض خير آبادي واري شاعريءَ جو دؤر ناهي، جنهن جي هر مصرع شراب، ساقي ۽ جام و مينا ۾ ٻُڏل هجي ۽ هر سٽ ان ئي محور تي ڦرندي رهي:

'طاقِ حرم سے شیخ وہ بوتل اُٹھا تولا۔'

حالانڪ رياض خير آباديءَ سڄي زندگيءَ ۾ ڪڏهن شراب چکي به نہ ڏٺو هئو. اهڙي غير مشاهدي واري شاعري گهڻو عرصو جٽادار نٿي رهي.

اڌ صدي گذرڻ کان پوءِ بہ اڄ جو دؤر ميراجي ۽ ن-م راشد جي جديد شاعراڻي سوچ، رخ ۽ رويي سان جاري و ساري آهي.

عالمي سطح تي اڄ جو دؤر فرانسي شاعر Lautreamount لاتريمائونٽ جي 'Songs of Maldoror' (مالڊورار جا گيت) واري شاعريءَ جو دؤر آهي، جن ۾ گيتن جو هڪ پيغمبراڻو شان ۽ جلوو نظر اچي رهيو آهي. مالڊورار جي گيت جي هڪ سٽ آهي:

They knew not that the evil done by man was not to be undone.

(کين اُها ڄاڻ نہ هئي تہ هڪ شخص جي شيطاني عمل کي باطل نٿو ڪري سگهجي.)

اڄ جو دؤر Sylvia Plath (سئلويا پلاٿ) جو دؤر آهي هي سٽون:

"اجا ڪيترو فاصلو آهي؟
مان پنهنجي جسم کي گهلي رهي آهيان.
ريل پنهنجو پاڻ کي."

اڄ جو دؤر وليم بليڪ William Black ۽ T.S. Eliot جي سلسلي جي Extension (پکيڙ) جو دؤر آهي. سوئيز جي هُن طرف محمود درويش جو دؤر آهي. ترڪيءَ جي ناظم حڪمت جو قيد و بند آهي. اهڙي شاعري اڃا بہ ان وکر جيان آهي جيڪا پئي پُراڻي نہ ٿي آهي

T. S. Eliot جي 'West land' جي هڪ سٽ آهي:

They, who turn —Return.

(جي مُڙن ٿا۔ موٽن ٿا)

انساني رشتن ناتن ۽ دائمي قدرن واري شاعري ڪنهن هڪ دؤر ۾ مُڙندي آهي ته ايندڙ دؤر ۾ موٽي ايندي آهي ۽ Hollow man نئين سوچ سان ٻيهر 'Man of Substance' (مردِ ڪامل) ٿي واپس ورندو آهي.

برصغير جي سطح تي سرحد جي هڪ پار ناصر ڪاظمي ۽ مُصطفيٰ زيدي ٻئي پار دشينت ڪمار ۽ ڪملا داس جي شاعريءَ جو دؤر آهي. جن وٽ شاعريءَ داخليت کان خارجيت طرف سفر ڪيو آهي. اڄ جي نسل جي شاعرن کي سمجهه ۾ اچي ويو آهي ته:

Greater the poet - greater is the detachment.

(هڪ شاعر جي عظمت هُن جي ناوابستگيءَ ۾ آهي.)

اڄ جي شاعر جي سوچ فيض جي هن مصرع جو عڪس آهي.

چھوڑیے یوسف گم گشتہ کی کیا بات کریں،
شدتِ شوقِ زلیخا نہ تجھے ہے، نہ مجھے!

شعر ۾ ڪو نُقطو پيدا ڪرڻ ڪا وڏي شاعري ناهي، پر لاشعوري طور ڪنهن جي شاعريءَ ۾ ڪي نوان نُقطا نڪري نِروار ٿين ته اُها شاعر جي ذهني تربيت يا هُن جو مخصوص مشاهدو آهي. هنديءَ جي شاعر دشينت ڪمار جي غزل جو هڪ بند آهي:

تو کوئی ریل سی گذرتی ہے،
میں کوئی پُل سا تھرتھراتا ہوں!

هي بند هڪ نئين خيال ۽ نئين مشاهدي جو مثال آهي. اهڙي ئي جديد سوچ ۽ مشاهدو احمد سولنگيءَ وٽ هنن سٽن ۾ شعريت جي شڪل وٺي بيٺو آهي:

تنهنجي تَنَ کان تنهنجي من تائين رڳو
مان نرم ڪي روحَ جا رستا گُهران ٿو
تنهنجي اکڙين سان ڏسڻ سپنا گُهران ٿو!

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جي هن پهرئين مجموعي جي مسودي جو ورود ڪندي مون کي مليالم ٻوليءَ جي اهم اديبہ ۽ شاعره ڪملا داس جي شاعري ذهن تي تري آئي آهي. ڪملا داس جي مشهور ۽ متضاد آتم ڪٿا My Story (منهنجي ڪهاڻي) هن جي زندگيءَ جو رنگين پر هڪ ڏک ڀريو داستان آهي. مان نٿو ڀانيان تہ برصغير جي ادب ۾ ڪنهن اديبا ايتري بيباڪيءَ سان پنهنجي زندگيءَ جي واقعن، وارداتن، آزمودن ۽ تجربن جو بيان ڪيو هوندو. سٺ سالن جي عمر ۾ اچي هن ماڌو ڪٽيءَ نالي برهمڻيءَ الائي ڪهڙيءَ مصلحت هيٺ اسلام قبول ڪري پنهنجو نالو ڪملا ثريا داس رکيو ۽ پرده نشين ٿي ويئي. ان حوالي ۾ هن جي هڪ نظم جون سٽون آهن:

The beginning of Autumn
She floats in her autumn
Yellow like a leaf
And free-

(پن ڇڻ جي شروع ٿيڻ سان ئي هوءَ پنهنجي ئي پن ڇڻ واري زندگيءَ ۾ پيلي پَنَ جيان هيڏانهن هوڏانهن اُڏامڻ تي لڳي- پر آزاديءَ سان!)

آسٽريليائي اديب Syd Harrex ڪملا ثريا داس جو تعارف ڪرائيندي لکيو آهي:

"ڪملا داس جي شاعري ان ماڊرن هندستاني عورت جو الميو بيان ڪري ٿي، جيڪا پنهنجو پاڻ کي آزاد ڪرڻ جنسي ۽ گهريلو استحصال کان پاڻ کي بچائڻ ۽ ان قيد کان پاڻ کي نجات ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي، جنهن کي معاشري هن جي نصيب جو حصو بڻايو آهي."

انهيءَ پس منظر ۾ ڪملا ثريا داس جو هي نظم:

From the debris of House — wrecks,
Pick up my broken face
Your bride's face
Changed a little with the years.
I Shall not remember
The betrayed Honeymoon;

We are both such cynics,

You and I.

If loving me was hard then

It is harder now.

But love me- one day.

(ڊهي پٽ پيل گهر جي ملبي جي ڍير مان،
منهنجو ٽُٽل چهرو ڪٽي وٺ!
تنهنجي ونيءَ جو چهرو،
سالن گذرڻ سان ڪجهه بدلجي ويو آهي.
مان دغابازيءَ واري سُهاڳ رات کي،
وساري ڇڏيندي.
بيئي اهڙا پورالا آهيون،
تون ۽ مان،
جوان وقت اگر پيار ڏکيو هئو
تہ هاڻي مشڪل تر آهي،
پر هڪ ڏينهن مون کي پيار اوس ڪر.

-ترجمو: ل. ڪ)

ڪملا ثريا داس جو چوڻ آهي تہ: "اسان جو حال ايترو دلچسپ نہ هوندو آهي، جيترو اسان جو ماضي هوندو آهي. مان پنهنجي ماضيءَ جي بنديوان ٽيڻ نٿي چاهيان، پر مان ڇا ڪريان؟ جو مان پنهنجو ماضي وڪڻڻ لڳي آهيان، ان کي ماڻهن ۾ ورهائڻ لڳي آهيان. جنهن کي بہ رات جي مانيءَ تي سڏايان ٿي تہ مان هُن کي چوان ٿي تہ هُو تورو گهڻو منهنجي ماضيءَ جي طعام جو بہ سواد چکي. هُو منهنجي ماضيءَ کي پاڻيءَ جيان پيئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ايئن بہ ٿئي تہ ماڻهو منهنجي ماضيءَ کي شراب وانگر جام مٿان جام جيان رات گذرڻ تائين پيئندا رهن. منهنجي ماضيءَ جون سڀ ذاتي دار هڏيون چوسي ڇڏين، ڇپاڙي ڇڏين ۽ مان ماضيءَ جي طاقت کان پاڻ کي خالي سمجهي، هڪ ڪمزور ۽ نڌال جيان هڪ پاسي ڪنڊ ڏاري ڇڏيان."

ڪملا داس جو شاعريءَ طرف هيءُ رُخ مون کي متاثر ڪندڙ حد تائين احمد سولنگيءَ جي سوچ سان لاڳاپيل لڳو آهي. جو احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ ۾ پڻ رهڻو ڪنهن تصوراتي زندگيءَ جو نفعي نقصان وارو عالم نه پر هڪ ڄاتل سڃاتل ۽ گهاريل زندگيءَ جا الميا آهن. اندر ۾ اڻنڌڙ هڪ ويڙهه آهي، جيڪا اسان کي گهوٽي به ٿي ته گڏوگڏ اسان جا گهاوَ به ڀري ٿي ۽ پيار ۽ پيڙا کي رل مِل ڪري، اسان کي هر موڙ تي زندگيءَ سان جوڙي پڻ ٿي. شاعري پنهنجيءَ پَر ۾ ئي شاعر جي وجود جو هڪ اهم حصو آهي، پنهنجن زخمن مٿان پاڻ ڦها رکڻ وارو عمل آهي، جنهن ۾ پيڙا به آهي، پڇتاءُ به آهي ته هيانءُ هلڪو ڪرڻ جو سرو سامان پڻ آهي:

پَنَ پيلا پيا ڇڻي،
۽ اُداسي وئي هلي،
ميڻَ جان پگھري وئي،
شهر پٿر جي ڳلي!

سانجهه سُرمئيءَ سان ويو،
درد جو گهرو غبارُ
تو اُجاريا آئينا،
چانڊني ٿي بيڪنارُ.

ٿيا منور ميرڙا،
ڪي گهروندا روحَ جا،
منهنجي من جي ماٽڪين،
خواب ڇهرن جا ڏنا!

سِپَ ساحل جي مٿان،
سمنڊَ ڪي سوگهو ڪيو

ريت جي ذرڙن منجهان:
چنڊ ڪو جاڳي پيو!

احمد سولنگيءَ جو هي نظم منهنجي مٿيئن تشريح جي نمائندگي ڪندي، من جي انهن ڳُنڍن کي اُجاگر ڪري ٿو جن ۾ 'پيار ۽ پيڙا' زندگيءَ جي هر موڙ تي هڪ ٻئي سان جُڙيل آهن. پيلا پَنَ ڇَڻي پوڻ سان اُداسي ختم ٿي وڃي ٿي سانجهه سُرمئيءَ سان دل جو گهرو غُبار غائب ٿي ٿو وڃي نه ته اڄ جي هن انڌي يُگَ ۾ اسان جي اکين ۾ ايتري ته ڌوڙ پَرجي چڪي آهي جو اسان کي احساس ٿي رهيو آهي ته ڄڻ صبح اڃا جاڳيو ئي ناهي.

پر احمد سولنگيءَ جي شاعراڻي سوچ ۾ مَن جي ماڻڪين ڇهڻ جا خواب ڏسي ريت جي ذرڙن مٿان چنڊ کي جاڳايو آهي. هتي ريت جا ذرڙا اسان جي اڄ جي زندگيءَ جي علامت بڻجي آيا آهن ۽ چنڊ جي چانڊوڪي، ان حقيقت جي علامت آهي ته اسان جن واٽن تي وڪ وڌائي رهيا آهيون، انهن واٽن مان وشواس وڃايو ناهي، سڀُن آهو جا جي هن سِٽَ جيان:

مهلقائن کي خدارا ڳالهه هيءَ سمجهائي ڇڏ
چنڊ ڪنهن جو ٻي هجي پر چانڊني سڀ جي هجي!

احمد سولنگيءَ پڻ جاڳيل چنڊ وقت اها ئي تمنا ڪئي آهي:

ٿيا منور ميرڙا،
ڪي گهروندا روحَ جا.

شاعريءَ ۾ ڪردارنگاري هڪ روايتي پر قبوليت جوڳو موضوع پئي رهيو آهي پر ڪڏهن ڪنهن ڪوتا يا نظم ۾ اُڀاريل ڪردار Legendry ڪردار بڻجي لازوال ٿي ويندا آهن. جيئن انگريزي شاعريءَ ۾ 'قبلائي خان' جو ڪردار عالمي شاعريءَ جو هڪ جاودان ڪردار بڻجي چڪو آهي ۽ John Keats جو 'Ruth' جو ڪردار هڪ حسين دوشيزه جي عشق جي الميي جو حد نشان بڻجي چڪو آهي.

احمد سولنگيءَ جو شهنائي نواز 'بسم الله خان' نالي نظم سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ مخصوص مقام والاري سگهندو جو احمد سولنگيءَ جي هن نظم هڪ عظيم فنڪار کي پنهنجي شاعريءَ ذريعي امرتا بخشي ڇڏي آهي مان هتي اهو سڄو ئي نظم درج ڪرڻ کان پنهنجي قلم کي روڪي نٿو سگهان:

فنڪار جي دل،
درد جا جيڪي ٻُرائي ٻول ٿي،
سي، ڪهڙي ٻڙ ۾ ٿا ٿُرن؟
ڪا ساهمي شرناءِ جي آوازَ کي،
توري نہ ٿي ڪڍهين سگهي،
شرناءِ ٿي ڇاتي ڇني!
فنڪار جي اک ٿي وَسي،
هر وقت اوهيڙا ڪري
جڻ ڦوڪ هڪڙيءَ ساڻ بسم الله جي،
سُرهي چنبيليءَ ول ٿي
سُر، سازَ ۾ آواز جي ٽِڙيو پوي،
۽ روح کي ويڙهيو وڃي!
جڻ ٻن ڇپن، ڦُوڪيل مٽن ۾ آڱرين،
دنيا نئين تخليق ڪئي!
ڌرتي نئين، آڪاس نئون،
گنگا نئين،
ٻاڪون بنارس جون نيون،
سورج مُکين لئہ سِجُ نئون،
اوڙون نيون ۾ ٻجُ نئون،
ڪا چيٽ جي ڦُولارَ نئين،
ويساکَ جون ويرون نيون،
هڪڙي بنارس جي اندر
هڪ ٻئي بنارس جو هجڻ،
ايئن ٿو لڳي:
فنڪار جڻ جوڙون نيون،
جنسارَ جون جوڙيون هجن!

شهنائي نواز 'بسم الله خان' بنارس ۾ روز پرياڳ جو گنگا نديءَ جي گهاٽ تي شهنائيءَ جي آلاپ ۽ سُرن سان سرسوتي وندنا ڪندو هئو ۽ ان وقت ڪاشيءَ (بنارس) جي دشميشور گهاٽ تي چڙهه سرڳ جو ڏيک محسوس ٿيندو هئو. خان صاحب جڏهن آمريڪا جي دوري تي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ ويو ته سندس اتان جي شائقين خان صاحب کي چيو: "آمريڪا ۾ توهان کي شهريت جا سڀ حق ڏيئي، توهان کي آبرودار رُتبو ڏيئي، مالي آسودگي ڏيئي توهان کي هميشه لاءِ هتي رهي پوڻ جي آڇ ٿا ڪريون. توهان مهرباني ڪري اها آڇ قبول ڪريو" ته بسم الله خان کين مرڪي جواب ڏنو: "پر هتي مون کي گنگا (ندي) ڪٿان ملنديءَ؟"

ازرا پائونڊ جي 'ڪئنٽوز' جيڪا قطعن جهڙي شاعراڻي صنف آهي، انهن ۾ به ڪردار نگاريءَ جا عنصر اڄ به نه رڳو ظاهر ظهور آهن. پر قبوليت جوڳا پڻ. 'Sales Girl' جهڙو ڪردار ازرا پائونڊ چئن سٽن ۾ ايئن نباهيو آهي، جو هوءَ همدرديءَ جي هڪ نئين ڳنڍ اُجاگر ڪري ٿي ڇڏي.

ننڍي ڪنڊ جي ادب ۾ ڪردار نگاري توڻي ڪردار ڪُشي اڄ به اهميت پري اوس آهي، پر اها ڪهاڻي يا ناول جي موضوع تائين محدود رهجي ويئي آهي. هندستاني ادب ۾ هندي، گجراتي ۽ بينگالي شاعري هاڻي جديديت (Modernism) کان گهڻو اڳتي نڪري جديديت پڄاڻان (Post Modernism) جون سرحدون پڻ پار ڪري چڪي آهي. جيتوڻيڪ مذڪور ٻنهي ٻولين ۾ اها شاعري پنهنجي اصليت (genuineness) سان آئي آهي، پر سنڌيءَ ۾، خاص طور سنڌ هند جي ڪن نوخيز (immature) شاعرن وٽ اها فئشن پرستيءَ طور اچي پهتي آهي.

احمد سولنگي ورهاڱي کان پوءِ پيدا ٿيل شاعريءَ جي چوٿين پيڙهيءَ جو شاعر آهي، جنهن شاعريءَ جي ان اصول کي قبول نه ڪيو آهي ته "شاعر جيڪڏهن سماج جي اک آهي ته اُهو سماج جي فائدي وٽان ئي آهي ته اها اک ڪليل رهي." احمد سولنگيءَ جي سوچ موجب، هُن جي شاعراڻي جوابداري رڳو سماجي سياهه ڪارين تائين ئي محدود نه آهي. هن جي وابستگي اندر جي اک سان اول آهي. احمد سولنگيءَ وٽ رڳو سماج جي ليڙون ليڙون ٿيل لٽن ۾ پنهنجي روح جو درد لڪائڻ جي دعوي ڪندڙ شاعري نه آهي، پر هن جي شاعريءَ ۾

جيڪو اندر جو اَهاءُ لڪل آهي، ان کي کھڙو بہ نالو ڏيئي سگھجي ٿو. سوچ جي ڪسوٽيءَ تي اهائي ڪري (Genuine) شاعريءَ جو رتبو ماڻيندي:

ڪتين سان، چنڊَ سان تارا، پيا آڪاسَ ۾ جاڳن،
سياجهڙا، نيڻ احمد جا، ڪتي آرام ڳولن ٿا!

يا

تون بہ تنها زندگيءَ جو سمنڊُ جهاڳين تي پئي،
ڇڻ اڪيلائيءَ جا اُڌما حال ٿا اوري وڃن،
شامَ جي خوشبو لفافي ۾ اڃا موجود آهِہ
لڙڪ هاڻا تنهنجي خط جا لفظ ٿا جهوري وڃن!

احمد سولنگيءَ جون هي سٽون قديم کان قديم ۽ جديد کان جديد شاعريءَ تائين هڪ شاعر جي اندر جي احساسن جي اهڙي ترجماني ڪري سگھنديون، جو انهن سٽن جي خالق کي ڪنهن بہ مخصوص دؤر سان وابستہ يا ان ۾ پابند نہ ڪري سگھبو. ايئن جيئن اڌ صدي اڳ جون لکيل اختر شيرانيءَ جون هي سٽون:

مِٹ گئے میری امیدوں کی طرح لفظ مگر،
آج تک تیرے خطوں سے تیری خوشبو نہ گئی۔

جيئن زندگيءَ ۾ پيار ڪٿهن پُراڻو نہ ٿيندو آهي تيئن شاعريءَ ۾ پڻ عشق جو جذبو جاودان ۽ جاذب ٿي رهندو آيو آهي. احمد سولنگي بنيادي طور رومانوي شاعر آهي، ان ڪري هُن جي شاعريءَ کي ڪنهن تحريڪي يا تاثراتي خانن ۾ بند نٿو ڪري سگھجي، خاص ڪري جڏهن هُن جي شاعريءَ ۾ اظهار جي اعليٰ قوت، لفظن جون صحيح معنائون ۽ مفهوم ۽ سِٽن جي روح سان راس رچائڻ واري رواني لهرن جي مڌُر پڙلاءَ جو رس ڏئي ٿي. احمد سولنگيءَ پنهنجن اڪثر نظمن ۾ شبد پنڊار (Poetic Vocabulary) کي نہ رڳو وسعت ڏني آهي پر خيال ۽ ٻوليءَ جي رنگ رس جا نوان فن ۽ فارم بہ تخليق ڪيا آهن. هن جي شاعريءَ جي سٽ سٽ پنهنجو پاڻ ۾ ئي هڪ مڪمل شاعري آهي.

ڏينڌَ سُفيد پکين سان ڇانيل،
ڪنهن شاعر جو خوابُ اٿيئي

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو اپياس ڪندي مون کي اهو احساس ٿي رهيو آهي تہ سوَ سالن بعد بہ عظيم شاعرن جي سلسلي جون اُهي ڪڙيون، جيڪي ماضيءَ کيِ حال سان مضبوطيءَ سان جوڙي بيٺيون آهن. انهن مثان ڪٽهن ڪا ڪَٽ نہ چڙهي سگهندي آهي. روس جي عظيم شاعر ماياڪو وسڪيءَ جي هيءَ ڪوتا:

جڏهن انڊلٺ،
ڪمان جي شڪل ۾
آسمان تي وراڪا ڏئي ٿي،
۽ نيرو آسمان،
ڪنهن بہ ڳنڍيا ڇتيءَ کان سواءِ،
چمڪڻ ٿو لڳي،
مون کي ٻڌاءِ!
ان وقت تنهنجين پاسرين ۾
ڪا مٺي ڪتڪتائي نٿي ٿئي؟
تون ان وقت ايئن نہ چاهيندو آهين،
تہ تنهنجيءَ قميص اندر لڪل ڇاتي،
ڪپڙن جو بوجھو لاهي ڦٽي ڪري ڇڏي،
۽ ان بدران توکي کنڀ نڪري اچن،
جيئن تون آڪاس ۾ اڏامڻ لڳين.

(ترجمو: ل ڪ)

ڪنهن خاص سياسي مصلحت هيٺ ولاديمير ماياڪو وسڪيءَ کي رڳو انقلابي شاعر ڪري پيش ڪيو ويو هئو نہ تہ هُو بنيادي طور هڪ رومانوي شاعر هئو. هن جي انقلاب جو تصور بہ 'Romantic Revolution' (رومانوي انقلاب) هئو. پيلو نرودا جي چوڻ موجب، ماياڪو وسڪيءَ جي شاعرائي قوت، شگفتگي ۽ صلاحيت شاعريءَ جيِ فن جا عاليشان اڻ ڇُتل ۽ مثالي نمونا آهن.

ماياڪو وسڪيءَ جو طويل نظم "IT" (هن لفظ جو سنڌي ترجمو نٿو ٿي سگهي) هن جي 'ماريا' سان ڪيل پيار جي دردناڪ پڇاڙيءَ جي نتيجي طور تخليق ٿيو.

نظم 'IT' هڪ آتم ڪٿا آهي. پنهنجيءَ محبوبا سان اتفاق ڪندي ته هُو سائنس ڪجهه عرصي لاءِ نه گڏجندو مايا ڪووسڪيءَ ڏيڍ مهيني لاءِ پاڻ کي هڪ ڪمري اندر بند ڪري ڇڏيو ۽ نظم جي تخليق ۾ محو ٿي ويو. ان نظم ۾ ٿي هن پنهنجي ذاتي زندگيءَ جا دک سور سمايا آهن. نظم مڪمل ڪري هُو ان خودساخته قيد کان ٻاهر نڪتو.

شاعريءَ جو اهُو هڪ اڻ وسرندڙ الميو آهي. جو ڪجهه سال پوءِ انهيءَ ئي ڪمري ۾ شاهڪار نظم لکڻ واري انهيءَ ئي ميز جي دراز مان پستول ڪڍي مايا ڪووسڪيءَ پاڻ کي گولي هڻي پنهنجي زندگيءَ جو انت آندو. آپگهات کان اڳ پنهنجي موڪلاڻيءَ واري خط ۾ هن لکيو:

"مون زندگيءَ سان حساب چڪتو ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي ڪي به ڏک سور گناهه ثواب, پيڙائون ۽ پشيمانيون باقي نه رهيون آهن."

احمد سولنگيءَ وٽ پيار ۾ پشيمانيءَ وارو پهلو ناهي. هن جي شاعري محبت جي مقدس ۽ نازڪ نفيس جذبن جو انوکو ۽ اڻ ڇُهتو اظهار آهي. ان جي ابتڙ هندو پاڪ, ننڍي کنڊ ۾ جيڪا جديد توڙي جديديت پُڄاڻان شاعري تخليق ٿي رهي آهي. ان جو هڪ نمونو ڪنڊ ٻوليءَ جي, احمد سولنگيءَ جي هڪ همعصر شاعره پالا پارتي اندرانيءَ جي هيءَ ڪوتا آهي:

The Birth of Poetry

Words run here and there

Meanings look in different directions

Thoughts sway back and forth

Finally from the void -flowers fall down.

'شاعريءَ جو جنم'

"لفظ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙن ٿا,
معنائون مختلف ڏسائن ڏانهن ڏسن ٿيون,
خيال اڳيان پويان لُڏندا لمندا رهن ٿا,
۽ نيٺ ڪنهن خال مان, گل ڇڻي ڪرندا رهن ٿا."
(ترجمو: ل. ڪ)

اندراڻي جي هڪ پي ڪوتا:

"We shall wear garlands
And dance, as if possessed -
Here in Hawaii - you and I.

Hold fast my hand
Grasp my waist
Hug me closer to your body
Don't look into my eyes
Even by mistake

Don't leap into stretches
of blue seas.

You will go mad and remain
Wandering in Hawaii
Muttering my name."

"اسين هار پائيندا سين،
۽ ايئن نچندا سين جڻ ٻنهي مٿان ڪنهن پريت جو پاڇو پيو آهي.
هتي، 'هوائي'[1] ۾ تون ۽ مان،
زور سان منهنجو هٿ جهل،
منهنجيءَ چيلهه کي وڪوڙي چڏ،
مون کي پنهنجي جسم سان چُهٽي ڇڏ،
منهنجين اکين ۾ نـ نهار
ڪڏهن ڀلجي بہ

[1] پئسفڪ سمنڊ تي آمريڪا جو ٻيٽ _ Hawaii

نيري سمنڊ جي ساحل تي،
تُنهنجي نه پئجان،
تون هوش وڃائي ويهندين!
۽ 'هوائي' تي پٽڪندو رهندين.
۽ منهنجوئي نالو پٽڪندو رهندين."
(ترجمو: ل. ڪ)

آمريڪا جي ڏاڪٽي بيٽ 'هوائي' جتي سڄي دنيا جا سياح هن رومانٽڪ ماحول جو مزو ماڻن لاءِ ساموندي ترن تي دنيا کان بي نياز تي نيم عريانيءَ واريءَ حالت ۾ هوش وڃائي ويهندا آهن، اتي اهڙي ئي لڳ لاڳاپا لاٽل شاعريءَ جا عڪس اکرن جي صورت ونندا آهن.

احمد سولنگيءَ جو نظم 'بي ترتيب زندگيءَ جو الميو' ۾ پڻ اهڙو ئي منظر چٽيل آهي:

ڪا شام وڃائي رستن ۾،
جنهن وقت اوير و موتيس مان.
تو چو نه سُمهاريو سپنن ۾،
۽ دل جي رنگ رتولن ۾.

تو چو نه ٻهاريو ٻوٽن مان،
جنهن وقت چٽيس مان پَنُ پَنُ تي،
جنهن وقت ڪِرُيس مان تاري جان،
تو چو نه نهاريو پيار منجهان؟

جنهن وقت اکين کي ڏُوڙ لَتيو
تو چو نه چنڊي سپ خواب ڪنيا،
تو پاند سان پنهنجي چو نه اگهيو
هر سپنو منهنجي اکڙين جو؟

تو دردُ نہ ڪو محسوس ڪيو
ڪنهن وقت نہ تنهنجا نيڻ پنا،
ڪنهن سُور – سڳي ۾ مون لئہ تو
ڪو لُڙڪ نہ موتيءَ جان پويو!

ڪو چهرو واقفڪار نہ هو
تي پاڇن پويان ٻوڙيس مان،
ڪو آوازن جو جهنگُ هئو
تو ڪونہ پُڪاريو ٿي پنهنجو!

هر سِٽ ۾ ڏُک جو ڏيکُ هئو
تو لفظ پڙهيا احساس بنا،
هن بي ترتيب جوانيءَ جو
تو چونہ پڙهيو دل سان ڇِنو!

هي پيار چڪورن جهڙو هو!
هئي پنهنجي پَر ۾ اُڏرياسِين،
جنهن وقت هوا سان چنڊُ گَنو
تنهن وقت نہ اُن تي ڪو بہ لٿو!

گذريل صديءَ جي سٺ واري ڏهاڪي ۾ ادب ۾ 'عالمي امن جي تحريڪ' جو سلسلو شروع ڪيو ويو جنهن ۾سماجوادي ملڪن خاص طور پرپور ڀاڱ ورتو. ترقي پسند اديبن ۽ شاعرن 'امن کپي۔ امن کپي' جهڙي موضوع تي ڪهاڻيون مضمون ۽ شاعريءَ جي رچنا ڪئي. خود پڪاسو جهڙن عظيم فنڪارن امن جو پيغام پهچائڻ لاءِ پنهنجو فن ڪئنواس جي پنن تي پکيڙيو.

انهن ڏينهن ۾ پڪاسو مختلف موڊس ۾ پارڪهرن ۽ ٻين پکين جون ڪيئي تصويرون ڪڍندو رهيو پر هن کي پنهنجي ڪابہ تصوير پسند نٿي آئي ۽ هُو انهن تصويرن کي هڪ ڪُنڊ ۾ اڇلائيندو رهيو.

هڪ صبح جو هسپانوي شاعر لوئي آراگان، جنهن جي شاعريءَ جو مجموعو 'Love songs to Elsa' (ايلسا کي مخاطب پيار جا گيت) چڱو مقبول ٿي چڪو هئو، پڪاسو وٽ وڃي عرض ڪيو ته پارٽي چاهي ٿي ته تون 'امن جي پکي' جي تصوير تيار ڪري ڏين. پڪاسو پارٽيءَ جي اهڙي حڪم نامي تي ڪاوڙجي ويو. آراگان هن کي التجا ڪندو رهيو ته پارٽيءَ جي عزت جو سوال آهي، جو اها اڳ ۾ ئي اهڙو اعلان ڪري چڪي آهي. پڪاسو ڪجهه نرم ٿي اچلايل تصويرن جي ڍير مان هڪ رد ڪيل تصوير آراگان کي ڏيندي پڇيو:

"هيءَ تصوير ڪم ايندي؟" لوئي آرگان پاريهر جي تصوير پڪاسو جي هٿ مان کسي وٺي ڊُڪ پاتي ۽ اچي پنهنجي رسالي ۾ شايع ڪئي. ايئن 'امن جو اڇو پاريهر' سڄيءَ دنيا مٿان اُڏامڻ لڳو.

اُها اڄ کان اٽ ڏهاڪا اڳ جي واردات آهي ۽ ايتري عرصي کان پوءِ اڄ 'خدا جا خليفا' جهڙي اعليٰ تخليق اسان جي سنڌي شاعريءَ ۾ ٿي آهي جنهن پڪاسو جهڙي عظيم فنڪار جي ياد کي نئين سر تازو توانو ڪيو آهي:

ونيُ ٿا سگهون سڀ،
وڻن ۾ پناهون،
وڻن تي نِگاهون رکِي ٿا سگهون پر،
وڻن سان مُخاطب رهيو ڪيرُ آهي؟
ڪڏهن ڪنهن پڙهيو آ،
وڻن ۾ رسالت جا آثارَ آهن،
وڻن منجهه جوڙُون ۽ جنسارَ آهن.

ڪٽڻ ساهہ وڃڻ ٿا،
وڻن کي ملي ڪا عجب دلڪشي آ،
نئين نغمگي آ.

وڻن تي لٿا رنگَ ملهارَ جا ڪئين،
وڻن سان هوا جي رهي گفتگو ٿي

وٽن جي مٿان چانڊني چنڊ اوتي،
وٽن سان ٽڪي اُس رهي رويروٽي،
وٽن منجهه ڪوئل پڪاري، سنياري،
پراڻين گهڙين ۾ رکي اک نهاري!
وٽن کي ٽُڪي ڪاٺ ڪُنڙو،
ڪٽي مينهن جي ۽ ٽڪي ترُوري ڪان،
صبح شامَ محفوظ گهر جو هُو پهريون تصور،
ٿو دنيا کي اربي.

وٽن منجهه ڳيريون،
اُٽن خواب جا تيون گهروندا ڪڪاوان.
ٽڪل ڪي مسافر وٽن هيٺ ويهي،
صدين جي سفر جي رکن ڳنڍڙ کولي،
اکيون پيرَ ويڙهي،
سُمهن ننڊَ جي تا تڏي چانوَ ڳولي.

مقدس محبت جا خاموش پاڇا،
وٽن جي ٿُڙن تي لِکي نانوَ پنهنجا.
رسيلن چپن سان،
چُمن چاهتون تا.
رکن دل جون دل تي،
سِڏيون آرسيون تا.

وٽن ڏي جُڳن جا خريدارَ نڪتا.
ڪي نِرواڻ خاطر طلبگارَ نڪتا.
وٽن تي لِڪي زندگيءَ جي بِشارت.
پکي هي خُدا جا خليفا.
امن آشتيءَ جي علامت!

احمد سولنگيءَ جي هن نظم ۾ پڪاسو جي امن جي پکيءَ جي تصوير جو عڪس آهي.

مختلف ملڪن، مختلف قومن ۽ جدا جدا ٻولين جي شاعري ڪنهن مٿاهين پهاڙ تان ڪرندڙ ان آبشار جيان هوندي آهي، جيڪو جدا جدا ڪُنبن ۾ پاسن کان جهرڻن جيان ڏرتيءَ تي لهي هڪ نديءَ جي سطح جي شڪل ۾ وهڪرو اختيار ڪندو آهي. شاعريءَ جا اهڙا آبشار ڦٽندي ڦٽندي، سوچ جون سوين صورتون بڻجي شاعر جي اندر جو آواز ٿي اُڀرنديون آهن. مان مٿي ٻين ٻولين جي شاعريءَ جا ڪي مختصر مثال ڏيئي آيو آهيان. هتي مان سرحد جي ٻنهي پار ورهاڱي کان پوءِ پيدا ٿيل ٻن سنڌي شاعر ۽ شاعرا جي سوچ جا سلسلا جوڙي رهيو آهيان.

سنڌ ۾ احمد سولنگي ۽ هند ۾ ومي سدارنگاڻي ٻه هم عمر (ساڳئي ئي سال ڄاول) نئين پيڙهيءَ جا تخليقڪار خيال ۽ جذبي جي جدت سان ڪيئن هڪ ٻئي سان جُڙيل آهن:

دل گهِري ڪا دلدل آهي،
سامهون سِڪَ جو ساحل آهي-
پيارُ اسان جي منزل آهي!

نيري اُڀَ ۾ سردُ صدائون،
برف ٿيون سڀ قربَ ڪٿائون،
خوابَ ۾ خُنڪي هر پل آهي-
پيارُ اسان جي منزل آهي!

سُرهي سُرهي سُرڪَ اوهان جي،
اُسَ ۾ چاندي مُرڪَ اوهان جي،
ڇا تہ اکين ۾ جِهلمل آهي-
پيارُ اسان جي منزل آهي!

سانگ سمورا موسم ڇانئي،
وڻ وڻ ڏوٽي، پَنُ پَنُ ڇانئي،
ڪا تہ هوا ۾ هلچل آهي-
پيارُ اسان جي منزل آهي!

محبوبا جو پيارُ سڏي ٿو
اوجهڙ رستو دارُ سڏي ٿو
هاءِ جواني اڻ جهل آهي-
پيارُ اسان جي منزل آهي!

احمد سولنگي پنهنجي ڌرتيءَ تي رهندي ئي اهڙو وزنائتو نظم لکي سگهندو ۽ ٻئي طرف ومي سدارنگاڻي پنهنجي ڌرتيءَ کان اُکڙيل هئڻ سبب پنهنجيءَ ڪوتا کي پنهنجي ئي رنگ ڍنگ جو ويس وڳو پارائي سگهندي، پر اهميت لباس کان وڌيڪ مورتيءَ جي بدني بناوت کي آهي:

ٻُڌ!
ڪنهن وقت اسين ٻيئي هتي ايندا سين،
منهنجيءَ بارش ۾ تون پُسجان ها!
تنهنجيءَ بارش ۾ پُسي،
مان خود برسات ٿي پونديس،
ايتري بارش ڪريون گڏجي،
جو-
وري ڪڏهن،
بارش جو انتظار نہ ڪرڻو پوي
(وِمي سدارنگاڻي)

هند ۾ سنڌي نئين ڪوتا سنڌ جي شاعريءَ جي پيٽ ۾ هڪ نئون روپ ۽ روپو اختيار ڪيو آهي. ڪو ننڍو پَلُ (Fleeting Moment) ڪا هڪ ننڍي واردات، ڪا هڪ ننڍي ٿيڻي (Happening) يا ڪو هڪ اُڏامندڙ خيال (Passing Thought) هڪ مڪمل ڪوتا جي صورت ۾ نروار ٿئي ٿو پر سنڌ ۾ نئين شاعري

اچا موضوعاتي شاعريءَ جي دائري اندر داخل آهي. ان پسمنظر ۾ احمد سولنگيءَ جي اڪثر شاعري موضوعن جي محور تي ڦرندي ٻه خيال ۽ سنگيت جو انوکو سنگم لئه ۽ ردم پيدا ڪري سگهي آهي. جو سچي شاعري بحر وزن تي پڪي پختي هئڻ ڪري سمورين عروضي تقاضائون پوريون ڪري ٿي. مان وري ٻن هم عصر شاعرن جا ٻه ننيا مثال ڪٿي ٿو اچان.

جتي اچ پاڻ بيٺا هون،
اها ڌرتي وچي ٿي مختصر ٿيندي،
مٿان آڪاش هي نيرو،
وچي ٿو دائرن ۾ چڻ ننڍو ٿيندو
ڪپاهان ريشمي بادل،
وڃن ٿا چڙوچڙ ٿيندا،
پکي پنهنجي نگاهن جا،
وڃن روپوش ٿا ٿيندا!
مگر هوءَ بي خبر ڪافر حسينا چو چئي ٿي پئي:
جنم پنهنجو اکين ۾ ئي ٿيو آهي،
عمر جا سپ لٿا پنهنجي اکين آڏو لٿا آهن!
"احمد سولنگي"
(خوابن جي خودڪشي)

نظم ۾ خيال ٻه آهي، لئه ٻه آهي، رواني ٻه آهي. سٽ سٽ ۾ لفظ چڻ ڪنهن مالها ۾ موتين جيان پوتل آهن ته ٻئي طرف وميءَ جي ڪوتا ۾ خيال جي سُخن آرائي (Elocution) پوئين سٽ تائين پهچي دل ۾ چيت جيان چُپي ٿي وڃي.

بادل!
رولو چوڪرو آهي.
بين جا دروازا بند ڏسي،
منهنجي ڪليل دريءَ مان.
بي ڊپو اندر گهڙي آيو آهي.
چوڏاري مون کي وڪوڙي وڌو اٿس،

منهنجو سڄو سرير پڄي ويو آهي،
منهنجو مَنُ پڄي ويو آهي،
منهنجا هٿ پير سڀ پڄي ويا آهن،
باقي سُڪل آهن تہ
صرف منهنجيون اکيون،
صرف منهنجيون اکيون.
(ومي سدارنگاڻي)

احمد سولنگي ۾ ومي سدارنگاڻيءَ جون مٿيون ڪوتائون پڙهندي مون
کي سوَ سال اڳ لکيل مايا ڪووسڪيءَ جي هيءَ ڪوتا ذهن تي تري آئي
موضوع جي يڪسانيت هوندي بہ دڳَ ۾ راهون جدا جدا آهن، جو دؤر جدا جد
آهن:

رنل مينهن،
هڪ جهلڪ پسائي،
هڪ سوال ڪيو:
هُن پيجري جي پوپيان،
جنهن جي چوڏاري،
لوهي تارن جو هڪ ڪوٽ اڏيل آ.
مرٽينگ ستارن،
پنهنجيون ڪمزور ٽنگون، ٻانهون ڦهلائي،
ڪنهن جي ان نرم بستر کي ٿي،
پنهنجو آرام گاهہ چوچونديو آ؟
پر جنئن ٿي ڳهتين جون بتيون،
ڪنهن بيمار جيان،
پوپيان پساهہ ڪڍُن ٿيون،
تيئن اکين کي هڪ چُپن محسوس ٿئي ٿي.

مون مٿي هڪ صديءَ جي وٿيءَ وارن ٻن شاعرن جي سوچ جا حوا
پيش ڪيا آهن. ٻن شاعرن جي اک پنهنجي پنهنجي ماحول ۾ منظر تي هد

جهڙي هوندي پڻ هڪ اک مُشڪل آهي. هڪ اک کي چُڀن محسوس ٿئي ٿي ۽ هڪ شاعر جي عمر جا سڀ لمحا پنهنجي اکين آڏو ٿي لنگهي ويندا آهن.

احمد سولنڪيءَ جي شاعريءَ جي وسيع ڪئنواس تي جذبن جي رنگن جي چٽسالي ٿيل آهي ۽ وميءَ وٽ مشاهدي جي باريڪ بيني آهي. جيڪا جذبي جي هلڪيءَ کان هلڪي لرزش جو احساس ڏياري ٿي. ان ڪري هنن جي نظم يا ڪوتا جون ڀريون ڪجهه سٽون پڙهندي ئي انهن تي احمد سولنڪيءَ جي پنهنجي عبارت جي ڇاپ نظر ايندي ۽ وميءَ تي پنهنجي عبارت جي (هتي مقصد پيٽ ڪرڻ ناهي پر ٻن جديد شاعرن کي symbol طور پيش ڪيو ويو آهي. اهو واضح ڪرڻ لاءِ ته اسان جي نئين پيڙهيءَ جي شاعرن وٽ نئين سوچ سان گڏ فارم (هيئت) جي نواڻ پڻ آهي.)

ماضيءَ جي شاندار روايتن کي رد ڪرڻ جو مطلب آهي ته قوم پنهنجو حافظو وڃائي ويٺي آهي. پر اسان جي نئين نسل جي شاعرن پنهنجو حافظو به تيز رکيو آهي ۽ ماضيءَ سان پڻ رشتو برقرار رکيو آهي.

سال 1990ع ۾ جڏهن شيخ اياز بمبئيءَ آيو ته هن جي هوٽل جي ڪمري ۾ جتي مان پڻ موجود هوس. چوندڊ اديبن ۽ شاعرن سان دير رات تائين اياز جو جديد ۽ روايتي ادب ۽ شاعريءَ تي طويل بحث هليو. طارق اشرف ۽ جيجي زرينه کان سواءِ موهن ڪلپنا. گنو سامتاڻي. ڪرشن راهي. ارجن حاسد. هريش واسواڻي ۽ نند جويري ۽ ڪي ٻيا نئين ٽهيءَ جا جدت پسند شاعر پڻ ان گفتگو ۾ شامل هئا. اياز هند جي جديد ادب جي نمائندگي ڪندڙ اديبن سان 'روبرو' نه هئو پر 'دوبدو' هئو.

هريش واسواڻي. گنو سامتاڻي ۽ موهن ڪلپنا اياز سان ڇتي بحث ۾ اتڪيل هئا. هُو اياز کي اهو احساس ڏياري رهيا هئا ته هن جي شاعريءَ ۾ پنهنجي ڌرتيءَ جو درد ته آهي ٻوليءَ ۽ ٻڪشن جي رواني پڻ سنڌوءَ جي ڇوهه جهڙي آهي. ٻوڙ ٻوڙان پڻ آهي. لئه تال آهي. موسيقي آهي. پيڪر تراشي آهي. منظرنگاري آهي اعليٰ انساني قدر آهن. محبتون ۽ محروميون آهن. پيار. خلوص ۽ انساني رشتا ناتا آهن ڏاڍ ڏمر ۽ آمريت آڏو مزاحمت آهي احتجاج آهي ويڙهاند آهي. پيو به ڪيترو ئي ڪجهه پر پوءِ به تنهنجي (اياز) شاعري جديد دؤر جون تقاضائون

پوريون نہ ڪري سگهي اهي. جتي سڄي دنيا اڄ گلوبل وليج (عالمي ڳوٺڙو) بڻجي چڪي آهي، اتي تنهنجي شاعري اڃا رڳو 'ڌرتيءَ جي ڏانهن' جي سرائيءَ تي ڦري رهي آهي. ان ۾ جدت ڪٿي آهي؟ جديد لاڙا ڪٿي آهن؟

(شيخ اياز پنهنجيءَ قاتل مُرڪ سان صلح سانت ۾ سڀ ڪجهه ٻڌندو رهيو. هن پنهنجو اسڪاچ جو گلاس ميز تي پاسيرو رکي ڇڏيو.)

ٻن ٽن پيگن کان پوءِ گُني سامتائيءَ هڪ ٻيو نقطو ڇيڙيو:

"روس جي ٽٽڻ ۽ ترقي پسند دؤر جي خاتمي بعد تنهنجي ترقي پسند دؤر واري سڄي شاعري ۽ ان کان پوءِ پاڪستان ۾ 'ون يونٽ' جي ٽٽڻ ۽ ڀڄڻ واري عرصي دوران تنهنجي رچيل 'جيئي سنڌ' واري شاعريءَ جو اڳتي هلي ڪهڙو ڪارج راس ٿيندو؟ روس جا انقلابي شاعر اڄ ڪٿي آهن؟ پولينڊ ۽ هنگريءَ جي پرچاري شاعرن جي ڪتابن جا پنا پنا ڪٿي پورجي ويا آهن؟ اياز ڪٿي تنهنجي به شاعري نہ تاريخ جي پنن ۾ پورجي وڃي؟ هڪ طرفي بحث ۾ وسڪيءَ جو خمار پيرجندو ويو.

شيخ اياز اٿاريل ڪِن حجتن سان متفق هئو ڪن سان نہ. هن وٽ معقول دليل هئا. پر هن پنهنجي بچاءَ ۾ هڪ ئي هٿيار استعمال ڪيو. "مون سنڌي شاعريءَ کي جنهن معراج تي رسايو آهي، ان لاءِ سالن جي نہ پر صدين جي ساڌنا گهرجي. توهان جي جدت پنهنجيءَ جاءِ تي ۽ منهنجي 'عبادت' پنهنجي جاءِ تي."

مان شيخ اياز سان مڪمل طور متفق آهيان ته اڄ ڄڃان جي هِن دؤر ۾ اڄ جي ٿهيءَ جي شاعرن وٽ ساڌنا لاءِ فرصت ڪٿي آهي؟ نثري شاعريءَ نون شاعرن کي شاعريءَ مٿان نازل ڪري ڇڏيو آهي. جتي هر ٻوليءَ ۾ هڪ جينيوئن شاعر پويان ڏهه 'فيڪ' شاعر پيدا ٿي رهيا آهن جن ۾ ڪي 'سنگتو' شاعر آهن ڪي 'پالتو' شاعر آهن تہ ڪي 'فالتو' شاعر آهن. اتي ڪري ۽ ڪوتي جي شناخت لاءِ احمد سولنگيءَ جون هي سٽون شاعريءَ جي سُپتيائيءَ جو جواز پيدا ڪن ٿيون:

چارڻ!
تنهنجو چنگ نہ اهڙو،
جهڙي سورٺ سونهن!

تو وٽ اهڙي تند ڪٿي آ؟
جهڙا هُن جا وار.
ڇريا! تو وٽ چاهه نہ اهڙا،
جهڙا هُن جا پيار.
تو وٽ اهڙو ساز ڪٿي آ؟
جهڙي هُن جي ڇير.
سورٺ ڪجري،
هَن جي اُجري،
تنهنجي مَن ۾ ميرُ!

تنهنجي مُٽ ۾ ماڻڪ موتي،
هيرا، لعل هزار.
هُن جا نيڻ نگينا نوري،
حيرت ۾ وينجهار!
تو وٽ سُرَ جو مانُ ڪٿي آ؟
توکي سِرَ جي لوڙَ
هُن جي چوڙين ۾ سَو سرگم،
جُهونا ڳڙهہ جي جوڙَ
تون پينارُ ڳلين ۾ ڳائين،
تنهنجو ڪهڙو مُلهُہ؟
سورٺ سون-سريکي ساري،
آهي پاڻ اَملهُہ!

احمد سولنگي بنيادي طور نظم جو شاعر آهي ان ڪري هن جي غزلن جو تعداد ٻين شاعرن جي ڀيٽ ۾ ايترو خاطر خواهہ ناهي ۽ مون کي هن جي شاعري پڙهندي احساس ٿيو آهي تہ غزل هن جي مزاج سان وڌيڪ ٺهڪندڙ آهي جو احمد سولنگي خالص رومانوي شاعر آهي ۽ هڪ شاعر جو رومانوي رويو غزل جهڙي صنف ۾ اثرائتي نموني اُڀري بيهي ٿو. احمد سولنگيءَ جي حق ۾ اها

حقيقت تهائين وڌيڪ واضح ٿئي ٿي، جو هن جي طبيعت موزون ۽ روان دوان آهي. خود هن جي نظمن جا ڪيترا شعر غزل جي رنگ ۾ رتل آهن. نظمن ۾ احمد سولنگي وصال جو شاعر آهي ۽ غزلن ۾ هجر جو:

ڪي بادل پنبڻين ۾ پيا، ڪو آگم دل کان ٻاهر آ،
هڪ موسم دل جي اندر آ، هڪ موسم دل کان ٻاهر آ.

ڪنهن ڪاريءَ رُجَ تي ترسي پئي، ڪا ڪڪري اُجَ تي برسي پئي،
ڪو سارنگ ساهن ۾ برسي، ڪا ڇم ڇم دل کان ٻاهر آ.

ڪا رَڳَ رباب سان اُلجهي ٿي، ڪا تند طلب جي ٽڙپي ٿي،
ڪو راڳ رهي ٿو روح اندر، ڪو سرگم دل کان ٻاهر آ.

هر وقت صحيفا يادن جا، هر وار اکين تي نازل ٿيا،
هر محشر لڙڪن جو من ۾، هر ماتم دل کان ٻاهر آ.

هن دل ۾ هڪڙو گرجا گهر، ۽ ماءُ سان گڏ هڪ پيغمبر،
مريم ئي ٻاهر آهِ نه ابنِ مريم دل کان ٻاهر آ.

سڀ سپنا ٻاڻ اُٿيا احمد! تو رنگ برنگي ڌاڳن سان،
ڪا ڏور تخيل ۾ تنهنجي، ڪو ريشم دل کان ٻاهر آ.

پنهنجي منفرد ۽ مخصوص اسلوب ڪري احمد سولنگيءَ جا غزل پڙهڻ‌ءَ سٺ ۾ سڃاڻي سگهجن ٿا، جو هن پنهنجن اڪثر غزلن ۾ چُست بحر ۽ وزن ڪم آندا آهن.

غزل اصل ۾ آهي ته ايران جي پيدائش، پر سنڌي شاعريءَ ۾ اها صنف ايتري ته رچجي چڪي آهي جو هاڻي اها ٻاهرين يا ڌاري صنف نٿي لڳي. اردو غزل جون ائنٽالاجيون مرتب ڪندڙ شروعات ولي دکني يا قلي قطب شاهه سان ڪندا آهن پر اردوءَ جو صحيح صنف ۾ پهريون غزل ڪبير جو لکيل آهي:

ہمن ہے عشق مستانہ، ہمن کو ہوشیاری کیا؟
رہے آزاد یا جگ سے، ہمن دنیا سے یاری کیا؟

جو بچھڑے ہیں پیارے سے، بھٹکتے دربدر پھرتے،
ہمارا یار ہے ہم میں، ہمن کو انتظاری کیا؟

کبیرا عشق کا ماتا دوئی کو دور کر دل سے،
جو چلنا راہ نازک ہے، ہمن پھر بوجھ بھاری کیا؟

سنڌي شاعريءَ ۾ سانگيءَ کان سولنگيءَ تائين غزل هڪ وڏي مسافت طئي ڪئي آهي. احمد سولنگيءَ تائين اچي غزل هڪ صنف نه پر هڪ تهذيب بڻجي چڪو آهي، جنهن ۾ سنڌي گيت، وائيءَ ۽ بيت جو لهجو ۽ سلاست پڻ سمائجي ويئي آهي. احمد سولنگيءَ جي غزل جا هي بند:

بدن تُنهنجو جواني آ، نديءَ جي،
جواني جاوداني آ، نديءَ جي.

ڪنارا خواب جا ٻوڙي وڃي ٿي،
اکين ۾ ٿي رواني آ، نديءَ جي.

ڪو منظر بي لباسيءَ جو رکي ٿي،
ڪهاڻي بي زباني آ، نديءَ جي

وڻن ۾ ٿيون وڃن وکري هوائون،
ٿڌي سانجهي سُهاني آ، نديءَ جي.

مڙهي ٿي پيرَ، پَکَہ دلڪش اُڏارون،
پکيءَ تي مهرباني آ، نديءَ جي

پُراڻو هاڪڙو ته ڏوڙ ڇاڻي،
مڪاني لامڪاني آ، نديءَ جي

ٻڏو پاتال ۾ احمد ڪٿي آ،
نديءَ ۾ بدگماني آ، نديءَ جي.

غزل جو هر لفظ هڪ رنگ به آهي ۽ سُر به آهي ۽ هر رنگ پنهنجيءَ رنگت سان ۽ هر سُر پنهنجي ساز سان غزل جي بند بند سان برسات وسائي رهيو آهي ۽ ايئن احمد سولنگيءَ ڪي رڳو لفظن ۽ انهن جي لئه تال جي تلاش جوئي شعور ناهي، پر نيون تصويرون سجائڻ ۽ نون رنگن سان اڻڌلث سجائڻ جو هنر پڻ اچي ٿو.

غالب جو هڪ شعر آهي:

*حسن فروغ شمع سخن دور ہے اسد،*
*پہلے دلِ گداختہ پیدا کرے کوئی۔*

(شاعريءَ جي شمع جي لاٽ ٻارڻ اجا اڳتي آهي، اهو احساس پيدا ڪرڻ لاءِ پهرين درد مند دل جو هئڻ ضروري آهي.)

جدا جدا نقادن غزل جي صنف کي نوان نوان مفهوم پئي ڏنا آهن. ڪن جي نظرن ۾ غزل هڪ 'وحشي' صنف سخن آهي ته ڪن غزل کي شاعريءَ جي 'آبرو' ڪري ڪوٺيو آهي. ڪن محققن جو اهو به چوڻ آهي ته 'سلاست' غزل جي وڏي ۾ وڏي دشمن آهي، پر منهنجي اڀياس موجب حقيقت ان جي ابتڙ آهي. خود غالب پنهنجي شاعريءَ ۾ جتي جتي دقيق (ڏکي) ٻولي ڪم آندي آهي، اتي شعر جي گهرائيءَ کي ضرر رسيو آهي.

*جس بزم میں تو ناز سے گفتار میں آوے،*
*جاں کالبدِ صورتِ دیوار میں آوے۔*

(جنهن محفل ۾ تون ناز ۽ ادا سان گفتگو ڪرين ته تنهنجين ڳالهين سان هنن تصويرن جي جسمن ۾ جان پئجي وڃي، جيڪي ديوار تي سينگار لاءِ چٽيون وڃن ٿيون ڇو جو تنهنجن چپن ۾ مسيحائيءَ وارو جلوو آهي.)

ان جي ابتڙ جتي جتي غالب جي شاعريءَ ۾ سلاست (Lucidity) آئي آهي اتي هن جي شعر ۾ گهرائي پڻ پيدا ٿي آهي.

منحصر مرنے پہ ہو جس کی اُمید،
نااُمیدی اس کی دیکھا چاہیئے۔

غالب جو ٽن بندن جو مڪمل غزل آهي، پر اهي ٽي شعر ڪهڙي به شاعر جي سڄي ديوان تي حاوي پئجي سگهن ٿا:

نہ تھا کچھ تو خدا تھا، کچھ نہ ہوتا تو خدا ہوتا،
ڈُبویا مجھ کو ہونے نے، نہ ہوتا میں تو کیا ہوتا۔

ہوا جب غم سے یوں بے حس، تو غم کیا سر کے کٹنے کا،
نہ ہوتا گر جُدا تن سے، تو زانوں پر دھرا ہوتا۔

ہوئی مدت کہ غالب مر گیا، پر یاد آتا ہے،
وہ ہر اک بات پر کہنا، کہ یوں ہوتا تو کیا ہوتا۔

ٽن بندن ۾ غالب سڄي وحدت الوجود (Pantheism) جي فلاسافي سمائي ڇڏي آهي.

غزل جي روايتي رخ واري شاعريءَ جي موجودگي هوندي به احمد سولنگيءَ ڪٿي ڪا اعليٰ قسم جي اميجري يا فيلسوفاڻا نقطا نه اُڀاريا آهن. پر هن خيال کي ٻوليءَ جي لئه سان رِل مِل ڪري جديد نظريي، نوع، رخ ۽ رويي جون جهلڪون نمايان ڪيون آهن. جديد سوچ سان هن غزل جي روايت ۽ ٽيڪنڪ سان پوريءَ ريت نباهيو آهي. اڄ جڏهن سنڌي شاعريءَ ۾ نوان نوان آواز اُڀري رهيا آهن ته مون کي يقين آهي ته احمد سولنگي پنهنجي سوچ جي تازگي ۽ توانائيءَ سان نون آوازن جي نئين دؤر ۾ داخل ٿي پنهنجين تخليقي قوتن ۽ صلاحيتن سان پنهنجو منفرد شاعرانو سفر برقرار رکي سگهندو. هن جي رومانوي سوچ، ٻوليءَ جي سلاست ۽ روانيءَ جي مثالي غزل جا ڪجهه بند آهن:

تنها پالي پيارَ نہ سُمها
ايئن اڪيلي ڏارَ نہ سُمها

ننڊ ۾ ويندءِ چنڊ چُمي،
وِلهه ۾ ويڙهي وارَ نه سُمها!

جَرَ تي بَرسِي ساري رات،
بَرَ ۾ ڪارونيارَ نه سُمها!

جيسين ٻُڪيو پيٽُ ڀَريه
تيسين پالڻهارَ نه سُمها!

ڪِڙيو چنڊُ اُڏام چڪورَ!
اِيئن قبولي هارَ نه سُمها!

ڇوريا ڇوڻيءَ منجهه ڀَريه
موتئي جي مهڪارَ نه سُمها!

ذهن جون هزار اکيون آهن پر دل جي رڳو هڪ ئي اک آهي. ڪافڪا چيو آهي: "ڪڏهن ڪڏهن لفظن جو مطلب رڳو پنهنجن زخمن ذريعي ئي سمجهه ۾ ايندو آهي."

لهين ٿي خواب تون جڏهين!
رکي ٿي اپسرا ڪائي ڦٽن تي مُرڪ جو مرهم،
پڌر تي پير اوجل ۾ رهي ٿي ڇير جي ڇم ڇم،
وڃن ٿيون راڳ ۾ ويرا اُڃ جون وايون،
ٻُري ٿو سانت ۾ جڻ ڪو سُريلي ساز جو سر گم،
لهين ٿي خواب تون جڏهين!
اڪيلي وڻ جي ڇايا ۾ وٺي نرواڻ ٿو گوتم!

سٽون نظم جون آهن، انداز غزل جو آهي ۽ خيال دل جي ڪنهن قُتل قَٽ جي پيڙا جو آهي ۽ ان پيڙا کان مُڪتيءَ جو واحد وسيلو اڪيلي وڻ جي ڇايا ۾ گوتم جو نِرواڻ آهي.

احمد سولنگيءَ جي سڄي شاعري رومانوي هوندي به هن جي هر صنف جي treatment پنهنجي پنهنجي آهي. نظم ۾ هن جو مزاج عاشقاڻو آهي، غزل ۾ هن جي ادا ۽ انداز معشوقاڻو آهي ۽ مواد جي لحاظ کان شعرن جو لهجو رس پريو آهي. هر هڪ سٽ سُلجهيل ۽ سَجيل، لفظ لفظ ۾ لئه تال ۽ هر بحر، بي پناهه تاثر پريو آهي.

ملون نقابَ ۾ سارا حجابَ لاهي ڪيئن؟
ڏِسون تہ چنڊَ جي پُوري تراشَ آهي ڪيئن؟

حسين جسم کي ڪهڙي لباسَ جي ڳولا؟
چِٽائي چنڊَ جي اوجل اُماس چاهي ڪيئن؟

فرار خوابَ جو آهي فريبَ ۾ رِل مِل،
اگهور ننڊَ جي ديوار ڪيرُ ڍاهي ڪيئن؟

حيات موت جي قبضي منجهان نہ ٿي نڪري،
نِڪور جسم پڙلا. سنگتراشُ ٺاهي ڪيئن؟

رڪيبُ پيرَ قبولي نہ ٿو ڪَچا ڪڏهين،
اڙل وڇيرو هوا جو وڇون بہ ڪاهي ڪيئن؟

خيالُ سرمدي پنهنجو لِباسُ منصوري،
صليبِ عشق تان احمد کي لوڪُ لاهي ڪيئن؟

هن وقت جڏهن مان احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جي هن مجموعي تي مقدمو لکي رهيو آهيان تہ منهنجي اندر جي توڙي ٻاهر جي، ٻيئي موسمون خراب آهن. جيئن تہ هي احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو آهي ۽ مون اڳيان هن جي شاعريءَ جو ڪو مفصل پسمنظر يا ڪا چِٽي روپ ريکا نہ هئي، ان ڪري هن جي شاعريءَ سان انصاف ڪرڻ لاءِ مون کي هن جي موڪليل سڄي مسودي جي سِٽَ سِٽَ کي ڪيئي پيرا پڙهڻو پيو. هن جي سوچ جي سلسلي کي

جوڙڻ ۾ پوليءَ جي لئه جو لطف وٺڻ لاءِ سڄو مسودو هيانءَ سان هنڊائڻ بعد، جڏهن مون پنهنجي قلم کي چپن سان ڇُهي هي مقدمو لکڻ شروع ڪيو ته مون کي ذهني عذاب مان به گذرڻو پيو ۽ هن جي شاعريءَ سان عداوت پڻ ٿيڻ لڳي ته مان احمد سولنگيءَ واريءَ عمر ۾ هن جهڙي شاعري ڇو نه ڪري سگهيس؟ غالب جو هي شعر بار بار منهنجي دل ۽ دماغ کي جهنجهوڙيندو رهيو:

کس روز تهمتیں نہ تراشا کئے عدو؟
کس دن ہمارے سر پہ نہ آری چلا کیئے؟

لکڻ تي ته مان مجبوري، مصلحت ۽ مروت هيٺ ايئن به لکي ڇڏيان ها ته احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ ۾ نئون فڪر، ڪڪشن ۽ ان جو جديد انداز اڄ جي وقت جي هر تقاضا پوري ڪري ٿو ان ڪري احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جي هن مجموعي کي جديد شاعريءَ جي بهترين مجموعن جي قطار ۾ جوڳي جاءِ ڏيڻي پوندي، پر ادبي عدالت ۾ منهنجي هيءَ فتويٰ احمد سولنگي سان اڳتي هلي ڪهڙا وٺل وِهائيندي، ان جو اندازو لڳائيندي، مون کي سچ پچ خوف ٿي رهيو آهي جو احمد سولنگي اسان جي ادب جو امانتدار آهي.

مون شاعريءَ کي ان جي آخرين صورت ۾ شاعري ڪري مڃيو آهي هڪ قوت جي حيثيت ۾ مڃيو آهي ۽ ان جي صحتمند توڙي غير صحتمند اثرن کي قبول ڪيو آهي، ڪنهن شاعر جي شاعريءَ جي صحيح صورت اها صورت آهي جنهن ۾ اُها اسان جي اڳيان اچي ٿي. مون کي يقين آهي ته احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ کي نئون ذهن دل سان قبول ڪندو ۽ هن جا پيشرُو هن کي نظرانداز نه ڪندا، جو هنن وٽ پڻ نئين دؤر جي نون قدرن ۽ مُلهن جي شناخت آهي.

اڄ جڏهن سنڌي شاعري بحرن سان رشتو ڇني، ٻرن ۾ پٽڪڻ لڳي آهي تڏهن احمد سولنگيءَ جهڙن شاعرن موزون شاعريءَ جي ساک ۽ سچائپ برقرار رکي سنڌي شاعريءَ جو منهن مٿانهون ڪيو آهي، جو احمد سولنگيءَ جي شاعري پڙهندي اهو احساس ٿئي ٿو ته:

يا ته هر درد کي ڪا معنيٰ آهي،
يا ڪنهن درد کي ڪا معنيٰ ناهي!

-

## • خواب آوارا پکي

يوسف شاهين

سيوئي سور سنپاري، ويهي وِرد ڪيائون،
حق پوُن پلئه ۾ جي ويا وتائون،
لهن ڪڙ ڪڙ تي ڪڙول مادر متاهون،
اهڙي لوندي لات، ٿيو هُل هِتائون،
اڏري ويا اُتاهون، خواب آوارا پکي.
(يوسف)

مون جڏهن احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ بابت جناب لڇمڻ ڪومل جو لکيل "مقدمو" پڙهيو تہ منهنجا تاڪ لڳي ويا. لڳ ڀڳ 72 صفحن تي لکيل اهو مقدمو خاص طور سنڌ، هند توڙي عالمي شاعريءَ تي هڪ شاهڪار لکڻي آهي جناب لڇمڻ، پنهنجي ڄاڻ، ذهانت ۽ وسيع مطالعي ڪان ڪمال خد تائين ڪم وٺندي، جناب احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جي سڀني رنگن ۽ خوشبو تي ڀرپور داد ڏنو آهي. آئون سمجهان ٿو تہ هاڻ احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ تي ان ڪان مٿي هڪ اکر بہ نٿو لکي سگهجي. اهو محض اضافي ٿيندو. احمد سولنگيءَ تي مقدمو لکڻ لاءِ لڇمڻ ڪومل کي 90 نوي ڏينهن لڳي ويا. هن احمد سولنگيءَ جي سموري شاعريءَ کي نہ فقط ورجائي ورجائي پڙهيو پر هر سٽ، هر لفظ تي ڀورو ڌيان ڏنو. هو لکي ٿو تہ "احمد سولنگيءَ جي سٽ سٽ پنهنجو پاڻ ۾ ئي مڪمل شاعري آهي، جنهن سنڌي شاعريءَ جو منهن مٿاهون ڪيو آهي." ان مطالعي دوران احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ ۾ ڏنل پيغام، اندر ۾ اُهاءَ جذبات، جستجو، پيار ۽ پيڙا جو تسلسل لڇمڻ ڪومل کي عالمي شاعريءَ ۾ بہ ملي ٿو جنهن تي هن کي مڪمل دسترس حاصل آهي. لڇمڻ ڪومل شاعريءَ جو سچو جهان هڪ هنڌ گڏ ڪري انهن جي وچ ۾ احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ کي آڻي بيهاريو آهي. يا ائين ڪٿي چئجي تہ لڇمڻ ڪومل عالمي شاعريءَ جا اهي سمورا حوالا هڪ هنڌ آندا آهن،

جن جي احمد سولنگيءَ لاشعوري طوور پوئواري ڪئي آهي. لڇمڻ هر حوالي سان احمد سولنگيءَ جي شاعري ثبوت طور پيش ڪئي آهي. لڇمڻ ڪومل ذري گهٽ دنيا جي سڀني وڏن شاعرن جو ذڪر ڪيو آهي، رابرٽ فراسٽ کان ابتدا ڪندي، زان ڪازاڪس، آلندي، پبلو نرودا، ٽئگور، ميران، ڪبير، ڪاليداس، وديا پتي، ازرا پائونڊ، ماياڪو وسڪي، شيڪسپيئر، غالب، نارائڻ شيام ۽ پيا ڪيترائي شاعر شامل آهن.

لڇمڻ ڪومل، سنڌ جو اهو عظيم ڏاهو عالم ۽ اديب آهي، جيڪو 1947ع ۾ پيدا ٿيل سياسي ڏڦيڙ سبب، سنڌ ۽ اسان کان ڇڄي ڌار ٿي ويو. هي انهن لکين هندو سنڌين جو حصو آهي، جن کي پنهنجي سنڌ ڌرتي ڇڏڻي پئي، اهي اسان جا هندو سنڌي پائر، سنڌ جا اصل سپوت، اصل وارث ۽ مالڪ هئا. هنن جو وڇوڙو سنڌ جي تاريخ جو سياهه باب آهي. هڪ اهڙو حادثو اهڙو الميو آهي، جنهن تي جيترو ماتم ڪجي، اوترو گهٽ آهي. اڄ اسان جا اهي پائر، جيڪي سنڌ جي آباديءَ جو وڏو حصو هئا، سي ٽڪو ٽڪو ٿي، دنيا جي گولي تي وکرجي ويا آهن. هنن کان سنڌي ٻولي ۽ عظيم سنڌو تهذيب کسجي رهي آهي. اسان هنن لاءِ ڪجهه نه ڪيو. گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي انهن پائرن جي ياد ۾ ڪو "وڇوڙي جو ڏينهن" ته ملهائي سگهون ٿا ته جيئن ايندڙ نسل کي اها خبر پئجي سگهي ته 1947ع کان پوءِ سنڌ جي هندو سنڌين سان ڪهڙي ويڌن ٿي.

آهي ڳالهه ڳري، اوريان ته اڌ ٿيان،
وڇڙيا جي وطن کان، ورن شال وري،
ٿهان ڌاران سپرين، ساعت ڪا نه سري،
آهي ڳالهه ڳري
(يوسف)

آئون هتي ٻڌائيندو هلان ته جناب لڇمڻ ڪومل جي لکيل پرپور مقدمي کان پوءِ جڏهن مون کي احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ بابت ڪجهه لکڻ لاءِ چيو ويو ته آئون ڏاڍو حيران ٿيس. مون چيو ته لڇمڻ دراصل، احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ تي هڪ ٿيسز (Thesis) لکي آهي، جنهنجو جواب ناهي. ٻيو مسئلو اهو آهي ته منهنجو شاعريءَ بابت ڪو مطالعو ناهي جو آئون ڪا صحيح راءِ ڏئي سگهان.

منهنجي شروع ڪان شاعريءَ سان چڙ رهي آهي. جڏهن آئون " برسات رسالو" ڪيندو هوس تڏهن سئو ڪن خط هر روز ايندا هئا. انهن ۾ گهڻي ڀاڱي شاعري هوندي هئي. اهڙا خط اندازي مطابق ڪولڻ ڪان سواءِ آئون جناب تاج بلوچ جي حوالي ڪندو هوس. جيڪو ان وقت برسات جو ايڊيٽر هو. ان دور تائين آئون پاڻ بہ نہ شاعر هوس ۽ نہ ڪڏهن شاعريءَ جي ڪا هڪ بہ سٽ لکيم. مون کي اهو بہ اندازو نہ هو تہ اڳتي هلي آئون پاڻ شاعري ڪندس. اڄ بہ مون کي قافين، رديفن ۽ ماترائن بابت ڪا خبر ناهي. مون کي شاعري ڪرڻ ڪان پوءِ ٻن سالن بعد ڪنهن ٻڌايو تہ منهنجي سموري شاعري "حرف تجنيس" تي ٻڌل آهي. مون جڏهن پهريان چار بيت لکيا، ان ڪان پوءِ مون ڏيان سان شاهہ لطيف کي پڙهڻ شروع ڪيو. ان ڪان اڳ مون ڪان شاعري توڙي ناول پڙهيو نہ ٿيندو هو. اڄ بہ آئون پاڻ کي شاعر سڏائڻ لاءِ تيار ناهيان. مون سڄي ڄمار ڪا ڳالهہ چوڻ خاطر عالمي تاريخ، عالمي ٻولين، مذهبن، ڏند ڪٿائن ۽ عالمي معيشت بابت سوين ڪتاب پڙهيا آهن. شاعريءَ سان ڪڏهن بہ رغبت نہ رهي. ان ڪري مون گذارش ڪئي تہ آئون جناب احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ سان انصاف ڪري نہ سگهندس. آئون هتي فقط عالمي شاعريءَ جي رول بابت ڪجهہ هلڪو ڦلڪو لکي سگهان ٿو ۽ اهو بہ ٻڌائي سگهان ٿو تہ دنيا ۾ ظلم، جبر، ڦرلٽ ۽ غلاميءَ خلاف پهريون احتجاج شاعريءَ وسيلي ڪيو ويو. جڏهن سموري انسان ذات "فاتحن" ۽ "دهشتگردن" جي ور چڙهيل هئي، جڏهن دنيا جي سيني قومن کي "غلام" بنايو ويو. انهن جا وسيلا ڦريا ويا، تڏهن "شاعري" دنيا جو طاقتور "هٿيار" هئي، جنهن سان انساني ذهنن تي وڌل زنجيرون ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. گذريل پنج هزار سالن دوران، اسان جا ابا ڏاڏا "فاتحن" جي "غلامي" ۽ فاتحن جي ٺاهيل "جاگرافيائي حدن" ۾ قيد رهيا آهن. جتي سچ ڳالهائڻ ۽ حق گهرڻ جي اجازت نہ هئي. سيني شڪست کاڌل قومن کي " گونگو ۽ ٻوڙو" ٿي رهڻ جو حڪم هو. ان سان گڏوگڏ سموري انسان ذات کي فاتحن جا خدا، فاتحن جا مذهب ۽ ٻوليون قبول ڪرڻيون پيون. ان سڄي گونگي ۽ ٻوڙي عرصي دوران "شاعري" ماڻار ۾ ڏار وجهندي رهي، جنهن جي نتيجي طور هن دنيا ۾ ڏگهي عرصي ڪان پوءِ آهستي آهستي انسان ذات اڄوڪي

اڻ پوري "آزاد ماحول" ۾ پير پاتو آهي. شاعري انساني ذهنن کي هڪدم، تمام تيزيءَ سان متاثر ڪرڻ جو "وسيلو" ثابت ٿي. ڪڏهن ڪڏهن شاعريءَ جون ٻه سٽون هڪ ڪتاب کان به وڌيڪ اثر ڇڏين ٿيون. جڏهن اها ڳالهه "فاتحن" ۽ "دهشتگردن" تائين پهتي ته هنن شاعريءَ کي غلامي، ظلم ۽ جبر قائم رکڻ لاءِ استعمال ڪيو. هنن اهڙن شاعرن جي مدد ۽ پٺڀرائي ڪئي جن فتوحات، بادشاهت ۽ فوجي ڪاهن کي " عظيم ڪارنامه" قرار ڏنو. اهڙي طرح " رجعت پرست شاعريءَ" جو بنياد وڌو ويو. هومر، دنيا جي اولين رجعت پرست شاعرن مان هڪ هو. جنهن جي شاعري قديم يونان، توڙي يورپ جي ٻين حصن ۾ ڪئين صدين تائين "مقدس" سمجهي ويئي. هومر جي لکڻين جانورن بدران انساني قربانيءَ کي جائز قرار ڏنو. جڏهن سڪندر اعظم، دنيا فتح ڪرڻ لاءِ نڪتو ته هن پاڻ سان هومر جي شاعريءَ جو ڪتاب اوڊيسي (Odyssey) ساڻ کنيو ان شاعريءَ ذريعي اهو سبق ڏنو ويو هو ته يونانين کان سواءِ باقي دنيا جون سموريون قومون "وحشي" آهن. انهن سان يوناني حاڪمن کي وحشي پڻي سان پيش اچڻ گهرجي.

روم جي شهنشاهه آگسٽس، ورجل (Virgil) کي دنيا جو عظيم ترين شاعر قرار ڏنو. آگسٽس، اهو فوجي جرنيل هو جنهن روم مان " ريپبلڪ" وارو نظام ختم ڪري، اتي بادشاهت قائم ڪئي. جڏهن آگسٽس جي اهڙي فيصلي خلاف روم اُٿي پيو ته هن 350 سينيٽرن ۽ 2000 کان وڌيڪ "جنگي سردارن" کي قتل ڪرائي ڇڏيو. آگسٽس جي اهڙين ڪارروائين جي ورجل حمايت ڪئي ۽ هن جي شان ۾ قصيدا لکيا. مرڻ کان ڪجهه عرصو اڳ ورجل پنهنجي لکڻين تي پشيمان ٿيو مگر موت هن کي هڪ به سٽ صحيح ڪرڻ جي اجازت نه ڏني.

برصغير ۾، ڪاليداس کي، ان ڪري عظيم ترين شاعر قرار ڏنو ويو جو هن "گپتا بادشاهن" جي شان ۾ ڪئين قصيدا لکيا. انهن بادشاهن هندستان مان "ٻڌ ڌرم" جي پاڙپٽي هئي جي عوام کي "هندومت" جو پوئلڳ ناهي ڇڏيو. ان وقت "پالي" هندستان جي اهم ترين ۽ مقدس ٻولي هئي. گپتا بادشاهن، پاليءَ جي جاءِ تي "سنسڪرت" ٻوليءَ کي هندستان جي سرڪاري توڙي مذهبي ٻوليءَ جو درجو ڏنو. سنسڪرت اهائي ٻولي هئي. جنهن جو ڪاليداس کي عظيم شاعر

چيو ويو. اهڙي طرح، شيڪسپيئر بہ ان ڪري عظيم شاعر ٿي ويو. جو هن انگلينڊ جي عوام جي ٻولي "ڪيلٽ" بدران اينگلو سيڪسن مهاجرن جي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي، جيڪا هاڻ "انگريزي" سڏجي ٿي. اينگلو سيڪسن مهاجرن موجوده ملڪ ايلزا بيٿ جي ڏاڏاڻي وليم باسٽرڊ جو سات ڏنو جنهن هڪ هزار سال اڳ انگلينڊ تي قبضو ڪيو جيڪو اڄ تائين جاري آهي، جيئن تہ انگلينڊ تي قبضو ڪندڙ حاڪمن جي دعويٰ هئي تہ فرانس تي "حاڪميت" جو حق هنن کي حاصل آهي، ان ڪري هنن سياسي چال هلندي "فرينچ" ٻوليءَ کي انگلينڊ جي سرڪاري ٻولي ناهي ڇڏيو جيڪا چار سئو سالن تائين انگلينڊ جي سرڪاري ٻولي رهي. انگلينڊ جي بادشاهن فرانس تي قبضو ڪرڻ لاءِ لڳاتار هڪ سئو سالن تائين جنگيون ڪيون، انهن کي "سئو سال جنگيون" (Hundred Years Wars) سڏجي ٿو. نيٺ جڏهن انگلينڊ جي بادشاهن فرانس تان هٿ ڪنيو، تڏهن هنن اينگلو سيڪسن مهاجرن جي ٻوليءَ کي اهميت ڏيڻ شروع ڪئي، جنهن ۾ شيڪسپيئر بہ شاعري ڪئي هئي. پوءِ جيئن تہ انگريز دنيا جي وڏي حصي تي قابض ٿيا، هنن شڪست کاڌل قومن کي زوري انگريزي ڳالهائڻ ۽ پڙهڻ تي مجبور ڪيو. ان ڪري انگريزي دنيا جي وڏي ٻولي بڻجي ويئي ۽ شيڪسپيئر بہ انگريزي ٻوليءَ جو وڏو شاعر ٿي ويو.

اسان کي تاريخ جي اونهائيءَ ۾ وڃڻ گهرجي جتي اسان کي ڪيترائي حيران ڪندڙ مثال ملندا، مون چاهيو تہ گهٽ ۾ گهٽ برصغير هندستان ۾ ٿيل شاعري بحث هيٺ آڻيان ۽ انهن شاعرن جو ذڪر ڪيان جن رجعت پرستيءَ کي فروغ ڏيڻ ۾ اهم رول ادا ڪيو جن فاتحن دهشتگردن بادشاهن ۽ حملا ڪندڙن جي شان ۾ قصيدا لکيا ۽ ذهني جسماني توڙي روحاني غلاميءَ کي دائم ۽ قائم رکڻ لاءِ سوين وس ڪيا. انهن جي شاعري آفيم کان بہ خطرناڪ آهي. اڄ اهڙن شاعرن مثان وڏا وڏا مقبرا اڏيل آهن. مون قلم ڪٽي وري رکي ڇڏيو. آئون نٿو سمجهان تہ مون کي ايتري آزادي حاصل آهي جو آزاديءَ سان ڪجهہ لکي سگهان. هتي ايترو ضرور چوندس تہ رجعت پرست شاعريءَ انسان ذات کي ناقابل تلافي نقصان رسايو آهي. ان جي مقابلي ۾ انسانيت ۽ انساني قدرن جو سات ڏيندڙ شاعري بہ لڳاتار ويڙهہ ڪائيندي رهي، جنهن ڪيترائي وڏا وڏا بت ڪيرايا

آهن ۽ اجا بہ ڪيرائيندي احمد سولنگيءَ انهيءَ وات جو شاعر آهي هو هيستائين پنهنجي شاعريءَ ۾ ماڻهوءَ جا ڏک، پيار جا رنگ ۽ روپ، وڇوڙي جا ود ۽ پيا ڪئين داستان ۽ نوان نياپا کڻي آيو آهي. جنهن جو پڙاڏو عالمي شاعريءَ ۾ بہ ٻڌي سگهجي ٿو. سنڌي شاعريءَ ۾ عظمت ماڻيندڙ هي شخص تڏهن وڌيڪ سچاتو ويندو جڏهن هن جي شاعري، انگريزي يا ٻي ڪنهن بين الاقوامي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيندي مون هي ننڍڙو خاڪو فقط ضد پورو ڪرڻ لاءِ هڪ رات ۾ لکي پورو ڪيو ۽ پوءِ احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ مان ڪجهہ سٽون، ڪجهہ غزل ۽ نظمن جا ٽڪرا، ڏاڍي ڪنجوسپائيءَ سان چونڊ ڪيا. جيڪي هنجي ويڙهاند، احتجاج، آس ۽ نراس جي عڪاسي ڪرڻ کان علاوه ڪنهن لاءِ ڀرپور پيتا پڻ آهن.

هيرا تہ ڏسو:

هر چرچ کي هر روز ٿو پوچو لڳي،
جڻ فرش ٿو شيشو لڳي،
مريم، مسيحا جي اڇوتي لڙڪ سان.
ڌوتي سڄي ڌرتي مگر،
جيڪي صليبن تان ٻڙي رت جا ڦڙا پٽ تي پيا،
ڪنهن کان نہ سي ڌوپي سگهيا.

–

ديس هر هڪ جي مٽي
مون تہ ڌرتيءَ جي دونهاٽيل،
سرخ گولي تان کڻي،
پنهنجي خوابن ۾ سنيالي آ رکي.

–

ڪجهہ وٽي ۽ ڪجهہ سڄهي ئي ڪين ٿو
گهر جي ديوارن سان خالي گفتگو
روز جو معمول آهي.

–

هر خيال ڪبوتر جيئن آڪاش تلاشي ٿو
تون نيڻ ڪري نغما، تارن ڏي اڏاري ڇڏ.
***
مٽيءَ جي پنوڙيءَ ۾ هي ساهه ستل آهي،
سجدي ۾ وڃي احمد، انسان اٿاري ڇڏ.
—
بي خوف صليبن تي، آ وقت جي چريائي،
منصور قبولي ڪيئن، هن دور جي دانائي.
—
تو سوا وڃان ڪاڏي،
زندگي ڪيان ڪاڏي،
چنڊ، رات، تنهائي،
درد کان ڀڄان ڪاڏي
—
هي دور سوچ لوچ جو پيڪر نه ٿي سگهيو،
فنڪار جي تراش جو پٿر نه ٿي سگهيو،
دل مان جهان جي نه تمنا ڪٿي ڪڍهن،
منهنجي اندر جو شخص، قلندر نه ٿي سگهيو
***
احمد حساس دل آ رهيو دوستو سدا،
اربي شعور زندگي، شاعر نه ٿي سگهيو.
—
سڀ کي پنهنجي پنهنجي ريت،
پنهنجي پنهنجي ڌرتي آ،
پنهنجا پنهنجا پيغمبر،
پنهنجي پنهنجي جاگرتا،
پنهنجو پنهنجو ڌرم ڪرم،
***

سڀ ڪي پنهنجا پنهنجا گهاءَ
پنهنجو پنهنجو مرحم آ.
سڀ ڪي پنهنجو گوتم آ.

—

نيڻ الا، اگهي تہ بہ چڱو
ٽوڙو مرڪي، ڪلي تہ بہ چڱو
پيار، نفرت منجهان ٿي سهي
ڪنهن نظر سان ڏسي تہ بہ چڱو.

—

ڪڏهن ڦهڪندا خواب جڳ جي اکين ۾
ڪڏهن خوف، بيدار جا قيد ٽٽندا.
ڪڏهن مات جهنگل جو قانون ٿيندو،
۽ جهرڻا محبت جا ڌرتيءَ مان ڦٽندا.

—

اداس روح ازل کان پناهہ ۾ آهي،
صليب سوچ جو عيسيٰ ڪٽي جتان گذريو
اسان جو عشق انهيءَ رسم راهہ ۾ آهي.

—

زيريون ۽ زنجير نہ گهرجن،
اوچڻ ۽ غنبير نہ گهرجن،
پنهنجي قاتل ساٿل لوئي،
باندوڻا پٽ چير نہ گهرجن.

—

هڪڙي گوليءَ سان ڪرّيو
هڪڙو ڇاتيءَ تي گلاب.
***
ايندو ايندو اوچتو
آشتيءَ جو انقلاب

اهو جيڪو اجا آيو به ناهي ۽
اجا موجود دنيا ۾
ڪچي اک آ نه ڪولي اُن
سياڻي جي سڌارت جي
نئين نرواڻ جي نغمي
پڏڻ لاءِ منتظر آهيان

–

ائين نه مون کي روڪ
لڙڪ جي زنجير سان

–

سچ نئين سان آ آپگهات
ڏس بدن بارود سان
زخمي زخمي ڪائنات

–

نمرود خدائيءَ جي ڪري روز ٿو دعويٰ
معبود جي پر ماٺ ۾ محشر ڪو لڪل آ
هر جاڳ جي آ آڳ کي روڪڻ جي تمنا
هر دور جي پاتال ۾ آڙاهه پريل آ

–

هن صورت يزدان کي ڪڏهين ته پڏڻ ڏيو
قرآن جي عرفان کي ڪڏهين ته پڏڻ ڏيو
انجيل جي اعلان کي ڪڏهين ته پڏڻ ڏيو
جبريل مخاطب ته مسلسل ئي رهي ٿو
انسان جي فرمان کي ڪڏهين ته پڏڻ ڏيو

–

شهر ۽ سمنڊ جهڙو ڪر، ڪپي ويندا
ڪراچيءَ ۾ اسان جا گهر، ڪپي ويندا
***

اڪيون ڪوليو نہ ٿئي جيئن سنڌ جو سودو
وڏي ناٽي، وڏا رهبر ڪيپ ويندا.

–

اڄ جا آقا،
ڪلاشنڪوف جي قلم سان،
امن جي تاريخ لکي رهيا آهن.

–

ڪوبہ اکڙين جي اڳيان، آهي ڪٿي؟
***

سچ هينئان روز ٿي ڪيڏو سڙين،
سنڌ، تنهنجو سائبان آهي ڪٿي؟

–

ڪروڙين اکيون اشڪباريءَ ۾ آهن،
ڪروڙين دليون بيقراريءَ ۾ آهن،
سيئي هٿ سينہ زنيءَ منجهہ آهن،
اگرچ عذر خواهين سان آباد پنهنجا،
سيئي سچ آتش ڪدي منجهہ آهن.

–

مايا ڇايا موهہ
پهرين پارس پاڻ هئاسين،
هاڻي پٿر، لوهہ
خالي سڪتا خراب اکين جا.
ڳوڙهن سان ئي ڳوهہ
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهہ

–

اي ڪراچي!
تون اسان جي عيد آهين،

تون اسان جي ديد آهين،
تون اسان جي جيت آهين،
تون اسان جي هار آهين.

-

شال سوويري مري،
جيڪو چوي،
پنهنجي هوندي،
سنڌ کان تون ڌار آهين.

-

دليل سوچي پناه ڳولي،
اجا بہ دل تي گناه ڳولي.

-

سارو عالم سمهي رهيو آهي،
ديپ تنها ٻري رهيو آهي،
ساپيان سراءِ هر سپنو
وقت کان اڳ مري رهيو آهي.

-

ڪڏهن بهتان ڳولن ٿا، ڪڏهن بدنام ڳولن ٿا،
وري هو ابن مريم لئہ نئون الزام ڳولن ٿا.

***

ڪٿين سان، چنڊ سان تارا، پيا آڪاس ۾ جاڳن،
سڀاجها نيڻ احمد جا، ڪٿي آرام ڳولن ٿا.

-

## • نئين سوچ جا ڏيئا ٻاريندڙ شاعري

سوڀو گيانچنداڻي

احمد سولنگيءَ جي ڪتاب جي مطالعي مان معلوم ٿيو ته احمد سولنگيءَ ڪي به اياز وانگر شاعريءَ جي هر صنف تي دسترس آهي. بلڪ مان ائين چوان ته اياز وانگر هن جنهن به صنف کي ڇهيو آهي، ان ۾ شاهڪار تخليق ڪري، ان کي لازوال ڪري ڇڏيو اٿائين.

احمد سولنگيءَ جي مون سان ڄاڻ سڃاڻ بنهين گهٽ رهي آهي. بس مون سندس شاعري اندازن ٻن ڏهاڪن کان سنڌيءَ جي ڪيترن رسالن ڪتابن ۽ اخبارن ۾ پئي پڙهي آهي جيڪا وٽندي به رهي آهي پر هيئن تفصيل سان هن جي شاعري پڙهڻ جو موقعو تڏهن مليو آهي جڏهن هن پنهنجو ڪتاب "خواب آوارا پکي" مون ڏانهن اعزازي ڪاپيءَ طور اُماڻيو آهي.

هي ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ منهنجو تاثر اهو آهي ته وڏي عرصي کانپوءِ سنڌي شاعريءَ جي ڦلواڙيءَ ۾ نون گلن ۽ خوشبوئن جو اضافو ٿيو آهي. مون کي اندازو نه هيو ته هي يار پنهنجي خيالن جي دنيا ۾ ايڏو وسيع ۽ گهرو آهي، جو سندس هر نظم، گيت ۽ غزل پڙهندي محسوس ٿئي ٿو ته شاعر واقعي به پنهنجي شاعراڻي سفر کي غير معمولي انداز ۾ روان دوان رکيو آهي.

غير روايتي شاعريءَ جو هي مجموعو پڙهي سچ پچ مونکي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. شيخ اياز کانپوءِ هي ڪتاب وچ واري سموري عرصي ۾ سنڌي شاعريءَ جي ميدان ۾ نون لاڙن جي آگاهي ڏيندڙ آهي ۽ نئين سوچ جا ڏيئا ٻاري نوان دڳ ۽ پيچرا پسائيندڙ آهي.

احمد جي شاعريءَ جي هن گوناگون دنيا جو سير ڪندي مان جڏهن هن جي هن غزل تي پهتس ته اُن جي هر بند مونکي مجبور ڪيو ته مان ان کي ورائي ورائي پڙهان، ڇو ته ان ۾ روانيءَ سان گڏ فڪري گهرائي به ڪمال جي آهي.

آءُ هوا ٿي آءُ،

درد دوا ٿي آءُ

سارن ۾ پئي ساهه

ڪا تہ ڪلاتي آءٌ

آءٌ ٿيان منصور،
وقت قضا ٿي آءٌ

يا جڏهن هي سٽون پڙهيم تہ انهن ۾ اظهار جو انوکو انداز ڏسي ڏاڍو حيران ٿيس:

ڪي بادل پنبڻين ۾ پھتا، ڪو آڳم دل کان ٻاهر آ،
هڪ موسم دل جي اندر آ، هڪ موسم دل کان ٻاهر آ.

هر وقت صحيفا يادن جا، هر وار اکين تي نازل ٿيا،
هڪ محشر لڙڪن جو من ۾، هڪ ماتم دل کان ٻاهر آ.
ٻکن ۾ ڪڙهن ڪنهن جا آنبا جڏهن تا
سڄي رات فطرت جي تخليق روئي،
ڏکن جون تي شبنم سان مالهائون پوئي
عمر کان اڳي تا ٿين ٻار بالغ،
وتوهي جنم آهِ تهذيبَ ڪهڙو؟
انڌو دور ڪنهن جي ڪري پالنا ٿو!

سڄو ڏينهن چمني ٻري مِل جي ٿي،
ٻکن نانگ دونهين جا آڪاس ۾ تا،
پناهون وڻن لڙڪ احساس ۾ تا،
جڏهن سانجهہ سوني اگڻ تي لهي ٿي،
ٿڪل ساٿو ساٿو مزدور موٽي،
هٿين پيٽ خالي ۽ مجبور موٽي!

مونکي اميد آهي تہ سنڌ جا ساڃاهہ وند حلقا احمد سولنگيءَ جي هن ڪتاب کي نہ رڳو پاڻ پڙهندا، پر سنڌ جي نئين نسل کي بہ اهو پڙهڻ تي آماده ڪندا ۽ جهر جهنگ ۾ ان جي فڪر کي ڦهلائڻ ۾ وسان نہ گهٽائيندا.

(ڪاوش دنيا، 2 مارچ 2014ع)

## • خوابن جو آوارا پکي ـ احمد سولنگي

امداد حسيني

احمد سولنگيءَ جو هڪ رسالي ۾ انٽرويو ڇپيو هو. ان ۾ ڪائنس هڪ سوال ڪيو ويو هو ته تنهنجي شاعريءَ ۾ "سنڌيت" جو ذڪر ورلي ملي ٿو. ڪارڻ؟ (لفظ ٻيا ٿي سگهن ٿا، پر مطلب اهو ٿي هو). ان جي جواب ۾ احمد سولنگيءَ پاڻ هڪ سوال ڪيو آهي "ها: ٻڌائي گهڻا ڀيرا "سنڌ" لفظ استعمال ڪيو آهي؟ ۽ پوءِ ان جو جواب به هن پاڻ ڏنو آهي ته "صرف هڪڙو ڀيرو!" هن اهائي ڳالهه ڪئي آهي، جيڪا شيخ اياز پنهنجي ڪنهن انٽرويو ۾ چئي هئي. "تڏهن به مون لکيو هو ته: "جيڪڏهن شيخ اياز شاهه سائين جي ڪلام جو اردوءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي ته پوءِ ڪيس اها خبر چو نه پئي ته شاهه سائينءَ "سنڌ" لفظ هڪ کان وڌيڪ ڀيرا ڪتب آندو آهي. پوءِ اُهي چار سٽون به ڏنيون هئم جن ۾ شاهه سائين سنڌ لفظ ڪتب آندو هو.

احمد جو انٽرويو پڙهي اها ڳالهه ياد آيم. پر شاهه سائينءَ جو اهي سڀ سٽون ياد نه پئي آيم. انهن سٽن لاءِ سڄو رسالو هڪ هڪ سٽ ڪري ڏسڻو پوندو! پر غلام محمد شاهوانيءَ جي سهيڙيل، آر ايچ احمد برادرس جي ڇپايل "شاهه جو رسالو" (جيڪو احمد شيخ کان بائينڊ ڪرايو هئم) جي منڍ واري خالي پني تي اهي سٽون ملي ويون: جيڪي هتي ڏيان ٿو:

1ـ نه سِري نه سِنڌُ ڪا، نه هِنڌُ ههڙي

(سر رامڪلي ص 1120)

2ـ جيهس ڪو نه جهان ۾، هنڌ سنڌ سورت هاڻ

(سر بلاول ص 1299)

3ـ سائين سدائين ڪرين متي سنڌ سڪار

(سر سارنگ ص 986)

4ـ هوند نه سنڌ سياس هن پريين ڪيس پڌري

(سر معذوري ص 465)

"جيئو ۽ جيئڻ ڏيو" جو اهو ساڳيو افاقي متو اسان جي شاعرن تائين هليو آيو آهي. مون کي ياد آهي ته انهن وچايل پنن ۾، مون لاکيٽي لطيف جون هي سٽون مثال طور ڏنيون هيون:

سائين سدائين ڪرين مٿي، سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

لاکيٽي لطيف پنهنجي ديس سنڌ سان گڏ سڄي عالم لاءِ دعا گهري آهي ۽ اها آهي سنڌيت. جيڪا نه رڳو پنهنجي ديس جي سڪار لاءِ آهي، پر ساري جڳ جهان لاءِ به آهي. آئون ان سموري ڪٿا کي هرو ڀرو احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ تي ٺهڪائڻ به نٿو گهران.

اها 71_1970 جي ڳالهه آهي جڏهن هڪ آمريڪي سنڌياڻيءَ، مون کان قريب قريب، اهڙو ئي سوال پڇيو هو ته "تنهنجي شاعريءَ جي Theme ڇا آهي؟" اهڙو سوال نه ان کان اڳي ڪنهن مون کان ڪيو هو نه پوءِ! هوءَ ڪنهن research جي سلسلي ۾ سنڌ آئي هئي ۽ هن سان سنڌالاجيءَ ۾ ملاقاتون ٿيون هيون. سندس چونڊ تي ڪيس پنهنجي شاعري ٻڌائيندو هئس.

اورينٽ هوٽل ۾ هوءَ منهنجي سامهون ويٺي هئي. اسين چانهه جون چسڪيون ڀري رهيا هئاسين ۽ آئون کيس پنهنجي شاعري ٻڌائي رهيو هئس. اورينٽ، تن ڏينهن ۾، حيدرآباد سنڌ ۾ Most Modern هوٽل هئي ۽ اڃا سرڪار سڳوريءَ جي عتاب ۾ نه آئي هئي! ۽ سنڌين جي ملڪيت اڃا سنڌين وٽ ئي هئي! سو هن جي اهڙي غير متوقع، اوچتي سوال تي، چانهه جي چسڪي جهٽ لاءِ ٽڙيءَ کان هيٺ نه لٿي هئي. مون هن جي نيڻن ۾ نهاريو. ڳيت سان چسڪي ٽڙيءَ کان هيٺ لاٿم ۽ پڇيم "ڇا پڇيو تو؟"

"تنهنجي شاعريءَ جي ٿيم ڇا آهي؟" هن سوال ورجايو.

"سنڌيت" ورندي ڏنم.

مون کي خبر نه آهي ته هوءَ منهنجي جواب مان ڪيتري قدر (مطمئن ٿي! يا آئون پاڻ ڪيترو مطمئن هئس! اهڙو بحث، هڪ ڀيرو آغا سليم جي آفيس، حيدرآباد سنڌ ريڊيو اسٽيشن ۾ به ٿيو هو. تڏهن آغا سليم آسٽريليا مان Training Trip تان موٽيو هو ۽ هن آسٽريليا جي پسمنظر ۾ بهترين ڪهاڻيون

لکيون هيون رسول بخش پليجي انهن کهاڻين جي حوالي سان پڇيو "اهي ڪهاڻيون سنڌي ڪيئن آهن؟" آغا سليم انهيءَ جو ڏاڍو سادو جواب ڏنو هو ته "ڇاڪاڻ ته اهي سنڌيءَ ۾ آهن!"

ساڳئي وقت يورپي عالمن جون سنڌ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب بابت تحريرون ۽ ڪم جيئن ڊاڪٽر ٽرمپ جو سنڌي گرامر، شاهه جو رسالو ڇپائڻ، ڊاڪٽر سورلي جو ڪم يا ڊاڪٽر مبارڪ عليءَ جو سنڌ جي تاريخ تي ڪم، مولوي عبدالقدوس جو سنڌ تي اردوءَ ۾ ڪم، جي ايم مهڪريءَ جون انگريزي تحريرون حسن حميديءَ، حمايت علي شاعر جي سنڌ جي حوالي سان شاعري فهميده رياض جو نظم "جيئي سنڌ" ۽ پاڪستاني ادب ۾ سنڌي ادب وارو ڀاڱو، پروين شاڪر جو نظم "سندھ کي ايک بيٹي کا اپني رسول سي ايک سوال" آفاق صديقي، شهناز شورو، مظهر جميل جو ڪم سڀ "سنڌيت" جي ذمري ۾ اچي ٿو. هند جي سنڌي شاعريءَ جي حوالي سان لڇمڻ ڪومل لکيو آهي ته:

"هند جي جديد شاعريءَ ۾ 'سنڌ سرير ۽ ساهه' جهڙي هم آهنگيءَ جا سيني ۾ سلا ڦٽي نه سگهندا." (خواب آوارا پکي ص 23)

ظاهر آهي ته جنهن ديس، جنهن واتاورڻ ۾ شاعر رهي ٿو، هن جي شاعريءَ مان به اهيئي منظر، ماڻهو شيون نروار ٿيڻ عين فطري آهي. پر اهو امڪان به آهي ته انهن جي روح ۾ سنڌ جي ڀيهڪ جي سوني ريک ڪنهن به پل اجاگر ٿي وڃي. هند ڇاون جي اور سنڌ جي مٽيءَ ۾ برابر پوريل ناهي، پر سنڌن وڏن جي پوريل آهي. سنڌو به اتان نڪري سنڌو ساگر ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. قديم سنڌ جا ڪيترائي خطا هند ۾ آهن. لڇمڻ ومي سدارنگاڻيءَ جي ڪوتا به ڪنهن حوالي سان ڏني آهي، پر ان بابت پوءِ ڪجهه چوندس. هتي صرف ايترو چوندس ته ومي، توڙي سندس ٿهيءَ جا ٻيا شاعر سنڌيءَ ۾ سوچين ٿا ۽ تخليق ڪن ٿا ته ائين هو پنهنجي ٻوليءَ کي بچائڻ وارو پنهنجو بنيادي فرض ادا ڪن ٿا.

هند جي راشٽريه گيت ۾ سنڌ جو سڳورو نالو موجود آهي ۽ سنڌي ٻولي به هڪ قومي ٻولي آهي. پر ورهاڱي کان صرف 4 سال پوءِ ون يونٽ مڙهي، سنڌ جو نالو ئي ميساريو ويو ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ٽئين درجي تائين واڙي، انگريزن جي دور وارا، ان کي مليل حق به غصب ڪيا ويا! سنڌ سان مفتوح علائقي وارو سلوڪ

ڪيو ويو ۽ جن سياستبازن اها ڳهائي ڳهتي، اهي ان BLUNDER ڪي غلطي چئي، ساڏ ٻڌجي ويا! ڏوهيءَ جي ڳهران ڇا ويو؟ تلهي "شوا" گدائيءَ جي هيءَ سٽ ان سچي منظر نامي کي هيئن ٿي چٽي:

آزادي آئي، پر ماڳ نه موتي مارئي

هِتي ۽ هُتي، جڏهن سنڌي بندوق جي نالي جهڙي ڏکهي ۽ ڪاري رات جي پوائتي سپني مان سجاڳ ٿيا، تڏهن هڪڙا اجنبي ديس ۾ هئا ته ٻيا پنهنجي ئي ديس ۾ اجنبي! پوءِ "ٻڌل ٻيڙيءَ جون هريڙون به چڳيون" وانگر هِتي ۽ هُتي پنهجي ٻوليءَ ۽ سيتا کي بچائڻ ۾ جنبي ويا. روايتي، ترقي پسند، قومي ۽ جديد جا وهَڪرا هڪ ٻئي مان ڦٽندا رهيا.

ون يونٽ جي دور ۾، سنڌي شاعريءَ جو رنگ، ڍنگ ۽ آهنگ بدلجي ويو اهو دور هند توڙي سنڌ ۾ سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جو هڪ سونهري دور هيو.

مون "سنڌيت" بابت احمد سولنگيءَ کان پڇيل سوال ۽ جواب جي حوالي سان ڳالهه ٻئي ڪئي "خواب آوارا پکي" جي مهاڳ ۾ لڇمڻ ڪومل لکي ٿو ته:

"سياڻي جو سچيت ۽ سجاڳ نقاد جڏهن، احمد سولنگيءَ کي سندس سنڌيت واري، جذبي لاءِ آفريني ڏيئي سوال ڪندو ته..."

اهو سوال اسان جي قدرن ۽ ملهن کي مٿانهون ڪرڻ بابت هوندو ۽ اهڙو سوال سياڻي جو سچيت ۽ سجاڳ نقاد ڪندو! پر لڇمڻ ڪومل پاڻ ئي ان سوال جي جواب ۾ سند طور احمد سولنگيءَ جي هڪ نظم جون چار سٽون ڏنيون آهن ۽ ان ۾ هن "نيون تشبيهون" نوان استعارا ۽ نيون علامتون سمائي سگهڻ جي ڳالهه ڪئي آهي، لڇمڻ ڪومل جي ان مان مراد شايد ان نظم جون هي سٽون به هجن، جنهن ۾ ازل جي ديوتا سچ کي سيئي سورج مکي سجدو ٿا ڪن!

سچ ازل جي ديوتا سامهون سيئي،
صبح جا سورج مکي ڪن ٿا سجود

جڏهن ته صبح جو سورج مکي ڳاٽ ڪٽندا آهن، پر هتي سجود ٿا ڪن! اهو هڪ نئون مشاهدو آهي.

هيرو هندورو، ڪينجهر ڪپ،
چنڊ چمي پيو نوريءَ چپ

منهنجا هٿ پير سڀ پڄي ويا آهن،
باقي سڪل هن ته،
صرف منهنجون اکيون،
صرف منهنجون اکيون.

هند ۽ سنڌ ته ڇا دنيا جو ڪو به ڪوي نٿو لکي سگهي! لڇمڻ ڪومل لکيو آهي ته "وميءَ جي ڪوتا ۾ خيال جي سخن آرائي (ELOCUTION) پوئين سٽ تائين پهچي دل ۾ چيٽ جيان چڀي وڃي ٿي." (خواب آوارا پکي ص 74) بادل رولو ڇوڪرو ڪليل دريءَ مان، ٻي ڊپو گهڙي ٿو ۽ "آئون" ڪردار جو پورو وجود اندر ٻاهر (تن من) پڄي ٿو وڃي. صرف اکيون نوٽ رهجي ٿيون وڃن:

باقي سُڪل آهن ته،
صرف منهنجون اکيون،
صرف منهنجون اکيون.

۽ اهي آخري سٽون PUNCH LINES جيان ورهائجن ٿيون ۽ رچنا جي ختم ٿيڻ کان پوءِ به پڙاڏو بڻجنديون رهن ٿيون. وميءَ پنهنجا (اسان جا) پيتل لڙڪ لفظن جي روپ ۾ پني تي رنا آهن. وميءَ جي ڪوتا ۽ احمد سولنگيءَ جي نظم جا فارم الڳ آهن ۽ ٻنهي جون پنهنجون گهرجون آهن. پابند، آزاد ۽ نثري شاعريءَ ۾ به فارم الڳ ئي هوندا آهن. ۽ اهي نياٽا به پوندا آهن. اها نميواريءَ جي ڳالهه آهي ته شاعر کي اها سمجهه هجي ته پابند شاعريءَ ۾ دل گل ۽ ڳل قافيا صحيح نه آهن. لفاظيءَ ۽ پرتيءَ جي لفظن جي واهپي کان به پاسو ڪرڻ کپي. لڇمڻ ڪومل جي هيٺين ڳالهه کان انڪار ممڪن نه آهي:

"نثري شاعريءَ، نون شاعرن کي شاعري مٿان نازل ڪري ڇڏيو آهي جتي هر ٻوليءَ ۾ هڪ جينوئن شاعر پويان ڏهه فيڪ شاعر پيدا ٿي رهيا آهن، جن ۾ ڪي 'سنگتو' شاعر آهن، ڪي پالتو شاعر آهن ته ڪي فالتو شاعر آهن." (خواب آوارا پکي ص 78)

اها ساڳي صورتحال پابند توڙي آزاد شاعريءَ جي به آهي. هلچل، منزل جهڙن قافين تي شاعرن کي پاڻ سوچڻ کپي. ٻٽن لفظن، اسم تصغير، پوري ۽ اصل اچار (خاص ڪري عروضي شاعريءَ ۾) اڳياڙيون ۽ ضميري پڇاڙيون نوان لفظ

رکيل موراڻي جڏهن ڪبير ڪان احمد سولنگيءَ تائين روايت جو ذڪر ڪري ٿو ته هُو به نئين ڪتاب ۾ سنڌ جي سچائپ "ساڳئي ڏک" کي قرار ڏئي ٿو. احمد سولنگيءَ به "شاعريءَ جي حضور ۾" درد جي ئي اپٽار ڪري ٿو:

- آرٽسٽ جي ڀرين ۾ آخري پناهه گاهه درد جي غارِ حرا آهي.
- درد ياڳوند ياڳيو آهي.
- دائميت رڳو درد کي ئي حاصل رهي آهي.
- امرتا فقط درد کي حاصل رهي آهي.

فيض احمد فيض جي ڪلام جي سنڌي ترجمي "تنهنجي ساگر نيڻن ۾" جي مهاڳ ۾ به ڪجهه اهڙي ڳالهه لکي اٿم:

"غمِ جانان ۾ غم دوران ۾ به 'غم' مشترڪ آهي ۽ اهو ئي غم اهو ٻج آهي جيڪو شاعر جي دل ڌرتيءَ ۾ پوکجي ٿو." (ص 30)

ڏسڻو اهو پوندو ته اهو درد ذات جو آهي يا اجتماع جو. ان ٻج مان ڦُٽل وڻ جو ٿارُ ڏسڻ ۾ ڪيترو پکڙيل آهي؟ ان جي چوٽي اُڀ ڏانهن ڪيتري اوچي آهي؟ ان جو ٿُڙُ ڪيترو ٿلهو آهي؟ ان جون پاڙون پاتال ۾ ڪيترو اونهيون پيهي ويل آهن؟

"هميرو ڪولهي" هڪ ڪردار جي حوالي سان نظم آهي ۽ ان جون پهريون ٻه سٽون:

وقت هميري ڪولهيءَ جو،
ڪيئن گذريو آ ڪيئن گذري ٿو!

آخر ۾ وري ورجائجن ٿيون ۽ نظم ختم ٿي ٿو وڃي. وچ جي 33 سٽن ۾ ان پار ڪري پوڙهي ڪڙميءَ جي گذريل ۽ گذرندڙ وقت جو ذڪر آهي. اسين ڄاڻون ٿا ته ڪولهي ۽ ٻاگڙي سدا هاري آهن ۽ سڏبا به اُهي آهن. هن نظم مان اها خبر نه ٿي پئي ته "بني" هميري جي پنهنجي آهي يا هو صرف هاري آهي؟ لڇمڻ ڪومل پنهنجي مهاڳ ۾ احمد سولنگيءَ جي سرلتا بابت لکي ٿو ته:

"هو (يعني سنجيده شاعر) هڪ طرف خيال جي لئه ۽ ٻئي طرف ٻوليءَ جي ورانيءَ کي هڪ ٻئي سان هم آهنگ ڪندي پنهنجي تخليق جي آڳام کي پنهنجو گرفت کان ٻاهر اوجهل ٿيڻ نٿو ڏئي" (خواب آوارا پکي ـ ص 16)

مون کي ياد آهي تہ مون طالب المولىٰ جي شاعري شيخ اياز جي شاعريءَ کان اڳين صفحن تي ڇاپي هئي. شيخ اياز لاءِ تہ ڪو مسئلو نہ هو پر هين ان کي مسئلي بنائڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي. ڪجهہ اهڙي ڳالهہ اسحاق سميجي بہ لکي هئي تہ نارائڻ شيام جو نالو شيخ اياز کان پهرين ڇو ڏنو ويو! جڏهن تہ طالب المولىٰ، شيام ۽ اياز همعصر بہ آهن تہ هم عمر بہ. شيام تہ اياز کان سال ٻہ وڏو بہ آهي. پر احمد سولنگي منهنجو ننڍو همعصر آهي ۽ پيو تہ هن اها ڳالهہ بہ صحيح نہ ڪئي هئي. ڇاڪاڻ تہ منهنجي دور ۾ "مهراڻ" ۾ منهنجي شاعري سدائين آخري صفحن تي ئي ڇپي آهي. "ائين تہ ناهي!" مون چيو.

"بلڪل ائين آهي. تو پنهنجي شاعري پهرين ۽ منهنجي پوءِ ڇپي آهي." هن وري ساڳي ڳالهہ ورجائي.

مون ڳالهہ ڪٽائڻ لاءِ چيو "ٺيڪ" آهي. لڇمڻ کي امين ٿا مقرر ڪيون ۽ جيڪڏهن تون صحيح هوندين تہ آئون شاعري ڇڏي ڏيندس! اهو شرط ڏُريون ۽ امين اڄ بہ موجود آهن. احمد سولنگيءَ جي ڊالرن ۽ پاسپورٽ وانگي ريل جي ان گاڏي ۾ ڪري نہ پيا هئا.

پٽ شاهہ تي ناز لطيفيءَ پاران گنريل سال (2013) عيد مشاعري ۾ احمد سولنگيءَ جي صدارت هئي ۽ مون کي جڏهن شعر پڙهڻ لاءِ سڏيو ويو. تڏهن هو پڙڪو ٿي اٿيو ۽ جهڙوڪر زوريءَ مون کان اڳي شعر پڙهيائين. اصل ۾ ناز لطيفيءَ کي احمد جو صدارت لاءِ نالو بہ مون ئي ڏنو هو.

اسان روايتي دور جي ڪيترين ئي روايتن کي رد ڪيو هو. "جشن روح رهاڻ" جي مشاعدي ۾، فتاح ملڪ جي صدارت ۾، جيڪو اسان سيني جو جونيئر همعصر هو. شيخ اياز بہ شعر پڙهيو هو. شمشير، تنوير نياز بہ شعر پڙهيو هو.

"خواب آوارا پکي" احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو مجموعو آهي. جيڪو 2013 ۾ ڇپيو آهي ۽ جيئن شعري مجموعو ڇپجي، تيئن ڇپيو آهي. سلپ پنو صحيح فونٽ سان ۽ ان ۾ شاعري بہ آهي.

احمد سولنگيءَ لاءِ شاعري ماءُ جي مقدس مامتا ۽ محبوبا جي مرڪ جهڙي آهي ۽ ان ساٺ کي اٺيهہ سال تي ڇڪا آهن. احمد سولنگي لڇمڻ ڪومل کي سنڌي ٻوليءَ جو (شايد) آخري نقاد ٿو سمجهي ۽ هن جي ويچارن

سان "سهمت هوندي به اسهمتي ڏيکاري" سگهڻ جي ڳالهه ٿو ڪري هو شاعريءَ کي لباس نه پر بت جي چمڙي ٿو سمجهي، جنهن کي هو لاهڻ به چاهي ته لاهي نٿو سگهي!

ان تي مون کي آغا سليم جو اهو جملو ياد اچي ويو جيڪو هن سهڻي، نسيم احمد کرل نمبر ۾ لکيو هو ته نسيم بت جي چمڙي جو ڪهاڻيڪار آهي. هُو اهو به سمجهي ٿو ته هن کي جيڪي ڪجهه ڳالهائڻو/ چوڻو هويا آهي اهو هُو سڀ ڪجهه شاعريءَ ۾ اظهاري چڪو آهي. منهنجي راءِ ۾ هڪ شاعر کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ئي ڳالهائڻ گهرجي.

رڪيل مورائي ۽ لڇمڻ ڪومل جيڪي موري ۽ ڪنڊياري جي حوالي سان پاڙيسري به آهن. انهن جي لکڻين مان ائين ئي لڳي ٿو ته بس اهو ئي انت آهي جڏهن ته شاعريءَ جو به زندگي جيان انت آهي ئي ڪونه! شرط اهو آهي ته اها شاعري هجي به. جيڪا احمد سولنگيءَ وٽ آهي. هڪ شاعر کي پڇاڙڪي پساهه تائين لکڻو ته آهي پر سگھڻو به آهي. ته ساڳئي وقت سيکارڻو به آهي خاص ڪري ان ٻوليءَ جو سياءُ به سمجهڻو آهي. جنهن ۾ هو شاعري ڪري ٿو. لفظ جو وڏي ۾ وڏو پارکو شاعر آهي ۽ هن کي "جهونڪا" ۽ "جهوتا" جي پرک هئڻ گهرجي.

احمد سولنگيءَ جي مجموعي جي ٻيءَ هن جي ڪراچيءَ جي فليٽ تي ٽيبل تي پيل هئي. ان تي عنوان هيئن لکيل هو "خواب آواره پکي" مون چيو ته "آواره يا آوارا؟"

احمد چيو "آواره"

مون چيو ته "جيئن لفظ آهي جلوه" پر سنڌيءَ ۾ اهو جلوو ٿيندو."

پر شمشير چئي ٿو ته "آوارا" نه پر "آواره" ٿيندو. پر مجموعي ڇپجڻ کان پوءِ ان تي "آوارا" لکيل هو. شايد هن کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي هئي! لفظ جي سنڌيءَ ۾ اصل اچار جو به مسئلو آهي. عروضي شاعريءَ ۾ ۽ خاص ڪري غزل ۾!

احمد سولنگيءَ سان جڏهن سنڌس هڪ رسالي ۾ ڇپيل انٽرويو جي حوالي سان لکيل ڪجهه پنن جو ڪر ڪيم. جيڪي ايڊيٽر رڪشا ۾ ويندي ڪٽي ڪيرائي ڇڏيا هئا. انهن ۾ مون هن جي ان جواب ته "پڙائي" به ته هڪ پيرو سنڌ لفظ

ڪتب آندو آهي. تي بہ لکيو هئم تہ "لطيف سائينءَ هڪ پيرو نہ پرچار پيرا سنڌ لفظ ڪتب آندو آهي." پوءِ بيءَ ملاقات ۾ سندس هنڌ تي "شاهہ جو رسالو" ڪليل پيل ڏٺم. مطلب تہ هن نئين سر پڙهائيءَ جو ابياس شروع ڪري ڇڏيو هو.

پڇائي پهاڻ جن رسائو رڪ ڪي،

تنين سندو چاڻ، آهي آڳڙين ڪيا

هاڻي اچو تہ احمد جي غزل جي اها خوبصورت مطلع هڪ پيرو ٻيهر پڙهون ۽ ان جي نسبت سان ڳالهہ ڪي اڳتي ڇوريون:

هير هندورو ڪينجهر ڪپ،

چنڊ چمي پيو نوريءَ چپ

اهو هڪ خوبصورت منظر آهي. سٽن ۾ تز لفظن جو جڙاءُ آهي. چنڊ رات جو چڙهي ٿو ۽ پوئين پهر لڙي ٿو پر احمد جي غزل جي مٿين مطالع جي اپ تي چنڊ اٿين ڪڙيل رهندو ۽ نوريءَ جا چپ چمندو رهندو. هير هندورو اٿين جهولندو رهندو. بلڪل هن پل. هنن سٽن لکندي، اها سوچ اڀري تہ چنڊ ڪٿي تماچيءَ جو استعارو تہ نہ آهي! سنڌ جي سونهن جو بيان ڪرڻ اتهاسڪ ڪردارن کي نئين معنيٰ سان پيش ڪرڻ " سنڌيت" آهي. اهو پورو غزل لڇمڻ ڪومل پنهنجي مقدمي ۾ QUOTE ڪيو آهي ۽ مقدمي جو عنوان بہ هن شعر جي مصرع ثانيءَ کي رکيو آهي:

تو وٽ مهنگا موتي ڪوڙ

مون وٽ آ لڙڪن جي لپ

۽ ان غزل جو آخري شعر سنڌ جي صورتحال بابت:

سنڌ سڄي آ نيزي پاند،

دلبر ڪهڙا ڏج ۽ ڏپ.

اسان وٽ سڀ ڪجهہ روايتي آهي. هر اها دعويٰ جيڪا بنا دليل جي آهي، باطل آهي. ۽ انٽرويو وٺڻ تہ ايڏو سولو ٿي ويو آهي. جو شاعر کي بنا پڙهڻ جي بہ وٺي سگهجي ٿو. انٽرويو ۾ "سنڌيت" واري سوال جي جواب ۾ اهو حصو غور سان پڙهڻ جهڙو آهي. جنهن ۾ احمد شاعرن جا نالا کڻي ڳالهہ ڪئي آهي.

مون احمد سولنگيءَ کي ٻڌو ۽ پڙهيو آهي. هن "خواب آوارا پکي" کان پوءِ بہ جيڪي ڪجهہ تخليق ڪيو آهي. اهو بہ مون ٻڌو آهي ۽ پڙهيو آهي. ڀٽ شاهہ تي ناز لطيفيءَ جي، گذريل عيد مشاعري تي هن پنهنجو طرحي غزل پڙهيو هو. مشاعري تان موٽندي، شبير "هاتف"، سان احمد سولنگيءَ جي غزل جي ساراهہ ڪيم. گهڻا شاعر طرح تي ننڍا لکي سگهن. مون کي ياد آهي تہ احمد سولنگيءَ "ادب – امداد حسيني نمبر" ۾ انٽرويو ۾ مون کان سوال ڪيو هو تہ اسان واري ٽهيءَ احمد سولنگيءَ واري ٽهيءَ کي عروض سکڻ کان جهليو هو.

مون پاڻ ڪڏهن بہ ڪنهن کي نہ جهليو هو تہ ڪو هو عروض نہ سکي، بلڪ سدائين سکڻ جي ڳالهہ ڪئي هئي سُر سان سهنڌ رکڻ ۽ ماترڪ ڇند جي ڄاڻ رکڻ جي بہ آئون ڳالهہ ڪندو رهيو آهيان. پر مجموعي سطح تي احمد سولنگيءَ جي ڳالهہ صحيح هئي. سو طرحي شاعري بہ عروض سکڻ جي مشق آهي. اصل ۾ ردم، لئہ سُر، بحر زون ڇند، شاعر جي فطرت ۾ هوندو آهي. پر ان ڏس ۾ جذئيات جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لازمي آهي.

مون کي ياد آهي تہ جڏهن ڊاڪٽر بيخود حسينيءَ (ياٺو قاضيءَ) مون کي وزن سيکارڻ چاهيو تہ مون کي سمجهہ ۾ ئي نہ آيو. پنهنجي ليکي جڏهن سمجهہ ۾ آيو تہ پوءِ ان ڏس ۾ ڄاڻ بہ پرائيندو رهيس ۽ اڄ تائين اها جستجو جاري آهي. سڄي ڳالهہ پنهنجي اندر سان سمجهڻ جي آهي، جي نہ تہ پوءِ صورتحال اها ئي هوندي، جيڪا اسان جي سامهون آهي. سياسي ڌريون ادب ۽ شاعريءَ کي بہ سياست جي تابع ڪرڻ جي ڪِيڏ آهن. ادبي سياست الڳ آهي.

اڄ جڏهن سڄي دنيا ڊجيٽل سسٽم تي اچي وئي آهي ۽ آگرين جي IT جي گرفت ۾ آهي تڏهن اسان وٽ FB, SMS ۽ انٽرنيٽ تي ڇا اچي رهيو آهي؟ اهو سڀني جي سامهون آهي! شايد 13 آگسٽ تي احمد سولنگي جي غزل:

تو نہ گوني ڏٺي نہ پيچاري،
لاڙ سان ڪيئن لنءُ لڳائين تو:

کي ڪٿي FB تي ماهرن جيڪو لڙ ڪيو اهو اسان جي ذهني پستيءَ جو ثبوت آهي. ظاهر آهي تہ اهڙي ذهنيت هوندي، اُن عزل جو هي آخري شعر بہ ان لڙ ۾ لڙهي ويو هوندو:

پنهنجي تاريخ تان نه هٿ ڪڻندس،
لاءِ جيڪو به زور لائين ٿو:
۽ شاعر ويچارو ڪيڏانهن وڃي؟ ڪنهن کي چئي؟ ۽ ڇا چئي؟ شاعر کي شاعريءَ ڏانهن ئي وڃڻ گهرجي ۽ شعر چوڻ گهرجي:

وقت ڪهڙو اچي ويو آهي
تي انڌيرن ۾ روشني روئي

ماڪ پيغام ڇا کڻي آئي
باک سان ئي ڪلي ڪلي روئي

احمد سولنگيءَ اوڻٽيهن سالن جا اوجاڳا شاعريءَ ۾ پوئيا آهن ۽ اها ئي ماءُ جي مقدس مامتا جهڙي شاعري سندس ڪنڌ پنهنجي هنج ۾ رکي ڪيس اولاٽا تي ڏئي ته جهٽ رکي خوابن جي آوارا پکين جا پر ڦڙڪن ٿا ۽ هو ڇرڪ ڀري جاڳي ٿو ته سندس سامهون محبوبا جي مرڪ جهڙي شاعري آجيان لاءِ بيٺل هوندي آهي.

ڪنهن به شاعر لاءِ اهو چوڻ ته هو نظم جو شاعر آهي يا غزل جو عجيب تو لڳي خاص ڪري تڏهن جڏهن هن مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي هجي! احمد سولنگيءَ جو ئي مثال وٺون ته هن گيت، وائي، غزل، نظم لکيا آهن ۽ ڪاميابيءَ سان لکيا آهن. هونئن موجوده دور ۾ مجموعي شاعريءَ تي جيڪو زوال آيو آهي جو به وڏو دخل آهي. ان هڪ صنف آهي "قطع" (قطعو/ قطعا) ان کي هاڻي چو سٽو چونڪ به لکيو پيو وڃي. احمد ان کي "چوڏسي" ٿو چئي ۽ مجموعي ۾ به چوڏسيون آهن:

تون به تنها زندگيءَ جو سمنڊ تي جهاڳين پئي،
جڻ اڪيلائيءَ جا اڌما، حال ٿا اوري وڃن.
شام جي خوشبو لفافي ۾ اچا موجود آهه
لڙڪ هاڻا تنهنجي خط جا، لفظ ٿا جهوري وڃن.

ان "چوڏسي" ۾ به غائب ۽ حاضر ڪردار آهن. هڪ جي خط بابت ٻيو اظهار ٿو ڪري " تون به" مان معلوم ٿئي ٿو ته پيڙ ٻنهي جي ساڳي آهي جيڪ

تنهائي مان ايري ٿي. ان چوڏسي جي موضوع ٻوليءَ تي وڌيڪ ڳالهائڻ کان پاسو ڪندي، ان صنفي نالي تي ئي ويچار جي تہ ان جو جمع چوڏسيون چوڏسين ۾ ٿيندو تہ سٺو ٿيندو. سٺو چوسٺو سان بہ واحد/جمع وارو ساڳيو اصول لاڳو ٿيندو.

"رائي" ڪلاسيڪل صنف آهي ۽ سريلي شاعريءَ جي ذمري ۾ اچي ٿي. خواب آوارا پڪي ۾ وايون بہ آهن. اهي آلاپي چيون ويون آهن يا هيئتي تجربو آهن. سو تہ ٺلو جاٺان، پر انهن ۾ عروضي ۽ غير عروضي وايون شامل آهن.

اڪڙين جي آلاڻ

تنهنجي ڳالهہ ڪري پئي.

آڏيءَ اپ ۾ هيءَ تارن جي،
جڳ مڳ روح رهاڻ.

تنهنجي ڳالهہ ڪري پئي.

پرهہ پريءَ جي پاند ڪٽڻ سان،
اوپر ۾ لالاڻ.

تنهنجي ڳالهہ ڪري پئي.

عروضي وائي جنهن ۾ عروضي احذاف واري اصول کان ڪم ورتل آهي:

هڪڙي گوليءَ سان ڪڙيو
هڪڙو جاتي تي گلاب.
ڪهڙو خواب؟
ڪهڙي سانپيا خواب جي.

وقت گرهڻ ۾ وتو
چو ڏسا اوندهہ عذاب.
ڪهڙو خواب؟
ڪهڙي سانپيا خواب جي.

وقت جو گرهڻ ۾ ونجڻ آڻ چهيو خيال آهي. ڪهڙو خواب؟ ڪهڙي سانپيا خواب جي؟ معنيٰ خيز آهي. تنهنجي ڳالهہ ڪري پئي. ورائي بہ مصراعن سان جوڙ ۾ آهي. وائي چوڻ/لکڻ لاءِ ڪلاسيڪل وائيءَ جو اڀياس لازمي آهي. ان

ريت غزل گو شاعر لاءِ روايتي غزل جو اڀياس لازمي آهي. توڙي جو شاعر غير روايتي ڇو نہ هجي. اهو اڀياس جيترو گهرو هوندو اوترو ڪارائتو ثابت ٿيندو. شاعر لاءِ بہ تہ شاعريءَ لاءِ بہ.

اتڪي لتڪي سنڌڪي اچيو ڳل لڳي،
چندر مک چميو چمي، جو مان ڪان بہ اڳي،
تڳي ڪيئن تڳي زلف زوراور سامهون!

اهي شاعر اڻپڙهيل ڪو نہ هئا. سنڌي سرائيڪي عربي فارسي ۽ هندي ٻولين جا ڄاڻو هئا. جن شاعرن جا نالا اسان کي معلوم آهن اهي ان معنيٰ ۾ لوڪ شاعر ڪو نہ آهن.

"جنهن شخص کي سوچڻ جي سگهه هوندي، اهو ڄاڻڻ جي اوچي ذهني الت ۾ سمورين شڪلين جي واڌ کان مٿي ٿي حقيقت جو ديدار ڪري سگهي " سندس چوڻ موجب:

مان آهيان ۽ هو مان آهيان،
مان اهو آهيان ۽ مان اهو نہ آهيان،
حق خلق ۽ خلق حق آهي،
حق خلق نہ آهي ۽ خلق حق نہ آهي

۽ هڪ شاعر بہ صدين کان ائين آهي ڳولا ۽ جستجو هن جو مقصد يا آهن. اها ڳالهہ قديم زماني کان هلندي پئي اچي. شاعرن/ليکڪن کي بہ دنيا ۾ هن ڳالهہ جي چڱي ريت خبر پوي ٿي. شاعري اصل ۾ هزارين سال اڳ مذهب ۽ بنياد هئي. يوناني ديو مالا ۾ تہ شاعري پنهنجن ديوتائن سان ڳالهائڻ جو هڪ سيلو هوندي هئي. اچو تہ گوتم ٻڌ جي هڪ ڪوتا پڙهون.

هي ڪير ماڻهو آهن جن جي ڏينهن ۽ راتين ۾ ٿو واڌارو ٿيندو
وڃي؟
۽ اهي ڪهڙا ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي نيڪين ۽ عمل
جي ڪري دنيا مان سڌو سرڳ ۾ ويندا.
اهي باغ ۽ ميويدار وڻ پوکڻ وارا.
رستا، واهہ، کوهہ ٺهرائڻ وارا،
سبيلون هڻڻ وارا،
بنا گهرن جي رهندڙن لاءِ گهرن ٺهرائڻ وارا.
هي اهي ئي آهن، جن جون چڱايون ڏينهن رات وڌنديون پيون
وڃن،
۽ جيڪي پنهنجي چڱن ڪمن ۽ نيڪين جي ڪري سڌو
سرڳ ۾ ويندا"

عجب جهڙي ڳالهہ آهي گوتم ٻڌ جي فلسفي ۾ جنت جو ذڪر تہ آهي خدا جي وجود کان انڪاري آهي هو چوي ٿو "خدا هجي نہ هجي. فقط دک جود آهي"

-

قديم يونان جي هڪ نائڪ لکندڙ پري پيبز جو هي قديم هزار سالن کان بہ مٿي پراڻو گيت پڙهو:

چا هو اسان جي ڇهرن کي ڳولي وٺندا،
جيڪي هن سان بيپناهہ محبت تا ڪريون ۽ جيڪي پنهنجي،
لفظن جي جادوءَ کي جاءِ ڏيندا آهيون.
جيڪي مسئلو بيان ڪندا آهن؟
حيف هجي هن جي عميق نفرت ۽ ڪاوڙ تي
جيڪا هن کي پسمر ڪري رهي آهي،
چا هو هاڻ تڏو نہ ٿيندو؟
اي خدا مان هن سان اڃ بہ محبت ڪريان ٿو
پڪ منهنجي محبت واري جاکوڙ
مون کي ناڪام نہ ڪندي،
وچ هن سنسان ايوان مان،
ڏينهن جي روشني ۾ وچ،
هن کي وٺي وڃ ۽ چئو
تہ اسان کي هن سان بيحد محبت آهي،
وچ ائين نہ ٿئي جو هن جو هٺ بي ڏوهن تي
سخت ٿي پوي،
هن جي ڪاوڙ هڪ طوفاني سمنڊ وانگر،
هيڏانهن وڌي رهي آهي.

-

ڪنهن وقت شاعرن کي مجذوب بہ سمجهيو ويندو هو خبر ناهي چو يونان جو مشهور فلسفي افلاطون ان بابت چوي ٿو: "جنون جي ٽين قسم اها آهم جيڪا انهن ماڻهن سان لاحق هوندي آهي، جن جي دماغ ۾ فن جي مقدس اپسرائن جو پاڇو هوندو آهي. هڪ ٻئي فلسفي سقراط سان هڪ داستان گو شاعر اين گڏ هوندو هو. اين پنهنجي ۽ پراين شاعرن جي شاعري کي پڙهي ٻڌائيندو هو

سان هوندو هو چوٿين صدي عيسويءَ واري دور جو هڪ سنسڪرت ناٽڪ نويس "دن نگا آچاريا" پنهنجي شاعرانه ناٽڪ ڪند مالا ۾ لکي ٿو:

هي ريتي جا ڪپر پاڻيءَ جي بوندن سبب آلا ٿي پيا آهن.
جڻ وهنجڻ کان پوءِ ماڻهون هتان لنگهيا هجن.
ديوتائن جي قدمن ۾ چڙهيل گل هر پاسي ٽڙيا پکڙيا آهن.
هوڏس.
نندين نندين موجب ۾ ڪنهن نانگ وانگر چلڪندڙ
هي چنبيليءَ جو هار به آهي.
هي چنبيلي جو هار تنهنجي قدمن طرف ٻيو وڃي.
جڻ درياهن کي تنهنجي پوڄا لاءِ ٻيو ڪٿي اچي.
هن ساموندي ڪناري ڪنهن جي قدمن جا نشان آهن.
مون کي ته اهي ڪنهن عورت جا ئي پير جا نشان ٿا ڏسڻ ۾ اچن.
ڇاڪاڻ ته اهي ڏايا سهڻا آهن.
ڪڙين جا گهرا نشان پنهنجي پويان ڇڏيندي وئي آهي.

ان مان هن جي نزاڪت جو احساس ٿو ٿئي. هن جي پيرن جي نشان وٽ ڪنول جا گل پيا آهن. انهن قدمن جي مالڪ ڪا اهڙي هئي. جيڪا هاڻ ڪونج وانگر هلندي هتان گذري وئي آهي.

هي هوائون پاتال مان اچي رهيون آهن.
ٿڌا ڪنول پنهنجين ڪومل خوشبوئن جا خزانا نڇاور پيا ڪن
اي ديوي!
تون ئي آهين! جيڪا دنيا کي سنڀالي ويٺي هين.
تنهنجو جنم مقدس نانگ جي سر تي ٿيو.
پراڻن ديوتائن توکا ئي اڻ مٽي سگهه حاصل ڪئي.
اندرا پنهنجي منهن سان دنيا جون ضرورتون پوريون ٿي ڪري
تنهنجي لاءِ ڪڇ ۾ جهومندڙ پوکون آهن.
اسين تنهنجي ئي تعظم ڪندا آهيون اي مقدس ديوي!

ڪجهه وقت اڳ لنڊن ويندي مصر ويو هوس. رات قاهره ۾ ترسيا هئاسين. اتي ڪنهن ڪتاب ۾ هڪ قديم گيت نظر آيو هو. هو اگيت انگريزي ۾ هو. پر اهو قديم زماني ۾ پيپائر تي لکيل هو. ان وقت ڪاغذ ڪو نه هو پر قديم مصر وڻن جي ڇوڏن مان اهو پيپائر ٺاهيندا هئا. ان تي لکيل گيت پڙهو:

She, Is one girl, there in no on like her,
She, is more beautiful than any other,
Look, she is like a star goddess arising,
At the beginning of a happy new year,
Brilliantly White, bright skinned,
Whit beautiful eyes for looking,
White sweet lips for speaking,
She is not phrase too many,
White a long neck and white breast,
Her hair of genuine lapis Lazuli,
Her arm more brilliant that gold,
Her fingers like lotus flowers,
With heavy buttocks and girl waits,
Her thighs offer her beauty.
With a brisk step she treads on ground,
She has captured my heart in her embrace,
She makes all men turn their necks,
To look at her,
One looks anther passing by,
This one, the unique one,
I wish I were your mirror,
So that you always looked at me,
I wish, I were your garment,
So that you would always were me,
I wish I were the water that washes your body.

هي قديم گيت، مون پنهنجي مصر بابت لکيل سفر نامي "شهر صحرا يانيان" ۾ ڏنو هو. هن قديم گيت جو سنڌي ۾ ترجمو مشهور شاعر تاج بلوچ سفر نامي جي مهاڳ ۾ هن ريت ترجمو ڪيو هو:

ڏس ته ڪيڏي نه من موهڻي آهي!!
آهي ڪوانهيءَ جو مٽ؟
نئي سال جي مهورت لاءِ
ڪيئين نه ستارن جي ديويءَ جيان نزول پئي ڪري!!
هوءَ ڏونئري ۽ شفاف رنگت واري ڇوڪري،
هن جون اکيون ڪيڏيون نه اونهيون ۽ سهڻيون آهن.
جڏهن ڳالهائي سندس چپن مان ماکيءَ لار ٽپڪيو پوي،
هن جي سونهن جا استعارا محدود ڪٿي؟
هن جي ڳچي ڊگهي ۽ سينو گداز آهي،
هن جي زلفن جي سونهن ۾ چمڪندڙ ڏاتو ڳتيل آهن.
هن جون ٻانهون نازڪ ۽ سونهري آهن،
هنجون آڱريون مخروطي،
هلي ته ٻاري جيان ڇلڪي ڇيلهه هن جي،
هن جون سٿرون سونهن جي لهر آهن،
ٽلي ته ديل جيان ٽلي،
هن منهنجي دل ڇڪي ۽ کسي ورتي آهي،
ڪاش مان هن جو لباس هجان،
۽ هوءَ هر وقت ون ۾ پئي نهاري!
ڪاش مان هن جو لباس هجان،
۽ کيس ڇهڻيل هجان،
ڪاش مان اهو پاڻي هجان،
جيڪو هن جي وجود کي...

ان گيت کي پڙهندي ائين محسوس ٿي رهيو هو. جڏهن انسان هن ڌرتيءَ تي جنم ورتو تڏهن هن پنهنجي چو طرف موجود شين جي ثنا شروع

ڪئي. اها ڳالهه ڪروڙين ورهيه اڳ جي آهي. دنيا جون قديم ٻوليون جهڙوڪ لاطيني، عبراني، هيرو گلافي، پالي، فارسي، سنسڪرت ۾ قديم مناجاتون ۽ تمام سهڻا گيت آهن. سنڌي ٻولي جا قديم ڪتاب ڇاڪاڻ ته تاريخ جي هستي تان غائب آهن. ان ڪري اسان ڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي به قديم گيت نٿا لڀجن. پنج هزار ورهيه پراڻي عاليشان تهذيب ۾ عربن جي آمد کان اڳ ۾ ڪو ادب ته ضرور تخليق ڪيو ويو هوندو. ڪي قديم شاعر ته ضرور هوندا. پر اهو ڪيڏانهن ويو ڪا خبر ڪونهي. بهرحال اهو هڪ ڏکو بحث آهي. ان جي طوالت کان پاسو ڪندي موٽي ٿا اچون اصل موضوع تي.

بنيادي طور تي سنڌي شاعريءَ به ڪيترين ئي ٻولين جي شاعريءَ جا عروج پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي. سنسڪرت، پالي، عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين جا سنڌيءَ شاعريءَ تي اثر رهيو آهي. سنڌ تي ڪيترن ئي علم دوست حڪمرانن بادشاهت به ڪئي آهي. ڪيترا ماڻهو بادشاهه هوندي به ادب پرور هئا. ڪلهوڙا حڪومت جو به ستو دور رهيو. ڪلهوڙي توڙي ٽالپر حڪمران پاڻ ادب دوست ڏاها هئا. اهي پنهنجا عاليشان ڪتب خانا رکندا هئا. قلمي ڪتاب گهرائي / لکرائي انهن کي پنهنجن ڪتب خانن ۾ رکندا هئا. پاڻ وٽ سدائين ڏاها ماڻهو پنهنجا مصاحب ڪري رکندا هئا. ڇاڪاڻ ته هو سمجهندا هئا:

هم نشنين تو از تو به باشد
تاترا عقل و دين بيفزايد

(ترجمو: تنهنجو همنشين يا دوست، توکان بهتر هجي، ته جيئن تنهنجي عقل ۽ دين کي وڌائي!)

مقصد ته وري به ٻيهنداسين اچي هن ئي ڪلهوڙا دور تي. اهو دور ئي سنڌي شاعري جي ڏکي سڳنڌ پرپل رت هئي. اها رُت ميئون شاهه عنايت ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، کان شروع ٿيندي نظر اچي ٿي. جيڪا سرهي رت شاعريءَ جي اچا به هلندي پئي اچي. قاضي قادن، شاهه عنايت، شاهه لطيف، سچل، سامي، خليفي نبي بخش، مير عبدالحسين سانگي کان ٿيندي موجوده دور تائين اچي پهتي آهي. شاعري جديد به آهي. شاعري بعد جديديت به آهي. پر دور ماڊرن آهي ۽ پوسٽ ماڊرن ازم کان اڳتي پيو وڌي. يقينن شاعري جيڪا دل ۾ لهي وڃي ان

شاعريءَ جو ڪو بہ نالو نہ هوندو آهي. ڪو شاعر زندگيءَ کي ڪيئن ٿو سمهي. هو رات ڪيئن ٿو ڏسي، ڪائنات کي ڪيئن ٿو پسي، ۽ ان جو اظهار لفظن ۾ ڪيئن ٿو ويهي بيان ڪري، اها اهم ڳالهہ آهي. هيٺ ڏنل سٽ مان ڪجهہ سمجهي سگهجي ٿو:

چنڊ الهي ويو هو ڪالهہ محرم هو آسمان جو
،جو اڄ ايري آيو آهي چنڊ هر شئي لاءِ اجنبي آهي!

شاعري ائين آهي جڻ آڪاس تان شام جي انڌيري ۾ تارا لاهڻ لاءِ اڳتي وڌجڻ. محبت. شاعريءَ جو ساهہ آهي. پريںءَ جو هئڻ/ نہ هئڻ جو احساس شاعري کي جاڳائي ٿو. ياد ڏيئي جي اجهامندڙ لاٽ وانگر هوندي آهي. پرين جي ياد جي وچ ۾ سدائين سرمئي ڌنڌ ۾ لڪل هوندي آهي. ياد جي هر شال / هر رات سرءُ جي اداس سانجهي /تيز هوا ۾ گهلندڙ گل مهر / سريل ۽ چمپا جي وڻن جا پن/ سڀ مايا آهي/ ڪجهہ بہ هوندي ڪجهہ نہ آهي. جذبا سدائين سلامت آهن.

پر شعر بادشاهہ بہ چوندا هئا. ستين صديءَ جي هڪ جاپاني بادشاهہ جي نظم جون چند سٽون ڪيڏيون نہ عجيب آهن:

سرءُ جي ماريل ٻنين تي وسندڙ مينهن رات جي مهل،
ڪکاون جهوپڙين وارين عارضي جهوپڙين مان ٽمندڙ
ستل هارين جي ڪپڙن کي پسائي رهيو آهي.

-

ائين صدي عيسويءَ ۾ رچيل هڪ شعر:
بدڪون گهر ڏي اڏامنديون پيون وڃن،
سرءُ جي چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ هن جا پر چمڪن پيا،
هتي هڪ ڪوئل اڪيلي ڪوڪي رهي آهي
مان اڪيلو هوس،
مون هن جي آواز طرف نهار ڪئي،
پر مون کي صبح جي ڦڪي چنڊ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آيو!

-

ميرزا غالب جا هي فارسي شعر ته ڪيڏا نه دلپسند آهن:

زوري ڪ سيه شد سحر شام ندارد
گشت در تاريڪي روزم نهان
ڪ چراغ تا بجويم شام را،
جو هر طبعم درخشان است ليڪ
روزم اندر ابر پنهان محاوردا

(ترجمو: اسان جي مايوسيءَ ۾ ڏينهن رات گردش ناپيد آهي، جو ڏينهن اونداهين ۾ بدلجي ويجي، ته هن جو صبح ۽ شام ڪهڙو ٿو ٿي سگهي؟"

منهنجي شام ڏينهن جي اونداهيءَ ۾ لڪي ويئي ڏئيو ڪٿي آهي، ته جيئن مان هن کي ڳولهيان؟"

"منهنجي طبعيت جا جوهر پڪ چمڪندڙ آهن پر منهنجو ڏينهن اونداهي ڪڪرن ۾ لڪل گذري رهيو آهي!"

-

انگريزيءَ ٻوليءَ جي مشهور شاعر ٽي ايس ايليٽ چوي ٿو "شاعري جذبات جو وهڪرو ڪونهي، جذبات کان فراريت آهي." پر ڇا شاعر جي اکين آڏو جيڪا سُندر هستي اچي ٿي ان کي ڏسي هو ڪجهه به نه چوندو؟ جهڙ ۾ وڻن جا پن وڌيڪ ڇهڇ ساوا ٿي ويندا آهن / مينهن ۾ هوائن ۽ آسمان ۾ ڇانيل ڪارا ڪڪر وڌيڪ اونداها نظر ايندا آهن. ڏسڻ ۾ اهو سڀ ڪجهه زندگيءَ جو حسن آهي. چانڊوڪيءَ رات جي پنهنجي سونهن آهي / ستارن جي چمڪ ۾ اماوس راتين جي پنهنجي ڳالهه آهي. زندگي وسائل شماع ڪشته (وسائل شمع) ڪونهي. گردش ايام ڏاڍا عجيب هوندا آهن. انهن جو رنگ ڍنگ ساءُ ۽ سهپ هر ماڻهو نه ڏسي نه پسي سگهندو آهي. عشق جي اساٽ ڏاڍي عجيب هوندي آهي. اها اهو گهٽي ڪجهه جيڪو ڪنهن بئي ڏسڻ ۾ نه ايندو اهو سڀ ڪجهه ڏيکاري ڇڏيندي آهي:

ز حال مسڪين مکن تغافل درائي نينا بنائي بتيان.
ڪو تاب هجران نه دارم اي دل نه پي هو ڪا لگائي ڇتيان.
(امير خسرو)

شاعري سدائي سدا بهار هوندي آهي. مشهور شاعر حضرت امير خسرو هڪ پيري ڪنهن قصيدي ۾ چيو هو:

شرم ورنج از چئي يا ران برم
تني چوسگ خانہ ڪگ تنها خورم

(مان شينهن آهيان جيڪو پنهنجي شڪار مان ٻين کي مستفيذ ڪندو آهي، نہ ڪي ڏيڏيءَ جو ڪتو جيڪو اڪيلو کائڻ جو عادتي آهي!)

اها سِٽ امير خسروءَ جي هڪ قصيدي جي آهي. پاڻ دهلي دربار ۾ سلطان محمد شاهہ خلجيءَ جو مصاحب هو. شاعرن شاعري حڪمرانيءَ ۾ بہ ڪئي، غلاميءَ ۾ بہ ڪئي. قيدخاني جي تاريڪ زندانن ۾ بہ ڪئي. شاعرن مصاحبي بہ ڪئي ۽ شاعري آزاديءَ سان بہ ڪئي. اهو دنيا جو دستور آهي. اصل ۾ تاريخ هڪ عمل آهي. تاريخ جي انهيءَ عمل ۾ لاهيون/چاڙهيون/ هيٺ مٿانهيون ۽ اونهايون عميق جهڙيون ضرور آهن. پر ان جي هوندي تاريخ هڪ مسلسل تسلسل بہ آهي. ان ۾ ڪنهن شئي کي ڳولڻ لاءِ ان خيال/ تصور تي نظر رکڻي پوندي آهي. تاريخ جو تسلسل ڪا اهڙي شئي ڪونهي. جنهن کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي، اسان جون زندگيون تاريخ ۾ پڌل آهن.)

پر ڇا اها حقيقت ڪونهي: تاريخ اسان کي سدائين خوابن کي اڌورو/ اڻپورو ڇڏڻ جو سبق ڏنو آهي؟ هڪ شاعر لاءِ تاريخ جو اهو سبق ڪڏهن بہ نہ وسرندڙ آهي. هڪ حساس شاعر لاءِ اهو سڀ ڪجهہ هوندي بہ ڪجهہ نہ آهي.

-

زندگي سميرغ جي جبل جهڙي آهي. ايراني شاعر عطار جو اصل نالو صوفي فريدالدين ابو طالب محمد بن ابراهيم عطار هو. سندس هڪ ڊگهي نظم "منطق الطير" (پکين کي بادشاهہ جي ڳولا) ڏاڍي مشهور آهي. انهيءَ نظم جو مختصر بيان ڪجهہ هن ريت آهي:

"هڪ پيري پکين جي بادشاهہ چين جي وچولي علائقي سيمرغ ۾ اڏامندي پنهنجو پر ڪيرائي ڇڏيو. بادشاهہ جي ولر جا زندگيءَ کان بيزار پکي، بادشاهہ جو وڃايل پر کڻي اچڻ جو وچن ڪن ٿا. پوءِ اهو اڏامندا ٿا وڃن. کين خبر آهي تہ سميرغ جو جبل گهڻو پريءَ آهي، هو ستن سمنڊن ستن ملڪن کي

جهاڳيندا ٿا وڃن. انهن پکين مان پن جا نالا دوران سر ۾ فنا آهن. رستي ۾ ڪيترا پکي مري وڃن ٿا. ڪيترا اڌ پنڌ مان پڇي ٿا وڃن. باقي ٿا وڃي بچن ٽيهه پکي اهي آخرڪار رڻ جهاڳيندا ان جبل تي وڃي پهچن ٿا. اتي کين احساس ٿو ٿئي ته اهي پاڻ ئي اصل ۾ سيمرغ آهن. هنن مان هرڪو سيمرغ آهي."

۽ زندگيءَ جو رڻ جهاڳڻ به سيمرغ تائين پهچڻ آهي. پر پوءِ پهچندي پهچندي جمار گذريو وڃي. جڏهن پنڌ کٽي ٿو ته خبر پوي ٿي ته انهي جهاڳڻ، اڏامڻ پنڌ ڪرڻ ۾ ته عمر لنگهي وئي. سيمرغ ته انسان پاڻ ئي هو. ته پوءِ ڇا اهو پنڌ اجايو هو؟ مون ڪيترو وقت، پنهنجي گهر جي دريءَ مان سمنڊ تي ڏينهن کي ايرندي ۽ غروب ٿيندي ڏٺو آهي. ڪيترين سانجهين کي سمنڊ ۾ ٻڏندي ڏٺو آهي آسمان تي پندرهين جي پيانڪ پر سندر چنڊ کي شام جي مهل ڏٺو آهي. اماوس جي راتين ۾ وشال آڪاش تي ٽڙندڙ تيرڻ ڪتين، شام جي ستاري زهره کي ٽم ٽم ڪندي ۽ پنڌ ڪندي پسيو آهي. زندگيءَ جي هر موڙ تي هر هنڌ تي سمجهه ۾ نه ايندڙ رخ موجود آهن. ماڻهوءَ کي پاڻ سڀ ڪجهه آهي. انگريزيءَ جو شاعر شيڪسپيئر چوي ٿو:

(Looking on darkness which the blind do see!!)

(اونداهيءَ تي نظر وجهندي، جيڪا انڌو ضرور ڏسندو آهي!)

زندگيءَ ۾ سڀ ڪجهه نظر ايندي به سڀ ڪجهه اوندهه ۾ نظر ٿو اچي. پر هڪ شاعر سدائين زندهه رهي ٿو. اوندهه کي ڏسندي، کيس پرين کان سوجهرو نظر اچي ٿو. مشهور شاعر گوئٽي چوي ٿو: "هر ويجهي واري شي دور ٿي ويندي آهي." لاطيني آمريڪا جو مشهور اديب بورخيس، جنهن جو تعلق ارجنٽائن سان هو چوي ٿو "گوئٽي شام جي مهل شفق ڏانهن اشارو ڪري رهيو آهي. هر ويجهي واري شي دور ٿيو وڃي." اهو سچ آهي. رات ٿيندي اهي شيون، جيڪي اسان جي ويجهو ٿي وينديون آهن، اسان جي اکين کان اوجهل ٿي وڃن ٿيون. شايد هميشه هميشه لاءِ پري ٿي سگهي ٿي. گوئٽي جو اشارو شفق بدران زندگيءَ ڏانهن هو!

-

زندگي مشهور آمريڪي شاعر پال پالٽس جي هن نظر وانگر آهي/ لڳندي ڪڏهن ڪڏهن:

اسين پريل سمنڊ ۾،
انهن ٻن جهازن وانگر هوندا آهيون،
جيڪي پنهنجي انهن چاهيندڙن جي دلين جا جهنڊا،
پل پل لاءِ هڪ ٻئي جي آڏو جهڪائي ڇڏيندا آهن،
۽ پوءِ هڪ ٻئي وٽان لنگهي ويندا آهن،
جڻ هڪ ٻئي وٽان لنگهندڙ جهاز
هڪ ٻئي جو بندر گاهه نٿا ٿي سگهن!

مشهور جرمن شاعر گوئٽي پنهنجي مشهور نظم پروميٿس ۾ چوي ٿو:

Cover your heaven. yes,
With foggy clouds,
And practice, like a boy,
Who beheads this les,
On oak trees and mountain, tops,
You still must heave
My earth to me.
And my hut, Which you did not build,
And my stove,
Whose glow,
You envy me.

يوناني ڏند ڪٿا ۾ زوس يا زيس آسمان جو ديوتا آهي انسان جي زندگيءَ جي ارتقا بابت ڪجهه معلوم ڪرڻ لاءِ يوناني ديوتائن جا داستان ضرور پڙهڻ گهرجن. يوناني ديوتائن جي زبان شاعريءَ جي زبان آهي. خود مها ڀارت، يارگويد. پڻ شاعريءَ جو اعليٰ نمونو آهن. اڃا به انجيل پڙهي ڏسو. پڙهي ماڻهو ڪي عجب ٿو وٺي وڃي:

ڌرتيءَ تي گل نڪتا آهن،
۽ پکين جي ڳائڻ جي موسم آئي آهي،
ڳيري جي بولي اسان جي ملڪ ۾ پئي ٻڌجي،
انجير جو وڻ پنهنجا ساوا انجير پچائي ٿو

فردوسي شاهنامو سلطان محمود غزنويءَ جي چوڻ تي لکيو. کيس لکڻ ۾ ٽيهه کان چوويهه سال لڳي ويا. ان دوران کيس هڪ امير شخص فراز به مالي مدد ڪندو هو. پر هن شاهنامو سلطان محمود غزنوي جي نالي ڪيو آهي. لکڻ وقت فردوسي جي عمر 38 سال هئي. شاهنامو لکڻ لاءِ هن لاءِ سنو ماحول نه پنهنجي شهر طوسيءَ جو هو. پر معلومات لاءِ هو غزني ويو جتي هو ڇهه سال رهيو. پر اتي سلطان محمود غزنوي سندس ڪو به خيال نه رکيو. اتي به سندس هڪ ادب دوست شخص ڪفيل حسن بن قيس کيس خرچ لاءِ اشرفيون ڏيندو هو. ڪجهه تحقيق ڪندڙن جو چوڻ آهي ته ڪنهن وڃي محمود غزنويءَ جا ڪن ڀريا ته "فردوسي شيعو آهي" ڇاڪاڻ ته محمود غزنوي شيعن جي سخت خلاف هو. ان ڪري هن فردوسيءَ کي رخ نه ڏنو. ان ئي دوران سندس وڏو سرپرست مهتر گردان فراز به فوت ٿي ويو. فردوسي سندس مرڻ تي ڏاڍو ڏکويل مرثيو لکيو آهي. هاڻ هو پنجهٺ سالن جو ٿي ويو هو. ان دور ۾ سندس نوجوان اڪيلو پٽ گذاري ويو. شاعر لاءِ اهو وڏو واقعو هو. هن شاهنامي ۾ پنهنجي پٽ جي موت تي مختصر پر هڪ درد ناڪ مرثيو لکيو.

هو سلطان محمود غزنويءَ جي دربار ۾ غزنيءَ ۾ ابوالعبلس فضل بن احمد جي معرفت پهتو هو. تڏهن هو ست ورهين جو هو ته به شاهنامي لکڻ ۾ مشغول هو. ان وچ ۾ هن مشهور قصو رستم ۽ سهراب لکي ورتو ۽ بادشاهه جي دربار ۾ "داستان هفت خواب اسنفديار" پڙهي ٻڌايو هو. آخرڪار 71 ورهين جي ڄمار ۾ هن شاهنامي جو عظيم ڪم لکي پورو ڪيو. اهو سال 1010ع جو آهي.

پر پوءِ خبر ناهي ڇا ٿيو؟ بادشاهه هن جي 35 سالن جي محنت کي ڪا به پذيرائي نه ڪئي. نه کيس اهو انعام به ڏنائون جنهن جو اعلان ٿيو هو. خود شاعر به بادشاهه جي بيرخي ۽ طوطي وانگ اکين ڦيرڻ تي حيران ٿي ويو. اصل ۾ مشرق جي دربار ۾ ڪنهن شخص جي ڪاميابي ۽ ناڪامي اوچتو بدلجي ويندي آهي ۽ سٺو مقدر بدقسمتيءَ ۽ بادشاهي عذاب ۾ تبديل ٿي ويندو آهي.

آخرڪار فردوسي غزني جي دربار مان مايوس ٿي واپس موٽي ويو. هو شيرين ۽ فرهاد قصي ۾ به پنهنجي انهيءَ ناڪاميءَ جو ذڪر ڪري ٿو. فردوسي چوي ٿو " هي ڪتاب جنهن ۾ ست هزار شعر آهن. ان جي پيٽ ۾ فارسيءَ جو ٻيو

ڪو بہ شاعريءَ جو ڪتاب ڪونهي، جنهن ۾ ٽي هزار ڪن بيت هجن. هاڻ اهڙو سلطان جيڪو دنيا جي مشهور سلطانن مان هڪ آهي. پر هن پنهنجي ڪتاب تي ڪا بہ توجهہ نہ ڏني! اها سراسر منهنجي ڪوتاهہ بيني ۽ منهنجي دشمن جي بدگوئيءَ جي بنياد تي آهي. ڪنهن دشمن منهنجي معاملن ۾ دخل اندازي ڪئي ۽ بادشاهہ جي آڏو منهنجي عزت ۽ ناموس برباد ٿي ويو."

بعد ۾ فردوسي سلطان محمود غزنوي جي خلاف هڪ هجو لکي غزنيءَ مان غائب ٿي ويو. هُو پهريون طبرستان ۾ لڪو ۽ پوءِ وڃي بغداد پهتو. ڇا فردوسي شيعو هو؟ ان سوال تي بہ گهڻو بحث ڪيو ويو آهي. ڪي چون ٿا تہ هو سني هو. ڪن جو خيال هو اهل تشيعت هو. شاهنامي ۾ هڪ بہ شعر، "داستان يزوجرد" جي شروع ۾ حضرت عمر بن خطاب جو ذڪر آهي. پر هن جي شيعي يا سني هجڻ بابت سندس ٺي شعر ۾ ڪو بہ اهڙو پڪو پختو ثبوت نٿو ڏسڻ ۾ اچي.

ڳالهہ وري مقصد جي: فردوسي جڏهن بغداد پهتو تہ بادشاهہ محمود کي ڪاوڙ وني ويئي. هن بغداد جي خليفي القادر با الله کي خط لکي اماڻيو. خط ۾ لکيل هو "جيڪڏهن توهان فردوسيءَ کي اسان ڏي نہ موڪليو تہ آئون بغداد کي برباد ڪري ڇڏيندس ۽ بغداد جي خاڪ هاٿين تي غزني ڪٺي ايندس!" خليفي تي ان ڌمڪيءَ جو ڪو بہ اثر نہ ٿيو. هن جواب ۾ محمود غزنويءَ کي فقط خط ۾ هڪ اکر "الم" لکي موڪليو. اهو خط پڙهي بادشاهہ چپ ٿي ويو. سلطان محمود غزنويءَ بغداد جي خليفي کي هاٿين جي چڙهائي جي ڌمڪي ڏني هئي. پر خليفي فقط "الم" لفظ لکي سوره الفيل ڏانهن اشارو ڪيو هو "الف ترڪيف فضل ابر باصحب الفيل."

بغداد ۾ ويهي فردوسي مشهور قصو "يوسف زليخا" لکيو. ان وچ ۾ هو بلڪل پوڙهو ٿي ويو هو. آخرڪار هو پنهنجي وطن طوسي پهتو. هتي هو ايڪاسي ورهين جمار ۾ سال 1020ع ۾ مري ويو. مرڻ کان پوءِ مشهور مذهبي اڳواڻ شيخ ابوالحسن خرقاني، سندس جنازي نماز پڙهائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. آخرڪار ڪنهن معمولي ماڻهوءَ سندس جنازي نماز پڙهائي ڪيس طوسيءَ ۾ ٺي سندس ٺي گهر جي باغ ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. مشهور شاعر شيخ فريد الدين عطار ان ڳالهہ جي تصديق ڪري ٿو. شاعر جي سموري زندگي شاهنامو لکڻ ۾

گذري وئي. زندگيءِ ڪيس واقعي، منجوسي، ملحد ۽ ڪافر سڏيو ويو. مرڻ کان پوءِ بہ مذهبي مولوين سندس جنازي نماز بہ نہ پڙهائي. پر هڪ هزار سال گذرڻ کان پوءِ پيهر دنيا سندس لکڻين تي کيس عظيم ٿي قرار ڏني. تهران شهر ۾ فردوسي جو هڪ وڏو مجسمو اڄ بہ ڏسندڙن کي فخر سان ڏسندو رهي ٿو.

-

شاعرن جي زندگي بہ ڪڏهن ڏاڍي سمجهہ ۾ نہ ايندو آهي. مٿي ايراني شاعر عطار جو ذڪر آيل آهي. تاريخ جو اُهو تمام وڏو شاعر/اهل علم، هڪ جنگ کان پوءِ تاتارين هٿان قتل ڪيو ويو. پنهنجي مشهور مثنوي منطق الطيرءَ ۾ چوي ٿو:

"جام پيجي پيو ۽ جام پري ڏيڻ وارو ساقي باقي نہ رهيو. عشق جي گهٽين ۾ راهہ پلجي ويس. نہ نڪري سگهيس عشق جي گهٽيءَ مان!"

۽ عشق جي گهٽين ۾ رستو پلجي ويندڙ هڪ مهان ڪوي جو انت بہ ڏاڍو ڏکوئيندڙ آهي. تاتارين سال 1220ع ايران تي حملو ڪيو. تہ فريدالدين عطار بہ نيشاپور ۾ 1221ع ۾ گرفتار ٿي ويو. سپاهي کيس بازار ۾ وڪڻڻ لاءِ وٺي آيا. هڪ سوداگر ڏهہ هزار اشرفين ۾ کيس خريد ڪرڻ جي بولي هنئي. ان تي عطار کاوڙجي پيو. سپاهين کي چيائين، "هن قيمت تي مون کي نہ وڪڻو اها تمام گهٽ آهي."

ان وچ ۾ هڪ پيو شخص آيو هن گاهہ جي هڪ بنيءَ تي کيس خريد ڪرڻ جو واڪ ڏنو. عطار يڪدم چيو "اهو دام بهتر آهي. "پر منهنجي قيمت تہ ان کان بہ بنهہ گهٽ آهي" سپاهين کي اهو بڌ ڪاوڙ وٺي ويئي. هنن تلوار ڪڍي عطار جو سر ڌڙ کان جدا ڪري ڇڏيو بازار ۾ شاعر جو رت وهڻ لڳو. اهو واقعو اپريل 1221ع جو آهي.

مولانا جلال الدين روميءَ چيو آهي:

"عطار جي عشق ڪيترن شهرن جو سير ڪيو. پر اسين هڪ گهٽيءَ کان ٻاهر نہ نڪري سگهياسين."

سچ پچو تہ فارسي شاعري بہ پڙهڻ کان سواءِ شاعري تي لکڻ ڏکيو ڪم آهي. مون کي هت مشهور فارسي شاعر حافظ (1389_1320) ياد اچي ويو. سندس

هڪ شعر آهي، " پنهنجي مُک جو گلدستو صبح جي نرم هوائن سان موڪلي
ڇڏ" حافظ کي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو 21 ورهين جي ڄمار ۾ عشق ٿيو هو. ان مهل
هن پنهنجي گهر جي جهروڪي مان ٻاهر هڪ بيحد خوبصورت ڇوڪري ڏٺي
هئي. ۽ پوءِ هو ان تي عاشق ٿي پيو هو. سندس شاعريءَ جو بنياد اتان ئي پيو.

-

شاعري ۾ قديم به لاجواب ته جديد شاعري به اعليٰ قسم آهي. لطيف
جي هيءَ وائي پڙهي ڏسو:

جي هوند ڏٺائون، ور جيڏيون،

حال منهنجو هڙو،

چڙهي نہ سگهان ڇوٽئين مارڳ مٿانهون،

حال منهنجو هڙو.

ڏکيءَ سندي ڏيج ۾، ڏونگر ڏٺائون،

حال منهنجو هڙو.

ويندين ڪيون وڻ سين، سسيءَ سڪائون،

حال منهنجو هڙو.

وٺي پنهون پاڻ سي، اڇان جي آئون،

حال منهنجو هڙو.

ڏينديس شاخ سيڪنهين، وڻ وڻ واڇائون،

حال منهنجو هڙو.

هينئڙو ڏندڻ پاڙ جنين، ڇڪي ڇناٿون،

حال منهنجو هڙو.

هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جيئن، ويهي رتائون،

حال منهنجو هڙو.

هو جي ٻهڻ پب جا، مٽيان مڪائون،

حال منهنجو هڙو.

هونءَ سلامت سپرين، گهوري سا آئون،

حال منهنجو هڙو.

سنڌي ٻوليءَ جو مشهور ڪهاڻيڪار ۽ جديد شاعري ڪندڙ ليکڪ موهن ڪلپنا، چوندو هو تہ "مون شاعر سڳن آهوجا کان علم عروض جي تعلم حاصل ڪئي آهي." سندس شاعري جا ڪجھ شعر پڙهي ڏسو:

ڪجھ ڪتيل ۽ ڪجھ مٿي،
ڪجھ الڳ ۽ مختلف،
پنهنجي خوابن جي حساب ۾ مگن،
پاونا جي جوڙڪ جي سوچ ۾ گم سم،

—

هتي گاڏيءَ جي گڙدي،
ٿڪل زرد چهرا،
اکين مان ٿي جن جي،
نراسائي ٽپڪي!

—

هڪ رديءَ واري ڪان ٻين رپئي ۾ مون آ ورتو
پائرن جي پريم ڪويتا جو ڪتاب،
ڪنهن جوان تحفو ڏنو آ پريميڪا کي،
ٿي مهينا اڳ هن بيان مان،
هڪ ٿي سب آهي تمنا،
ڪنهن سنهري شام تنهنجي،
مانگھ جو سنڌور بڻجان،

—

هڪ ٻئي جديد سنڌي شاعر ايشور آنچل جو هي نظم ڪيڏو نہ دل ڇهندڙ آهي:

رات جي اونديري ۾،
خاموشيءَ جي سائي ۾،
حرفتون ۽ چالاڪيون،

پنهنجي پر پکيڙن ٽيون
زندگي جي ڌڙڪن تي
موت گيت ڳائي ٿو
چنڊ جي اجالي کي
انتڪار ڪائي ٿو
ڪائنات جو سينو
ڊپ کان ٿر ٿرائي ٿو
موت مسڪرائي ٿو
مان اداس سوچيان ٿو
ڪيترين اميد مان
چنڊ ۽ ستارن جا
ڪير چائي ڪيڏا روپ
روز ڪفن سجن ٿا
اجا تائين
حياتيءَ درد جو ڳاتو نه هي گيت اهڙو
جنهن جي سر لهري سان
ٻڌجي درد مند انسان
حياتي جا پراڻا زخم ميساري
وري اچو ته سنڌ جي گيتن جي شاعر /ڪهاڻيڪار گورڌن محبوباڻي جو
هي آزاد نظم پڙهي ڏسون:
رات جو پويون پهر،
چنڊ پيلو چنڊ _ ڦڪو چنڊ،
جڻ ملهه جو ريفي
دور اولهه جي افق ۾ ويو پلڙي
هي ستارا جڻ ته آهن سرد لاش
هي ڪڪر ڪارا انهن کي ڇائي ڪيئن
سنڌي شاعري جي مشهور شاعر ارجن شاد ڏايي سئي ڳالهه لکي آهي

"خود نئين ڪويتا وجود ۾ ئي نہ اچي ها. جيڪڏهن آزاد نظم جي هيئيت نہ پيدا ٿئي ها. درحقيقت نئين ڪويتا جو بنياد ئي نظم آهي"

-

هڪ ٻئي جديد سنڌي ڪهاڻيڪار/ڪوتاڪار آنند کيماڻي جون هي سٽون ڪيڏيون نہ دل ۾ ويهي ويندڙ آهن:

منهنجي زندگي،
ڪانو جي ٽان ٽان،
ڪانءِ جي ٽان ٽان جي،
ڪيڏي نہ
عظمت آهي

سنڌي ٻوليءَ جي هڪ ٻئي شاعر بشير هاتف، لکيو تہ گهٽ آهي پر هن جون هي ٻہ سٽون ٿيون ياد اچن

اوچتو اکيون کليون،
هاءِ هي ٻہ خواب هو،
اکين ۾ سدا سانوڻي موسمون،
مگر دل پياسي پياسي رهي،
هي ڪهڙي قرابت هي ڪهڙو حال،
سڄڻ سان هوندي به اداس رهي،

زندگي هڪ خواب آهي يا حقيقت رڄ آهي يا صبح، بهار جو موسم آهي يا سرءُ جي مند پر زندگي آهي ڏاڍي خوبصورت، پنهنجي سمورين بيرخين، بيرحمي تلخ حقيقتن، خوشي ڏک ۽ عشق جي احساس سان پريل زندگي، زندگي جنهن ۾ محبت اٽل آهي خوشي ۽ محبت پنهنجا انډلٺ جهڙا رنگ ٿي پري ڇڏي هن زندگي ۾!

محبت جي ڳالهہ ڪري امداد حسيني جي هڪ پراڻي نظم جون سٽون هانو تي هري آيون آهن:

اهو پيار ئي ڪهڙو جنهن ۾،
ڪلهي منهن سان سامهون اچڻ کان گهبرائجي

اڪيلي گهر ۾ جي تنها ملجي،
تہ مرڪي ملڻ ڪان بہ گهبرائجي،
سحر تائين شمع سان گڏ روئجي،
رات کي چنڊ سان جاڳندي ڪاٽجي،
مگر اهڙي حالت ۾، مون کي نہ سڏجي
۽ مون وٽ اچڻ ڪان گهبرائجي،
اهو پيار ئي ڪهڙو جنهن ۾،
ڪلهي منهن سان سامهون اچڻ ڪان گهبرائجي.

اڙدوءَ جي مشهور شاعر احمد فراز کي گهڻو وقت حيدرآباد پريس ڪلب ۾ سڏايو هيم. هن کي ٻڌڻ لاءِ سوين ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. اسٽيج تي اسين بہ ويٺا هئاسين. احمد فراز ان وقت بہ نوجوان شاگرد ۽ شاگرديائين ۾ ڏاڍو مقبول هوندو هو. ڪيس اتي پنهنجي مشهور شاعر پڙهڻي هئي. اوچتو مون هن کي چيو هو "فراز صاحب" پنهنجي شاعري اها ٻڌايو جيڪا توهان ڪڏهن بہ نہ پڙهو؟

هن چيو هو ڪهڙي؟
مون وراڻيو هو:

جان دل ڪا شهر نگر افسوس ڪا هي،
تيرا ميرا سارا سفر افسوس ڪاهي،
ڪبهي تو اس در پہ جاڪر دل خوش هوتا تها.
اب تو اس شهر ڪا هر اڪ در افسوس ڪاهي.

ان مهل هن جي مک تي ڏک جي گهرو ڇانچو مون ڇائينجندي محسوس ڪيو هو. سگريٽ جو هڪڙو ڊگهو ڪش هڻندي چيو هئائين، "مدد ياد رکجائين. ڪڏهن ڪڏهن شاعر هن قسم جي شاعري انتهائي ڏک مان ڪندا آهن. اها شاعري ٻڌائيندي دل تي گهاءُ پوڻ لڳندا آهن. اهو نظم بہ مون لکيو هو پر ان کي ڪڏهن بہ ماڻهن جي اڳيان نہ ٻڌائيندو آهيان. رات جو ويهنداسين تہ پوءِ مون کان ويهي ٻڌجائين." ۽ مون کي ان مهل شاهہ لطيف جو بيت ياد اچي ويو هو: "سپريان جي ڳالهڙي، رڳو رنجائو".

سو شاعرن جي دنيا بہ ڏاڍي عجيب هوندي آهي. شيخ اياز جو هڪڙو غزل مون کي ڏاڍو وڻندو هو. اهو غزل سندس شاعريءَ جي پهرئين مجموعي ڀونر ڀري آڪاس ۾ شامل آهي:

الائي وري رات ايندي ايندي
اسان جي ملاقات ٿيندي نہ ٿيندي،
سدا تنهنجو حسن، حيا ياد ايندو،
وري دل نہ ٻي ڪا بہ مکڙي پٽيندي،
وري تنهنجي ڌرتي اياز آيو آهي،
سندس دل ڪڏهن ٻي چائنٽ نہ چمندي!

عشق، محبت/سونهن، بيقراري، حسن ۽ سچ شاعر جي زندگيءَ تي جهڙ ٿي ڇائنجي ويندا آهن ۽ پوءِ وسي هليا بہ ويندا آهن، پر اهي لمحا هن لاءِ ڪڏهن وسرڻ جهڙا نہ هوندا آهن.

خبر ناهي تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪهڙي موڊ ۾ ۽ ڪهڙي حالت ۾ شعر چوندا آهن. اسان جو هڪ نوجوان شاعر بخشل باغي چوي ٿو:

حادثن جي وسيع ٿيٽر ۾،
هي جياپو بہ ڄڻ تہ آڪر بنهہ
جنهن کي ڪنهن گمنام هدايتڪار
اونهي اسرار سان ڪيو مرتب،
زندگي درد جي سهڪڙي ۽ تکي،
تار تي مرڪندي هلندي ٿي رهي.

يا وري سندس هي سٽون ڏسو:

در گل جيئن نڙي پيا آهن،
زندگيءَ جي اداس ٿاريءَ ۾،

معراج درد جو دل مائي وڌو آ شايد،
هر خيال مان کو تڏهن ايري ٿو چنڊ نيرو.

شاعري انساني جذبي جو هڪ اعليٰ اظهار آهي. انهيءَ حقيقت کان ڪنهن ريت انڪار ممڪن ڪونهي. ماڻهو وقت جي بيرحم وهڪرن ۾ لڙهي، بدلجي ضرور وڃي. پر سندس اندر جي پيڙا ڪڏهن به مري نٿي. اها موجود رهي ٿي. وقت ڪيڏو به ڪٺي تباهي چو نه آڻي اٿل پٿل هٽي وڃي هنڌ چو نه ڪري پر اهو وقت جي ڏک جي پيڙا ۽ جذبي سان قائم رهي ٿو. چڪتاڻ جي انيڪ جذبن سان. ماضي ڪنهن پاڇي وانگر ٿو هن سان قدم به قدم هلندو اچي. پر وقت مستقل آهي. درياهه جي وهڪري وانگر، سمنڊ جي لهرن وانگر. جيڪو ڪڏهن به پراڻو نٿو ٿئي. ماضي جيڪو ڪرم جي ڏارائن ۾ لڪل آهي. شاعري انسان جي ستل جذبن کي جاڳائي ٿي. شاعري جنهن جو پاڻ ڪا به اميد ڪونهي. پر ماڻهو کي اميد جاڳائي ٿي. آسون پيدا ڪري ٿي. ڪلپنائون آڻي ٿي. انيڪ صبح جاڳائي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ جي شاعر آدرش جي هي ڪوتا به وسرڻ جهڙي ڪونهي:

تو جنهن مهل موڪلايو هو
دريءَ ۾ پرندڙ ڏيئو
وسامي ويو هو.
تو جنهن مهل موڪلايو هو.
پري پهاڙن ۾ ستل چنڊ،
چرڪ پري جاڳي پيو هو.

مون مٿي به ذڪر ڪيو ته شاعري جذبن جي اظهار جو هڪ تمام گهڻو ۽ ڪامياب اظهار آهي. سنڌ جو اوائلي شاعر قاضي قادن به چوي ٿو ته "انسان جي دل اندر ۾ هڪ درياهه آهي ۽ اهو درياهه ڪنهن ديوتا وانگر آهي" ٽي ايس ايلٽ، چوي ٿو ته "درياهه هڪ ڪاوڙ ڀريو ديوتا آهي. جيڪو انهن شين کي ياد ڏيڪاريندو آهي. هن کي اسان وسارڻ چاهيندو آهيون. درياهه اسانن جي اندر ۾ آهي، سمنڊ اسان کي گهيري رکيو آهي."

سنڌ جي قومي شاعر شيخ اياز جي سڄي شاعري سنڌ جو اتهاس آهي. ماضي، حال ۽ مستقبل آهي پر هن جيڪا سندس چوائي/فڪر جي تبديلي ۾ گوشه نشينيءَ ۾ دعا جا نظم لکيا آهن. اهي به ڏاڍا خوبصورت آهن.

يا رب
جيئن سمنڊ سنتئرا ڏسي پار خوش ٿيندا آهن،
ائين منهنجون اکيون آسمان ۾ ستارا ڏسي
جڳ مڳائيندیون آهن،
۽ تنهنجي واکاڻ ڪنديون آهن،
تون جو سميع بہ هين بصير بہ آهين،
۽ موسيقيءَ جا خاموشيءَ ۾ ترنم ريز آهي،
تنهنجي سماعت کان محروم نہ آهي.
يا رب
ائين چو آهي تہ منهنجو نفس اماره مون کي
ڀٽڪائيندو رهيو آهي.
پر پوءِ بہ مان توکان غافل نہ رهيو آهيان.
مون جڏهن بہ چنڊ کي درياهہ ۾ جهلڪندي ڏٺو آهي.
تہ هن روان ۽ دوان ڪائنات ۾
مون کي تنهنجي ياد آئي آهي.
يا رب
مون کي نفس ڏيندي رهي آهي،
توهان ئي تہ منهنجي تقدير ٺاهي آهي
۽ منهنجي اطمينان کي عليحدگي بخشي آهي.
پرهہ جي پکيءَ وانگر پنير ڪي جو اتي
آئون تنهنجا گيت ڳايان ٿو.
۽ پهاڙي جهرڻي وانگر تنهنجو نانءُ جهونگاريون ٿا.

يا رب
مون کي اهي اکين ڏي جن تو ستارن کي ڏنيون آهن.
مون کي اهي ڪن ڏيءِ جي گلن جي ڏنا آهن
۽ جي ماکيءَ جي مکين جا ٻول سمجهي سگهن ٿا.

پيش ڪرڻ جي اجازت هوندي هئي. پرومي ٿيوس جو ڪردار ان ناٽڪ جو اصل ۽ جاندار ڪردار آهي.

ايسخولوس کي يوناني ڊرامي جو سڀ کان وڏو ليکڪ ڪري مڃين ٿا. ان دور ۾ هڪ ڪردار جو ناٽڪ هوندو هو. پر ايسخولوس پنهنجي ناٽڪ ۾ ٻيو ڪردار بہ متعارف ڪرايو ۽ ناٽڪ ۾ ڊائلاگ وڌا. گيت يعنيٰ ڪورس اڳي ئي موجود هوند هو. سندس ڊرامي ۾ پرومي ٿيوس جو ڪردار ڏاڍ جي خلاف هڪ ويڙهاڪ طور ابري آيو. اڄ ڏينهن تائين سموري دنيا ۾ پرومي ٿيوس جو ڪردار جبر ۽ ظلم جي خلاف ويڙهہ جي علامت آهي.

پرومي ٿيوس جو مطلب آهي دورانديش! سندس پيءُ جو نالو ئيپيٽوس هو. هن انسان کي مٽيءَ مان ويهي جوڙيو هو. هڪ ٻئي ديوتا زيوس ديوتا مٿن ڏاڍا ظلم ڪيا هئا ۽ کين باهہ کان محروم ڪري ڇڏيو هو. باهہ ان وقت انساني جياپي جو واحد ذريعو هئو. بعد ۾ هن هيفا سٽوس جي باهہ واري آڙاهہ مان باهہ چورائي انسانن کي ڏني هئي. زيوس کي اها ڳالهہ نہ وڻي. هن جي انسان دوستي زيوس لاءِ عذاب بڻجي وئي. ان دور ۾ ڪوهہ ققتاز جي هڪ ٽڪري مان کيس زيوس ٻڌي ڇڏيو هو اتي روز هڪ ڳجهہ اچي سندس ڄگر کائيندي هئي. ٻئي ڏينهن هو وري پنهنجي اصل حالت ۾ اچي ويندو هو. يوناني ناٽڪ اتان شروع ٿئي ٿو. جڏهن پرومي ٿيوس کي انهيءَ جابلو هيفاسٽوس زنجيرن سان ٿو ٻڌي ڇڏي ناٽڪ ۾ پرومي ٿيوس پڇاڙيءَ ۾ چيو هو:

جيڪي رڙيون ڪري چون پيا.
مون کي اها ڳالهہ جي اڳواٽ ڄاڻ آهي.
هڪ دشمن جي هٿان ظلم برداشت ڪرڻ شرم
جهڙي ڳالهہ ڪونهي.
هاڻ ڪٽي هو باهہ وسائين/يا پوءِ هوا تيز واچوري سان
گڏ هلي اچي.
وحشي طوفان آڪاس کي ڳڙڪائي وڃن يا طوفاني بلا ڌرتيءَ
کي پاڙ کان لوڏي ڇڏي. يا وري سمنڊ جون لهرون اٿي ستارن کي
ٻوڙي ڇڏين ۽ مون کي وهائي دوزخ ڏي وٺي وڃن مان تقدير جي
ظالم ڪن ۾ ڦاسي پوان. پوءِ بہ زيوس مون کي ماري نہ سگهندو.

هاڻ لفظ ختم ٿي ويا ۽ سانس گڏ ڏنڊ پڻ.
ڌرتي ڏڏي رهي آهي هر پاسي گوڙ کان سواءِ ڪجهه بہ ڪونهي،
هر پاسي شور آهي بجليءَ جو ڇيپون لهر لهر ٿي اٿن پيون.
ڏوڙا واچوڙا گهلي رهيا آهن مون کي طوفان اچي پنهنجي لپيٽ
۾ وٺي چڏيو آهي.
پر مان هر گز بزدل نہ آهيان. اي مقدس ڌرتي! منهنجي ماءُ!
اي هوا! اي سج مون کي سنيالي وٺ. ڇاڪاڻ تہ مون تي ظلم ٿيو
آهي!

۽ پوءِ ڌرتي ڦاٽي ٿي ۽ پروموٿيوس پاتال ۾ هليو ٿو وڃي. مٿي ذڪر ڪيل پرمي ٿيوس بابت سنڌي ٻوليءَ جي هڪ جديد شاعر حسن مجتبيٰ جو هي نظم پڙهي ڏسو:

مان پنهنجي دور جو هڪڙو
اداس ۽ تنها پرمي ٿيوس آهيان.
جنهن کي وقت جي سرڳ مان.
سج ۽ سوچ جي اگني،
چورائڻ جي اپراڌ ۾ قيد ڪيو ويو آهي،
زندگي تارچر سيل ۾ هيڪلائين جا عذاب لاءِ

-

هڪ ٻئي جديد شاعر سعيد ميمڻ جو گهڻو وقت اڳ لکيل شعر بہ نٿو

وسري

آئي ڇيڪي مٽيءَ مان،
بلن جي خوشبو

-

ڪجهه وقت اڳ آڪٽوبر 2003ع ۾ ڪراچيءَ ايراني قونصل خاني (خانہ فرهنگ ايران ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ گڏجي هڪ سيمينار ڪرايو هو. موضوع هو "سيمينار جيبو زبان وادبيات فارسي درسندا" خانہ فرهنگ ايران ڪراچي جو ڏڏهن جمشيد خلقي انچارج هو. فارسيءَ جو مشهور عالم ڊاڪٽر

رياض الاسلام مرحوم ۽ حيدرآباد جو اديب ڊاڪٽر گل حسن لغاري بہ هنن سان گڏ هئا. مون کي بہ خط لکي مقالو لکڻ لاءِ چيائون عنوان هو "حيدر ڪلوچ، سنڌ جو فارسي گو شاعر" ان وقت آئون ڪراچيءَ ۾ سچ اخبار ۾ ڪم ڪندو هوس. مون پهريون معذرت ڪئي پر پوءِ ڊاڪٽر رياض الاسلام جي زور ڀرڻ تي اهو تحقيقي مقالو لکڻ لاءِ ڪتاب ڏسڻ لڳس. حيدر ڪلوچ بابت معلومات حاصل ڪرڻ ۽ ڪتاب جاچڻ شروع ڪيم.

پر ڪنهن ڪتاب ۾ چار سٽون تہ ڪنهن ۾ مختصر نوٽ هاڻ ڇا ڪجي؟ ان وچ ۾ ڪنهن ڏس ڏنو اسلام آباد ۾ قائد اعظم يونيورسٽيءَ لاهور ۾ پنجاب يونيورسٽي لائبريريءَ وڃي ڏسي اچ خاص طور تي پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ مشهور عالم حافظ محمد خان شيرواني ۽ قائد اعظم يونيورسٽيءَ ۾ پير حسام الدين جا ڪارنر. اصل ۾ پير حسام الدين راشدي پنهنجو قيمتي ڪتب خانو اسلام آباد يونيورسٽيءَ کي وڪڻي ڇڏيو هو. ڪيترا املهہ قلمي نسخا ان ڪتب خاني ۾ اسلام آباد هليا ويا. بهرحال اخباري ڪم سان اسلام آباد تڏهن گهٽو وڃڻ ٿيندو هو. پهريون پيرو هليو ويس. قائد اعظم يونيورسٽي لائبريريءَ ۾ لائبريريءَ جو انچارج مسٽر نقوي هوندو هو. پير صاحب جي ڪارنر کي تالو لڳل هو جيڪا هيٺ بيس ميٽ ۾ هئي. پر نقوي ويچاري شريف ماڻهو اهو ڪمرو کولي ڏنو. اندر 2 ڪارنر هئا. هڪ پير صاحب ۽ ٻيو ڪنهن ٻئي محقق جو. پير صاحب جي لائبريري واقعي شاندار هئي. ڪيترا قلمي نسخا ڏسي اچرج وٺي ويو. انهن کي ڏسندي پير صاحب جو شوق ۽ جستجو کي داد ڏجي ٿو. ان وقت فوٽو اسٽيٽ مشينون بہ هونديون ڪو نہ هيون. پر محقق سڳورا ويچارا، قلمي ڪتابن جا فوٽا ڪيرائيندا هئا. اهو مهانگو ڪم هوندو هو. مائيڪرو فلمون بہ ٿهنديون هيون. مقصد تہ تحقيقي ڪرڻ تمام ڏکيو هوندو هو. پر پوءِ جڏهن فوٽو اسٽيٽ ميشن اسان وٽ پهتي تہ گهٽي سولائي ٿي وئي.

مون پير صاحب جي لائبريري ۾ ڪيترن ئي قديم شاعري جي قلمي نسخن جا فوٽا ڏنا. ٻن ٻن سون صفحن جا فوٽا نڪتل. پير صاحب جي ڪتب خاني ۾ ٺٽي جي مشهور فارسي شاعر عظيم ٺٽوي جي شاعريءَ جو اتهائي قيمتي ۽ خوبصورت قلمي نسخو نظر مان گذريو. خبر ناهي ڪهڙي حاڪم. اها شاعري

اي تمي شورا،
اي تمي شورا،
تبلسي وارسا،
پراگ ۽ پرل ڪان پوءِ
تنهنجا رستا ٿيا ڳاڙها سارا،
تنهنجي سيني تي هليون گوليون،
تنهنجي روڊن تي ڪريا لاش،
لتاڙيا سي ويا،
ترڪن ۽ ٽينڪن هيٺان،
وچڙيا ڪيڻن پيارن ڪان،
هاءِ ٽيم شورا.

نظم طويل آهي، پر جديد سنڌي شاعري جي اڏام ۽ سوچ جي ڄاڻ پو
تي. يا وري شيخ اياز جون هي سٽون:

جنهن تي ٿيو
جنهن جاءِ ٿيو
سو مون تي ظلم ٿيو آهي؟

—

يا وري هند جي مشهور سنڌي شاعر موتي پرڪاش جي شاعريءَ ج
هي سٽون هاڻوڪي ٿيون وڌ وجهي ڇڏين:

ڪاڪ جي ماڙي خالي ڪندر،
مومل ماڙي پڙاڏو راڙو
مومل مومل راڙو راڙو
هڪڙي ڳلتي پيو ڳاراڙو!!

—

هاڻ وري هند جي هڪ جديد سنڌي شاعر موهن همٿاڻي جي هڪ
نئين ڪوتا پڙو:

اڄ تہ دل کولي ڳالهائي وٺون،
ڪجهہ سالن بعد،

جڏهن اسان،
پاڻ ۾ ملڻ چاهينداسين،
ته شايد،
ايترو ڪمفرٽيبلي
نه ملي سگهون ۽ هڪ ٻئي کي
ڦالريٽ ڪري سگهون،
هاڻ گهرن ۾،
آئينو لڳائڻ جي جڳهه،
ڪو نه رهي آهي ۽ ضرورت،
هر ڪو هر ڪنهن کي،
پاڻ ۾ ڳولهي رهيو آهي.

شاعر حسن مجتبيٰ جي هن نظم اٿو وسرندڙ آهي:

جيل جي ڪولي مٿان چنڊ آهي
جڻ ننڊ وهي ڪنڊ آهي
يا
بندوق سان گهايل ڪنور جو مک آهي،
۽ صدين جو دک آهي،
سنڌ جي آڪاش تي،
روز ڦاسي ڪاسجي تي،
ڏاڍ سان ڏرتي ڏجي تي
۽ فرنگي راج جو پرو ڪتو
يونڪي پيو
سوراج جي سورج پري آ ڪيترو.

---

زندگي ۾ ڪو اسرار آهي. هڪ مشهور حديث آهي، "مان هڪ لڪل انو هوس، دل ٿيم ته سڃاڻجان، تنهن ڪري مون خلق کي پيدا ڪيو، انهيءَ لاءِ ته مون کي سڃاڻن."

۽ پوءِ منير نيازي پنهنجي هڪ خوبصورت نظم ٻڌائي هئي، ان جون ڪجھ سٽون ياد اٿم:

صبح بهار مين اسي،
جاڪي ملون گا، مين کهي،
جس جسي بچھڑ گيا تا مين،
عهد خزان کي شام مين!

-

احمد سولنگي، منير نيازي وانگر سڄي ڄمار شاعري کي تہ نہ ڏيئي سگھيو. يعني شاعريءَ کان سواءِ ٻيو ڪجھ ڪرڻ جي همت نہ ساري سگھيو. پر ان زندگيءَ جي شروعاتي ڏينهن ۾ جيڪي اٿندي شرط تڪليفون ڏنيون، انهن کيس گھڻو ڪجھ سيکاري ڇڏيو. پلا اهي اديب ۽ شاعر جن فقط زندگيءَ جا ڏک ڏٺا آهن. تن کي غربت ۽ افلاس کان سواءِ ڇا حاصل ٿي سگھيو آهي. بهرحال اهو بحث هڪ ڊگھو آهي. انقلابي شاعر ڪامريڊ ابن حيات پنهور عنايت الله ڏيپر ۽ براهيم منشي پنهنجي حياتي جا پڇاڙا سال ڏاڍا ڏکيا گذاريا.

احمد سولنگيءَ جو تعلق سنڌ جي ساهتي پرڳڻي سان آهي. مورو گھڻو وقت اڳ شاعرن، قومي ڪارڪنن جو شهر هو. هاڻ تہ موري جي شهر واسين کي پراڻو قومي ڪارڪن مثل ڪمالاڻي بہ ياد نہ رهيو آهي. محبوب شاهہ ناصر مورائي ۽ ويندي سنڌ تان سر ڏيندڙ شهيد عبدالرزاق سومرو بہ وسري ويو آهي يا زندگي ڏاڍي ڪمرشل ٿي ويئي آهي. مان جڏهن بہ ساهتي پرڳڻي تي سوچيندو آهيان. تہ منهنجي آڏو ديوان ڪوڙو مل چندن مل کلناڻي، سيد الهندو شاهہ اچي آڏو بيهندا آهن. نارائڻ شيام ياد ايندا آهن. آنند کيماڻي بہ موري تعلقي جو آهي. جا بہ سنڌ جو هڪ جينيس ۽ مظلوم شخص حشو ڪيولراماڻي جو چهرو اکين ۾ پري ايندو آهي. پر اهو سڀ ڪجھ ماضي آهي. هاڻ مورو سائين راشد مورائي، جي وفات کان پوءِ ويڳاڻو آهي پر ڊاڪٽر سليمان سولنگي، احمد سولنگي ۽ ڪيل مورائي سندس سڃاڻپ آهن.

وڏي ڳالھ تہ جديد شاعرن يا ائين کڻي چئجي تہ ايڪهين صديءَ جي جديد شاعرن ۾ احمد سولنگي جي اهميت اهم آهي. سندس شاعري پڙهي

شايد اهو ئي سبب آهي جو عربيءَ جو هڪ مشهور شاعر ابو تمام چوي ٿو:

(ترجمو) "شعر عقل جو مائٽ مينهن آهي. اجا مس ان جا ڪي ڪڪر سي وڃن ٿا ته انهن جي پٺيان وري پيا پيدا ٿين ٿا!"

هند جي جديد ليکڪا ومي سدا رنگاڻي چوي ٿي:

پوءِ به
جهرڻو وهي رهيو آهي
بازايندو آهي اتي پنهنجو پاڇو ڏسڻ لاءِ

پوءِ به
پکي روز ايندو آهي،
اکهاڙي آسمان کي
پنهنجي اکين ۾ پرڻ لاءِ
مان سندر ناهيان
نه منهنجا وار گهاٽا جهڙا آهن،
نه مون وٽ آهي جهرڻي جهڙي کل،
منهنجي اکين ۾ سمنڊ ڪونهي،
منهنجيون آڱريون تراشيل نه آهن،
منهنجا پير ننڍا اڇا ڪو نه آهن،
منهنجن ڳلن ۾ ڪڏون ڪو نه پونديون آهن،
منهنجا چپ گلابي نه آهن،
منهنجا خواب سهڻا آهن!

—

1970ع کان پوءِ سنڌ ۾ آيل شاعرن جي شاعري جديد زماني جو اثر آهي. هيءَ گروپ جي شاعري انساني نفس جو اونهو اپياس آهي. اڄ جو شاعر هن دور ي حالتن پنهنجي باطن جو مسافر آهي. پنهنجو ڌرتيءَ تي ٽينڊڙ بيوا جبين ۾ ڏاڍ و شاعر آهي. پر هن سفر هڪ صوفيءَ وانگر روحاني سفر بنهه ڪونهي، داخليت سنڌي ان ۾ هوندي به هو پنهنجي نازڪ جذبات پڙهندڙ آڏو آڻي. ڪيس پاڻ سان

گڏ ٿو وٺي هلي، هر شاعر جي ڌرتي، آسمان محبت ۽ احساس پنهنجو آهي. هنر جي پنهنجي دنيا آهي. سندن جديد شاعري پوءِ به اها نثري هجي، ياد بند پڙهڻ سان محسوس ٿو ٿئي ته جديد سنڌي شاعري به ٻين ٻولين جي مقابلي جي شاعري آهي. جديد شاعره امر سنڌوءَ جون هي سٽون پڙهي ڏسو:

ءِ اسان جا ڏينهن،
مارجي ويل ساٿين جا خواب آهن،
جنهن جون اکيون انقلاب جنمنديون آهن،
سي نوڙهي ڦاٽڪ تي،
پيرين اگهاڙين هلندا آهن،
عشق جي سفر ۾ ساڻ نه ڪو خواب هجي ۽،
عاشقي جون سڀ ادائون لڳن اوپريون،
زندگي جڏهن هتي ڪو عذاب هجي اتان،
مون ڪيو پنهنجو سفر شروع آهي.

-

اسان جي زير بحث شاعر احمد سولنگيءَ جو هي نظم ڪيڏو نه وڻندڙ آهي:

جنهن وقت به مون تي ڪلي آ رات جي تنهائي
اکڙيون به اگهيون، ڪنهن به دل ڪنهن به پرچائي
بي خواب آئي،
بي خواب آئي،

معصوم محبت جا لمحا هي سڙن ڇو ٿا،
۽ دل جي قبيلي جا خيما هي سڙن ڇو ٿا؟
ڪنهن ڇو نه ڪئي دل ساڻ مسيحائي،
بي خواب آئي،
بي خواب آئي،

ڪا اک نہ لڳي رڻ جي رولاڪ پکين جي آ.
چڻ سانت ٻيهر سوڙهي پوشاڪ اکين جي آ.
ڪنهن طرف ڪڏهن گونجي ڪا گونج نہ صحرائي،
بي خواب آئي
بي خواب آئي

آواز ويا وسري، نغما بہ ويا وسري،
واڪا نہ وڻن ۾ ۽ جهونڪا بہ ويا وسري،
ماحول ڪيو ڪيڏو سرساز کي سودائي،
بي خواب آئي
بي خواب آئي

چپ چاپ سڄو صحرا، چپ چاپ سمندر آ.
چپ چاپ ڏمالون ۽ چپ چاپ قلندر آ.
چپ چاپ ٽڙن تارا چپ چاپ اڪيلائي،
بي خواب آئي
بي خواب آئي

ڪو خواب نہ پر خواين کي اڏرڻ جي رکان خواهش،
آڪاش منڊل سارا اڪرڻ جي رکان خواهش،
رفتار اٿم اهڙي مان ان جو تمنائي،
بي خواب آئي
بي خواب آئي.

–

سندس هي غزل پڙهي ڏسو:

ڪير رکي ويو هر ڪاغذ ۾
پياسا پياسا تر ڪاغذ ۾

جبلن جيڏا جملا تنهنجا،
ڪيڏا ڪارونجهر ڪاغذ ۾

هر محلو هر موڙ ۽ رستو
گهٽي گهٽي ۽ گهر ڪاغذ ۾

ڪنهن جي قسمت جا او سائين،
ڪليل آهن در ڪاغذ ۾

وقت اڏايا لفظ پکين جيئن،
گهايل تن جا پر ڪاغذ ۾

ظالم ماڻهو مارڻ ٻيڻا،
ڪوليو ڪي خنجر ڪاغذ ۾

يا مان ميڙيان، يا مان چونڊيان،
گل هن يا پٿر ڪاغذ ۾.

احمد سولنگي بنيادي طور نظم جو شاعر آهي. نظم جي صنف غزل جي پيٽ ۾ گهٽي اڳتي وڌي آهي. نوجوان شاعرن، سنڌي نظم جي صنف کي تمام گهڻو اوج وڻايو آهي. نوان نوان خيال ان ۾ آندا آهن. روبينا ابڙو جي هڪڙي نظم جون هي سٽون مون کي اڃا ياد پيئيون آهن:

ياد توکي ڪرڻ مان پلا فائدو
وحشتون ٿيون وڌن،
مون نہ چيو آ ڪڏهن، دورين سان پرين،
محبتون ٿيون وڌن،
روڪ تن کي تون هاڻي جي روڪي سگهين،
وڻ ويڙهيءَ جيئن عادتون ٿيون وڌن!!

احمد سولنگي جو هي غزل، هن جي دل جي تنهائي جي عڪاسي ڪري ٿو:

رات خاموش شهر جا رستا،
آئون تنها، خدا ۽ هن جو گهر،

دل جو درياهہ اوچتو اٿليو
اک ۾ سپنا ٻڏا ۽ هن جو گهر،

چنڊ پيلو اداس چاندوڪي
اولڙا اولڙا هن جوگهر،

زندگيءَ جي گهٽي ڪيئن اڪران
موت جا دائرا ۽ هن جو گهر،

بک ويڙهي سمهي پيا آهن
ڏس ننڊڙا ٻار ۽ هن جو گهر،

هن سفر ۾ اچا گهٽا احمد
وقت جا وهڪرا ۽ هن جو گهر.

احمد جي شاعري جي حيثيت ۾ آبزرويشن بہ تمام سني ۽ دل کي ڇهندڙ آهي. هو ڏينهن کي يادن ۾ ويڙهيل ۽ شام جو پاڇن کي پٺ ڀريل محسوس ڪري انڌلٺ جي رنگن سان ڀريل اپ کي ڏسندي چوي ٿو جڻ ڪنهن رنگين ڌاڳا آسمان کي ٻڌي ڇڏيا آهن. اسان جو شاعر اونداهي رات کي ڏسندي محسوس ڪري چوي ٿو: "چنڊ کي ڪير اغوا ڪري ويو آهي:

سج صليبن جو لهي ويو هاڻ آهي،
شهر جو سورج مکي ڪو ٿئي نٿو

هو هئو پاڳل چڙهي ديو دار تي،
ڪير آهي، ڪو پيو سر ڏئي نٿو.

هر حساس ماڻھوءَ کي شخصي طور تي شاعري ڏاڍي وڻندي آهي ۽ اها شاعري، جيڪا دل کي وڻي ۽ شاعر جا لفظ من کي اڪري وڃن، سا ابدي آهي. احمد جي شاعريءَ ۾ ان جو ڳالهه اهڃاڻ آهي:

ساروعالم سمهي پيو آهي،
ديپ تنها ٻري رهيو آهي
ساپيان سواءِ هر سپنو
وقت کان اڳ مري رهيو آهي.

—

اڪيلائي ڊگهو رستو
مليو آ ماڻ کي موقعو
گهرن جون سڀ کليل دريون،
لکيل آ هر ڪو دروازو
هئي ڪي ڇا خبر پوندي،
کليل آ دل جي ويراني،
مهانگو عشق جو سودو.

شاعرن جا تخيل ۽ لفظن جو گهاڙيٽو اعليٰ ذات جي منشا تي هوندو آهي، احمد وٽ به اهو شعور منندس لاشعور ۾ لڪل آهي:

تون به تنها زندگيءَ جو سمنڊ جهاڳين تي پئي،
جڻ اڪيلائي جا اڌما حال ٿا اوري وڃن.
شام جي خوشبو لفافي ۾ اڃا موجود آهي،
لڙڪ هاڻا تنهنجي خط جا لفظ ٿا جهوري وڃن.

شام جي خوشبو لفافي ۾ موجود هئڻ يا محسوس ڪرڻ جو ڇهاءُ فقط هڪ شاعر جي دل ئي سمجهي سگهندي آهي:

وقت گذري ويو
اک ۾ تنهنجو تصور ئي رهجي ويو.

۽ نظم پڙهيو هوم. پراڻي عادت وانگر نوٽ بوڪ ۾ لکي ڇڏيم. اوچتو هي مضمون لکندي هڪ پراڻي ڪاپيءَ ۾ لکيل ڏسي هت ان جو سنڌي ترجمو ڏيان پيو:

هيءَ ڪهڙي منداچي پيهي رهي آهي،
هيءَ وحشت آهي يا ڪائي دهشت يا وري ڪوئي آسيب.
هر پاسي پکريل خيما،
جنهن خيمي تي نظر پوي ٿي، واپس اچيو وڃي،
ڪوئي زندگيءَ جو آثار ئي ڪونهي،
نيڻ نهار تائين ڏوڙ پئي اڏامي،
ڪو ٻاهر ٿو نڪري، تہ چئني پاسن کان هن تي،
موذي تا حملو ڪن. پل پل ۾ حياتيءَ جي هر شئي تا هن کان کسي وٺن.
سامهون پٽين تي ڪتل اهي سموريون اکيون ڏسن ٿيون اهو تماشو
۽ پوءِ ڏسنديون ٿيون رهن ڪو بہ هٿ ڪٽان ظاهر نٿو ٿئي،
هنن سان ويڙهہ وڙهڻ لاءِ.
رات اچي ٿي تہ ائين جڻ هاڻ پنهنجي مرضيءَ سان ويندي،
وقت جا سمورا ٿيل پراڻا ناهہ رد ٿي ويا آهن.
اسين انهي وشال رات جي هڪ بي نور مخلوق آهيون،
هٿوڙاريون ڏيئي هلڻ کان سواءِ اسان ڪي هلڻ نٿو اچي،
۽ اسان جي هر ڳولا جو مقصد بک کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ آهي،
آڪاس کان آيل هر مشعل وسائي وئي آهي،
ڪو بہ آواز نٿو اچي، ڪا بہ رڙ ٿئي ٿي، اها ٻڌڻ ۾ نٿي اچي،
سمورا لفظ ڪتاب ۾ پڙهيل، ڪا بہ معني نٿا رکن.
سموريون مندون، پنهنجا رستا وساري ويهي رهيون،
آواز گونجي ويا، هي شام جون پاڳل هوائون،
۽ دور ايندڙ هوا ۾ آوازن جا نوحا.
چند جهڙي ڇهرن سان ٿي ويا گم هاءِ ڙي زمانا — هاءِ ڙي زمانا.

-

اسان جي روحاني رهبر شاهه سائين ماٺيو ءِ جي من جي ڏاڙهونءِ گل ڪري سڏيو آهي. شاعر جو من بہ ڏاڙهون جي جيئن گل بہ ڏنڊ پاڙ جيئان آهي سچ پچ تہ ڏاڙهون جي گل ۽ ڏند جي پاڙ کي ڏسندي محسوس ٿئي ٿو تہ شاعر جي آبزرويشن ڪيڏي نہ مٿانهين هوندي آهي.

هڪ پيري احمد سولنگي سان گڏ پنهنجي سول لائيس حيدرياد واري گهر موٽي رهيو هوس. رات جو وقت هو آسمان تي تارا ٽمر ٽمر ڪيو پئي ٽمڪيا. اماوس جي رات هئي. آڪاس تي ڪوئي چنڊ نہ هو ٻاهر اسان جي آڌيءَ رات جو هلندڙ ٿڌي هوا پئي هلي. اوچتو هن مون کي چيو "شاهه سائين جو ڪائي وائي تہ ٻڌايو." مون کي ان مهل شاهه صاحب جي هي وائي دل تي تري آئي هئي:

هوت نہ پانيم هئين،
آئون جا ماري سجڻ تنهنجي نينهن،
چڏي تون ڪو چير ويندين!
لڪون لڳن ڪوسيون،
ڏاڍا تپن ڏينهن،
ڇڏي تون ڇير ويندين!
عشق آريءَ ڄام جي، ڪيس نماٽي نينهن،
جهونگاريندي جهنگ ۾، ڏوٿين ڏٺڙي ڏينهن!
ان جا ڇڏي ڇيرين، ڪيچ رسندي ڪيئن؟
ولهي هٿ وسائيا، سندا محبت مينهن.

مون کي ياد آهي ان مهل اسين سول لائيس جي رستي تان ڪار ۾ وڃي رهيا هئاسين. وائي ٻڌي هو پنڊ پهڻ ٿي ويو هو. اسانجي ساڄي پاسي کان فلاسفر علامہ آءِ آءِ قاضي جو 37 نمبر بنگلو اونداهيءَ ۾ ٻڏل، جيڪو ڏاڍو پيانڪ پئي لڳو ۽ پريان وڻن مان تيز هوائن گهوگهٽ ڪنديون ٿي ويون. هن چيو هو تہ واهه جي وائي آهي مون اها ڪڏهن بہ نہ ٻڌي آهي!

چيو هوم تہ "اصل ۾ شاهه سائين جي رسالي کي جڏهن بہ کولي پڙهندا تہ توهان کي ڪا نہ ڪا نئين شئي پڙهڻ لاءِ هٿ اچي ويندي ماٺيوءَ جي طبعيت موجب اتان ڪا نہ ڪا شي حاصل ٿئي ٿي."

ان مهل شاعر احمد سولنگيءَ جي اندر ۾ ويٺل ڪوي کي جاڳندي ڏٺو هو. سندس اها عادت هوندي هئي، سٺو شعر پڙهندي ئي فوري طور تي واکاڻ ڪندو هو. خبر ناهي تہ اڄ ڪلهہ سندس اها عادت قائم آهي يا وقت جي هڻ هٽان ۾ هن کان اها عادت ڇڏائجي ويئي آهي. پر ان ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي، احمد هڪ تمام سٺو پڙهندڙ بہ آهي.

احمد سولنگيءَ جو هي نظم سندس اندر جي ويٺل شاعر جو پڙاڏو آهي:

رات جي منحوس ۽ ڪاري هوا،
شهر جي روشن ڏيئي کي تي،
وڪوڙيندي رهي!
يوڳنائن جي سفر جا پيچرا،
پير پنهنجا،
جڻ چٽيندا ٿا رهن،
وقت جا پاليل ڪتا،
ديوتائن، انبيائن بزرگن،
درويشن صوفين جي مٿي،
روز ڪوٽيندا رهن،
ٿا ڪتريندا رهن،
قيمتي زربفت جيئن،
ديس جون چارئي ڪنڊون،
ڪالهہ سورج چنڊ جيڪي،
هئا جيڪي ڦٽا اوير منجهان،
اڄ انهن جي روشنيءَ چاندني ممنوع آهہ
فڪر کي بي دور جو رائج سڪو سمجهي ڪري،
جڻ عجائب گهر اندر تشبيهہ لاءِ سانڍيو ويو،
چاڻ جڻ ڪوريئڙي جي جار ۾ ڦاٿي پئي،
وقت جي اپياس بابت،
ڪنهن بہ پنهنجي کوجنا کي ڪو نہ ٿو ليکيو وڃي

شاعري انمول تحفو
گفتگو جو ڪو صحيفو
ڏوڙ وانگي ڇڻ تہ ڏرتي تي لٿو
ڪوڙ سان ميٽيو ويڇي تو
سچ جو پهرو سچو
سنگ تراشي پٿر نيراج رهي روپوش ڪي،
آڳريون فنڪارن جون پڻ،
برف وانگي ڄمي ويون،
سچ اجنتا ۽ الورا منجهہ ڳوليندو بہ ڪير؟
ڪام جو مندر اندر ڪير ڳوليندو بہ پيو،
رقص گهايل،
زندگيءَ جي چور دروازن اندر،
هر نظر کان بي نياز،
هر خبر کان بي خبر،
چترڪاريءَ منجهہ ليڪيل ڪا لڪير،
ڪو تصور سوچ جي تجريد جو
برش جي خاموش ڪنهن گفتار سان،
فن نقاشيءَ جي وسيع معنيٰ اندر،
پنهنجي خنجر سان ڪري ٿو خودڪشي
ملڪ اولهہ جا سيٺي،
اوپر تي مچريا ٿا گمهن،
دشمني جي دائمي آڙاهہ هيٺان،
ڪيتريون ڏرتيون سڙن،
پوءِ بہ دنيا سڄي ڏڪاٽيل،
دور هڪڙي ڪنڊ ۾،
آتشيءَ ۽ امن جو اهڃاڻ بڻجي،
ڪالهہ وانگي،

ڪائنات،
هن جي در تي،
بيٺي هوندي آهي،
۽ شام جو
چنڊ هن کي
نيري ٿال ۾،
موتيي جا،
گل پيش ڪندو آهي!

بهرحال لکڻ لاءِ اييپاس ۽ آبزوورشن تمام ضروري آهي. شاعر شيخ اياز چوندو هو تہ ڪيس سنڌي جي نوجوان اديبن لاءِ اها شڪايت آهي تہ هو مطالعو بلڪل نٿا ڪن. پر هاڻ اها ڳالهہ صحيح ڪونهي. احمد سولنگي سميت نوجوان شاعر جو مطالعو وسيع آهي. آئون احمد سولنگيءَ لاءِ ڪا بہ وڏي اڳڪٿي ڪرڻ بدران شاعري پڙهندڙ طور هن کي اجا بہ وڌيڪ لکڻ جي صلاح ڏيندس. باقي ڪنهن بہ شاعر جي شاعري جو مڪمل اييپاس، هڪ ڏکيو ڪم آهي. بقول شاعر يم ڪمل جي:

ڏينهن جي ڳالهہ نہ آ، هت سال ٿا گذرن،
هڪ عمر کپي دوست، سخن دان ٿيڻ لاءِ

## ● خواب آوارا پکي ۽ احمد سولنگي

**ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي**

سنڌ منهنجي امان آهي، امان جڏهن جڏهن مون کي ڪوٺيو آهي مان پنهنجا سڀ ڪم ڪاريون پاسيريون ڇڏي، سنڌ امان وٽ آيو آهيان. ڊسمبر 2013ع ۾ به ائين ئي ٿيو. اوهان ان کي اتفاق چئو، ڪرشمو ڪوٺيو يا منهنجي خوشنصيبي، جو مون کي ثقافت کاتي، حڪومت سنڌ مان سڪائٽو سڏ ٿيو ته آئون حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي 270هين عرس مبارڪ جي موقعي تي 18، 19، 20 ڊسمبر 2013ع تي شاهه لطيف عالمي ادبي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي، پنهنجو مقالو پيش ڪريان.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ سماجي ۽ سياسي حالتن جو ادراڪ ڪندي، پنهنجي فڪر جي ڦهلاءَ لاءِ هالا حويليءَ کي خيرباد چئي، اچي ڀٽ وسائي هئي. اُتي ئي شاهه سائينءَ 1752ع ۾ وفات ڪئي. حڪومت سنڌ جو ثقافت کاتو اُتي، هر سال شاهه لطيف جو عرُس مبارڪ ملهائيندو آهي، جتي سموري سنڌ کان لطيف جي پانڌيئڙن جا قافلا، ٽولن جي صورت ۾ سجدو ڪرڻ پهچي ويندا آهن. اهو منهنجو سٺو نصيب آهي جو مان به هن سال (2013ع) عرس مبارڪ ۾ شرڪت ڪري، شاهه جي مزار تي سجدو ڪري آيس.

سنڌ ۾ رهائش دوران سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد طرفان ڊاڪٽر فهميده حسين 22 ڊسمبر 2013ع تي اٿارٽي جي ڊاڪٽر بلوچ هال، حيدرآباد ۾ ”ڪافي ڪانفرنس“ ڪوٺائي، جنهن ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي صدارت هيٺ جناب هيري ٺڪر، ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي ۽ جناب سرفراز راڄڙ کي خاص مهمان ڪري گهرايو ويو. ڪانفرنس سان گڏ راڳ يعني ڪافي رهاڻ به ٿي، جنهن ۾ استاد گلزار علي ۽ محترم مظهر علي خوب پاڻ موکيو. چانهه جي چسڪين دوران رڪيل مورائي هڪ نوجوان کي مون وٽ وٺي آيو. هن جي واقفيت ڏيندي چيو هئائين:

سائين، هي اٿو اسان جو نوجوان شاعر احمد سولنگي، جنهن جو شعري مجموعو "خواب آوارا پکي" جلد اچڻ وارو آهي.

پهرين ملاقات ۾ ئي هو منهنجي دل ۾ پيهي ويو. پوءِ ته اسين سانده چوويهه ڪلاڪ گڏ هئاسين. مان هيرو نڪر ۽ رڪيل مورائي. مون کي احمد سولنگيءَ ۾ شعري شعور نظر آيو. ڳالهين ڳالهين جي دوران خبر پيئي ته هن موري شهر جي سنڌي ٻوليءَ جي ناميا ري شاعر سائين راشد مورائي کان شعري شناس حاصل ڪئي هئي. هن ئي کيس شعري نفيس نڪتن ۽ زبان جي اهميت کان روشناس ڪرايو هو. هو اڄ هن جهان ۾ ڪونهي. 24 مارچ 2014ع تي شام جي وڳڙيءَ راشد مورائي هيءَ جهان ڇڏي رب پاڪ سان وڃي مليو.

مان ڀاڳن وارو آهيان جو هن جو ديدار ڪري سگهيس. رڪيل مورائي ئي مون کي ۽ هيري نڪر کي سائين راشد مورائيءَ جي گهر وٺي هليو هو. اهو سومر جو ڏينهن هو 23 ڊسمبر 2014ع اسان موري ۾ عبدالله جيسر وٽ رات گذاريءَ ٿاڪر چاول جون هائيون سنڌوءَ ۾ پرواهه ڪري، ڪراچيءَ تي موٽياسين. مورو ضلعي نوشهري فيروز جو هڪ تعلقو آهي. موري کي سنڌ جي دل ڪري چوندا آهن. مورو ادبي لحاظ کان به تاريخ ۾ هڪ اهم درجو رکي ٿو.

انهيءَ موري مان ٿي لنگهياسين. راشد مورائيءَ سان ڪچهري ڪرڻ بنا ڪيئن ٿي وڃي سگهياسين؟

اسان جو نوجوان شاعر دوست احمد سولنگي به اتي جو ئي آهي. عليل طبعيت هوندي به سائين راشد مورائيءَ اسان کي کلي ڀيڪاريو. هيري نڪر کان ته هو اڳ ئي واقف هو. ناساز طبعيت ۽ تڏ سبب. هو اليڪٽرڪ سگري جلائي ويٺو هو. اسان اتي چڱو وقت ويهي ڇپو چورو ڪيو ادبي ڪچهري ڪئي. اسان جي اُٿڻ وقت مون ڏانهن مخاطب ٿي چيو هئائين:

"ڊاڪٽر صاحب توهان منهنجي به ٿي سال عمر وڌائي آهي"

پر رب سائينءَ کي ڪجهه ٻيو ئي منظور هو. هن مون کي به ڪتاب تحفي طور ڏنا هئا. ديوان راشد ۽ درد ۾ دلجوئي.

هڪ جي مهڙ ۾ لکيائين:

"نهايت قرب محبت سان ڊاڪٽر جڳديش لچاڻيءَ لاءِ"

۽ ٻئي تي لکيو هئائين:

"خلوص دل سان دلربا ماڻهو ڊاڪٽر جڳديش لڄاڻيءَ لاءِ ڀاران راشد موراڻي 2013_12_23"

راشد موراڻيءَ جو هيلين شعر، پنهنجي جديد ذهن ۽ شعور سبب اڄ به منهنجي ذهن ۾ آهي:

دليون قبرستان بڻي ويون ماڻهن جون،
شهر خموشان ۾ هڪ تربت جاڳي ٿي!

سائين راشد موراڻيءَ سان ڪچهريءَ کان پوءِ اسان اڳتي وڌياسين. احمد سولنگيءَ ڪار ڊرائيو به پئي ڪئي ته شعرن جي پلٽ پلٽان به سندس حافظو ڏاڍو تيز آهي. هن کي پنهنجا ڪيترائي شعر ياد آهن. هڪ ياد تازي ٿيو پوي

سال 1963ع شيخ اياز الهاسنگر آيو هو. سڳن آهوجا جي گهر ۾ شعر و شاعريءَ جي محفل متي هئي. رات جو ڏهين وڳي کان شيخ اياز پنهنجا شعر ٻڌائڻ شروع ڪيا ۽ صبح تائين هو پنهنجو ڪلام ٻڌائيندو رهيو هو.

سڳن آهوجا جي ان چوڻ تي ته:

"تون شاعر آهين يا شعرن جي ڊڪشنري!"

اياز وراڻيو هو:

"مون کي پنهنجي سموري شاعري ياد آهي ۽ مان 24 ڪلاڪ سانده پنهنجا شعر حافظي مان پڙهي سگهندو آهيان."

احمد سولنگيءَ جي وات مان به از خود شعر ٿي نڪتا. ائين لڳو ڄڻ شيخ اياز جي روح اچي هن ۾ واسو ڪيو هجي!

هن اسان کي پنهنجي شاندار بنگلي جو به ديدار ڪرايو. پنهنجي بيگم سان به ملايائين.

ڀارت ۾ اچڻ کان پوءِ، مان اڃا دوستن سان ڪيل رهاڻين ۾ کوهيل هئس ته احمد سولنگيءَ جو پڪي ۽ خوبصورت بائينڊنگ سان طويل شعري مجموعو به اچي پهتو. مهڙ ۾ لکيو اٿائين:

"سنڌي ادب جي اهم نقاد ۽ سدائين حسين يادگيرين ۾ مهڪندڙ محبتي ماڻهو مانائتي ڊاڪٽر جڳديش لچاڻيءَ لاءِ سڪ ۽ اڪير منجهان احمد سولنگي 2014_05_07."

احمد سولنگيءَ جو ڪتاب "خواب آوارا پکي" پڙهي مان دنگ رهجي ويس. مون کي اها خبر ڪا نه هئي ته ڪو هو ايڏو پکو پختو شاعر آهي. ڪافي اڳ، مان هري موٽواڻيءَ جي ڪونج مخزن ۾ احمد سولنگيءَ جون ڪجهه ڪوتائون پڙهي چڪو هوس. پر ڪنهن قلمڪار جون تخليقون هڪ جامع صورت ۾ پڙهڻ سان هن جون تمام شعري صلاحيتون فني فڪري قوتون سوجهه ٻوجهه ۽ شعور جي ارتقا، بخوبي ڏسي پرکي سندس تخليقي قد صحيح ريت جاچي ماپي سگهجي ٿو. سچ پچ احمد سولنگي پڪن پختن قدمن سان شاعريءَ جي سفر ڏانهن وڌيو آهي.

احمد سولنگيءَ جي موزون شاعري گهڻو ڪري وزن، قافيه ۽ رديف موجب آهي. هن کي بحر وزن جو علم آهي. ڪارڻ پنهنجي ابتدائي ادبي حياتيءَ ۾ احمد سولنگيءَ جي راشد مورائي شيخ اياز شمشير الحيدري، امداد حسينيءَ سان صحبت رهي، جن ڪيس وقت به وقت بحر وزن جي پيچيدگين کان آشنا ڪرايو ڏيري ڏيري احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ ۾ نکار ايندو ويو. احساس جي گهرائي، چست بندش ۽ فنائتي طرز ادا باعث هن جي شاعري دل کي ڇهي ٿي.

شاعريءَ ۾ سنڌ شاهوڪار آهي. سنڌ جي شاعريءَ کي پنهنجي زبان، پنهنجو لهجو، پنهنجو محاورو ۽ پنهنجون تشبيهون آهن. نئين نسل جي شاعرن کي پنهنجو پنهنجو انداز آهي. لفظن جو سٽاءُ ۽ صورت به هر ڪنهن جي پنهنجي پنهنجي آهي. احمد سولنگي موجوده نسل جو هڪ ذهين ۽ شعوري شاعر آهي. هن گهڻ پاسائين شاعري ڪئي آهي. هن جي شاعريءَ ۾ زندگي جي ڌڙڪن کي محسوس ڪري سگهجي ٿو. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ شعريه فني نڪتن جو استعمال تمام فينستائيءَ سان ڪيو آهي. پوءِ اهو چاهي غزل هجي، نظم هجي، گيت هجي، وائي هجي چاهي چوسٽي چو نه هجي جنهن جو سنڌي شاعري اڳتي هلي اوس نوٽ وٺندي

احمد سولنگيءَ جي شاعري قومي زميني، ٻوليائي ۽ سائنسي سوچ کي ساڻ ڪري هلي ٿي. هن جي شاعريءَ ۾ عشق محبت جو اظهار به آهي اها شاعري واقعي اثرائتي آهي ۽ دل کي ڇهي ٿي

رکين ٿي دل جي ڌڙڪن ۾،
رهي خاموش پٿر جان،
ڪرين ٿي پيار تون مون سان،
ٻڌين ٿي پر زماني کان

(ص 159)

پيار نفرت منجهان ئي سهي،
ڪنهن نظر سان ڏسي ته به چڱو.

(ص 167)

روز چهرا نوان ٿي رکي،
هڪڙو چهرو رکي ته به چڱو.
اکڙين جي آلاڻ،
تنهنجي ڳالهه ڪري پئي،
تنهائيءَ جي اونداهيءَ ۾،
يادن جي چانڊاڻ،
تنهنجي ڳالهه ڪري پيئي

(ص 149)

شعر، انساني امنگن ۽ احساسن جي اظهار جو ذريعو آهي شاعر نهايت جذباتي ۽ حساس دل ٿئي ٿو. هو پنهنجي روح مان ڦوهاري جيان نڪرندڙ احساسن کي لفظن ۾ چنڊ جي ڪوشش ڪري ٿو سندس دلي ڪيفيتون احساس ۽ جذبا سدا تز لفظن جا گولهائو هوندا آهن جنهن کين گهربل لفظ ملن ٿا. تنهن شاعريءَ جو آغاز ٿئي ٿو. وليم ورڊس ورٿ(William Words Worth) چواڻي:

People in a general sense may be defined to be the expression of the imagination. Poetry u sever accompanied with pleasure.

نارايڻ شيام به لکيو آهي:

"شاعري محسوسات جو سريلو اظهار آهي، جذبات جي طوفان کي لفظن ۾ قابو ڪرڻ جو نالو آهي."

احمد سولنگيءَ جي رومانوي شاعريءَ ۾ شاعر جي دل ڌڙڪي ٿي. هن دلي احساسن جو اظهار استعارائي ۽ تخليقي زبان ۾ ڪيو آهي. احمد سولنگيءَ عمدي احساسي شاعري ڪئي آهي. اهو شاعر جي اسلوب جو ڪمال آهي جو سندس شاعري پڙهندي/ٻڌندي احساساتي ڇهاءُ محسوس ڪجي ٿو. هن جي رومانوي شاعريءَ جا انيڪ رنگ آهن:

قيمتي هن جو بدن،
انگ نازڪ،
رنگ انمول اُن جو!
ڇيلهه ڪشتيءَ جي رسيءَ کان مختصر،
اُرهه اُپريل چنڊ چوڏهينءَ جي مثال،
نيڻ هن جا لعل يا قوتي مشعال.

عاج جهڙي ٻانهن هُن جي،
ويڪري هُن جي ڪرائيءَ جي تراش،
قد ڪليسا جو صليب،
وار ڪارا جڻ ته ڪمبي جو غلاف!
پير جي پازيب اهڙي،
جڻ نديءَ جي سارنگيءَ جي نمغگي،
ٽِڙ انهيءَ جي سونهن جو آ استعارو.

(ص 213)

احمد سولنگي شاعريءَ جي شاهراهه تي پنهنجا قلم ڏاڍي اعتماد سان وڌائي رهيو آهي. هن جا ڪي خيال بلڪل نوان نڪورا ۽ بي مثال آهن. استعارا ۽ تشبيهون شاعريءَ جي وڏي زينت آهن. اهي شاعريءَ کي معنادار بڻائي، ان جي حسن ۾ اضافو آڻين ٿيون. شاعر انهن شعري صنعتن جو عمدو استعمال ڪيو آهي.

احمد سولنگيءَ پاڻ کي فقط رومانوي شاعريءَ تائين ئي محدود ڪين رکيو آهي. شاعر شخصي حياتيءَ سان گڏ دنيا کي بہ پنهنجي سوچ جي گهيري ۾ آندو آهي. هو زندگيءَ جي تلخ حقيقتن مان لنگهيو آهي. ان ڪري هو پنهنجي شاعريءَ جي دامن ۾ حياتيءَ جا گهڻيئي رنگ سميٽي هليو آهي. هن زندگيءَ جي ڪيترين ئي ڪيفيتن جو اظهار تمام منفرد نموني انوکين علامتن ۽ اِشارن ۾ ڪيو آهي:

شهر ۾ آ شور ڪيڏو
ڪير ٿو ڪنهن جي ٻڌي؟
ڪير ٿو ڪنهن کي ڏسي،
زندگيءَ جو زهر قاتل،
ڪير ٿو ڪنهن لئہ پئي،
ڪير پيو ٿو
ڪاري پاڻيءَ جو
اڪيلو قيد ڪاٽي؟ (ص 114)

شعر ۾ علامتن سان گڏ زندگيءَ تي طنز بہ سمايل آهي. سڌن۔ سادن لفظن ۾ معنوي تهہ بہ موجود آهن. ان رمزي اِشاري شعر کي خوبصورت بڻائي ڇڏيو آهي. اڄ اسان جي جيڪا روز مرهہ جي حياتي آهي، جنهن سان اسان کي روز منهن مقابلو ڪرڻو پوي ٿو. جديد زماني ۾ اڳين انساني قدرن جا مُلهہ ۽ ماڻ غائب ٿيندا پيا وڃن. ان ڪري ادب جي اظهار جا طريقا بہ وقت بہ وقت پيا بدلجن. جديد دور ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ارتقا سبب، انسان جي ٻاهرين پسگردائيءَ ۾ جيڪي تڪڙيون تڪڙيون تبديليون آيون آهن. تن اسان جي سوچ ۽ وهنوار ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو آهي. سائنس انساني حياتيءَ ۾ نئين فڪر جا دائرا وسيع ڪيا آهن. جن انسان جي احساسن ۾ بدلاءُ آڻي ان کي اوپرو ۽ غير حساس شخص بڻائي ڇڏيو آهي. اڄ جو شاعر پنهنجي رچنائن ۾ انهيءَ انسان جي اوپرائپ جي احساس کي اظهاري ٿو:

چنڊ پيلو اُداس چانڊوڪي،
اولڙا اولڙا ۽ هن جو گهر،

زندگيءَ جي گهڻي ڪيئن اَڪران؟
موت جا دائرا ۽ هن جو گهر.

بک ويڙهي سمهي پيا آهن.
ڏس ننڍيا ٻارڙا ۽ هن جو گهر.

سنڌ ۾ اڄ ڪلهه پابند شاعريءَ سان گڏ آزاد شاعريءَ جي به چڱي خاصي تخليق ٿي رهي آهي. سنڌ ۾ نثري نظم تجربي طور جوڙيو ويو آهي جو ٻاهرين دنيا مان اُتي پهتل آهي، ائين جيئن جپان مان "هائيڪو" اُتي پهتو. سنڌيءَ ۾ اساسي شاعريءَ جي سجاڳپ بيت ۽ وائي آهي. صوفيائن اوتارن جي مقبوليت ڪافيءَ کي به ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ داخل ڪري ڇڏيو.

احمد سولنگيءَ جي هن شعري مجموعي "خواب آوارا پکي" جي شروعات "مائيڪل اينجلو" آزاد نظم سان ٿئي ٿي. قلمڪار پنهنجي ان شعر کي آزاد نظم يا نثري نظم نه چئي نظم ڪري ڪوٺيو آهي جيئن پارت ۾ "نثين" صفت اسم طور سمجھائجي ويئي آهي. تيئن سنڌ ۾ به آزاد يا نثري "صفت" نظم ۾ جذب ٿيندي پيئي وڃي ورنه سڄي شاعري نظم سڏائيندي به "نظم" شاعريءَ جي ٻين گهاڙيٽن: غزل، گيت، رباعي ۽ قطع وغيره جيان هڪ خاص منفرد شعري صنف به آهي. شاعريءَ جي هن صنف يا فارم جون حدون، ماپا ۽ ڪنهن حد تائين بحر و وزن ۽ موضوع به مقرر ٿيل آهن. جيڪڏهن انهن حدن، قاعدن ۽ لازمي شرطن جي پوئواري نظم لکڻ وقت نه ڪئي ويئي، ته اهو نظم جو عيب ليکبو.

فارسي شعري صنفن جو سٽاءُ يعني غزل لاءِ ٻئي مصرع مطلع، مقطع ۽ قافيو رديف يا رباعيءَ لاءِ چار سٽون، تي قافيه ۽ مقرر وزنن مان ڪو به هڪ. نظم لاءِ ضروري برابر ناهي، پر پوءِ به ان جون حدون ڪنهن حد تائين بحر وزن به مقرر ٿيل آهن پر نثري نظم لاءِ ائين ڪونهي. آزاد نظم ۾ به شاعر پنهنجي خيالن جي وسعت، پابند نظم جي بنسبت وڌيڪ تفصيلن سان پيش ڪري سگهندو آهي. آزاد نظم ۾ شاعر پنهنجي احساسن جو اظهار آزاديءَ سان ڪري ٿو. جو ته اهو عروض جي مصنوعي پابندين کان آزاد آهي. آزاد نظم جو دارومدار اسلوب جي بندش بدران موضوع ۽ خيال ڏانهن وڌيڪ رهي ٿو.

احمد سولنگيءَ بہ پنهنجي آزاد نظم/نثري نظمن ۾ جدا جدا خيال تمام خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيا آهن هن جي نظمن ۾ معنيٰ آفريني ۽ علامتي رمزون بہ جهجهي انداز ۾ ملن ٿيون. شاعر تخليقي ۽ استعاراتي زبان جو استعمال بہ واهہ جو ڪيو آهي. مجموعي جا پهريان نظم پڙهي چاهي اهو "مائيڪل اينجلو" هجي، چاهي "پوپ جي ڪهڙي خبر" يا "قلوپطره" پنهنجي انوکي انداز بيان، نين تشبيهن، استعارن ۽ ڪرداريت سبب پڙهندڙن/ٻڌندڙن جو ڌيان ڇڪائين ٿا. مذڪوره نظم پڙهندي اُنهن جا ڪردار اسان جي اکين آڏو اچي ٿا بيهن.

ديس هر هڪ جي مٽي،
مون تہ ڌرتيءَ جي دونهاٽيل،
سُرخ گولي تان ڪٽي
پنهنجي اک جي دائري جي ويجهڙو
زان ڪازاڪس ٿو رهي
۽ پکي پنهنجي پرن ۾
جيئن لڪائي ٿو رکي پنهنجا ٻچا،
سوچ منهنجيءَ ۾ ائين محمود جي ڌرتي رهي،
جا ٽٽل ڪشڪول ۾ ڪنهن ماءُ جي ڳوڙهن جيان،
يا نديءَ تي بوند۔ بادل جو لڳي ٿو نقش ڪو
عشق مون لئہ ٿو اُٿي جڙ شبنمي ڪا شاعري،
ساحلن تي ريگزارن جي مٿان،
۽ وڻ جي جهنڊ ۾،
آ خدا جي جستجوءَ،
بيگانگي مون لئہ لکي!

(ص 105)

سو ريجُ ريتي رت جو،
جنهن مان ڦٽي تو ڪٽڪ جو ڪو سنگ سونو
ٿو پيري جڙ پيٽ جنهن مان ڪو بکيو!

ڳائبي آهي. احمد سولنگيءَ جون وايون شاعر جي دلي نفيس احساسن جو اظهار پياري، سليس ۽ منڙي زبان ۾ ڪن ٿيون. انداز بيان به واهه جو اٿس جذبات جي شدت ۽ شيرين زبان سبب، هن جون وايون دل تي گهرو اثر وجهن ٿيون. سندس شاعراڻو اظهار پڙهندڙن کي هم خيال بڻائي ٿو ڇڏي:

اکڙين جي آلاڻ
تنهنجي ڳالهه ڪري پئي،
تنهائيءَ جي اونداهيءَ ۾،
يادن جي چانڊاڻ
تنهنجي ڳالهه ڪري پئي
(ص 149)

سيٽيءَ جو آواز
آڌيءَ ويل گهٽيءَ ۾!
چور به چوڪيدار کان
ڪيئن لڪائن راز،
آڌيءَ ويل گهٽيءَ ۾.
(ص 168)

سج نٿين سان اکيون آپگهات،
آڳ شعلا اُپ ۾.
ڏسُ! بدن بارود سان،
زخمي زخمي ڪائنات،
آڳ شعلا اُپ ۾.
(ص 208)

احمد سولنگيءَ جي "خواب آوارا پکيءَ" ۾ نظمن جو انداز سر سيرو آهي پر هن غزل به لکيو آهي. رومانوي طبيعت هئڻ سبب، احمد سولنگي غزل ۾ پاڻ وڏيڪ نکري بيٺو آهي. شاعريءَ جي پياري صنف غزل سنڌيءَ ۾ ڪافي مقبول پئي رهيو آهي جيتوڻيڪ غزل سنڌيءَ ۾ پيدا نه ٿيو آهي پر اهو سنڌي شاعريءَ ۾ ايتري قدر ته جذب ٿي ويو آهي جو هڻ سنڌي شاعريءَ جو انگ پيو

لڳي جنهن وقت سنڌي ادب ۾ غزل جو آغاز ٿيو تنهن وقت مٿس فارسي ۽ اردو ادب جا ڪافي گهرا اثر هئا. غزل جو بنيادي موضوع آهي عشق- محبت. غزل داخلي طرز وارو شعر آهي، جنهن ۾ قلمڪار اندر جو احوال اوري ٿو. پر اڄ غزل، جڏهن بدليل وقت ۽ حالتن سان روبرو ٿيو ته ان ۾ هر قسم جا خيال هر قسم جي سوچ ۽ هر قسم جي جذبي جو اظهار ٿيڻ لڳو.

احمد سولنگي هڪ رومانوي شاعر آهي هن جي رومانوي شاعري بيحد ئي خوبصورت آهي پيار محبت هڪ آفاقي احساس آهي جيڪو ازل کان ابد تائين هر دور ۾ عيان رهيو آهي. هن احساسي شاعري ڪئي آهي. نفاست، نزاڪت ۽ سادگي هن جي غزل جون خوبيون بڻجي آيون آهن.

ننڊ ۾ ڪيڏا ٽڪا شيشا لڳا،
ڪنهن ڀڳا هي رات خوابن جا گلاس

مون گناهن جا رکيا ترتيب سان
ڪنهن رکيا وچ ۾ ثوابن جا گلاس

اُڃَ کي مون رُڃَ ۾ اُڇلي ڇڏيو
مون پري پيتا سرابن جا گلاس.

(ص117)

غزل جي زمين ڪافي ڳنڀل آهي. شاعرن قافيه ۽ رديف ڪٿا ئي ڇڏيا آهن. ان ڪري غزل جي صنف، هر معاملي ۾ ڏهراءُ جو شڪار ٿي رهي آهي. پر مٿيان شعر پڙهندي لڳي ٿو ته شاعر هتي اڻ ڪيڙيل زمين ڳولهي ورتي آهي. ان ۾ احساس جي شدت ۽ تخيل جو ديدار ٿئي ٿو.

هن دل جي ٽٽڻ تي آ. شيشن به ڪيو ماتم،
پٿر جي خدائن وٽ آ مرڪ جي مهانگائي،

منصور ڪري پردو، جڳ ۾ ٿو جيئي تنها،
شبليءَ کي سزا گل جي، پوڳائي اڪيلائي.

(ص 146)

نئين احساس ۽ نئين اسلوب ڪري غزل دل کي وڻي ٿو. غزل کي به پاسا آهن. هڪ آهي ان جي ٽيڪنيڪ. جنهن ۾ وزن ۽ قافيو وغيره اچي وڃن ٿا. ۽ ٻيو آهي ان جو سٽاءُ. جنهن ۾ احساسن خيالن ۽ اظهار وغيره اچي وڃن ٿا. شاعر نفيس احساسن جو اظهار تمام فنائتي ۽ پراثر انداز ۾ ڪيو آهي. هن جا ڪيترائي رومانوي شعر ٻوليءَ جي سادگي ۽ رواني‌ءَ سبب جلد ئي زبان تي چڙهيو ٿا وڃن:

ڏاک جي ول جيان، تنهنجي چوٽي لڏي،
چانو ڪنڙي مٿي ٿي نئي روح کي

تون جي ناهين ته هيءَ، سانجهه ميرانجهڙي،
روز وِيهه جي وٽي، ٿي نئي روح کي.

(ص 196)

رومانوي احساس سبب، احمد سولنگيءَ جي ڪيترن ئي غزلن مان گيت ليئا پائيندو نظر اچي ٿو. سڌو سنواٽو سپاپ لهجو ڪٿي ڪٿي غزل جي جمالياتي پهلوءَ کي ضرب به رسائي ٿو:

بلن تنهنجو جواني آ، نديءَ جي،
جواني جاوداني آ، نديءَ جي.

ڪنارا خواب جا ٻوڙي وڃي ٿي،
اکين ۾ ئي رواني آ، نديءَ جي.

ڪو منظر بي لباسيءَ جو رکي ٿي،
ڪهاڻي بي زباني آ، نديءَ جي.

وٽن ۾ ٽيون وڃن وکري هوائون،
ٿڏي سانجهي سهاني آ، نديءَ جي.

ٻڏو پاتال ۾ احمد ڪتي آ،
نديءَ ۾ بدگماني آ، نديءَ جي.
(ص 134)

احمد سولنگيءَ جي هيءَ شروعات آهي. هن جي مشق جاري رهي ته اڳتي هلي نئين نسل جو هيءَ نوجوان شاعر، جنهن ۾ الاهي شاعرائيون صلاحيتون قوتون ۽ تخليقي زبان جو ٻل آهي. شاعريءَ جي تاريخ ۾ پنهنجي پختن پيرن جا نشان اوس ڇڏيندو ۽ سنڌي شاعري هن تي جائز فخر وٺندي

ڏينهن جي نه ڳالهه آ، هت سال ٽا گهرجن،
هڪ عمر کپي دوست، سخن دان ٿيڻ لاءِ

—

## • اندر اَجالا احمد سولنگي

ملڪ نديم

توکي ڪالهه مخرن ۾ ڏٺم. ساڳيو سياءُ، منهن تي معصوميت، جسم تي صوفين وارو وڳو ۽ چپن تي وطن جي وائي. واقعي سنڌ جو سچو ۽ نج شاعر لڳي رهيو هئين. تنهنجي وائي:

در دريون بوٽيل،

پرين جي شهر جا.

۽ ارم محبوب جي نظم... سو منهنجو ئي شهر هوندو (شايد) جي فڪري گهرائي ۽ فني خوبصورتي ۽ اظهار جو انداز هڪ جهڙو هيو. اظهار جو انداز شايد حب الوطني جي حوالي سان جذبن جي هڪ جهڙائي ڪري هيو. بهرحال تنهنجي وطن جي وائي جا واڪا پنهنجي جاءِ تي "متاثر ڪن" هئا. پر ايمانداري اها آهي ته سڀ کان سٺو نظم ارم محبوب جو هو ان منهنجي نياڻي جيڏي نياڻي جيڪا ڌهن مطالعي ۽ مشاهدي ذريعي پنهنجي موجوده ترقي پسند سوچ ۾ وڌيڪ پختگي آندي ته سنڌ جي تمام سٺي شاعره ثابت ٿيندي شال حالتون ڪيس سدائين شاعري ڪرڻ جي اجازت ڏين. چاڪاڻ ته خاص ڪري اسان جون عورتون سنڌ جي موجوده سماجي "سيٽ اپ" سان بدل رهن ٿيون.

مجموعي طرح مخرن ۾ آيل نئين ٿهيءَ جي سمورن شاعرن جا خوبصورتي سان پيش ڪيل ادما ۽ امنگ اج جي سنڌين ۽ اج جي "انسان" جا ترجمان هئا.

تنهنجي لاءِ به مون نوٽ اها خواهش آهي ته تون شل فني مايا ۽ ذات جي خزاني ۾ ترقي پسند فڪر جا جهول ڀري وجهين ۽ تنهنجا جهول تڏهن ڀربا جڏهن تون ڪتابي دنيا گهمندين ۽ انساني زندگيءَ جو ڀرپور مشاهدو ڪندين. ترقي پسند سوچ، يعني وطن ۽ عوام جي آسودگي آجائي خوبصورتي ۽ خوشحالي جي جذبن ۽ جدوجهد کي "دائميت" آهي. باقي سڀ فلسفا ۽ فڪر، خيال ۽ نظريا عارضي آهن. اهو ئي سبب آهي جو پڻائي اسان کي قبول آهي ۽ هر دور ۾ قابل

قبول رهندو. ڇاڪاڻ تہ شاهہ لطيف وٽ وطن جي حب، عوام جي محبت، عالمي امن ۽ آسودگي جو پيغام آهي.

تنهنجي مارچ 10 جي ڀرين هفتي واري خط جي جواب جيڪو تو ڏي موڪلي رهيو آهيان:

هزارين سال پوڙهن،
پرين جهڙن پکين جي لات جي شاعر،
احمد سولنگي طرفان موڪليل،
ڪنول گل ۾ ڪونج هئي،
جنهن ۾ منهنجي گونج هئي،
موري مان آئي هئي،
انڊيا جي جائي هئي
منڙي مک واري آهي،
احمد کي پياري آهي،
۽ مون کي پياري آهي.

زندگي جي ڪنهن بہ اسٽيج تي جيڪڏهن تنهنجي سوچ منهنجي باري ۾ تبديل ٿي تہ ان وقت بہ مون کي هن خط ۽ منهنجي شاعريءَ جي آئيني ۾ ڏسجان ۽ مان سدائين نوجوانن جي ساٿيهہ سنگتي ۽ لوڪ، سجڻ سوچ کي ساراهي ڪين همٿايو آهي.

شايد اندر جي ڳالهہ بہ ڏڙڪ ظاهر ڪرڻ ڪري ڪيترا اديب ۽ شاعر مون تي ناراض آهن، انهن جي ناراضگيءَ سبب مان سدائين ادبي تذڪرن ۽ تبصرن ۾ نظر انداز ڪيو ويو آهيان. تي سگهي ٿو ان ناراضگي ۾ اديبائو ۽ شاعرائو حسد بہ شامل هجي، پر مان ان ڳالهہ تي سدائين سرهو رهيو آهيان تہ سدائين توهان جهڙن اندر جي اجرن ۽ ايماندار نوجوانن منهنجي عزت افزائي ۽ قدر داني ڪئي آهي. مان 1966 کان لکي رهيو آهيان، وقفي وقفي دوران مان سنڌي ادب کي ڪا نہ ڪا نئين شيءِ ڏني آهي. منهنجي هم عمر ۽ مون کان وڏن اديبن ۽ شاعرن " پنهنجي من جي ميجتا" کي لڪائي مون کان لنوايو آهي پر مون کي خوشي ۽ فخر آهي تہ نوجوانن جا هن وقت تائين جا مون وٽ سوين خط پيا آهن،

جن ۾ هنن منهنجي منفي تعريف ۽ مون تي تعميري تنقيد ڪئي اهي اهي خط منهنجي ادبي تحريرن جي ادبي تاريخ آهن.

هاڻي مان سنڌي ادب جي مختصر تاريخ ۽ سيمينارن ۽ ڪانفرنسن ۾ سنڌي نظم ۽ نثر تي جائزا لکڻ وارن جو محتاج ناهيان جن پنهنجي جواني ۾ ڪو شعر ڪا ڪهاڻي پڙهي يا فقط پنهنجي دوستن جو ڪو شعر ۽ ڪهاڻي پڙهي، ادب جي تاريخن يا ادب تي مضمون لکيا آهن. تون سنڌي ادب تي انهن جون تاريخون يا مضمون وري پڙهندين ته توکي اچرج ٿيندو ته پاڻ کي ترقي پسند سڏائيندڙن مضمون نگارن، پورهيت طبقي تي شاعري ڪرڻ وارن ۾ منهنجو ذڪر ته نه ڪيو آهي پر انهن شاعرن جو ذڪر ڪيو آهي جن مارشلا لا ۾ ريڊيو ٽي وي ۽ رسالن ۾ مواد ۽ نعت تي لکيا.

جديد شاعري ۽ ادب جي تاريخ ۽ لکڻ وارن مولوي ۽ مارشلا ئي شاعرن ۽ اديبن سميت سنڌن آڏو مالش جو تيل جهلڻ وارن جو ذڪر ته جديد شاعرن ۽ اديبن ۾ ڪيو آهي. پر منهنجو نالو به نه ورتو ويو آهي. مان انهن جي جلسن، نشتن گروهي ۽ طبقاتي سوچ ۾ نه جديد شاعر آهيان نه ترقي پسند اديب آهيان پر مون کي پرواهه ڪونهي. چاڪاڻ ته مان پڙهندڙن ۽ نوجوان ليکڪن جي سوين خطن ۾، عوام جي انبوهه ۾، شاگردن جي ميڙن ۾، انهن جو سنڌ جو سانگيئڙن جو ۽ عالمي پائيچاري جو شاعر ۽ اديب مڃيو ويو آهيان.

مان توڙي هي دل جون ڳالهيون ۽ حقيقتون ان ڪري لکي رهيو آهيان جو تو مون ڏي من جي سچائي ۽ دل جي صفائي سان خط لکيو آهي. مان نيڪ نيت ماڻهو سان اور اورينلو آهيان. مون کي تنهنجي نيڪ نيتي جو ثبوت تنهنجي سچن جذبن جي اظهار کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه نه گهرجي.

پنهنجي سموري سنگت کي منهنجا سلام ڏجان ۽ منهنجو مٺڙو دوست مونس اياز به توکي ياد ڪندو آهي. تنهنجا سلام ڪيس ڏنا هيم ته هن توڙي به سلام موڪلڻ لاءِ چيو هيو.

چڱو وري ٻئي پيري

تنهنجو سچڻ

## • شاعريءَ سان ڊيٽنگ

نامديوَ تاراچنداڻي

شاعريءَ جا اڻ ڳڻيا چهرا ۽ سچائيپ ۾ اوتري ڏکي.

(اندر پوڄواڻي)

هڪ لفظ جي ۾ ڪويتا آهي: پيار.

هڪ سٽ جي ڪويتا آهي:

مون کي توسان نفرت آهي

(انند کيماڻي)

ٻن سٽن جون ڪئين ڪوتائون جيئن:

هڪ ڀار ڦوڪڻو خريدي خوش ٿيو.

هڪ ڀار ڦوڪڻو وڪڻي خوش ٿيو.

(هريش ڪرمچنداڻي)

اهڙين وري ڪويتا جي احساسات لاءِ لفظ نه لازمي آهن ۽ نه وري ڪافي!

جيئن:

اڪيلي سر راند ڪندي ٻار سبب ننڍڙي ٻار جي مسڪراهٽ

سن سان جهنگل ۾ سماڌيءَ ۾ ويٺل ڪنهن يوگيءَ جو شانت چهرو!

قدرتي لباس ۾ نويڪلي وهنجي نديءَ مان نڪرندڙ بي خوف جوانڙي

جي ڇاتين جي لوڏ جو منظر.

۽ هاڻ هي ڪوتائون ڏسي وٺون:

جيسين بکيون پيٽ پري!

تيسين پالڻهار نہ سمهہ

ننڊ ۾ ويندءَ چنڊ چمي،

ولهہ ۾ ويڙهي وار نہ سمها!

ٻن سٽن جون ۾ ننڍيون ڪويتائون شعر دنيا جي ڪهڙي ۾ حصي جي

ڪنهن ۾ شاعر جا ڌيي سگهن ٿا. ادب جا سڀ ڪان وڏا ۾ مختلف موضوع بک ۽

معشوق جي تعريف جا قصيدا عاشقاڻي شاعريءَ جي رونق هوندا آهن.
هت به شاعر ان تاثر کي هيئن بيان ڪري ٿو:

راهون روشن ٿيون،
تو جو پير ڌريا،

سونيءَ سانجهيءَ ۾.

ڪڪرين چوليءَ تي،
ڪيڏا پرت پريا،

سونيءَ سانجهيءَ ۾.

(ص 247)

هنديءَ ۾ اهڙي اظهار کي Atishyokti alankar چوندا آهن. (مون چاليهه سال هندي ساهتيه پڙهايو آهي) جنهن ۾ حقيقتن کان گهڻو وڌاءُ ڪري اظهار ڪبو آهي جيئن مٿي ڪيل آهي "نائڪا ڀيد" واري سلسلي ۾ اهو هيئن به اچي ٿو. ورهه جدائيءَ ۾ نائڪا ايترو رني جو هن جي آنسن جي ندي وهڻ لڳي ۽ ان ۾ ٻيڙيون هلڻ لڳيون.

البت اج اهو خيال اظهار نه پر مٿي ڪيل اظهار ئي سهڻو لڳي ٿو ميزان وارو آهي تنهنجي اچڻ سان راهون روشن ٿي ويون.

گجراتي شاعر عادل منصوريءَ (ويجهو ئي آمريڪا ۾ گذر ڪري ويو) جو هڪ غزل آهي:

ڀهرين هوائن ۾ ڪٿي هئي ايتري مهڪ (خوشبوءِ)
رستي ۾ تو سان ملاقات ٿي هوندس،
گهونگهٽ ( پردو) کلڻ سان ٿي ويو هوندو صبح،
زلفن جي ڦهلجڻ سان رات ٿي هوندي.

لهي ويا آهن منهن گلن جا بسنت ۾،
تنهنجي ئي روپ رنگ جي ڳالهه ٿي هوندي.
جڏهن محبت جي جڳ ۾ شروعات ٿي هوندي،
تڏهن ڀهرين غزل جي رچنا ٿي هوندي
(آڏيو تان انواد: نامديو)

ائين تہ "خواب آوارا پکي" جي سموري شاعري قدرت جي نظارن سان عشق جي آتش جو اظهار ڪري رهي آهي. پر ڪيترا شعر تصويري، تمثيلي خيال ۽ منظر ڏيڻ ۾ ڏاڍا سريلا ثابت ٿيا آهن.

تن طنبوري جيان وڄي ٿو پيو
عشق آگر جڏهن رکي آهي!

(ص 343)

رات ساري منهنجي سيني تي شتين ۾
ڪونج جهڙي تون ڪچي ۽ سان گهر جي،
خواب جهڙي ڪنهن جزيري ۾ پچي،
ننڊ پاڪر ۾ وڻين ۽ تون ويڙهجي!

(ص 349)

گوپال ٺڪر "چٽوا ڪرا" لکيا آهن جنهن ۾ هڪ هن طرح آهي:

ننڊ - اچي،
چاتين - تي
(حيف تنين ڪي هوءِ)
پيار محبت ڪان سواءِ هر،
ميزباني ڏوڙ - پاٽي!

(ص 357)

ڪٿي ڪٿي شاعر جي محبت جو اظهار نفس تائين نہ پهچي ان جي پاڇي تائين ئي پهچي ٿو. ۽ ٻئي طرف اهو روحانيت ڪي ڇهي ٿو:

پاٺي ڪان ڪمان ۾، ميان مار م مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي!

(شاهہ)

## جماليات:

جماليات (جمال يعني سندرتا - سونهن) Aesthetics شاعريءَ جو (هون ۽ هر ڪلا جو بہ) پهريون شرط آهي اها ٻي ڳالهہ آهي تہ سونهن خود ۾ هڪ State Of Mind آهي

انگ نازڪ،
رنگ آ انمول ان جو!
چيلهه ڪشتيءَ جي رسيءَ کان مختصر،
ارهه اپريل چنڊ چوڏهينءَ جي مثال،
نيڻ هن جا لال ياقوتي مشعال (ص 212)

ها، هت خيالي لرزشون به آهن ته ڪٿي جوڀن جي اُڇل واري شريري تپش جي نفاست جو نظري چِهاءُ به تجلا ڏيئي ٿو وڃي. هونءَ به شاعري اشاريت جي ڪلا آهي.

هت ردم لئه جوءِ پڻ آوازي ڪشش جو به وڏو اثر آهي جيڪو گڏيل اثر ۾ سونهن جي خوشبوءِ پکيڙي ٿو ڇڏي:

ڪنهن ڍنڍ مان ڪنواري،
وهنجي جڏهن ڪلي ٿي،
مکڙي ڪنول جي گل جي،
پاڻيءَ مٿان ترڙي ٿي! (ص 232)

درد توکي حسن ۾ ورهائي ڇڏيو
جسم تنهنجو ڪٿيءَ نگاهون ڪٿي (ص 303)

رات به ڪاري رات،
مون وٽ، وٽ نه ڏيئڙو!
جنهن جي هٿ ۾ روشني،
ان ڪي کهڙي مات،
مون وٽ وٽ نه ڏيئڙو! (ص 192)

شاعريءَ ۾ سوکيم آوازاي ڪشش جي اهميت ايڏي مڃيل آهي جو ڀارتي ڪاويه شاستر ۾ شاعريءَ جي آتما جي مڃيل ڪيترين سڌانتن ۾ هڪ ڌوني سمپر دايه آهي (Dhwani- Sound) آوازي به آهي، اهو عام ڪاويه–النڪار– Figure Of Speech ( Rchtorics متعلق) کان الڳ ۽ اهم آهي. هت اهو به چٽو ڪرڻ بهتر ٿيندو ته جنهن نئين احساسداري New Sensibility جي ادبي ڌارا جو مٿي وستار سان ذڪر ٿيو آهي. ان سلسلي ۾ نئين ڪويتا سوڌو شاعريءَ ۾ لئه ۽

النڪار جي اهميت پاڻ وڏيڪ اهي ڇو جو ڇندن ۾ ان سان قافيي رديف جي اڪثر گهر گهلي تي ويندڙ اوزارن Tools سبب ڪويتا کي سوڪيم لئه ۾ ناد Rhythm & Sound ئي ڪويتا شاعري بڻائڻ جو وڏو وسيلو بڻيو آهي جنهن کي جيڪر هت Internal Harmony چئون.

سنڌي نئين ڪويتا جي باني؛ طور عام قبوليت پاتل هريش واسواڻيءَ به لئه ۾ آوازي اثر کي قبول رکيو هو. چاهي هن اهو به چيو هو ته هن پنهنجون ڪويتائون ڇندن جي قبرن تي ويهي لکيون آهن. هن "ارٿ ليه" جي به ڪلپنا ڪئي هئي.

هن شاعريءَ ۾ ته لئه ۾ آوازي لرزش جو وڏو قدر رهيو ئي آهي. النڪار به آهن ۽ پڻ ميٽر به سلامت آهن جيڪي گڏجي جماليات جي جوڙ ڪن ٿا.

مان نرم ڪي روح جا رستا گهران ٿو
تنهنجي اکڙين سان ڏسڻ سپنا گهران ٿو.
ڏوڙاڪين ۾ رچ نه رهندي،
ڪاري واري سچ نه رهندي،
ساوڻ ٽيج سکيءَ سان سونهين،
اُس اُڪس ۾ اُج نه رهندي!
تاسي تاسي هاڻ رهندي- پنهنجي ڌرتي پياسي،
ڇايا بادل ناسي.


**عبادت:**

هنن تاثراتن لاءِ ناهيل سلسلي جي ٻن مرڪزي ڪڙين رومانيت ۽ جماليات کان پوءِ عبادت خاص ڪري انسانيت جي عبادت جو قدر پڻ هن شاعريءَ ۾ نظر اچي ٿو. انسان جي سچي عظمت انسانيت آهي. اهي شاعر ليکڪ ۽ ويچارڪ ئي آهن جن هن دنيا کي "پوءِ به جاءِ جيئڻ جهڙي" طور محفوظ رکيو آهي شاعر جي شايد خدا سان سنڌي پهچ آهي


جيسين بکيو پيٽ پري،
تيسين پالڻهار نه سمهه.
(ص 111)

چٽيو ويو آهي ۽ راڌا جو چريتر هوڻ ۽ به هڪ طرح آتما جو سمبل مڃيل آهي پر بهاري، وديا پتي ۽ ڪيترن ٻين، ڪنهن حد تائين سورداس به هن کي " سکي ڀاو" سان پيش ڪيو آهي. مان ته راڌا کي ڪرشن جي گرل فرينڊ چوندو آهيان ۽ هڪ دفعي ريڊيو تي مون ساڻ هڪ سنسڪرت پنڊت رڪارڊنگ لاءِ آيل مليو تنهن به منهنجي ان خيال جي پلپرائي ڪئي هئي! راڌا جو ڪردار "مها ڀارت" ۾ ته آهي ئي ڪونه اها پوءِ جي ڪلپنا آهي.

ڀارت جي لاڳاپيل ڪيترن حوالن ۾ هماليه هندوڪش سورج ونشي ٺڳور، ڪاليداس، بنارس ۽ گنگا ندي، راکي (رکڙي) تلڪ، مندر ۽ گهنڊن جو ذڪر به آهي ۽ سياريڪ فطري لڳي رهيو آهي.



ننڍپڻ ۾ احمد سولنگي جو پنهنجي ڀيڻ رخسانہ سان هڪ يادگار فوٽو



ساڄي ڪان احمد سولنگي پنهنجي ماروٽ شمس الدين سولنگي سان
مورو جي هڪ فوٽو اسٽوڊيو ۾



س ا س شاخ مورو جي چونڊ (1991) دوران پنهنجي استاد راشد مورائي، عظيم سنڌي، هارون ٻلال، خادم ٻگهيو صابر ڪيهر، محبتي ملاح ۽ ٻين دوستن سان




جديد سنڌي شاعريءَ جا ٻه سرموڙ: احمد سولنگي ۽ حليم باغي




احمد سولنگي ۽ مدد علي سنڌي




ساڄي کان نصير مرزا، ماجد صديقي ۽ احمد سولنگي پٽ شاهہ ۾ شيخ اياز جي
تدفين (1997) کان پوءِ اياز جي مزار تي



سنڌي ادبي سنگت شاخ مورو
جي چونڊ (1988) ۾
ڪامياب اميدوار:
ڪاهي ڪان ويٺل:
احمد سولنگي (سيڪريٽري)،
صفدر سعيد (جوائنٽ سيڪريٽري)
ساڄي ڪان بيٺل:
عزيز ڀٽ (خزانچي)
۽ عبيد عباسي (آڊيٽر)



احمد سولنگي
باره ڪوهه اسلام آباد ۾



جڳ مشهور عجوبي 'تاج محل' جي ياترا دوران
احمد سولنگيءَ آگره جي هوائن ۾

احمد سولنگي شاعريءَ تي ليڇمڻ ڪومل چواڻي "خود نازل نہ ٿيو آهي" پر شاعري مٿس الهام جيئن لهي ٿي، بارش جيئن اوڙڪون ڪري وسي ٿي، آبشان جي شور ۽ رواني‌ءَ وانگر ڪڙڪي ٿي ۽ نور جي لاٽ وانگر نازل ٿئي ٿي. هن هر نظم تي پنهنجي ڇاپ ڇڏي آهي، هن جي هر غزل جو پنهنجو رنگ آهي، وٽس ڪنهن جا اولڙا ۽ عڪس نہ آهن. هن جي هر وائيءَ کي پنهنجو ون ۽ ويس آهي. هن شاعري جي سفر ۽ صنفن جي واهپي ۾ ڪٿي بہ پنهنجي معيار کي ڪيرايو نہ آهي. هن پنهنجي داخلي درد کي پنهنجي دور جو درد بڻايو آهي. هن ٻوليءَ جي حسناڪي ۽ خيال جي خوبصورتيءَ جي سنگم سان شاعري سرجي پاڻ کي پنهنجن همعصرن ۾ بلند مقام تي پهچايو آهي. ان بلند مقام تي پهچندي هن نہ ڪنهن همعصر کي لتاڙيو آهي. نہ ڪنهن کان زوريءَ اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ نہ ئي ساڙ جي سوڙهي ڏاڪڻ تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان ڪري ئي تہ "احمد نئين نسل جي نئين شاعريءَ جي علامت (Symbol) بڻجي اڀريو آهي." (ليڇمڻ ڪومل جي راءِ)

ائين بہ نہ آهي تہ احمد ڪنهن کان متاثر نہ ٿيو آهي. هو پنهنجي ابتدائي شعري سفر ۾ موري ۽ سڪرنڊ جي سينيئر شاعرن عبدالحڪيم ارشد، راشد مورائي، خاڪي جويي ۽ مير محمد پيرزادي کان متاثر ٿيو پاڻ کان ٿورڙن سينيئر شاعرن حليم باغي ۽ نماڻي سنڌيءَ جي اثر هيٺ رهيو. استاد بخاريءَ ۽ امداد حسينيءَ جو بہ اثر ورتائين ۽ جڏهن شيخ اياز کي پڙهيائين تہ شيخ اياز هن جي من-بن تي ڇاپادار وڻ جيئن ڇانئجي ويو ۽ جڏهن 1987ع ۾ سائين محمد ابراهيم جويي جي گهر احمد جي شيخ اياز سان ملاقات ٿي تہ شيخ اياز چيو تہ "احمد منهنجو تسلسل آهي". ائين شيخ اياز احمد کان سينيئر شاعر شيخ اياز گل کي بہ "پنهنجي تاريءَ جو تڙپيل نئون گل" سڏيو هو.

اها سچاويڪ ڳالهہ آهي پر شيخ اياز جي اها مچنا هنن ٻنهي سينيئر ۽ جونيئر دوستن کي سندس پاڇو ئي رهڻ نہ ڏنو پر هي اڳتي وڌي ٻئي پنهنجي پنهنجي همعصرن ۾ همعصر دور جا سنگ ميل بڻجي ويا ۽ اڄ ٻئي وڏي واڪ چئي سگهن ٿا تہ مٿن ڪنهن جي ڇاپ نہ آهي پر مٿن پنهنجي پنهنجي اسلوب ۽ ٻڪشن جي ڇاپ آهي. ان سفر ۽ منزل حاصل ڪرڻ لاءِ تخليقي محنت ۽

فڪري اڏام جي درڪار اهي اچ جتي اسان جي ڪيترن سينيئرن پاڻ کي ڪنهن "ڇاپ کان متاثهون" سمجهي وري ماضيءَ ڏي موٽ ڪاڏي آهي ۽ همعصرن جي وات ورتي آهي، اتي شيخ اياز گل ۽ ان ڪانپوءِ ايندڙ احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ کي ڏسجي ٿو ته انهن جا قدم اڳتي کان اڳتي آهن.

احمد جي شاعريءَ جا جتي مورو ۽ سڪرنڊ شهر اتساهه جا مرڪز رهيا آهن، اتي رڪيل جي ان ڳالهه کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته "حيدرآباد جي شهر احمد کي زمين تان کڻي آسمان تي پهچايو آهي."

احمد شاعري تهٔ 1983ع جي ايم آر ڊي واري پُر آشوب دور ۾ پنهنجي قوهه جوڀن واري ڇمار ۾ شروع ڪئي هئي. 88_1987ع ۾ سنڌي ادبي سنگت موري جو ٻه پيرا سيڪريٽري به رهيو هو ۽ سنگت جي گڏجاڻين جي تنقيدي ڪلاسن ۾ هن جي شاعريءَ پختگي اختيار ڪري ورتي هئي پر هن جي تخليقي اڏام جو اهم دور 1990ع وارو حيدرآباد جو دور آهي، جتي بيروزگاريءَ جي ڏکن ٿاٻن اخباري دور جي رولاڪين سان گڏ هن جي عشقن جو سفر به جاري رهيو.

حيدرآباد هن جي ٽن محبوبائن ۽ ٽن عشقن سان گڏ درياهه ٻڌجي وهايل لڙڪن جو شهر به آهي، جتي هن جا عشق ۽ شاعري سراڻ تي چڙهيا. هتي هن ڪامياب عشق به ڪيا ۽ "ناڪام انجام" به پاتا.

هن ئي دور ۾ احمد پنهنجي شاعريءَ کي "عالمگير سطح" تي کڻي وڃڻ لاءِ اردو شاعريءَ جو وسيع مطالبو به ڪيو ۽ پنهنجي لائبريريءَ جا ڪيٽ اردوءَ جي بهترين ڪلاسيڪي ۽ جديد شعري مجموعن سان پري ڇڏيا. اچ به دعوي سان چئي سگهجي ٿو ته نئين ٽهيءَ ۾ جيتري اردو شاعري احمد کي ياد آهي، ايتري شايد ئي سنڌس ڪنهن همعصر ۽ همعمر اردو شاعر کي به ياد نه هجي.

پر پوءِ هن جلد محسوس ڪري ورتو ته شاعري کي جيستائين پنهنجو "وطني پسمنظر" نه آهي ته اها عالمگير ۽ آفاقي ٿي ئي نه ٿي سگهي. هن جڏهن تاج بلوچ جي شعري مجموعي "درد جو صحرا" تي شيخ اياز جو لکيل مهاڳ پڙهيو جنهن ۾ هن تاج کي اردو اثر کان بچڻ ۽ ڪلاسيڪي شاعري پڙهڻ جو مشورو ڏيندي چيو هو ته "سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ تي ٻنئور ٻنيوليا، سي امر ٿي ويا" ته احمد کي محسوس ٿيو ته شاعريءَ کي سگهه ۽ فڪر ڌرتيءَ مان ملندو آهي.

سگهنڌ جهڙن ٿي چاهي ۽ ائين "نئين عشق جي آرزو" کيس رُلايو ۽ پنهنجيون سندس نظم "مدهوش راتين جي جنت" سندس ان رولاڪ ۽ المياتي زندگي جو ڪليو اعتراف آهي اچو تہ سندس هي ءُ نظم روح سان محسوس ڪريون.

مدهوش راتين جي جنت
ڪنهن نئين عشق جي آرزوءَ ۾ وري
زندگي جي مُنڌيءَ ۾ تو پورو پوان
ڪو بہ تنهنجو تصور جڏهن تو جڙي
باک گهري گگن ۾ تي وکري وچي
سرخ زرتار باريڪ پوشاڪ مان
تنهنجو چانديءِ بدن ائين تو ڏيکارجي
جڙ تہ ڪاجل پري نڪتي سنڌوءَ منجهان
تنهنجي چوڻيءَ جي خوشبوءِ ۾ خاموش جڙ
ڪائي مدهوش راتين جي جنت هئي
تنهنجي شمشاد قد جي مٿان پر هٽن
هئي عقابن کي اهڙي نہ ڪائي مجال
تنهنجي ڳل تي ڳچيءَ تي ترن جا پڙا
جڙ خُدا سونهن جا توکي تمغا ڏنا!
تنهنجي اکڙين جون چڙواڳ چوليون گرم
سرد رُت ۾ محبت جو ساحل هيون!
وقت گذري ويو
اک ۾ تنهنجو تصور ئي رهجي ويو
ڪنهن نئين عشق جي آرزوءَ ۾ وري
زندگيءَ ۾ نئون روپ پرٽو پيو!

بهرحال زندگيءَ جا حادثاتي آرٽ ۽ فن شاعريءَ ۾ نوان پختگي ۽ اڻام پيدا ڪندا آهن. احمد دشوار راهن تي سفر جاري رکيو. بيقرار اشڪبار هجر جي هوا دل تان بار بار گذاري جسم جي اڪيلائي ڪٽي اڳتي وڌيو ۽ هر قسم جا غزل سرجيندو رهيو.

چنڊ اڄ رات مختصر آهي
دل جو آڪاش منتشر آهي

ڪنهن بہ خانہ بدوش سپني جو،
در نہ ديوار ۽ نہ گهر آهي.

عشق آوارگي ڏني اهڙي،
درد دلجو بہ دربدر آهي!

احمد جي زندگي هڪ زماني ۾ خودڪشين جو سفر بہ رهي آهي جنهن جو آنءُ ساکي آهيان. تڏهن هن لکيو هو تہ:

زندگي پيچرو ڏکيو ڪيڏو
موت سولو سڌو سفر آهي!

هزارين خيال ساحل تي اچن ٿا انت جا مون کي
سڏي تي خودڪشي مون کي پري کان زندگيءَ وانگي
پر هن کي مطالعي، عشق، دوستيءَ ۽ شاعريءَ اهڙي وقت تي ڇڪي
زندگيءَ جي ڏڳ تي پئي آندو ۽ پوءِ هو هن قسم جا غزل لکڻ لڳو:

زندگيءَ تي خودڪشي سوچي رُني،
خيال ڪهڙا ٿا اچن اتفاق سان!

مون لڄائي ڪين هئي پنهنجي مٽي،
تي پيو ميرو ڪفن اتفاق سان!

هار لٿ چو سوچجي،
سوچ کي ساگر ڪجي.

مرتبي ۽ مان لئہ
پيٽ کي پٿر ڪجي.

اهڙيءَ ريت خودڪشيءَ جي سوچن کي روڪڻو پيو. هن مٽيءَ ۾ پناهه
ورتي. مٽيءَ هن کي نه رڳو پناهه پر مان به ڏنو. ڪلاسيڪي شاعريءَ جي ساهه هن
کي ڌرتيءَ جو هڳاءُ محسوس ڪرايو ۽ جڏهن هن جي شاعريءَ ڌرتي جي ڌوڙ ۾
ليٽڙيون پاتيون هن ته لازوال نظم ۽ غزل سرجيا. هن هميرو ڪولهي ڪراچي،
سمنڊ ۽ شهر، جي ڪتا مشورو سرحدن تي گلاب.

ڪٿي سوچ جي هر گهڙيءَ جا عذاب،
بنهي سرحدن تي ڦٽا ڪي گلاب.

روايت، منهنجو ديس، دار جي جهروڪي مان ۽ اوپر جي آرسي جهڙا
شاهڪار نظم سرجيا ۽ غزل خلقيا به ته هن قسم جا:

شعور سارو قديم تي ويو
نوان افق تي نگاهه ڳولي!

مان تيان تو ضمير جي آڏو،
آئينا جڻ ته روبرو آهن!

اڪ عبادتگذار هن جي آ،
هن جا سپنا به باوضو آهن.

سڪ سجدا وجود ۾ آهن،
ڪعبا ڪلما وجود ۾ آهن.

سج صليبن مٿان اُپاريندا،
سرخ جهنڊا وجود ۾ آهن.

هن پنهنجا پلو ڌرتيءَ جي تاريخ سان ٻڌي ڇڏيا آهن ۽ جنهن شاعر جا
پلو ڌرتيءَ ۽ ان جي تاريخ سان ٻڌل آهن. ان جي شاعري حد سرحد اورانگهي
عالمگير شاعري بڻجي ويجي ٿي. اج احمد جي شاعري قومي، ڪائناتي آفاقي ۽
عالمگير قدرن جي حامل بڻجي چڪي آهي.

پنهنجي تاريخ تان نه هٿ ڪڻندس
لاءِ جيڪو به زور لائين تو

مان سدائين صليبن تي مُرڪان پيو
بارگاهه محبت جو اهڃاڻ ٿي

ضعيف ديس جو جوڳي لباس گيڙوءَ ۾،
هٽي پيو سئن سرن جي، صدا جي رستي ۾!

متان ڪا رات رُلائي، قضا جي رستي ۾،
ڇڏياسين ديپ جلائي هوا جي رستي ۾.

احمد پنهنجي تاريخ تان هٽ نہ ڪنيو آهي ديس جي ضعيف جوڳيءَ جي سر جي سئن ڪي ڪنايو آهي بادِ مخالف جي رستي ۾ ديپ جلايا آهن ۽ جيڪڏهن پنهنجي ئي غزل ڪي سامهون رکي هن پنهنجو ۽ ماڻهوءَ جو احترام برقرار رکيو تہ سياڻي جي نسل جي ڪوتا - ڪائنات ۾ پنهنجو قد آور روپ ڏسي نہ رڳو ڪيس پر اسان ڪي بہ فخر ٿيندو:

هُن لقن ڪي وڪيو ناهي
آدمي محترم آهي!

مانَ سان جا ملي ماني
سا رُکي محترم آهي!
(احمد)

-

ميرِ ويري شارٽ ميمري، سو آءِ وِل ٽيل يو...ٽيل يو مٺا." (Naseer, you know I have short memory, so I will tell you...tell you) تڏهن مون حيدرآباد جي ڪجهه نوجوان شاعرن ۾ ٻه ورتول وڌي هئي، تہ مٿان انهن ئي منجهان ڪنهن شيخ صاحب کي پنهنجي شاعري وجي ٻڌائي هجي. هاڻي جڏهن واري واري سان انهن سڀني انڪار ڪيو تہ پوءِ اهڙو سربستو احوال لکي، جيئن ئي ڪنهن رسالي ۾ مون ڇپرايو. تہ ان کي پڙهي، 7 آگسٽ 1989ع تي، صبح سان هڪ سهڻي من موهڻي نوجوان آفيس ۾ اچي مون سان بي اختيار هٿ ملايو ۽ اٽندي ئي ٻڌائڻ لڳو... "نصير صاحب! توهان سان شيخ صاحب جنهن نوجوان شاعر جو ذڪر ڪيو هئو. آئون اُهو ئي آهيان... احمد... احمد سولنگي! ۽ موري منجهان خاص توهان سان ئي ملڻ لاءِ پنڌ پيو آهيان..."

تڏهن مون پيرن کان چوٽي تائين احمد تي ڀرپور نگاهہ وڌي... سنهڙو سيپڪڙو، ساروپا سنا سنا (بلڪ معشوق معشوق ۽ پورل پورل) مٿي تي گهاٽن ڪارن وارن جو سليقي سان سجايل جهنگ... وڏيون وڏيون ڏوپار اکيون ۽ چپن جي مٿان مڇين جي هلڪي هلڪي ساول. تڏهن هن پاڻ سان آندل ٻہ شيون بطور سوکڙي مون کي ڏنيون... گربخشاڻي صاحب وارو مرتب ڪيل "شاهہ جو رسالو" ۽ هلڪي بليو رنگ جو هڪڙو ڪاٽن جو اوڇو وڳو. تڏهن هي پيارو سهڻو جوان شاعر ڪا دير ڪچهري ڪري ۽ وري اچي مون سان ملڻ ۽ موري مان حيدرآباد ۾ اچي مستقل رهڻ جو ارادو ظاهر ڪري، اٿي جو مون وٽان وڃڻ لڳو تہ پويان فلم "گهرا داغ" جو مهدي حسن وارو هي گانو الائي ڊيوٽي روم واري ريڊيو سيٽ مان پئي وڳو يا الائي مٿان مون ئي جهونگاري هن جي پويان ڳايو پئي تہ:

گر تم حسين نہ هوتي هم مهربان هوتي،
سرڪرخوش نہ هوتي، يون قدردان نہ هوتي.

احمد هاڻي نهايت جلد ۽ واقعي حيدرآباد جي هوائن ۾ اچي ٻهتو... ۽ روزگار سانگي ناز سهتي جهڙي ذهين ۽ سخت گير صحافي جي آوي مان پچي شاعر جي حيثيت ۾ بينظير صاحبہ جي نگاهن ۾ آيو ۽ ايئن پوءِ پائو مولا بخش، سائين عبدالله شاهہ ۽ آصف علي زرداري جهڙين هستين هن جي ڏات لاٽ ۽ ذات ڏانهن توجهہ ڏنو تہ موري جو هي ملوڪ شاعر، بقول پٺاڻي صاحب جي جڻ "سڳو

وچ سُرندڙي" بڻجي خاص خاص ماڻهن کي ئي نه پر عام عام عوام کي به پنهنجي ذات جي رنگين ڏاڍن ۾ جکڙيندو ويو. اجهو احمد جي انهن رنگارنگ خيالن ۾ ريشمي استعارن ۽ پشم جهڙين تشبيهن سان اُٽيل، سندس هي شاعري جو مجموعو "خواب آوارا پکي" جي صورت ۾ تازو پڌرو ٿيو آهي ته ان جي پاڻ پهرئين ئي ڪاپي، مون کي ڏيندي لکي ڏنائين: "پنهنجي بابا... نصير مرزا لاءِ جنهن سڀ کان اول مون کي سڌي اڻ سڌي طرح سان، سنڌي ادب ۾ متعارف ڪرايو هئو."

خير اهي ته احمد جا مون تي وڏا وڙ ٿيا جو هو مون کي اڄ به 'بابا' ڪري سڏيندو آهي، پر ان ڏس ۾ ڪيس پنهنجو پٽ سڏڻ تي، سچ پچ ته مون کي ڪالهه به فخر هو ۽ اڄ به پيو ٿيندو اٿم. پر هي احمد قدرت پاران هونئن به ڪو ٿورو نوازيل ٿوروئي آهي. اڙي بابا! هڪڙو ته هو پاڻ سهڻو جوان، پيو هن پنهنجو هي ڪتاب جنهن مٺي امڙ جي نالي سان آرپيو آهي ان جو اسم گرامي محترمه "حُسنه" ۽ عجب اتفاق! احمد جي 'مدر اِن لا' جو نالو به اهو ئي 'حُسنه'! ۽ پوءِ اسان جي پياري 'ننهن جو نالو به وري "سونيا ڪنول." احمد جا هي به پلا ڇا کي گهٽ ڀاڳ، جو شيخ اياز صاحب سدائين هن کي پنهنجو تسلسل لکيو.. پوءِ سنڌي نثر جي مهاراج نثر نگار شري لڇمڻ ڪومل، جنهن جي نثر ۾ سچ پچ ايڏو ته رس چس ۽ حسن آهي، جو اڄ سنڌ جا شاعر هاڻي هن کان ئي پنهنجن ڪتابن جا مهاڳ لکرائڻ لاءِ آندا ماندا پيا نظر ايندا آهن. اجهو ٿورا ئي ڏينهن ٿيندا دهلي منجهان مون کي پاڻ هڪ خط لکيائين. ته بس يارو... پياري احمد جي شاعريءَ تي هي ان ئي لڇمڻ ڪومل هي اهڙو ته سهڻو ۽ من موهڻو مقدمو لکيو آهي، جيئن احمد جو هي پنهنجو شعر سهڻو آهي:

جَر تي تارو نڪ جي ڦلڙي،
پاڻي تنهنجو چهرو آهي
رات سنڌءِ زلفن ۾ سوگهي،
ڪيڏو دور انڌيرو آهي

هونئن سنڌي شاعرن ۾ اجڪلهه سئو شاعر، صرف احمد ئي ڪونهي، پيا به گهڻائي اعليٰ سرجڻهار موجود آهن. پر منجهن، احمد به بابا! احمد سمجهو.

جنهن جي ڪويتا جو رنگ ئي نرالو ڍنگ انوکو. ۽ اسلوب ئي پنهنجو آهي آئون پانئيان ٿو دور حاضر جو هي احمد اهڙو اڪيلو شاعر آهي جنهن هند- سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعرن شاهه سچل سامي شيخ اياز.. شيام ۽ دلگير منجهان ته اتساهه ماڻيو ئي آهي پر پرتري هري، وديا پتي، ميران، ڪاليداس، ٽئگور ۽ فيض صاحب وٽان به واهه جو لاڀ پرايو آهي هي اجهو احمد ان جو پاڻ به ته اقرار پيو ڪري ته:

ڪنهن جو موهه ته ڪنهن جو منڊ
مڪڙي مڪڙيءَ جو سوڳنڌ

۽ آئون پانئيان ٿو هي بادل جيئن نه سمونڊ منجهان ٻاڦ کڻي ڪارو نڀار ڪري ٻڻجندو آهي احمد به ايئن ئي عظيم شاعرن جي مطالعي مان لاٽ مثل ڳاٽ مٿي ڪنيو آهي هي ڏسو ان ئي مطالعي آڌار ڪيڏي نه فخر منديءَ سان پاڻ چوي به پيو ته:

ماڪ نازل رڻ مٿان ٽيندي رهي
هڪڙي قطري بحر کي ٽوئي ڇڏيو

آئون پانئيان ٿو احمد ملاح وانگر، لاشڪ ته هن اسان جي احمد سولنگيءَ وٽ به لفظن استعارن ۽ تشبيهن جا ڪي پنڌار پريل آهن ۽ پوءِ انهن آڌار الهامي ڪيفيت ۾ جڏهن هو نظم ٿو لکي يا ڪٿي پڙهي ٿو ته جڻ لفظن جا وڏ ڦڙي مينهن مثل وسڪارا لائي ڏيڻ سان گڏ جڻ گجڻ به لڳندو آهي پر ٻئي پاسي اختصار سان ۽ ٿڙ لفظن ۾ به ته احمد کي اظهار تي پورو دسترس حاصل آهي.. هي ڏسو هن شعر ۾ پاڻ تنهائي جو ڇا ته احساس اُڀاري ڏيکاريو اٿس:

رات خاموش شهر جا رستا
آئون تنها، خدا ۽ هُن جو گهر

هاڻي جڏهن اسان جي عظيم سنڌ جي وحدت، دشمن جي دل تي داغ مثل ٻٽيل آهي تڏهن ان درد تي به احمد، محض هڪ ئي سٽ ۾ جهڙوڪر گهڻو ئي ڪجهه چئي ويو آهي ته:

سنڌ سڄي آ، نيزي پاند

سنڌ جي اهڙيءَ ڏکوئيندڙ صورت حال تي احمد، نہ فقط وطن پرست شاعر بڻجي پنهنجو پاڻ کي اسان جي آڏو آندو آهي، پر اسان کي بہ ڏسو... تہ ڪيئن نہ هي بہ اعتماد پيو ڏياري تہ:

سنڌ...

سرير ۽ ساهہ

انهيءَ ۾ وهندو پيو درياهہ

ايئن احمد سنڌيءَ ٻوليءَ جو وينجهر بڻجندي، ان جي نت نئين تشبيهن ۾ بہ زبردست اضافو ڪيو آهي. مثال طور، "چوڙيگر جو چُوڙو"... "ندي ندي ويڳاڻي"، "پکي پکيءَ جو پاڇو"... "ڳڻيندو ڪير هي ڳوڙها"... "ڪشادي رات جي پيڙي"، "ڪرڻن جون ڪرچُيون"، "لهرن جي جهانجهر" ۽ علاوه انهن استعارن جي منظوم شاعري ۾ احمد جي لفظن جي هيءَ گهڙاوت ۽ تراش خراش بہ واهہ واهہ ۽ سبحان الله... چوي ٿو:

ملون نقاب ۽ سارا حجاب لاهي ڪيئن،
ڏسون تہ چنڊ جي پوري تراش آهي ڪيئن؟

خيال سرمدي پنهنجو لباس منصوري،
صليبِ عشق تان احمد کي لوڪ لاهي ڪيئن!

لڇمڻ... پنهنجي مقدمي ۾ لکيو آهي، "سنڌي شاعري (هند-سنڌ ۾) اڄ جڏهن 'بحرن' سان رشتو ڇني 'برن' ۾ ڀٽڪڻ لڳي آهي، تڏهن احمد سولنگيءَ جهڙن شاعرن موزون شاعريءَ جي ساک ۽ سچائپ برقرار رکي، سنڌي شاعريءَ جو مُنهن مٿانهون ڪري ڇڏيو آهي..." تڏهن هتي احمد جي شاعريءَ بابت، لڇمڻ جي انهيءَ مٿين املهہ راءِ کي "سَنَد" ڄاڻندي، آخر ۾ احمد جي شاعري بابت، خود آئون بہ ڪانشس ٿي ڪي لفظ اُڌارا وٺي هي لکڻ کان سواءِ رهي ٿي نٿو سگهان تہ...

اي احمد! ۽ اي احمد جي پياري ڪويتا:

ڪرين ٿي زلف ڪافر سان سموري روح کي قابو،
پيو کهڙو ٻيلا ڏس، سنڌ جي آ چنڊ جو جادو.

(ڪاوش دنيا، 16 فيبروري 2014)

## • شاعري احمد سولنگيءَ جي

### ڪيمن يُو. مولاڻي

مون کي نه ٿو لڳي ته هن ڌرتيءَ جي ڪنهن حصي ۾ ائين به هجي جو هڪ ئي ڳوٺ ۾ ڇاول هڪ ئي ٻولي ڳالهائيندڙ جن جي صدين کان هڪ ئي ثقافت رهي هجي. جيڪي پريم ۽ امن جا ڪانگي هجن. انسان ته ڇا جيو جنتن ۾ به خالق جو ديدار پسندا هجن. جن جي تهذيب ۾ اداڻي گهرن جو خير گهرڻ جي روايت هجي. جن جي جنم ڀومي ۽ سنسار کي گيان (علم) جي روشني ڏني هجي. پريم جو سبق پڙهايو هجي. اهي دنيا جي ليڪيل ليڪن سبب هڪ ٻئي کي ڏسي به نه سگهيا هجن.

هتي ڀارت ۾ اسان کي ورلي ئي ڪڏهن ڪو سنڌ ۾ ڇپيل سنڌي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ملي ويندو آهي. 27 مئي 2014ع جو ڏينهن سڀاڳو هو جنهن ڏينهن ٽپالي دهليءَ جي سائين لڇمڻ ڀاٽيا "ڪومل" جو موڪليل هڪ ڪتاب ڏيئي ويو. (حالانڪ 1964ع ۾ ان ڏينهن ئي ڀارت جي وزير اعظم جواهر لعل نهروءَ جو انتقال ٿيو هو.) مون جيئن ئي ڪتاب جو لفافو کوليو ته اصل ٺري پيس. لفافي مان جناب احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو مجموعو "خواب آوارا ڪي" نڪري آيو. ڪتاب کي اکين سان لڳايم. ڪتاب کي اٿلائيندي پٿلائيندي جڏهن ڏٺم ته شاعر احمد سولنگي ان موري شهر ۾ ڄائو پڙهيو ڳڙهيو ۽ نپنو آهي جتي ڪڏهن مان به ڄائو هوس ته هيڪاري روح واسجي ويو. من ماضيءَ ڏانهن هليو ويو. وقت جو ڪيڏو نه وڏو مذاق آهي. هڪ ئي مٽيءَ جاوا هڪ ٻئي کي ڪو نه سڃاڻن ۽ اڄ پنهنجي مادري زبان جي شاعريءَ جي ڪتاب معرفت پاڻ ۾ گڏجي رهيا آهن. خير.

شاعري هڪ فن آهي ۽ فن اها شئي آهي جنهن ۾ شاعر لفظن ذريعي پنهنجي روز مره جي آزمودن ۽ حالتن کي حوالن جي قيد مان آزاد ڪري، صاف ستر و ڪري، زمان ۽ مڪان کان هٽي عالمگيريت عطا ڪندو آهي. شاعريءَ جو تخليقي عمل اَپوترتا کان پوترتا ڏانهن وڃڻ جي مسافري آهي. اهو اسٿول کان سوکيم ڏانهن، شخصيت پٽي کان عالمگيريت ڏانهن، ڪثرت کان وحدت ڏانهن

وجهڻ جو عمل آهي. شاعر پنهنجي سورن کي زبان عطا ڪو نہ ڪندو آهي پر پنهنجن دردن ۽ سورن کي عوام جي سوکي ٻوليءَ ۾ ائين پيش ڪندو آهي جڻ اهي درد ۽ سور هن جا پنهنجا نہ پر عوام جا هجن. تڏهن عوام شاعر جي تخليق کي پنهنجو سمجهندو آهي. ان کان پوءِ ئي سندس شاعري عوام جي زبان تي پاڻمرادو چڙهي ويندي آهي ۽ عوام سندس شعرن کي جاوداڻي/امرتا عطا ڪندو آهي.

چاڪاڻ تہ فن اندري ٻوڏ ۽ ٻاهر ٻوڏ ذريعي رس پيدا ڪندو آهي. ان ڪري سٺي شاعر جي شاعريءَ ۾ احساس جي شدت سان گڏوگڏ خيال کي گهرائي هوندي آهي. هو زندگيءَ جي اڻ ڇتل ڪنڊن کي اجاگر ڪري سگهڻ جي قوت رکندو آهي ۽ وقت تي جيت پائي دائم ۽ قائم رهڻ واري شاعري خلقي سگهندو آهي. پاڻ کي دنيوي گهيرن ۾ گهيري رکندڙ ننڍي من وارو شاعر ڪڏهن بہ اهڙي قسم جي لازوال تخليق پيش ڪري ڪو نہ سگهندو آهي. جنهن شاعر سنسار جو گهرائيءَ سان مشاهدو ڪيو هوندو ان جي اُڏار پکيءَ وانگر ڪنهن حد يا سرحد ۾ قيد ڪا نہ هوندي. اهو انسان جي زندگيءَ کي بهتر بڻائڻ لاءِ سدائين سرگردان رهندو. پوءِ پلي اهو انسان ڪهڙي بہ خطي، ڌرم، ذات، رنگ، ملڪ ٻوليءَ وارو ڇو نہ هجي. احمد سولنگيءَ کي ان ڳالهہ جي خبر آهي تڏهن تہ چوي ٿو:

پکيءَ وانگي آزاد پنهنجون اڏارون،
ڪٿي سرحدن ۽ حدن ۾ رهون ٿا.
(ص 215)

سندس هيٺيون شعر بہ لک لهي:

موت آڪاس تي ڪلي ويٺو،
هيٺ ڌرتيءَ تي زندگي روئي.
(ص 245)

اهو سچ آهي ڪوڙو سچ، موت آد جڳاد کان کلندو رهيو آهي. اڄ بہ کلي پيو ۽ اڳتي بہ کلندو رهندو. زندگي ڌرتيءَ تي آد اصل کان روئي رهي آهي. اڄ بہ روئي رهي آهي ۽ آئينده بہ روئندي رهندي. اهڙي ئي ڳالهہ احمد سولنگي ساڳي غزل جي هڪ ٻئي شعر ۾ بہ ڪري ٿو:

وقت ڪهڙو اچي ويو آهي،
ٿي اندين ۾ روشني روئي!

ضروري آهي تہ شاعر وقت جي نبض کي سڃاڻي سگھڻ جي قوت رکندو هجي. غزل ۾ فلسفو هجڻ سان ان ۾ چار چنڊ لڳي ويندا آهن. ڏند ڪٿائي ڪردارن جو استعمال ڪرڻ سان غزل جو موضوع صاف ۽ چٽو ٿي بيهندو آهي. مون صرف ڪن نقطن جو ذڪر ڪيو آهي جيڪي غزل جي ڏنگ کي تکو بڻائن ٿا جنهن جي چيڻ سان پڙهندڙ/ٻڌندڙ کان ازخود واهہ واهہ نڪري ٿي.

جناب احمد سولنگيءَ جي غزلن جو ڏنگ تکو آهي ۽ پڙهڻ سان منهن مان ازخود واهہ واهہ نڪري ٿي وڃي صفحو 111 تي درج پورو غزل بيحد پيارو آهي. ان غزل ۾ ٻين خاصيتن سان گڏوگڏ ڪوٽيبلٽيءَ جي خاصيت بہ آهي صرف ٿي بند ڏسو:

ننڊ ۾ ويندءِ چنڊ چمي
وِلهہ ۾ ويڙهي وار نہ سمها!
(رومان۔تجنيس خطي)

جر تي برسي ساري راتہ
بر ۾ ڪارونيار نہ سمها!
(Personification—تجسم)

ڇوريا چوني منجهہ پريہ
موتئي جي مهڪار نہ سمها!
(تجنيس خطي)

هي سفر آ سفر عجيب ڪو
زندگيءَ جو سفر لڳي ٿو.
يا

آس جو آسمان آڪميں
پرکنوي ۽ گجي وسي ٿو.
(صفحو۔207)

مڪ سپن سان هر ڪو ورچي
ڏک ماٺھو ٿو تنھا ميڙي
(صفحو 237)

مان ٿيان ٿو ضمير جي ويجھو
آئينا جڏهن ته روبرو آهن!
(صفحو 375) ايھام (معنوي صنعت)

منٺيءَ ۾ خدا ڳولهيون
معصوم شرارت آ.
(صفحو 410)

هر رات ريگزار لتاڙي
هن چنڊ کي مهار ڪٽي آ.
(صفحو 429) ايھام (معنوي صنعت)

احمد سولنگي غزلن ۾ رديف سان نباھ به واھ جو ٿو ڪري، نموني طور ھيٺ ٻه ٽي مثال ڏسو:

درد جي آرسي ٿي ڏئي روح کي
خود فريبي خوشي ٿي ڏئي روح کي
(صفحو 196)

هر نديءَ جو وهڪرو ننڍڙو لڳي
تنهنجي اک سان سمنڊ ٿو ننڍڙو لڳي

موت کي ڏئي ڪيترا ڏانوڻ ڏيون
زندگيءَ جو ٿو سڳو ننڍڙو لڳي
(صفحو 217_218)

وائي اسان جي نج صنف آهي وائي لرڪ (Lyric) گيت آهي ۽ موسيقي اسان سنڌين جي رڳ رڳ ۾ سمايل آهي اسين راڳ جا شوقين آهيون

ان ڪري وائي اسان جي فطرت ۾ آهي. وائيءَ ۾ هڪ ئي خيال، احساس ۽ ڪيفيت هوندي آهي. شروع ۾ وائي ڇند تي ٻڌي ويندي هئي. شاهه عبداللطيف جون سڀ وايون ڇند تي ٻڌل آهن. پر هاڻي فارسي بحر وزن ۾ به وايون گهڙيون ٿيون وڃن.

ڀارت جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ وائي گهٽي ڇٽي وڃي ٿي. ان جو هڪ سبب شايد اهو به ٿي سگهي ٿو ته وائي اسان سنڌين جو پنهنجو گهاڙيٽو آهي. ان ڪري شاعرن کي ان ۾ پنهنجا اتما ۽ احساس ظاهر ڪرڻ ۾ سولائي ٿي ٿئي. وائيءَ تي سنڌ ۾ تجربا به گهٽا ٿي رهيا آهن ۽ ڪاميابي سان ٿي رهيا آهن.

ڪن جو چوڻ آهي ته وائي غزل مان نڪتي آهي. پر مان اها ڳالهه نٿو مڃان. ان جو ثبوت اِهو آهي ته وائي اسان وٽ اصل کان هئي. پر غزل اسان وٽ گهڻو پوءِ ٻاهران آيو. اها ئي ڳالهه آهي ته غزل کي به اسان وائي وانگر پالي نپائي سگهارو ڪيو آهي ۽ ڪري رهيا آهيون.

احمد سولنگيءَ جي واين جي خاص خوبي اها آهي ته اُهي وقت سان اک ملائي ٿيون هلن.

وئي رات وئي
آيو آيو سوجهرو.
اونده اندوڪار جي
ناهي ڳالهه نئي
آيو آيو سوجهرو.
توجو وهه اوڪاڇيو
پڙڪي سنڌ پئي
آيو آيو سوجهرو.
(صفحو 206 تجنيس خطي

-

جوڳڻ ٻين وڳي
نانگ ندورا آئيا.

چڙهي رات چڪيا متي
منهنجي پيو سڳي
نانگ ندورا آئيا.
(صفحو 161) تجنيس خطي

سيني ۽ جو آواز
آڌي ۽ ويل گهڻي ۽ پر.
چور به چوڪيدار ڪان،
ڪيئن لڪائن راز
آڌي ويل گهڻي پر.
(صفحو 168) تجنيس خطي

ڪناري لائين!
ڪاهي ڪاري سمنڊ مان!
مڪڙيون ماڻ تيون ڪلهن،
سپن پر سائين،
ڪناري لائين،
ڪاهي ڪاري سمنڊ مان!
ساري هن سنسار جو
پيار پکي پائين،
ڪناري لائين،
ڪاهي ڪاري سمنڊ مان!
(صفحو 296۔ تجنيس خطي)

مٿئين وائي ۾ ٽل جا ٻئي پاڳا ورجاءُ ۾ آندا ويا آهن جو صحيح نٿو لڳي. در حقيقت وائي ۽ جي ٽل جي هڪ سٽ ٿيندي آهي، جنهن جا ٻه پاڳا ٿيندا آهن ٽڪ جي به هڪ سٽ ٿيندي آهي ان جا به ٻه پاڳا ٿيندا آهن. ٽل جي پهرئين پاڳي جو قافيو هر ٽڪ جي ٻئين پاڳي جي قافيي سان ملايو ويندو آهي ۽ ٽل جي ٻئين پاڳي کي هر هڪ تڪ جي ٻئين پاڳي جي هم قافيه لفظ پويان دهرايو ويندو آهي.

جنهن کي دهراءِ، وراڻي يا ورجاءُ چوندا آهن. وائي جي سونهن پختن قافين ۽ وراڻيءَ کي ڦباڻڻ ۾ ٿي هوندي آهي. ٿل جي پهرئين پاڱي جون ماترائون يا وزن تڪ جي ٻئين پاڱي جي ماترائن يا وزن جيترين ۽ ٿل جي ٻئين پاڱي جون ماترائون يا وزن تڪ جي پهرئين پاڱي جي ماترائن يا وزن جيتريون هجن تہ وائيءَ ۾ تهائين نکار اچي ويندو آهي. احمد سولنگيءَ جون هيٺيون وايون اُهي تقاضائون پوريون ڪن ٿيون:

دريون در ٻوٽيل،

پريں‌ءَ جي شهر جا!

بارودن جي بوءِ سان،

رستا دوهانٽيل،

پريں‌ءَ جي شهر جا!

ماڻهو ڳليءَ موڙ تي،

گهاون سان گهايل،

پريں‌ءَ جي شهر جا!

ڏنڏلو چنڊ آڪاس ۾،

چهرا مرجهايل،

پريں‌ءَ جي شهر جا!

رنگت اجڙيل راتيون

ڏينهن بہ ڏڪايل،

پريں‌ءَ جي شهر جا!

(صفحو 308 تجنيس خطي

-

ڪڙين منجهہ ڪڙي،

نينهن نچايو ناٽيءَ!

ڪچو سون سرير جو

گهاڙوءَ جيئن گهڙي،

نينهن نچايو ناچڻيءَ!

سپنو ڪو اتهاس جو

اڪڙين منجهه جڙي،

نينهن نچايو ناچڻي ءَ

سمبارا نئين نرت سان

موٽي مهن دڙي،

نينهن نچايو ناچڻي ءَ

(صفحو 365) تجنيس خطي

"سمبارا" لفظ لکي تلميع ڪتب آندي ويئي آهي. تلميع جو استعمال صفحو 436 تي درج وائي ءَ ۾ بہ ٻن هنڌ تمام ڪاميابي ءَ سان ڪيو ويو آهي.

هي ءَ مسافر ڪير؟

توڏي اچرج مان تڪي

گلان تنهنجي چانئٺ تي

پگهو ڪنهن جو پير.

هي ءَ مسافر ڪير؟

اج بہ نادر شاهہ سان،

جهيڙي مڙس مٿير.

هي ءَ مسافر ڪير؟

ان وائي ءَ ۾ فني اوڻائي آهي. ورجاءُ ٽل جي ست جي ٻئين پاڱي جو ٿيندو آهي. پهرئين پاڱي جو ورجاءُ نہ ٿيندو آهي. هتي هم ڪافيہ پهرئين پاڱي جو ورجاءُ ڪيو ويو آهي. جيڪو صحيح نٿو لڳي.

احمد سولنگي ءَ جون ڪي ٻيون وايون بہ سٺيون آهن. انهن جا مثال بہ ڏيئي سگهجن ٿا. پر مان انهن کان ڪنارو ٿو ڪريان. پڙهندڙ احمد سولنگي ءَ جو ڪتاب خريد ڪري پاڻ پڙهن ۽ سندس شاعري ءَ جو لطف ماڻين تہ بهتر ٿيندو.

عام طور ائين مڃيو ويندو آهي تہ نثري نظم اسان کي مغرب جي بخشيش آهي. پر منهنجي خيال ۾ ائين بنهہ ڪونهي. هندستان جو ٻاڻ ڀٽ ستين صدي ءَ جو پهريون درباري شاعر هو جنهن چيو هو تہ شاعري ءَ لاءِ ڇند. بحر وزن جي

ڪا ضرورت ڪانهي. تُڪبندي ۽ قافيه پيمائي ڪرڻ لازمي ڪانهي. شاعري نثر ۾ به ڪري سگهجي ٿي ۽ اهڙو نثر ڪنهن به حالت ۾ نظم کان گهٽ عمدو نه هوندو آهي. پنهنجي ان ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ هن نثري نظم ۾ "هرش چريت" ۽ "ڪدمبريءَ" جهڙا به شاهڪار گرنٿ رچيا. جن ۾ ڏنل نثري نظم کي اڄ به اُوچ ڪوتا جي پدوي عطا حاصل ٿيل آهي. "هرش چريت" ۾ اعليٰ قسم جي منظر ڪشي، خيال جي گهرائي، زوردار جذبا ۽ رنگين بيان ڏنل آهن. جن کي پڙهي اڄ به اچرج ۾ پئجي ٿو وڃجي.

مون مٿي احمد سولنگيءَ جي نظمن ۾ موجود غزل جي ڳالهه ڪئي آهي. هاڻي اچو ته سندس نثري نظمن جي چند سٽن تي نظر وجهون جن ۾ جذبي جي شدت، خيال جي گهرائي ۽ منظر ڪشي آهي. پاٿمرادو خيالن جو وهڪرو آهي. وڏي ڳالهه ته احمد سولنگيءَ وٽ لفظن جو ذخيرو آهي. ڌرتيءَ جا تاتيل نپايل اهڙا اهڙا سنڌي لفظ ٿو ڪتب آڻي جو ماڻ ونيو وڃي. انهن لفظن ۾ مٽيءَ جي خوشبوءِ آهي. اڄ پارت ۾ اسان کان اهڙا سهڻا لفظ ڇڏائبا پيا وڃن. اها بيحد ڏک جي ڳالهه آهي. خير اچو ته سندس نثري نظمن جا ڪي ٽڪرا ڏسون.

پٽ جي شاهه،
بلهي باهوءَ،
رحمان بابا،
مست توڪليءَ جي،
اکين جي آرسين منجهان،
قديم حسن،
محبت،
شادابيءَ،
امن ۽ آزاديءَ جا،
اجرا عڪس لڙي رهيا آهن.
۽ اڄ جا آقا،
ڪلاشنڪوف جي قلم سان،
امن جي تاريخ لکي رهيا آهن.

(امن جي تاريخ - صفحو230)

ڏينهن جا سوجهرا،
منهن لڪائي سمهي پيا آهن،
۽ پوائتيون راتيون،
بگهڙ جي اکين ۾،
جاڳي رهيون آهن

(بگهڙ جون اکيون-صفحو 27)

رات،
جنهن کي چيرن جون،
چمڪندڙ اکيون،
گهوري رهيون آهن
ديس جي باک جو
اڇوتو بدن
ڳجهن جي چنبن ۾ لڇي رهيو آهي،
سليٽي شامون
ڪانوَن جي بي سُري آواز سان،
گونجي رهيون آهن،
۽ ندي،
ڏينهن ۽ رات جو سفر،
واريءَ جي پنڌ جيان،
جهاڳي رهي آهي

(چيرن جون اکيون-صفحو 337)

تو ڪڏهن ناهن ڏٺيون
هي وڇوڙن جون وليون،
عشق اوچتو
پيار پتراٽين مثان
هي وڇائن تي وهائنا ورهه جا،
۽ اکين ۾ ننڊ ڪوڙي،

خواب جن ۾،
ڇڻ آڪن جي ڪير جهڙا.
پل سمورا،
هيڪلائيءَ ۾ جوانيءَ جا،
اَمُلهہ ڳوڙها ڪڙا!
بس رڳو تنهنجي نگاهن ڪان پري،
منهنجي دل جو ديس مفلس تو رهي،
تو ڪڏهن جيڪو ٽڙي ناهي ٽڙيو!
(جدائيءَ جا شوال ـ صفحو 362)

مهن جي دڙي جي دراوڙ نياڻي،
انهيءَ جي هڪل سان ويون ڪيئي لرزي،
ڪٿي مسندون ۽ ڪٿي تخت گاهون،
۽ ارض وطن جا سمورا انڌير،
مهابي انهيءَ جي ٿيا سڀ منور،
صداقت سندا ڪي سفينا سنباهي
ڪيو جنهن ستارن منجهان ڪو سفر آ،
۽ مفلس گهرن جي اجهاڻل بتين ۾،
نڪي روشنائي نہ ٻڪ جو ازالو،
هي غربت جي دوزخ ۾ سڙيل مهانبا،
اگهاڙپ جنين جي ڍڪي ڪين انبرُ،
انهن جي ستر لاءِ ستار هوءَ آ،
خدا جي جهان ۾ گنهگار ڇهرا،
انهن لاءِ آٿت ۽ آڌار هوءَ آ،
انهيءَ جي اورانگهيو اڙانگن ٽڙن ڪي
ٻڏي جي بہ دانهن سندو داڏ ڏيندو
لڙهيا ونجهہ ڪشتيون ڪنارا جي ٻيهر،
نئون گهاٽ ڪو نيٺ ايجاد ڏيندو،
(نئون گهاٽ ـ صفحو 407ـ407)

رقص گهايل،
زندگيءَ جي چور دروازن اندر،
هر نظر کان بي نياز،
هر خبر کان بي خبر،
چترڪاريءَ منجهه ليڪيل ڪا لڪير،
ڪو تصور سوچ جي تجريد جو،
برش جي خاموش ڪنهن گفتار سان،
فن نقاشيءَ جي وسيع معنيٰ اندر،
پنهنجي خنجر سان ڪري ٿو خودڪشي.

(اوير جي آرسي ـ صفحو 428_427)

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو مجموعو "خواب آوارا پکي" پڙهندي مون سندس شاعريءَ کي ماڻيو آهي ۽ خوب ماڻيو آهي. مون هتي پنهنجي سمجهه آهر صرف ڪجهه ئي مثال پيش ڪيا آهن. پاڻ سندس شاعريءَ جي ڪتاب کي پڙهڻ کان پوءِ ئي سندس سموري شاعريءَ کي ماڻي سگهن ٿا.

-

# • ڏار اوندهه ۾ وجهن ٿا ترورا

## حليم باغي

احمد سولنگيءَ سان ڪڏهن کان واقفيت ٿي پڪي خبر ڪانهي پر غالبن 1990 جو ٺهاڪو هو. جڏهن علي حسن "نماڻي سنڌيءَ" جي ڳوٺ ۾ ڪو ڪاج هو. دادو نواب شاهه جي ڀرارڙين جي رواج موجب نوان جتوئيءَ ۾ رات جو ڪوسن جي اباڻيءَ زمين ۾ ڪتون گڏ ڪيون ويون هيون. جن تي ڪوٽ ڏنل (ساڏيا) مهمان اچي ويٺا هئا. چني ۾ پري پري تائين ڪتون پٿاريلون هيون. چني ۾ راڳ رنگ هلي رهيو هيو. ڪن ڪن مهمانن "ٺري جي چُڪي" چاڙهي هئي ۽ انهن چڪي چاڙهيل مهمان ۾ احمد سولنگيءَ به هيو.

گدا خاصخيلي گيڙوءَ رنگ جي قيمص پائي آيو هو. جنهن کي احمد سولنگيءَ "او ڳاڙهي قميص وارا چاچا" چئي مخاطب ٿيو هو. جنهن تي ڏاڍي کِل مشڪري متي هئي ۽ گدا به احمد کي پيار مان چنبڙيندي چيو "اڙي هي ڏس هيءَ ڳاڙهي قميص آهي پيٺهان بتال! سڄي چني ۾ موج مستي هئي شايد انهيءَ کان پوءِ نماڻي سان موري جا پنڌ شروع ٿيا. نماڻو روحل واءِ اچي نڪرندو هو ته سائس گڏ منهنجو به نماڻي جي ڳوٺ اچڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو.

حيدرآباد کان نوان جتوئي ايندي موري مان گذر ٿيندو هو موري جي ٺرَ ۾ احمد سولنگيءَ جو ٺڪاڻو ٺهيل هو. موري ۾ انهيءَ دور ۾ ادبي سرگرميون پوري عروج تي هيون. سائين راشد مورائي ۽ ٻيا نامر ڪٺيا سخن ور موري جي ادبي سرگرمين تي ڇانيل هوندا هئا. موري اچبو هئو ته سائين راشد مورائيءَ جي اوطاق تي ضرور پيرو پيچبو هو. سائين راشد پ.ٽ. الف_ سنڌي ادبي سنگت ۽ جيئي سنڌ محاذ جي ڪارڪنارين ۾ وڏي چاوت سان حصو وٺندو هو. ۽ سندس ٺڪاڻي تي سياسي نظرياتي تنظيمي ۽ ادبي سرگرميون جاري هونديون هيون. اديب شاعر ۽ قومي ڪارڪن سندس ٺڪاڻي تي پرواني وار ايندا هئا. ۽ سندس اوطاق تي هر وقت علمي ادبي ۽ فڪري بحث مباحثا ۽ ڇيڙيون نبيرون ٿينديون هيون.

پرپور فيصلائتي ۽ موثر نموني ڪري سگهجي ٿي اوتري ئي ڪنهن به ذريعي سان نه ٿي ڪري سگهجي.

شاعر سماج جو هڪ ذميوار فرد آهي. ڪيس انسانيت جي سٺن گڻن جي ساراهه ڪرڻ کپي ۽ خراب ۽ اڻ وڻندڙ روين تي ٺوڪ ڪرڻ کپي. هڪ شاعر جي فن جو اولين اهو ئي مقصد به آهي. لڇمڻ ڪومل ڪتاب جي مقدمي ۾ لکيو آهي ته:

"رباعيءَ مخمس ۽ مسدس وارا من ويزدان خليل و آتش جهڙا ۽ ون يونٽ جهڙا دور سنڌي شاعريءَ تي گذري چڪا. انهن دورن جون ڪاگذاريون ۽ واردائون لکجي چڪيون. احمد سولنگيءَ جي ٽهيءَ جي شاعرن اڳيان اهي روايتي ۽ اساسي دور نه هئا. سنڌي شاعريءَ جا ڪيترائي در ريچا ۽ ڳڙڪيون کلي ۽ بند ٿي ويا هئا. تنهن هوندي به احمد سولنگيءَ جي دور جي شاعرن وٽ وري پنهنجي دور جا فني قالب، فڪري موضوع ۽ نظرياتي بحث هئا. احمد سولنگيءَ جي شاعري مارشل لا جي ٽهري دور ۾ پنهنجون شروعاتي وکون کڻي رهي هئي. ضيا جي بربريت، سنڌي ماڻهن تي ظلم، استبداد ۽ سنڌي قوم تي فوجي جنتا جي اگهاڙي جارحيت احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جا عنوان ٿي پيا."

۽ جڏهن ٿي شام نارنگي لهي
ڪنهن جي رت جي ٿي مٿان ڪڻ ڪڻ وسي
ڪو صليبن تان لهي ۽ ڪو صليبن تي چڙهي
بدحواسيءَ جو نئون اتهاس ٿو لکبو رهي

انهي ۾ ڪو شڪ نه آهي ته خارجي دنيا جا معاملا ۽ معرڪا انسان جي داخلي دنيا تي اثرانداز ٿيندا آهن. خارجي دنيا جون مادي شيون، سماج جون ڪارگذاريون ماڻهن جي داخلي دنيا تي اثر ڇڏينديون آهن. اسان جي ماحول ۽ سماج ۾ جيڪي به وهي واپري ٿو اسان جي ذهن کي حرڪت ۾ آڻي ٿو. ماحول جي خوشي ۽ شادماني اسان کي سڪون ۽ فرحت ڏئي ٿي. ماحول جي مايوسي ۽ اداسي اسان کي مايوس ۽ اداس ڪندي آهي.

اکڙين جي آلاڻ
تنهنجي ڳالهه ڪري پئي

تنهائيءَ جي اونداهيءَ
۾ يادن جي چانڊاڻ
تنهنجي ڳالهه ڪري پئي
موتيءَ جهڙن ماڪ ڦڙن ۾
هيءَ جا آسرهاڻ
تنهنجي ڳالهه ڪري پئي
آڌي اُڀ ۾ تارن جي
جڳ مڳ روح رهاڻ
تنهنجي ڳالهه ڪري پئي

احمد سولنگي پنهنجي دور جي ظلمتن جا داستان ڪٿي ٿو ته ظلمت ۽ انڌوڪار اندوهه جا پورا تفصيل ٻڌائي ۽ انهيءَ انڌ ۽ ظلمت ۾ پنهنجي پوڳنا جو به اظهار ڪري ٿو.

چنڊ تارن سوا رات اهڙي لڳي
بلب ٻرندو رهيو پر نه اوندهه گهٽي
هوءَ سڏڪي لڳي رات ڪستو ٻڌي
فوٽ پاٿن مٿان ٻک ويڙهي سُتي
شهر پنهنجا ستم ڪيڏو ٿا لڳون
اوپرا اوپرا اجنبي اجنبي

ظلمت جيڪا ڏاڍ ظلم، نا انصافيءَ ۽ بيواجبيءَ سان عبارت ٿيل هوندي آهي انسان هن دور ۾ بنيادي ضرورتن جي پورائي لاءِ به ڪيترو پريشان ۽ سرگردان آهي. هيءَ پريشاني ۽ سرگرداني وري ڪيس ”تهذيب جي نئين جنم“ جي صورت ۾ هضم ڪرائي وڃي ٿي.

بکن ۾ ڪڙهن ڪنهن جا آنبا جڏهن ٿا.

سڄي رات فطرت جي تخليق روئي
ڏکن جون ٿي شبنم سان مالهائون پوئي
عمر کان اڳي ٿا ٿين ٻار بالغ
وري ٿو هي جنم آهِ تهذيب ڪهڙو؟

آهي تہ اهي ٽيڙ شاعر چاهين ٿا پر وٽن شاعريءَ جا لوازمات لين ئي ڪونہ چئبو ڪٽي تہ "بابا اوهان جي شاعريءَ ۾ بحر وزن ڪونهي ڪوا اوهان رديف، قافئي وغيره جو خيال نہ ٿا ڪريو تہ چوندا اسان اهي پابنديون قبول نہ ڪنداسين. هاڻ ڀيو منهن! بابا جيڪڏهن اوهين شاعر ٽيڙ گهرو ٿا تہ قانون اوهان کي پڙهڻو پوندو.

جهڙيءَ ريت بنان قانون پڙهڻ جي وڪيل نٿو ٿي سگهي بلڪل اهڙي ئي ريت بحر، وزن ۽ ٻين شاعرانہ خفن سکڻ کانسواءِ اوهين شاعر نہ ٿي سگهندئو. انهيءَ سهوليت پسنديءَ ۽ آسانيءَ جو فائدو وٺي اڄڪلهہ ڪيترائي پالتو فالتوءِ ڦلترو شاعر ڪنهين جيئن ڦٽي نڪتا آهن. احمد سولنگي بہ انهن پالتو ۽ فالتو شاعرن جي وچ ۾ شاعرانيون ڳالهيون شاعريءَ جا لوازمات پورا ڪندي ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو احمد سولنگيءَ جي شاعري ڳائي ۽ جهونگاري سگهڻ جهڙي شاعري آهي. سندس آزاد شاعريءَ ۾ بہ بلا جو ترنم آهي جيئن چوي ٿو:

وڃين ٿي دور جي مون کان
يقينيءَ بي يقينيءَ ۾
چٽن ٿا ڏينهن پن پن ٿي
محبت آ الڳ موسم
انهيءَ جو ٻور ۽ ميوو
ميون ٿا مختلف آهي
رهين ٿي ويجهڙو جي تون
پڇي ٿو پيار ائين من ۾
لڳي جيئن انب ٿو شاخون

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ ۾ روايت ۽ جدت جو ميلاپ نظر اچي ٿو. احمد وٽ شاعريءَ جي قالبن (صنفن) موضوعن ۽ فڪر ۾ روايت جي چاشني نظر اچي ٿي. احمد اسان جي ڪلاسيڪي ۽ روايتي شاعريءَ جي روايتن کي ڇڏي ناهي ڏنو پر هو روايتي گس وٺي جدت جو اظهار ڪري ٿو.

احمد سولنگيءَ جي روايت پسنديءَ جو سڀ کان وڏو ثبوت اهو آهي تہ احمد سولنگي شاعريءَ جي فن جي لوازمات جو خيال رکي ٿو جهڙيءَ ريت اسان جي روايتي ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ انهن لوازمات جو خيال رکيو ويو آهي. احمد پنهنجي دور (جديد دور) جي ڳالهہ ڪري ٿو پر روايتي ڳالهہ ڪرڻ جو ڍنگ

ڇڏي ڪونہ ٿو ڏئي. سندس فڪر، موضوع ۽ صنفون جديد آهن پر اهي ڪلاسيڪي فڪر، موضوع ۽ صنفن کان ڪٽيل نہ آهن.

چارڻ!
تنهنجو چنگ نہ اهڙو
جهڙي سورٺ سونهن
تو وٽ اهڙي تند ڪٿي آ؟
جهڙا هن جا وار
چريا! تو وٽ چاهہ نہ اهڙا
جهڙا هُن جا پيار
تو وٽ اهڙو ساز ڪٿي آ؟
جهڙي هن جي چير
سورٺ ڪجري
من جي اُجري
تنهنجي من ۾ مير!

چارڻ ۽ سندس ساز ڪينرو اسان جي روايتي شاعريءَ جا موضوع آهن پر چارڻ ۽ ساز سان گڏ سورٺ جي سونهن جي اپٽار هڪ نئون موضوع آهي جيڪو روايت کان هٽي ڪري احمد نئين انداز سان ڪنيو آهي. مطلب تہ احمد وٽ جدت آهي پر ڪلاسيڪيت کي هو نظرانداز نٿو ڪري

آئون پنهنجيءَ ڳالهہ جي پڇاڙي ڪرڻ کان پهرين احمد سولنگيءَ جي غزلن بابت بہ لفظ چوندس. احمد سولنگي جو نظم بہ غزل جي رنگ ۾ رتل آهي جيئن لچمڻ ڪومل چيو آهي تہ احمد نظم ۾ وصال جو شاعر آهي ۽ غزل ۾ هجر جو شاعر آهي سندس غزل جي نغمگي بي ساختگي ۽ پوري ڳالهہ ڪري وڃڻ جو جيترو ڏانءُ احمد جي غزل ۾ ملي ٿو ايترو ڏانءُ گهٽ شاعرن کي اچي ٿو.

اوهان جون اکيون ٿي اوهان کي ڏسون ٿا.
محبت جي منزل جي ڳولا ڪيون ٿا.

اتم هر خزاني کان ڪشڪول دل جو،
اميري کي اڇلي فقيري رکون ٿا.

ڏسي چنڊ جو مُڏ پيالي ۾ پاڇو
جهڪي حسن جي ڪنهن خدا سان ملون ٿا.
سندس غزل ۾ به قومي شعور جي ڪيڏي نه سُچيتائي ڏسجي ٿي.
شهر ۽ سمنڊ جهڙوڪر ڪيي ويندا،
ڪراچيءَ ۾ اسان جا گهر ڪيي ويندا.

گهري ديوار جو پاڇو حصي ۾ تو
سيئي دالان دريون در ڪيي ويندا.

شهر ڪان شهر تو بدلو وٺڻ چاهي،
سيئي خنجر سيئي پٿر ڪيي ويندا.

اکيون ڪوليو نه ٿئي جيئڻ سنڌ جو سودو،
وڏي ناٽي وڏا رهبر ڪيي ويندا.
اهو سندس غزل جو خوبصورت انداز آهي جو قافئي، رديف ۽ بحر وزن
جو خيال رکندي به سندس فڪر ڪٿي به ضربجي نٿو.
ڪو به اکڙين جي اڳيان آهي ڪٿي؟
جنهن کي مان پنهنجو چوان آهي ڪٿي؟
•
زندگيءَ کي مون تلاشيو آ گهڻو
تنهنجي نيڻن سان ڏسان آهي ڪٿي؟

سج هيئنان روز ٿي ڪيڏو سڙين
سنڌ تنهنجو سائبان آهي ڪٿي؟

ڏار اونده ۾ وجهن ٿا ترورا،
روشني ڪا رائيگان آهي ڪٿي؟

—

# ● احمد سولنگي، شاعري ۽ زندگي

انور ابڙو

دنيا ۾ اسان جيڪڏهن ڪنهن کي سڀ کان وڌو تخليقڪار چئي سگهون ٿا، ته اُهو شاعر آهي. جنهن وٽ ٻوليءَ جو بي بها خزانو تخليق جون سوين هزارين صورتون ۽ انهن احساسن جا اڻ کٽ سلسلا هوندا آهن. جيڪي هر انسان جي جذبن جي نمائندگي ڪندا آهن. تنهن ڪري اها منهنجي ذاتي راءِ آهي ته جيڪڏهن زندگيءَ جي سونهن، پيار، حب الوطني، بدصورتي ظلم، ڏاڍ، ناانصافي، سماج جي حقيقي تصوير، مسئلا ۽ اُهي سڀ رنگين ۽ بي رنگ منظر شاعر بيان نه ڪري ها ته هيءَ ڪائنات ائين نه جهومي ها. جهڙي طرح اِها ڪو گيت، ڪو نظم ڪو غزل يا ڪا وائي ٻڌي جهومي پوي ٿي. 'شاعري، موسيقي ۽ رقص' اهي ٽئي شيون زندگيءَ جي حسن جي علامت آهن. انهن سان ئي زندگيءَ جو سُرور آهي، زندگي جو ساهه آهي، مستي آهي ۽ من جي تنبوري جي رُون..رُون... آهي.

احمد سولنگي پنهنجي شاعريءَ کي فرد جي محدود دائري مان ڪڍي لامحدود ماڻهن جي جذبن جي نمائندگيءَ وارو بڻايو آهي. تڏهن ئي ته هو سنڌ ۾ رهندي به سنڌ کان ٻاهر نڪري، پاڪستان جي ٻين صوبن ۽ ٻين ملڪن جي انهن ڪردارن کي به پنهنجي تخليق جو حصو بڻائي ٿو جيڪي گڏيل انساني ورثو آهن ۽ جن کي اسان به اوترو ئي پنهنجو سمجهون ٿا، جيترو انهن کي سندن علائقي ۽ ملڪ جا ماڻهو سمجهن ٿا.

منهنجي اک جي دائري جي ويجهڙو،
زان ڪازاڪس، ٿو رهي؛
۽ پکي پنهنجي پرن ۾،
جيئن لڪائي ٿو رکي پنهنجا ٻچا،
سوچ منهنجي ۾ ائين محمود جي ڏرتي رهي:
جا ٽُنل ڪشڪول ۾ ڪنهن ماءُ جي ڳوڙهن جيان،
يا نديءَ تي بوند – بادل جو لڳي ٿو نقش ڪو،
عشق مون لئه ٿو اُٿي جڙ شبنمي ڪا شاعري...

آهي. جيڪو 2013ع ۾ سنڌيڪا اڪيڊميءَ ڇپيو آهي ۽ جنهن جو مهاڳ هند ۾ سنڌ جي تاليواري ليکڪ لڇمڻ ڪومل لکيو آهي. پر هيءَ ڪتاب نئون انڪري آهي. جو هن شاعر پنهنجي هينئر تائين واري سموري تخليقي عمل کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري پڙهندڙن کي اڄوڪي نسل جي ٻولي، لهجي ۽ ان جي موضوعن ۽ ڪيفيتن جي صورت ۾، غزلن، واين، گيتن ۽ نظمن جي صنفن ۾ شاعري ڏني آهي. تنهن ڪري هيءَ شاعري نئين ۽ پراثر آهي. گڏوگڏ احمد سولنگيءَ جي هن جامع شعري ڪتاب جي اچڻ سان پڙهندڙن توڙي نقادن کي پنهنجي دور جي هڪ مضبوط شاعر جي شاعريءَ جي ڪٿ ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. شايد تڏهن ئي منهنجي اها ذاتي راءِ رهي آهي ته جيڪڏهن ڪو ليکڪ يا ليکڪ گهٽ ۾ گهٽ ڏهن ٻارن سالن يا انهن کان به مٿي تائين تخليقي پورهيو ڪري چڪا آهن ته پوءِ انهن کي گهرجي ته هو پنهنجي علمي ادبي ۽ تحقيقي ڪم کي گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ منظرعام تي آڻين. تڏهن ئي اسان جي نظر ۾ هُنن جو وزن صحيح طرح توربو.

اڄ جي دور ۾ احمد سولنگي پنهنجي سينئر، هڪجيڏن توڙي جونيئر شاعرن مان، خاص طور پنهنجي نظم جي گهاڙيٽي، خيال ۽ ٻوليءَ سبب هڪ جدا حيثيت حاصل ڪيل آهي. ۽ اڄ جي انهن چند شاعرن مان نمايان آهي. جيڪي سنڌي شاعريءَ جي، ميرٽ تي نمائندگي ڪن ٿا. "ڪراچي"، "راڻا سر" ۽ سندس اهڙا ٻيا نظم ٻاهرين منظرن کي شاعر جي اندر جي منظرن سان ملائي هڪ اهڙي غير روايتي شڪل ڏين ٿا، جو پڙهندڙ انهن جي سحر ۾ اچي ٿو وڃي.

اي ڪراچي!
سنڌ جي تون نڪ جي آهين ڦلي،
هُس ڪڇي جو
سينڌ جو سِندور، ماٿي جو ٽِڪو
۽ ڪرائيءَ جو ڪنگڻ!

اسان وٽ جڏهن شاهه عبداللطيف ڀٽائي، شيخ اياز، استاد بخاري، عبدالڪريم پلي، مخدوم طالب المولي، ابراهيم منشي، تاج بلوچ، امداد حسيني، شمشير الحيدري، تاجل بيوس، وفا پلي، اياز گل، ادل سومرو، راشد مورائي، تاج

جويو اڪاش انصاري، حسن درس، حليم باغي، محمد علي پناڻ رخسانه پريت ۽ اهڙا ٻيا طاقتور شاعر موجود هجن اُتي پنهنجي شاعرانه طاقت مڃرائڻ جو بس هڪ ئي طريقو آهي ته اوهان جي شاعريءَ ۾ ڪيترا نوان خيال آهن، اوهان کي فن تي ڪيتري دسترس حاصل آهي ۽ اوهان ٻوليءَ سان ڪيئن ڪيڏي پڙهندڙن جي احساسن تائين پهچو ٿا؟ احمد سولنگي انهن سڀني جي موجودگيءَ ۾ پنهنجي سڃاڻپ قائم ڪئي آهي ۽ ان ۾ رڳو سنڌس طاقتور تخليقي ۽ فني عمل جو ئي عمل دخل آهي.

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو هيءُ ڪتاب پڙهندي منهنجي ذهن ۾ هڪڙو سوال پيدا ٿيو ته "ڇا ڀٽائيءَ سائينءَ جي شاعريءَ جي هوندي شيخ اياز جي شاعري پڙهڻ جي ضرورت آهي؟" ۽ ان سان گڏ وري اهو سوال منهنجي ذهن ۾ آيو ته "ڇا شيخ اياز جي شاعريءَ جي هوندي اڄوڪي دور ۾ احمد سولنگيءَ جي شاعري پڙهڻ جي ضرورت آهي؟"

۽ پوءِ مون پاڻ ئي پاڻ کي انهن ٻنهي سوالن جو هڪ ئي جواب ڏنو ته "هر دور، هر شاعر کي الڳ بڻائي ٿو ۽ هر هڪ جي حيثيت جو تعين الڳ الڳ ٿئي ٿو. ڀٽائي شاعري جي ڪلاسيڪل قدرن سان هينئر تائين اسان جي معاشري ۽ سوچ سان relevant رهيو آهي ۽ احمد سولنگيءَ کي اڄ جي جديد سنڌي شاعريءَ جو هڪ نمائنده شاعر ته چئي سگهجي ٿو پر سندس شاعريءَ کي ڪلاسيڪل حيثيت ملندي يا نه؟ اهو ايندڙ وقت طئي ڪندو. پر اها حقيقت ضرور آهي ته هيءَ شاعرانه سگهه واري شاعري، جيڪڏهن ڪتابن مان نڪري عوام تائين پهتي ته اياز جيان جيئري رهندي ٻي صورت ۾ ڪتابن ۾ ئي موجود رهندي، جنهن کي ايندڙ نسل، جيڪو ڪيترين ئي نَئِيُن سائنسي دلچسپين ۽ مطالعي جي ذريعن سان مانوس ٿي چڪو هوندو ان جيڪڏهن هي ڪتاب کنيو ته نيڪ نه ته اهو لائبريرين جي هجوم ۾ گم يا گمنام ئي رهندو.

هي خيال لکڻ کان اڳ ۾ جڏهن مون لڇمڻ ڪومل جو هن ڪتاب تي لکيل انتهائي جامع مهاڳ پڙهيو ته مون اهو به سوچيو ته "ايتري سٺي ۽ تفصيلي مهاڳ جي هوندي، اسان کي پنهنجي هيءَ راءِ به لکڻ گهرجي يا نه؟" ۽ ان ئي ويل مون چيو ته "هر پڙهندڙ کي هر ان ڪتاب تي پنهنجي راءِ ضرور لکڻ گهرجي، جيڪو

هو پڙهي ٿو ڇاڪاڻ جو هر پڙهندڙ هڪجهڙو نٿو سوچي سگهي ۽ هر پڙهندڙ ساڳئي ڪتاب مان ساڳيو مقصد به نٿو ڪڍي سگهي. شاعريءَ جي اهائي خوبي هئڻ گهرجي ته اها هر پڙهندڙ کي نئين ۽ الڳ لڳي جيئن ٻنائي آهي“

موضوعن جي گوناگونيت رکندڙ هيءَ شاعري پڙهندي مان اهو به سوچيان ٿو ته هن شاعريءَ جو بنيادي نقطو ڪهڙو آهي؟ ڇا هيءَ رڳو سٺي شاعرائي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪي عام رواجي خيال آهن؟ يا هن شاعريءَ ۾ جيڪي ڳالهيون ڪيون ويون آهن، سي اسان جي سماج ۾ ڪنهن تبديلي آڻڻ ۾ ڪو ڪردار ادا ڪري سگهنديون؟ پڙهندڙن کي ڪا نئين سوچ ڏيئي سگهنديون؟ اُنهن کي ڪنهن اهڙي خيال جي ويجهو آڻي سگهنديون، جيڪو ڪين عام ماڻهن جي ويجهو آڻي. پر اهم سوال اهو به آهي ته ڇا اهو سڀڪجهه ڪرڻ شاعريءَ جو ڪم آهي؟ يا شاعري بس شاعري آهي جيڪا شاعر جي مختلف ڪيفيتن ۾ خيالن کي ڪاغذ تي آڻي ٿي. باقي ڪا تبديلي اچي ٿي يا نه ان سان شاعريءَ جو ڪو واسطو ناهي. ائين به آهي پر ادبي ۽ سماجي نقاد هر تخليقي عمل مان سماجي تبديليءَ يا سماج سان جڙيل هئڻ جا عنصر ڳولي ان کي ڪارگر يا بيڪار قرار ڏيندا آهن. هو سمجهن ٿا ته ڪو به تخليقي عمل جڏهن ڪنهن سماج جو اولڙو آهي ته پوءِ ان کي جيڪڏهن سماج جمود جو شڪار آهي ته ان کي ڪوڙڪو ڏيڻ ڪا زبان ڏيڻ جيڪڏهن سماج ۾ ڪو ٻج آهي ته اهو ان مان ڪڍي. جيڪڏهن پيار تي پابندي آهي ته ان جو آواز بڻجي ۽ جيڪڏهن ڪو ظلم ٿي رهيو آهي ته ان جي ڳالهه ڪري.

نيڪ آهي، نقادن جون اهي سڀئي ڳالهيون صحيح هونديون، پر شاعر جيڪڏهن ڪنهن خاص سياسي پارٽي جو شاعر ناهي ۽ هو سموري قوم جو شاعر آهي ته پوءِ ته ان جي شاعريءَ ۾ ڪٿي نه ڪٿي اهو سمورو حسن ۽ احساس اچي ويندا، جيڪي ان قوم جا هوندا آهن ۽ اهي سڀ منظر احمد سولنگيءَ جي به شاعريءَ ۾ موجود آهن. ۽ هو پاڻ پاڻ لاءِ چوي ٿو:

سڄُ صوفيءَ جي مُنڊيءَ
جنهن تي منهنجو آ جڙاءُ
آءُ ڪرڻو سانجهه جو
منهنجو پاڻيءَ تي پڙاءُ

سو احمد سولنگيءَ جي 472 صفحن واري هن ڪتاب ۾ شامل 207 نظمن، غزلن، واين، گيتن ۽ چوڏسي مان هر هڪ تي الڳ طور راءِ ڏيڻي سگهجي ٿي پر اهڙي ڪم لاءِ وقت کپي. ممڪن آهي ته ڪو ماڻهو اڳتي اچي، جيڪو هن جامع ڪتاب تي پنهنجي تفصيلي راءِ لکي.

هن ڪتاب ۾ ڏنل شاعريءَ جي ترتيب بابت منهنجي راءِ آهي ته هن جي ترتيب صنف-وار هئڻ گهرجي ها، جيئن ڀٽائي جي رسالي جا سُر آهن. نه ڪي ڇڙوڇڙ ڏيڻ گهرجي ها. مثال طور غزل ڪانپوءِ وري نظم ٿو اچي، وري غزل ٿو اچي، وري نظم ٿو اچي، وري غزل ٿو اچي، وري وائي ٿي اچي، وري نظم ٿو اچي.

انهن فني معاملن کي پاسي تي رکندي مان اهوئي چوان ٿو ته هيءَ زندگيءَ جي شاعري آهي ۽ جيئن زندگيءَ جا ڪيئي روپ آهن، ان جون ڪيئي ڪيفيتون ۽ صورتون هونديون آهن، تيئن هيءَ شاعري به پنهنجي مزاج، پنهنجي رنگ، پنهنجي ردم ۽ پنهنجي پيغام واري آهي.

—

وقت ان جو آواز سنڌي قوم جو احتجاج بڻجي وڃي ٿو عام طور تي بہ سندس وجودي بيقراريءَ مان لڳندڙ آهي تہ هو ڪنهن جنگ جي ميدان ۾ آمر سان مهاڏو اٽڪائي بيٺو آهي سندس لهجي جي ارڏائي ۾ اظهار جي بيباڪيءَ مان فيض احمد فيض حبيب جالب . ابراهيم منشي . محمد خان مجيدي . سرويچ سجاولي ۽ شيخ اياز جو تخليقي تان لوڻ ڪانداري ڇڏي ٿو . ڪيس محبت مئڪشي الڏولتا ۽ پنهنجي فڪر ۽ فن سان بي پناهہ لڳاءَ آهي هو شعري ۽ شعوري وجدان واري ڪيفيت ۾ بہ بي وزن سٽ جو مرتڪب نٿو بڻجي ۽ ڪنهن کي اهڙي رعايت ڏيڻ لاءِ تيار آهي سندس هي غزل بہ اهڙي گواهي ڏين ٿا تہ هو پنهنجي فن ۾ يڪتا آهي سندس شاعري جو پهريون مجموعو "خواب آوارا پکي" ڇپائيءَ هيٺ آهي جنهن جو مهاڳ هند سنڌ هجي با ڪمال اديب ۽ شاعر لڇمڻ ڪومل لکيو آهي ڦال سنڌ هن پنهنجي ڳپرو تخليقي جوهر کي وقتائتو سڃاڻي سگهي . بحرحال شڪ گمانن ۽ ويساهہ جي پونڊڙ پاري ۾ سنڌ کي هي تخليقي شعلو مبارڪ هجي.

## ● احمد سولنگي جي هڪ نظم ”شهسوار“ جي پرک

ڊاڪٽر فياض لطيف

شاعري خيال ۽ خواب جي هڪ حسين دنيا جو عڪس به آهي، ته اولڙو به اها هڪ اهڙي درد ڪٿا بہ آهي، جنهن کي سُٽي ۽ ساچاهي ته هر ڪوئي سگهندو آهي، پر انهيءَ کي سِرجي ۽ تخليقي فقط سرجڻهار ۽ ڪلاڪار ئي سگهندا آهن. ٿورن لفظن ۾ شاعري دل جي اک سان ڪائنات کي ڏسڻ ۽ ان جي حُسن ۽ حقيقتن کي لفظن جي ڪوزي ۾ سمائي پيش ڪرڻ جي ڪماليت جو نالو آهي ۽ اها ڪماليت فقط شاعرن ۽ تخليقڪارن کي ئي حاصل هجي ٿي. شاعر پنهنجي تخيل جي تخت ۽ خيال جي خدائيءَ جا اهڙا نرالا خالق هوندا آهن، جن لاءِ پنهنجي دل جي گُنبذ ئي ڪائنات سمان هوندي آهي.

جيڪڏهن گهرائيءَ ۽ گيرائيءَ سان ڏسبو ۽ محسوس ڪبو ته شاعري ’خود شناسي‘ کان ’جهان شناسي‘ تائين هڪ انوکو ۽ اوکو سفر به آهي، جنهن ۾ هر وک تي انيڪ حيرتون، حسرتون ۽ حُسناڪيون پلئہ پون ٿيون. حقيقت ۽ ماورائيت جون سرحدون جتي پنهنجا سنڌا وڃائي ويهن ٿيون. حقيقتَ ماورائيت ۽ ماورائيتَ حقيقت ۾ سرايت ڪري وڃي ٿي، اُتان ئي سندر ۽ سگهاري شاعريءَ جو جهان جنم وٺي ٿو. شاعر جي حقيقت، سچ پچ ته خواب جهڙي ۽ خواب حقيقت جهڙا ڏيندا آهن. شاعر ۽ آرٽسٽ زندگيءَ کي صرف ٻن اکين سان نہ ڏسندو آهي پر هن وٽ ڏسڻ لاءِ انيڪ اکيون ۽ محسوس ڪرڻ لاءِ ڪيئي حِسون هجن ٿيون، اهو ئي سبب آهي، جو شاعري جي ساڃاهہ لاءِ رڳو رواجي شعور جو هجڻ ئي ڪافي نہ آهي، پر وجداني سُرت، شعوري ۽ لاشعوري حِس جو ادراڪ دل جي سُچيتائي ۽ سجاڳي به لازمي آهي.

شاعري سدائين منهنجي اندر جو آتت ۽ احساساتي ڏِڍ رهي آهي. ان . . . دل جي آرسيءَ تان هميشہ دز بہ پئي لاٿي آهي، تہ منهنجي روح جي روڳن راحتون بہ پئي آڇيون آهن. ان منهنجي تنهائين ۾ رفيق بڻجي، منهنجي من . زخمن تي مرهم بہ رکي آهي، تہ هجومن ۾ هيڪلائي جي نعمت جو انمول

سيلابُ ذهن ۾ آ
ڪاٺي اروڪ بيهي
چاچر چلي ڇنن ۾
درياهه پيٽ پوڙي
ٿو ريٽَ، ڪيٽَ لوڙهي
مون لاءِ ڪو به ناهي ڌرتيءَ مٿي ٽِڪاڻو
ڪو ٿاڪ، ڪو به ٿاڻو......

سڄو نظم شاعراڻي ۽ تخليقي علامتن، نئين استعارن ۽ اهڃاڻن سان آراسته آهي. هر علامت پنهنجي ظاهري مفهوم ۽ معنيٰ سان گڏوگڏ هڪ گهري ۽ شاعراڻي تخيل جي معنويت ۽ اشاريت پڻ پيش ڪري ٿي. نظم جي مٿين حصي ۾ استعمال ٿيل علامتون، 'اصطبل، ڪميت گهوڙو، رڪيب، هَنو تخت، ڏُگ، پنڌ، مُنَ رَلي، چوپاڙ ڪنبڻ، اروڪ، چاچر، دريا، پيٽ، ريٽ، ڪيٽ، ٽڪاڻو، ٿاڪ ۽ ٿاڻو' ايتريون ته همگير ۽ احساساتي ڪيفيتن جو ڇِٽُ ڇٽيندڙ آهن، جو انهن جي اشاريت سان پڙهندڙ جي ذهن ۾ پڻ انيڪ احساسن جا خيالي عڪس جاڳي پون ٿا.

'اصطبل' شاعر جي پنهنجن ئي سوچن جي طلسماتي دنيا آهي، جنهن ۾ هن جي خيالن، خوابن، خوبصورتين ۽ تخيلاتي ويچار ـ ڌارائن جو حسين سنسار آباد آهي. 'ڪميت گهوڙو' شاعر جي خيالن جي اُڏام جو اهڃاڻ آهي، جنهن اڳيان سموريون سيمائون ۽ سرحدون بي معنيٰ هجن ٿيون ۽ هو ڌرتي ۽ آڪاش جي وسعتن کي اورانگهي عدم جا احوال اوري ٿو.

شاعر اهو ذات ڏٺي آهي، جيڪو پنهنجي خيال جي خدائيءَ جو پاڻ ئي خالق ۽ پاڻ ئي مالڪ ٿئي ٿو. هو پنهنجن سوچن جي سلطنت جو خود ئي شهنشاهه هوندو آهي ۽ هن وٽ پنهنجن ئي خيالن جو تخت ۽ بخت به هجي ٿو. هو پنهنجي تخيل جي اُڏام ـ ڪنولڪيءَ تي نه رڳو اُپ ۽ ڌرتيءَ جا اسرار پَسي ۽ پروڙي ٿو پر اهي پنهنجي تخليقي سگهه ۽ سُرت ذريعي سُهڻي سليقي سان ٻين تائين به پهچائي ٿو. شاعر جڏهن لفظن جي رڪيب ۾ پير وجهي، تخيل جي گهوڙي تي سوار ٿيندو آهي، تڏهن سندس من ۾ نيڻن جي مسافت به 'ڪميت گهوڙي' جيان ڪڏهن 'ڏُگ، پنڌ، مُنَ رَلي ۽ چوپاڙ' جي نموني، ته ڪڏهن وري سندس سوچن جي پرواز

’مينهن - واءُ‘ وانگر درياءَ ۾ ٻيٽ ٻوڙڻ ريت ۾ ڪيٽ لوڙهڻ ڪان پوءِ بہ بي چين ۽ بي قرار رهندي آهي. احمد سولنگي نظم جي مٺين مِٺن ۾ شاعر ۽ سرجڻهار جي اهڙين ئي ڪيفيتن جو نقش ۽ عڪس چٽيو آهي.

نظم جيئن جيئن اڳتي وڌي ٿو نوَن منظرن. نئين اميجري، نئين ڪيفيتن ۽ نئين حقيقتن جا ريشمي ٿانَ احساسن جي اکين اڳيان کُلندا وڃن ٿا. ڪنهن گهڙيءَ اميد ۽ آشا جون ريکائون آهن. جيڪي روح جا چارئي طبق روشن ۽ رنگين ڪري ڇڏن ٿيون. تہ ڪنهن ساعت اداسيءَ جا گهرا بادل آهن. جيڪي دل جي آڪاش تي ڇانئجي ساري وايومنڊل کي سُرمئي ڪري ڇڏن ٿا. سچ پچ سمورو نظم خيالن ۽ احساساتي خوبصورتين جو هڪ اهڙو حسين ڪاڪ محل آهي. جنهن کي دل بار بار ماڻڻ ۽ محسوس ڪرڻ چاهي ٿي. نظم ۾ آس ۽ نراس جا رنگ اهڙي فنائتي ۽ مصوراڻي نموني استعمال ٿيل آهن. جو انهن جو گڏيل تاثر آرٽسٽڪ ۽ من کي ليپائيندڙ محسوس ٿئي ٿو.

نظم جي ٻي حصي جي ابتدا ’مون لاءِ ڪا بہ ناهي....‘ جي لفظن سان ٿئي ٿي بظاهر سِٽ ۾ هڪ نراشا ۽ اندر جي بي اطميناني آهي. جيڪا شاعر جي داخلي روڳ ۽ قلبي بي قراريءَ کي عيان ڪري ٿي. پر حقيقت ۾ اها رڳو هڪ فرد جي بي چيني ۽ بي قراري نہ آهي. پر هڪ دؤر جي ’ساڃاهہ وند طبقي جو درد‘ آهي. جيڪو ’آهيان جي وچ ناهيان‘ جي اذيت ڀوڳيندي، پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي جلاوطنيءَ جي احساساتي ڀوڳنا ڀوڳي رهيو آهي.

نظم جي هن حصي ۾ ’هڪ دؤر جي دانهن‘ آهي. چالاڪ ۽ جديد مشيني معاشري ۾ موجود ’هڪ معصوم ماڻهوءَ جي دراوڙ دل جو الميو‘ آهي. اهو ماڻهو جيڪو امن پسند. انسان دوست. قديم تهذيبي قدرن جو وارث. خوشحال ڌرتي ۽ خوبصورت زندگي جا خواب ڏسندڙ ڪلفت ۽ ڪوڙ جو انڪاري آهي.

حقيقت ۾ شاعري راحت ۽ آنند نہ آڇيندي آهي. انگي حساب وانگر ’ٻہ ۽ ٻہ چار‘ جو ليکو چوکو نہ سمجهائيندي آهي. پر شعور ۽ آگهيءَ جي اهڙي چڻنگ عطا ڪندي آهي. جيڪا عقل. فهم ۽ احساس ۾ بي چيني ۽ بي قراريءَ جي باهہ بيدار ڪري ڇڏيندي آهي. شاعري ڏيٺ ڪان اڻ ڏيٺ ۽ اڻ ڏيٺ ڪان بہ اڻ ڏيٺ جو سفر آهي. جنهن ۾ پاڻ ڪان پاڻ ۽ پاڻ ڪان پوري انسان ذات ۽ فطرت جي

مسافت شامل هجي ٿي نا اميديءَ مان اميد جا ڏيئا نه فقط شاعر ئي روشن ڪري سگهندا آهن ۽ هن نظم ۾ به شاعر ٻن سٽن 'زريفت جي اڱيان ڪئين پنهنجي ڪتي لڄايان' ۽ 'خوشحال زندگيءَ جي سرحد ڏسڻ ٿو چاهيان' جي اظهار سان پنهنجي داخلي ۽ ڪيفيتي نراشا تي قابو پائي، نظم ۾ فڪري آشا ۽ اميد جي هڪ انوکي احساس کي نه فقط اُجاگر ڪيو آهي، پر لطيف جي 'سون تي ميڙ نه متائڻ' ۽ 'سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار' واري پيغام جي پاسداري ڪندي، سنڌ کي ساڳي وچن جي روح ۽ رنگ ۾ رچڻ جي تلقين پڻ ڪئي آهي.

مون لاءِ ڪا به ناهي
پنهنجي ٻڪي جي ڪاني
ڪاپائتيءَ نه توري مون لاءِ ڪا به تاجي
اهڙي ته ڪا به ناهي
مون لاءِ پوئي مالها
جُوڙي ڳچيءَ جي ڳاني
اهڙي ته ڪا به ناهي
آڌيءَ جو چنڊ ڳوهي
ڪنهن ٻي ٻڪئي اکهي لئه
ويلي ڪا هڪڙي ماني
اهڙي ته ڪا به ناهي
پوشاڪ پاڻ لاهي، ڪولي ڏئي جواني
مون لاءِ ڪو به ناهي
ڪو آسمانُ اجرو
ڌرتيءَ جي ڪُنب ميري
ڪو روهُ ڏوڙ ڏوٽيل
گدلو ڪو گس گونلن ڪا اڃ رُڃ اندر
مون لاءِ ڪو به ناهي صحرا نه ڪو سمندر
پنهنجي زمين تي ئي
جڻ اوپرو مان آهيان.

ڊاري زبان ۾ ڪئين ڪو لوڪ گيت ڳايان
تهذيب جي حوالي ڪيڏو قديم آهيان
پنهنجي گهٽي ٿو ڪوٺيان
پاتال ٿو تلاشيان
وارث زمين جو مان ڇڻ آخري ڪو آهيان
زربفت جي اڳيان ڪئين پنهنجي ڪٽي لڄايان
هر ديس روبرو ٿو پنهنجو ڪو درد ڊوٺان
۽ ڪائنات آڏو
پنهنجي امن پري ڪا دنيا رکڻ ٿو چاهيان
خوشحال زندگيءَ جي
سرحد ڏسڻ ٿو چاهيان........

نظم ۾ هڪ طرف تشبيهن، استعارن ۽ تجنيس حرفيءَ جو سُهڻو ۽ سيبائتو استعمال ڏيان ڇڪائيندڙ آهي، ته ٻي طرف انيڪ تخليقي ترڪيبن: 'ٻڇيءَ جي ڳاني، آڏيءَ جو چنڊ، آسمان اُجرو، ڌرتيءَ جي ڪُنڊ ميري، روهه ڌوڙ ڌوٽيل، گس ـ گوندر، اُڃ ـ رُڃ اندر، چنڊ ڳوهي ماني پچائڻ، لباس لاهي جواني ڏيڻ ۽ درد ـ ڌوئڻ' جو ٽُڙ واهپو پڻ نظم کي نرالي دلڪشي ۽ حُسناڪي بخشي ٿو.

شاعريءَ ۾ ردم، خيال ۽ احساساتي اُڇل جي ٻي سختگيءَ سان گڏوگڏ تخيل ۽ ٽُڙ ٻوليءَ جي استعمال جي به وڏي وقعت هوندي آهي. ردم شاعريءَ ۾ ڪن ـ رس پيدا ڪندو آهي. خيال ان کي معنويت ڏيندو آهي. تخيل ان ۾ تازگي ۽ جمالياتي حُسناڪي اُڀاريندو آهي. جڏهن ته ٻولي انهن سمورن عنصرن سان مِلي، روان ۽ روح کي ڇُهندڙ شعر کي جنم ڏيندي آهي. شاعريءَ ۾ ٻوليءَ کان سواءِ مذڪوره عنصرن جي پڻ پنهنجي انفرادي اهميت آهي. انهن مان ڪنهن هڪ جي ڪمي شعر جي روانيءَ ۽ رنگينيءَ کي ڇيهو رَسائي سگهي ٿي، پر ٻوليءَ کان سواءِ شعر ٻي روح آهي. ڊڪشن ۽ ٻوليءَ جي حوالي سان پڻ احمد جو هي نظم نئين تجربي جو دَس ڏيندڙ ۽ تخليقي نوع جو آهي.

جديد سنڌي شاعريءَ جو اهو وڏو ڪمال آهي ته اها پاڻ سان نه صرف هڪ نئون تخليقي ۽ خاص تعميري ۽ تجرباتي دؤر ساڻ کڻي آئي آهي پر ان

شاعرن جي هڪ شاندار کيپ پڻ پيدا ڪئي آهي، جن پنهنجي فن ۽ فڪر جو منفرد نموني اظهار ڪيو آهي. نہ تہ ان کان اڳ عروضي دؤر ۾ سيئي فارسيءَ جي مرض ۾ مبتلا سنڌي شاعر، ساڳو رينگٽ رڙي ۽ 'ڪان ڪان' واري بولي ٻولي رهيا هئا. جڏهن تہ جديد شاعرن نہ رڳو شاعريءَ جي اظهار ۽ احساس لاءِ ابلاغ جا نوان طريقا تلاش ڪري ورتا آهن، پر انهن نئين لفت، اظهار ۽ بيان جي بلاغت جا نت نوان جهان دريافت ڪيا آهن. جديد شاعر هاڻي طوطي واري ٻولي نہ ٻولي ٿو نہ ئي لکي ٿو. هن جي زبان هاڻي هن جي روح جي ترجمان آهي. هو ٻوليءَ ۾ پنهنجا خيال ۽ احساس ٽُنبي ۽ ٽاڪي نہ ٿو پر ٻولي هن جي خارجي ۽ داخلي ڪيفيتي رنگن کي پاڻ ۾ سمائي اهڙي سياويڪ انداز ۾ پيش ڪري ٿي، جو هر لفظ جيئري جاڳندي تصوير محسوس ٿئي ٿو.

احمد سولنگي پڻ ان جديد شاعرائي ٿهيءَ جو اهم شاعر آهي، جنهن وٽ پنهنجي تخليقي سگهہ ۽ فڪري سُچيتائي آهي. هن کي پنهنجي اظهار لاءِ پنهنجي ٻولي، پنهنجو بڪشن آهي، پنهنجون علامتون آهن، پنهنجا خيال ۽ پنهنجون تخيلي ۽ تخليقي خوبصورتيون آهن. هن وٽ خيال کي خواب ۽ خواب کي خيال ڪري پيش ڪرڻ جو نہ رڳو نرالو ڏانءُ آهي، پر اهڙي ذات بہ آهي، جنهن سان هو حقيقت کي شاعرائي طلسم ۽ شاعرائي طلسم کي حقيقت ۾ تبديل ڪري ٿو. هن جا نظم ننڊ ۾ پَسيل خواب ۽ خوبصورتيون نہ ٿا پَسائن، پر جاڳ ۾ ڏٺل حقيقتون ۽ حقيقتن جهڙا خواب ۽ انهن جون شاعرائيون تعبيرون سُڻائن ٿا.

سندس نظم جون آخري سِٽون ان احساس جون عيني گواهہ آهن، تہ شاعر ۽ تخليقڪار پريل بادلن وانگر هوندا آهن، جيڪي نہ صرف ماڻهن جي دلين جي ويران ۽ ٻُٺ زمين تي بَرسي انهن جي سينن کي سيراب ڪرڻ جي سگهہ رکندا آهن، پر سندن ڏنڏلايل دماغن کي شعور جي سوجهري سان منور ڪري، انهن جي سُرت ۽ ساڃاهہ کي سرسبز ڪري ڇڏڻ جو ساهس پڻ رکندا آهن.

اُڀ ۾ ڪنبن ٿيون وِڄڙيون
ڪارو ڪڪر تو ڊوڙي
۽ لانگ هيٺ آهي هڪڙو ڪميت گهوڙو
پر زرهہ پوش سينو، هٿ ۾ ترارَ ناهي

خنجر جي ڌارَ ناهي
ڪاٺي ڪٽارَ ناهي
جڳ جو سُڪارُ آهيان
مان پيارُ، پيارُ آهيان
۽ بي قرارُ آهيان
گهايلُ گهڙيءَ گهڙيءَ جو ڪو شهسوارُ آهيان.

احمد جي نظم جو ڪلائمڪس ۽ ان جو احساساتي تاثر اهڙو نرمل ۽ نيارو آهي جو ائين محسوس ٿئي ٿو تہ جڻ دل جي ويران رڻ تي پانورا بادل برسي رهيا آهن ۽ خيالن جي بارش سان دل جي نرتڪي محوَ رقص آهي. نظم جو اختتام اهڙي فنڪاراڻي انداز ۾ ٿئي ٿو جو اهو امن ۽ پيار جي پڪار ڪان پوءِ 'جَڳ جي سُڪار' جي دعا سان پنهنجي پُڄاڻيءَ تي پهچي ٿو.'اُڀ ۾ روِهن جا چمڪاٽ' ۽ 'ڪاري ڪڪر جون بوڙون' وسڪار جي علامت آهن. جيئن ڏُڪار ڪان پوءِ سُڪار جو سمو سُک ۽ سندرتا جون مُرڪ ـ مالهائون ڪٺي ايندو آهي. ائين نظم جي پُڄاڻي ۾ موجود 'پيار، اَمن ۽ اَهنسا' جو پيغام، ڏتيل ۽ ڏُهاڳيل دلين تي ٿڌي چنبڙي جيئن محسوس ٿئي ٿو. توڙي جو پوري نظم ۾ شاعر جي بي قرار روح ۽ اندر جي آترويلا جو عڪس بہ عيان آهي. سماج طرفان مليل اهنجن ۽ اذيتن جو درد بہ سندس اظهار ۾ چِٽو نظر اچي ٿو پر ان جي باوجود هن جي 'انسانيت سان محبت، اُميد پرستي ۽ اَمن پسندي' مثالي ۽ آدرشي محسوس ٿئي ٿي.

هن جو شاعراڻو سينو زره پوش آهي، هن جي هٿ ۾ نہ ڪا ترار، نہ ڪو خنجر، نہ ڪاٺي ڪٽار آهي پر سندس هٿ ۾ هڪ قلم ۽ سيني ۾ ڌڙڪندڙ هڪ حساس دل آهي. جيڪا هر گهاءُ ڪاٺي بہ موٽ ۾ جڳ کي 'پيار، آجپي ۽ آزاديءَ' جا سندر احساس آڇي ٿي. نظم ۾ داخلي ڪيفيتن جي اثرائتي اُپٽار، فطرت جي لقائن جي موهيندڙ منظر ڪشي ۽ تاريخ جي گهري شعور، ادراڪ ۽ احساس سان گڏوگڏ انوکي فڪري تاثريت ۽ فني تازگي ملي ٿي. جيڪا پڙهندڙ توڙي ٻڌندڙ کي تمام گهڻو موهي ۽ متاثر ڪري ٿي. سچ تہ هي نظم، هڪ شاعر جي اندر جي ڪيفيتي آتم ڪٿا آهي ۽ اهو پنهنجي مجموعي اظهار ۽ احساس ۾ سوورن غير معمولي آرٽسٽن ۽ سرجڻهارن جي تخليقي جولان جو عڪس ۽ آئينو پيش ڪري ٿو.

## ● چانڊاڻ ۾ چاهت کي ا مات ڪڏهن آئي

مولا بخش پرڙو

سوريج ريتي رت جو
جنهن مان ڦٽي ٿو ڪٽڪ جو ڪو سنگ سونو
ٿو پيري جڻ پيٽ جنهن مان ڪو بکيو
جنهن چرچ ۾ گهاريو گهڻو
تنهن پوپ کي ڪهڙي خبر؟
اهڙي مٽي آ هر ڪليسا کان مٿي.

خيالن جي گهرائي، تشبيهن جي نواڻ، اسلوب نرالو صرف نئي صرف پنهنجي مقصديت ۾ چٽائي، ڌرتيءَ سان والهانه ڪمٽمينٽ، محبت، عالمگيريت، ڌرتيءَ تي روز پلجندڙ ايذائن ۽ انيائن تي گهري نظر ۽ انهن جو درد دل سان محسوس ڪرڻ، ماٺهو ۽ ماڻهپي جي سيني سدا ملوڪ خوبين، احساس، امنگن، حوصلن، ارادن ۽ انهن جي پگهر جي خوشبوءِ، انهن جي پيار جي پورهئي تي سدا پنهنجي شاعريءَ جون حسين تشبيهون گهور ڪندڙ احمد رڳو داخلي درد ۽ پيڙا جي پوڳنائن کي شاعريءَ جو موضوع نه بنايو آهي پر مٿي بيان ڪيل خارجي پر حقيقي وارتائن کي به هم آهنگ ڪري انهن کي اهڙي ته فني پيرائي ۾ بيان ڪيو آهي جو اهو شاعراڻو اسلوب خوبصورت ته لڳي ئي ٿو پر ان ۾ جا عالمگيريت اجاگر ٿي بيهي ٿي ان جو ڪو مثال ئي ڪونهي.

پورهيت تي ۽ ان جي پورهئي تي تمام گهڻي ۽ خوبصورت شاعري سرجندي رهي آهي ۽ سرججي پئي. پر مون جيئن چيو ته احمد جي اسلوب ۽ انداز بيان ان کي هڪ نئون جنم ڏنو آهي جيڪو اسان جي جديد شاعريءَ جو بڻ بنياد ته آهي ئي پر ان ۾ وسعت جي لحاظ کان هڪ نواڻ به آهي. عبادت خانن جي مٽيءَ کان اها مٽي مٿانهين آهي. جنهن ۾ پورهيت جو رهڻو رت، پگهر جي صورت ۾ سونا سنگ ٿو اپائي. جنهن مان بکيو پنهنجو پيٽ ٿو پيري، ڌرتي ماءُ يا مٽي ئي سڀ ڪجهه آهي پر ان مٽيءَ مان سون اپائيندڙ پالڻهار پورهيت جو وجود ڪيڏو نه اهم ۽ عزت جي لائق آهي اهو جاڻڻ ڪيڏو نه سياويڪ آهي.

سنڌس شاعريءَ تي لڇمڻ ڪومل جو شاهڪار مهاڳ جيڪو مون سچ ۾ ڪئي دفعا پڙهيو ۽ ان جي وسيلي آءٌ احمد جي شاعريءَ جي اڏام کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. سمورو ڪتاب ۽ ان ۾ سمايل سمورا شعر ۽ لفظن جون معنائون جن مان مونکي موتئي جي مهڪار اچي ٿي جڻ تہ منهنجي سمورن حواسن تي ڇانئجي وئي. آءٌ تہ چا پر هر حساس دل ۽ شاعريءَ سان محبت ڪندڙ هر مون جهڙو ماڻهو انهيءَ ڪيفيت ۽ سحر ۾ گم ٿي سگهي ٿو. پوءِ ڀلا انهيءَ لمحي ڪا ڪمي يا ڪڙاڻ محسوس ٿي سگهندي؟ منهنجي سمجهہ مطابق تہ اهو ناممڪن آهي تہ اهڙي ڪيفيت طاري ٿيڻ کان پوءِ ڪا تنقيدي ڳالهہ يا اهڙو ڪو خيال پيش ڪري سگهجي؟ بس اهڙي ڪيفيت ۾ احمد جي حڪم جي پوئواري تہ سائين مولا بخش منهنجي ڪتاب تي توهان ضرور لکجو!

شاعري بلڪ خوبصورت، جاندار، ڌرتيءَ مان ڦٽي نڪتل ٻوليءَ جي خوبصورت تشبيهن، خيالات جي جدت ۽ نفاست، ماڻهن ۽ ماڻهپي جي ميٺاج سان ڀرپور شاعري منهنجي ڪمزوري رهي آهي. ان تي تنقيد نگار واري نظر سان نہ پر ان سان پيار ڪرڻ واري هڪ فرد جي حيثيت سان مان هي بہ سٽون لکڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو.

ماڻهو جڏهن ڪنهن شيءِ، منظر يا ائين ڪٿي چئجي تہ ڪنهن فنڪار جي فن سان محبت ڪندو آهي تڏهن هو ائين چاهيندو آهي يا سنڌس اها منشا هوندي آهي تہ ان تي ڪو مير جو نڪو بہ نہ هجي. سنڌس اندر جي سونهن ۽ احساسن جي سموري دنيا ان ۾ سمايل هجي تہ ڪيڏو نہ سٺو ٿي پئي. هيءَ پيار ڪرڻ واري انسان جي اندروني ڪيفيت هوندي آهي. ان جي اظهار ڪرڻ تي بندش تہ ڪانهي پر ضروري ڪونهي تہ ٻيو ڪو انهن سيني خواهشن کي قبول ڪري. انهيءَ پس منظر ۾ احمد جي شاعريءَ تي پنهنجا ويچار ونڊڻ ويٺو آهيان.

مون ڪتاب جي مهاڳ جي باري ۾ مٿي ڳالهہ ڪئي هڪ زبردست تنقيد نگار جي قلم مان سرجيل اهڙو جاندار، ٽن گهڻ طرفو وڏي ڳالهہ تہ شاعريءَ جي فن تي اهڙو مهاڳ اڳ مون نہ پڙهيو آهي.

اياز جي شاعريءَ تي سائين محمد ابراهيم جويي جا لکيل علمي مهاڳ بہ پڙهيا آهن جن ۾ تمام زبردست قسم جي ڇاڻ ۽ اياز شناسيءَ جو درس سمايل

اهي پر مون کي ائين محسوس ٿيندو اهي ته اهي مهاڳ هڪ تنقيد نگار کان وڌيڪ اياز سان اسان سيني کان وڌيڪ پيار ڪندڙ ماڻهوجا لکيل آهن. پر هن مهاڳ ۾ ائين نه آهي جديد شاعريءَ جي اپياس جو شاهڪار نمونو آهي .هي مهاڳ! مان ائين چوڻ چاهيان ٿو ته هي مهاڳ فڪري،نظرياتي. جمالياتي احساساتي،ڌرتي سان ڪميٽمنٽ، ٻوليءَ جي بقا ۽ بچاءَ انسان جي اندروني،ٽوڙي بيروني احساسن تي لکيل شاعريءَ جو صاف ۽ شفاف آئينوآهي. ان کان پوءِ احمد جي شاعريءَ تي ٻي ڪا تنقيدي نگاهه سان لکڻي به ايندي ۽ اچڻ به کپي پر مان سمجهان ٿو ته احمد جي شاعريءَ تي ڪو لکندڙ هن مهاڳ کي ئي بنياد بنائي لکندو هي منهنجو ذاتي خيال آهي ڪا فتوي ناهي.

احمد جي شاعري موسيقيت سان ڀرپور شاعري آهي. سندس شاعريءَ ۾ مونکي پڙهڻ سان ائين محسوس ٿيندو آهي ته جڻ موهن جي دڙي جي ناچڻي پنهنجي سموري جوين تان ڇير ٻڌي ٻلهار ٿيڻ لاءِ نچي رهي آهي. شاعري هوئڻ به ڳائي سگهڻ واري صنف ته آهي ئي. ان کان سواءِ ٻلا ڪا شاعري به هوندي ڇا؟

آزاد نظم جا اهي شاعر مون کي معاف ڪن جن جي آزاد نظم ۾ ڳائڻ جي خوبي ناهي. احمد بنيادي طور چون ٿا ته نظم جو شاعر آهي. سندس هن ڪتاب ۾ آيل سمورا نظم ڪمال فنڪارانه انداز ۾ سرجيل آهن. انهن ۾ موسيقيت ته آهي پر نظم ۾ منظر نگاريءَ جو اعليٰ نمونو احمد جي شاعريءَ ۾ تمام سهڻي ۽ فني انداز ۾ ملي ٿو. سندس هن ڪتاب ۾ آيل نظم "راڻاسر" ڇا ته مٿين خوبين جي ملهائن سان سجايل آهي.

رات راڻاسر مٿان ڪو چنڊ جو شيشو ڀڳو
خواب مان ڇرڪي جڏهن هو جر کي جاڳي مون ڏٺو
منهنجي دل جي بيقراريءَ پٽ کي ڀاڪر پريو
دردالغوزي جيان جڻ روح ۾ وڄندو رهيو
مون پڪاريو تون ڪٿي آهين ؟
تو چيو "ڇيلهار ۾"
هن سمي جي ساهه ۾ ۽ سار ۾.

هن نظم جا سمورا بند لاجواب آهن. احمد مختلف منظرن احساسن، امنگن، دل جي ويرانين، اکين جي خوابن، موسيقيءَ جي مڌر سُرن محبوب جي

تانگھہ سچي ٽر جي خوبصورت منظرن کي جنھن ڪمال فنڪاريءَ سان چٽيو آهي انھن جي پڙهڻ کان پوءِ ائين محسوس ٿو ٿئي تہ اسان جيترا پيرا ٽر گھمڻ ويا آهيون ۽ چيلهار بہ ويا آهيون پر اسان تہ ڪجھہ بہ نہ ڏٺو آهي. هن نظم کي قطب تاري جيان سونهون بنائي ٽر کي ڏسڻ لاءِ الائي ڪيتريون تہ راهون نروار ٿي پون ٿيون. جن جي پيچرن تي هلي هن شاعراڻي ديس جي هن خطي، پنھنجن حسين حسناڪين سان نغمگين، سرن جي الاپن سان منھنجي اکين کي پنھنجي سحر ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي آءُ تہ هاڻي انهيءَ سحر مان نڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪيان تہ بہ نڪري نٿو سگھان.

شاعري ڇا آهي؟ شاعري وجدان آهي. اها شاعر سان خيالن جي وجدان ۾ جڏهن مڪاميل ٿئي ٿي تڏهن شاعريءَ جي آبشارن مان اهڙا موتي ٿي ملندا آهن، جهڙا اسان جي هن خوبصورت شاعر احمد کي مليا آهن. منھنجو مطلب وجدان مان اهو نہ ورتو وڃي تہ ڪو شاعر جي ان ۾ پنھنجي ڪا ڪوشش يا فهم ناهي پر شاعريءَ سان عشق جي حد تائين پيار ڪندڙ ۽ ڌرتيءَ جي سموري ڌوڙ کي سينڌ جو سندور سمجھندڙ ۽ ان جي ذري ذري سان جنون جي حد تائين محبت ڪندڙ شاعر جڏهن اظهار ڪندو آهي تڏهن ان تي اهڙو وجد طاري ٿي ويندو آهي.

احمد، جنھن پنھنجي هن ننڍي عمر ۾ جيڪو تمام گھڻو مطالعو ڪيو آهي ان جي بدولت هو ذهني طور تمام گھڻو شاهوڪار ٿو لڳي. اهڙي ذهن جي شاهوڪاريءَ جو نمونو سندس هن ڪتاب ۾ آيل خيالن،ڌرتيءَ جي سونهن سوڀيا، پيار جي اظهار جي سگھاري ڀڪشن. احساسن جي باريڪيءَ ۽ انھن جي بيان ڪرڻ لاءِ جن تشبيهن جو استعمال احمد ڪيو آهي ان جي شاهدي هن ڪتاب جي صفحن تي جا بجا موجود آهي. شاعر قوم جو فڪري رهبر بہ هوندو آهي. بظاهر احمد جي شاعريءَ ۾ ڪنھن خاص فڪر يا نظرئي جي عام رواجي اهڃاڻي تشبيهہ نہ ملندي پر ڌرتيءَ تي سرجندڙ هر لڪاءَ ۽ ان تي موجود سموري سونهن ۽ انسانن جي اکين ۾ سمايل سمورن خوبصورت خوابن جي تعبير ۽ محبت جي جذبي کي جنھن والهانہ انداز ۾ هُن شاعريءَ جي ذريعي عام ڪيو آهي اها اهڙي فڪري رهنمائي آهي ۽ اهو اهڙو گس آهي جنھن تي زمان ۽ مڪان جي پابندي هرگز نٿي پئجي سگھي.

دائمي فڪري رهبريءَ جو دائرو هوندو ٿي اهڙو اهي جيڪو صرف ٿوري وقت لاءِ يا خاص ماڻهن جي لاءِ نہ هوندو آهي پر اهو دائمي هوندو آهي ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ سان موهہ جنهن کي محبت ٿو چئجي ۽ ان محبوب جي چپن تي مرڪ ڏسڻ جي آس عاشق جي دل ۾ هر وقت موجود هوندي آهي ان لاءِ هو چاهيندو آهي تہ زماني جو ڪو بہ غم و الم سندس محبوب جي پاڇي کان بہ پري هجي ان لاءِ هو هر وقت ذهني طور سرگرم رهندو آهي. سندس سمورو ڌيان ان معاشري يا سماج ڏانهن هوندو آهي يا سولي نموني ائين چئجي تہ ڳالهہ جي چٽائي تي پوندي تہ سندس محبوب جتي بہ جنهن جاءِ بہ رهي ٿو ان وستي يا واهڻ تي سدائين سک ۽ سڪار هجي.

شاعر وٽ زندگيءَ جو نظريو هوندو آهي زندگي جيڪا هڪ خوبصورت خواب آهي. زندگي مرڪ ۽ ماڻو بہ آهي زندگي معصوم ٻار جي چپن تي آيل مٺي مرڪ بہ آهي زندگي تہ محبوب جي البيلائي بہ آهي زندگي جدوجهد ۽ جستجو جو نالو بہ آهي زندگي تہ الغوزي جي ٽن جو نالو بہ آهي تہ ڪنهن سريلي راڳ جو آلاپ بہ آهي زندگي ساڻ سونهن ويس وڳا، ڳهہ ڳٺا، لاٽا، جمالا بہ تہ زندگي آهي. سموري فطرت جي سونهن ان ۾ موجود سڀ دلڪش لڪاءَ بہ تہ زندگي آهي زندگي مينهن وسندي اڃايل ڌرتيءَ مان ايندڙ خوشبوءِ جو نالو بہ آهي زندگي ڇا نہ آهي. جي زندگي اها ناهي تہ پوءِ تہ ڪجهہ بہ ناهي ان کان وڌو فلسفو پلا پيو ڪهڙو يا ان کان سواءِ بہ ڪو نظريو آهي؟

پلا اهڙو نظريو بہ ڪٿي آهي ڇا جنهن ۾ زندگي نہ هجي؟ احمد زندگيءَ جي هن خوبصورت نظرئي سان واڳيل آهي سندس سموري شاعريءَ ۾ زندگيءَ کي ماڻڻ ۽ ان سان چاهہ جا چٽ هر سُو پکڙيل آهن. لفظن ۽ منظرن جا اهڙا تہ موتي پويل آهن جو ان مان سموري ڪائنات جي سونهن ۽ ان مان والهانہ محبت ڪندڙ جذبن جا سرچشما ٿا ڦٽن. سندس هي نظم جو بند تہ پڙهي ڏسو:

پاند منهنجي کي رنگيني ڇا گرين پيرين ڏني
ٿوهرن جي ڏارين تي چيٽ بر کا چاندني.
ڪونپڙن جون تاريون ٿيون دل تي ڇاڻن شاعري
ٽُنڊلن ڪن درختن ڏي جڻ سڏي پئي زندگي

مون پڇاڪاريو "تون ڪٿي آن؟"
تو چيو "چيلهار ۾"
منظرن جي موهه ۾ مهڪار ۾.

احمد جي هن نظم جي هر بند ۾ محبوب منظرڪشي ٿيل آهي ۽ جڏهن هي نظم سنڌ جي سدا ملوڪ سريلي فنڪار استاد شفيع محمد فقير جن الاپڻ ۾ ڳايو ان تہ وري هن نظم کي ٿي چڙھ تہ نئون جنم ڏئي ڇڏيو. زبردست ڪمپوزنگ ۽ ٽر جي پس منظرن کي وري درد، محبت، وڇوڙي، راڳ ۽ ويراڳ جا دل کي جهوريندڙ ورلاپ سچ تہ زندگيءَ جي حقيقت کي چڙھ تہ رنگين معنيٰ ڏئي ڇڏي آهي. سنڌس سمورا نظم آلاپي سگهجن ٿا. انهن ۾ ردم آ، موسيقيت آ، انهن ۾ بہ نظم آ، جونہ ڪٿي سنڌس آزاد نظم ٿي هجن.

زندگيءَ جي عنوان سان هي غزل جيڪو تمام ننڍي فارم ۾ لکيو ويو آ ان ۾ ڇا تہ گهرائي آهي وسيع معنيٰ سان هي غزل مٿي بيان ڪيل منهنجي ڪٿا کي ڪيترو ويجهو آهي اهو بہ پڙهڻ وٽان آهي. جنهن ۾ زندگي، عاشقي، راڳڻي پورهيت جي هٿن جون لڦون ۽ تمام گهڻين نرالين تشبيهن سان ڀرپور سنڌس هي غزل جنهن جا ڪجهہ بند لکڻ ضروري ٿو سمجهان آءٌ سمجهان ٿو تہ احمد جي ڪتاب تي منهنجي لکڻ جو مقصد ئي هي آهي تہ آءٌ پاڻ جهڙن پڙهندڙن کي احمد جي شاعريءَ جي گهراين تائين وٺي وڃڻ چاهيان ٿو.

زندگي محترم آهي
عاشقي محترم آهي،
هُن جي ڪمبي ڪليسا کان
هيءَ گهٽي محترم آهي،
دل جي تارن کي ڇيڙي ٿي،
راڳڻي محترم آهي.
هن لڦن کي وڪيو ناهي
آدمي محترم آهي.
ماڻ سان جا، ملي مانئي
سا رُکي محترم آهي

هن چنڊ چڪوري جو ڪو انت نہ اڇلو ا،
چاندباڻ ۽ چاهت ڪي، آ مات ڪڏهن آئي.

مون جڏهن مٿي لکيو آهي تہ احمد وٽ زندگيءَ جوئي نظريو آهي هو زندگيءَ جوئي شاعر آهي تہ ڪو وڏاءُ نہ ڪيو آهي، سندس غزل جا مٿيان شعر ان جي شاهدي ڏين ٿا. احمد وٽ محبت ئي مکيہ موضوع آهي،سڄي شاعريءَ ۾ محبوب جي حضور ۾ چوڻ تہ عقيدت جا گل نڇاور ڪيل آهن.

ديوانگيءَ جي حد تائين محبت جي موضوع کي هن شاعريءَ جو بنياد بنايو آهي، سندس شاعريءَ جي سڄي مسافت محبت کان شروع ٿئي ٿي ۽ محبت تي ئي ختم ٿئي ٿي، محبت ماڻڻ جي آرزو سُندر جذبو آهي، انهيءَ گهڙيءَ جو حسن بہ نرالو آهي، شاعرن پنهنجي محبوب جي انگ انگ کي اکين جا ۽ چپن جا سجدا ڪيا آهن، انهن لمحن جي حسن کي شاعريءَ جي وسيلي واهہ جو بيان بہ ڪيو آهي

حسن جي تعريف جا زاويا بہ هر ڪنهن وٽ پنهنجا رهيا آهن، اهو سچ آهي تہ انهن ۾ ڪوملتا، تجسس، نرملتا، بيساختگي، جنون، جوش، پاڻ ارپڻ جا نرالا رنگ روپ بيان ٿيل آهن، پر انهن جي هڪ حد بہ رهي آهي ۽ رهڻ بہ گهرجي، محبوب جي هر ادا جو ذڪر ۽ ان جي انگ انگ مان جا جوت جلي ٿي ان کي بيان ڪرڻ شاعريءَ جي محبوبيت جي گهرج بہ آهن پر پنهنجي محبوب جا لٽا لهرائڻ وارا جذباتي منظر بيان ڪرڻ جي سگهہ شايد اسانجن بين شاعرن کان احمد ۾ وڌيڪ آهي، تڏهن تہ هو پنهنجي محبوب جي پاڻ ارپڻ واري جذباتي لمحي ۾ ان جا ڪپڙا بہ لاهرائي ٿو وجهرائي، جا پاڻ ارپڻ جو حسين لمحو ڪافي ناهي جو ايجان بہ اِڪتي رڳو شاعريءَ جي بند جي پورائيءَ لاءِ لباس بہ لهي ٿو وڃي؟

احمد جي سموري شاعري نفيس جذبن ۽ پيار جي لازوال اظهار جي پڙلاڻن، فطرت جي حسين منظرن جي دل فريب منظر نگاريءَ سموري ڏيهہ جي پيڙائن ۽ پيار جي لازوال لفظن جي روپ ۾ مصوري آهي پر انهن منظرن کي

حقيقي رنگن جي ڪئنواس ۾ جڪڙي انهن جا جيڪي خوبصورت عڪس وري خدابخش ابڙي شاعراڻہ انداز ۾ پيش ڪيا آهن، انهن تہ ڪتاب کي هيرن جي ڪاڻ بڻائي ڇڏيو آهي. هڪ طرف لفظن جي اندر مصوري وري رنگن جي شاعري جا تہ ڪلائيمڪس آهي. احمد توکي مبارڪ هجي! تنهنجي هن پهرين تخليق جي سدا ملوڪ جنم تي.

چارن ۾ پنهنجي چاھ جون چميون رکي ڇڏيان
تنهنجي اڱڻ ۾ آس جون اکيون رکي ڇڏيان

(ڪتاب خواب آوارا پکيءَ جو اپياس)

-

## ● نئين غزل جو سرجڻهار: احمد سولنگي

اختر درگاهي

سنڌي شاعريءَ ۾ "غزل" جا اُهڃاڻ سڀ کان پهريان سنڌ جي عظيم صوفي شاعر سچل سرمست جي سنڌي ڪافين ۾ ملن ٿا:

آهي انهن اکين ڪي خاصو خُمارُ تنهنجو
ويٺو وڃي مان آهيان ڪامل قرار تنهنجو.
(سچل)

سچل سائينءَ کان پوءِ سندس ئي سلسلي جي هڪ ٻئي اهم ۽ عظيم شاعر بيدل سائينءَ جي صوفياڻين ڪافين ۾ سنڌي غزل جي خوشبو محسوس ٿئي ٿي:

سمجهه رک سالڪ سچا ڏس هوبهو محبوب آ.
ٿر وجهه الله ڪنين سڻ، سو بہ سو محبوب آ.

ڪري سينگار صورت جو اچي سڀ ۾ سمايا سي.
صفت ۾ پانهنجي رائي سوين نالا سڏايا سي.
(بيدل)

سچل سائين ۽ بيدل سائين جي سنڌي ڪافين ۾ غزل جي صنف جو اهو اُهڃاڻ عڪس ۽ رنگ انهيءَ ڪري بہ آهي جو هُو ٻئي فارسي ٻوليءَ ۾ غزل جا صاحب ديوان شاعر هئا ۽ هنن پنهنجي پيشرو فارسيءَ جي باڪمال شاعرن عطار، رومي حافظ ۽ بيدل دهلويءَ جي غزليا ڪلام جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪيو هو.

سچل ۽ بيدل کان پوءِ "سنڌي غزل" باقاعده صنف طور لکيو ويو جنهن جو پهريون صاحب ديوان شاعر خليفو گل هو جنهن چيو تہ:

آئي رت ساوڻ سنديءِ مينهن وسي ڪيڙا ملهار.
ڍٽ وسيا ۽ پٽ وسيا، سرها ٿيا سانگي سنگهار.
(خليفو گل)

خليفي گل جي ئي روايت ۾ سنڌي غزل لکندڙ اهم شاعرن ۾ قاسم ۽ فاضل اچي وڃن ٿا. بعد ۾ عبدالحسين سانگي اهڙو شاعر هو جنهن سنڌي غزل ۾ تواڻ آندي ۽ سنڌي غزل کي اڳتي وڌايو. سانگي، سنڌي غزل ۽ پنهنجو لهجو ۽ پنهنجا خيال سمايا. انهيءَ ڪري ئي ڪجهه نقادن سانگيءَ کي پنهنجي وقت ۾ جديد سنڌي غزل جو سرواڻ سڏيو آهي

جنهن تي ڏني مون کي تنهن چيو تي چريو چريو
پنهنجي پريںءَ ڏني مون ٻه ڏنو تي وريو وريو.

سچ سخت آهي سنگ کان انسان سنگدل،
جنهن ريءَ نه ڏمُ سريو تي سو سانگي سريو سريو.
(عبدالحسين سانگي)

هئي پاسي سانگيءَ جو ئي همعصر عبدالغفور همايوني جيڪو بنيادي طور تي غزل جو شاعر نه هو پر سندس هڪ ڪافيءَ جو "ٿلهه" سنڌي ٻوليءَ ۾ هيل تائين لکيل غزلن جي "مطلع" تي حاوي رهيو آهي ۽ عبدالغفور همايونيءَ جو اهو ڪمال آهي جو سندس ڪافيءَ جي انهيءَ ٿلهه کان اثر وٺي سنڌ جي ڪيترن ئي وڏن شاعرن پنهنجا غزل تخليق ڪيا. همايوني صاحب جو اهو مقبول شعر هن طرح آهي:

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا،
زندان هزارين مان نه رڳو

تنهنجي شاهي دسترخوان متي،
مهمان هزارين مان نه رڳو.
(عبدالغفور همايوني)

عبدالحسين سانگي ۽ عبدالغفور همايونيءَ جي ئي حياتيءَ ۾ سنڌ جو هڪ اهڙو شاعر اُڀريو جنهن سنڌي شاعريءَ کي نئون موڙ ڏنو اهو هو ڪشنچند بيوس. بيوس جتي سنڌي شاعريءَ کي ٻين صنفن ۾ مالا مال ڪيو اُتي سنڌي غزل کي هن سنواري ۽ سينگاري پيش ڪيو. بيوس جي اثر هيٺ هري دلگير، نارايڻ

رومانوي رويو غزل جهڙي صنف ۾ اثرائتي نموني اپري بيٺي ٿو." پرمان ائين چوندس ته احمد سولنگي ئي نه هر تخليقڪار (Creator) ماڻهو بنيادي طور تي رومانٽڪ هوندو آهي ۽ سندس هر تخليق رومانوي هوندي آهي. ان ڪري احمد سولنگي جي رومانوي طبعيت ۽ مزاج نه صرف غزلن ۾ پر سندس سمورين تخليقن ۾ نظر اچي ٿو البت "غزل" جئن ته هڪ Lyrical ۽ حسناڪ صنف آهي ان ۾ رومانوي خيالن کي بيان ڪرڻ جي وڏيڪ وسعت ۽ ميدان آهي. انهيءَ ڪري احمد سولنگيءَ کي غزل جي صنف ۾ پنهنجن داخلي ۽ رومانوي جذبن کي چٽيءَ طرح بيان ڪرڻ جو بهتر موقعو مليو آهي.

لڇمڻ ڪومل به ايترو لکي ويو آهي ته "خود هن جي (احمد سولنگي جي) نظمن جا ڪيترائي شعر غزل جي رنگ ۾ رتل آهن." انهيءَ پس منظر ۾ احمد سولنگي مون کي بنيادي طور تي غزل جو ئي شاعر لڳي ٿو جنهن جي فطري ۽ داخلي جذبن جي بيساختگي ۽ والهانه اظهار سندس لکيل غزل ۾ ئي نروار ٿئي ٿو.

احمد سولنگي پنهنجي دور ۾ هڪ نئون سنڌي غزل لکيو آهي. جنهن جي فڪر توڙي فن ۾ نواڻ آندي اٿائين. فني حوالي سان اڪثر ڪري شاعريءَ جي خوبين تشبيهه استعاري، اصطلاح، حرف تجنيس، ترڪيب وغيره جو ئي ذڪر ڪيو ويندو آهي. جڏهن ته خاص ڪري غزل جي قافيي ۽ رديف ڏانهن گهٽ توجهه ڏنو ويندو آهي. بقول غلام محمد گراميءَ جي ته:

"قافيو غزل جو محور آهي ۽ "رديف" گويا رقاصا جي پيرن ۾ گنگهرو جي حيثيت وانگر غزل سان وابسته رهي ٿو. رديف هڪ طرف بيان ۾ زور پيدا ڪري ٿو ته ٻئي طرف ترنم پڻ"! انهيءَ ڪري اهم شاعر غزل جا قافيا ۽ رديف به اهڙا استعمال ڪندا آهن جيڪي نه صرف خوبصورت بلڪ نڪور پڻ هجن. احمد سولنگي به اهڙن ئي شاعرن ۾ اهم شاعر آهي جنهن جي غزل ۾ بين شعري خوبين کان سواءِ سندس "قافيا" ۽ "رديف" به ڌيان ڇڪائيندڙ آهن.

خواب نگر جا نقشا کلندا،
بند دريون دروازا کلندا.

انهيءَ غزل ۾ احمد سولنگيءَ "تاڪيا"، "قاقا"، "باشا" ۽ "ڪعبا" جهڙا غير معمولي قافيا استعمال ڪيا آهن.

سپ ۾ موتي تا سپجن،
من ۾ سرجي تانگھ تڙپ.

سنڌ سجي آ نيزي پانڌ،
دلبر کھڙا ڏج ۽ ڏپ،

انهيءَ غزل ۾ احمد سولنگي، ڪپ، چپ، جھڙپ، سپ، لپ، تڙپ ۽ ڏپ جهڙا مختصر ۽ صرف ٻن اکرن تي مشتمل ۽ پڻ ڏکيا قافيا وڏي ڪاميابيءَ سان استعمال ڪيا آهن.

ڏينهن ڪي رات، رات ڪيئن چئجي،
جيت تنهنجي ڪي مات ڪيئن چئجي.

انهيءَ غزل جي شعرن ۾ فرات، نجات، ممڪنات، حيات جهڙا قافيا ڏئي سنڌي غزل جي Diction کي وسيع ڪيو ويو آهي ۽ احمد سولنگيءَ هڪ نئون لهجو ڏنو آهي.

الڳ لفظ ۽ رڪن جي حيثيت ۾ " قافيا" تہ ٻوليءَ ۾ صدين کان موجود رهيا آهن پر هڪ اهم شاعر پنهنجن نون ۽ منفرد "رديفن" سان پنهنجي الڳ سڃاڻپ ۽ مقبوليت ماڻيندو آهي. احمد سولنگيءَ جي ڪيترن ئي غزلن ۾ نوان ۽ خوبصورت رديف پڻ ملن ٿا.

مون گناهن جا رکيا ترتيب سان
ڪنهن رکيا وچ ۾ ثوابن جا گلاس.

رات مهڪيو تن ۽ من اتفاق سان،
مون چميو تنهنجو بدن اتفاق سان.

وڏي وڏي تي ننڍي تقاضا،
خموش دل جي بڏي تقاضا.

ڪڪ چُٽن تا پاريھر،
خواب اُٿن تا پاريھر.

سمنڊ اڏامي دل ۾ لهندو
اکڙين منجهه ڪنارا ڪُلندا.

مٿين شعرن ۾ احمد سولنگيءَ سنڌي شاعريءَ خاص ڪري غزل جي صنف ۾ نوان استعارا ۽ عڪس متعارف ڪرايا آهن. ساٿجهيءَ لاءِ پيالي، بدن لاءِ نديءَ جي جواني اکڙين لاءِ پوپٽ، جگنو سورج ۽ تاري، سوچ لاءِ ساگر، دل لاءِ سمنڊ ۽ اکڙين لاءِ ڪنارن جا استعارا ۽ شاعرانا اهڃاڻ احمد سولنگيءَ جهڙو شاعر ئي تخليق ڪري سگهي ٿو.

نہ صرف ايترو پر ان کان اڳتي وڌي ڪري هن اهڙيون شاندار شعري سٽون، عڪس، اصطلاح ۽ ناٽا استعمال ڪيا آهن جيڪي هن کان اڳ شايد ئي ڪنهن شاعر استعمال ڪيا هجن.

مون کي وينا روز ڪکين،
تنهنجي ساروڻين جا سپ

تو وٽ مهنگا موتي ڪوڙ
مون وٽ آ لڙڪن جي لپ

تنهنجي هڪڙي سجدي خاطر،
ڪيئي دل جا ڪعبا ڪلندا.

سڪ سجدا وجود ۾ آهن،
ڪعبا ڪلما وجود ۾ آهن.

اک عبادت گذار هن جي آ،
هن جا سپنا بہ باوضو آهن.

ڇا اهڙيون سٽون احمد سولنگيءَ جي دور جي ڪنهن ٻئي شاعر لکيون آهن، جن ۾ ساروڻين جي سپ، لڙڪن جي لپ، دل جي ڪعبي، سڪ جي سجدن ۽ سپنن جي باوضو هجڻ جي ڳالهه اهڙي ڪمال سان ڪيل هجي!

اَج ڪي مون رُج ۾ اَڇلي ڇڏيو
مون پري پيتا سرابن جا گلاس.

هن شعر ۾ احمد سولنگي "سرابن جا گلاس پري پيئڻ" وارو نئون ۽ خطرناڪ شاعراڻو اصطلاح ۽ اهڃاڻ تخليق ڪيو آهي هن شعر پڙهڻ سان مون کي شاهه لطيف جو بيت ياد اچي ٿو ته:

طلب نه رکن طعام جي اوتيو پيئن اڃ.

۽ هڪ بي سٽ به آهي شاهه لطيف جي ته:

جي سمنڊ منهن ڪيان ته سر ڪيائي نه ٿي

انهن سٽن ۾ شاهه لطيف سمنڊ کي هڪ سرڪ ۾ پيئڻ ۽ بي هند اُڃ کي اوتي پيئڻ جي ڳالهه ڪئي آهي احمد سولنگي هڪ سجاڳ شاعر ۽ شاهه لطيف جو ئي تسلسل آهي، جيڪو وري اج کي به رج ۾ اڇلي، سرابن جا گلاس پيئڻ جي ڳالهه ٿو ڪري جيڪا هڪ نئين سوچ آهي.

اهڙا ڪيترائي مثال احمد سولنگي جي شاعريءَ ۾ ملن ٿا. هاڻي ڳالهه ڪجي احمد سولنگيءَ جي بيان ڪيل تشبيهن جي. احمد سولنگيءَ پنهنجي غزل ۾ ڪيترين ئي نيون خوبصورت ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ تشبيهون استعمال ڪيون آهن.

دردُ غارِ حرا جيان آهي،
منهنجي دل ٿي لڪي لڪي روئي.

تون پکيءَ وانگر اُڏين نيراڻ ۾،
چاهتن جو مان هجان هڪ آسمان.

ڪڪرين پاتا ڇڻ پازيب،
رڻ تي ڇم ڇم ڇمڪي بوند.

هتي احمد سولنگيءَ جي صرف ٽن شعرن جا مثال ڏنا اٿم صرف اهو ٻڌائڻ لاءِ ته هو بين شاعراڻين خوبين سان گڏ نين ۽ خوبصورت تشبيهن جو به شاعر آهي انهن شعرن ۾ درد لاءِ غار حرا، محبوب لاءِ پکيءَ ۽ پاڻ لاءِ آسمان ۽ رڻ

## ● عشق تہ آکاس ۾ جاڳي

### نواز شاھہ ياڌائي

جديد سنڌي شاعر احمد سولنگيءَ جي ڪوتا ڪتاب "خواب آوارا پکي" کي جڏھن پڙھي رھيو آھيان تہ آڳريون ازل جي اڄ جو اظھار ڪرڻ لاءِ آتيون تي پيرن آھن. آئون ڪتاب پڙھي سوچيان پيو تہ ھن شاعريءَ جي فني جائزي لاءِ ڪر وڏو نقاد ضروري آھي پر جي ھن جو فڪري جائزو ورتو وڃي تہ ھن شاعريءَ جو ازلي لاڳاپو سنڌ جي صدين پراڻي ادبي اتھاس سان جڙيل آھي. ھن شاعريءَ جي ورق ورق تي اسان جي تاريخ پاسا بدلائي رھي آھي. صفحي صفحي تي اسان جو تابناڪ مستقبل ڪر موڙي رھيو آھي. ھن شاعريءَ ۾ اسان جي پر مُسرت ۽ باوقار جياپي جون تمنائون موجود آھن. ھن ڪتاب جو ھر غزل اسان جي اداس اڪيلائن کي زندھ جاويد بڻائي رھيو آھي. اسان جڏھن بہ زندگيءَ جي ويڙھ ۾ پنھنجي حواسن کي ڪمزور ڀانيو آھي تہ شاعريءَ اسان جي روحن کي طورسينا جيان جاڳ جي جلا بخشي آھي. اسان ايامن جي ويڙھ اُن شاعريءَ جي ذريعي وڙھيا آھيون. اسان جا ھميرا ڪولھي ھوساتجي مري وڃن ھا. جيڪڏھن انھن تي اسين شاعريءَ جي ڪڪر ڇانءَ نہ ڪريون ھا.

احمد سولنگيءَ جي ھيءَ شاعري اسان کي رت جي درياھہ مان اُڪاري پار ڪري سگھي ٿي. ھن شاعريءَ ۾ حالتن جي جبر سان جھيڙڻ جي سموري سگھہ موجود آھي. ھي احمد سولنگي جنھن جي جديد شاعري ان تاريخي صبح جو انتظار ڪري رھي آھي جنھن ۾ سمورين رھزنين ۽ رھبرين جي چھرن تي چڙھيل ڌوڙ صاف ٿي سڀ ڪجھہ سامھون اچڻو آھي. منافقين جا ماسڪ پاتل ماٺھو توڙي عشق جي اڪيلائپ ڀوڳيندڙ انسان آئيني وانگر اڳيان اچڻا آھن. ڇو تہ ھيءَ شاعري چئي رھي آھي تہ:

متان ڪا رات رلائي قضا جي رستي ۾!<br>
ڇڏياسين ديپ جلائي ھوا جي رستي ۾.

هيءَ شاعري فلسطيني ڇوڪري جي يهوديءَ محبوبا کان وڇڙي، ننگر ۾ لاوارث رلندڙ نينگرين تائين مسورن اداس ماڻهن جي روح جي رڙ ۽ للڪار آهي. هڪ دور جي دانهن آهي جنهن ۾ اهو سڀ ڪجهه چئي سگهڻ جي جرئت موجود آهي ته:

بي خوف صليبن تي آ وقت جي چريائي،
منصور قبولي ڪيئن نئين دور جي دانائي.

هيءَ شاعري جنهن جون پاڙون پنهنجي مٽيءَ ۾ کتل آهن، جنهن جي ڳر ۾ صدين جو ادبي جوهر آهي، ڪلاسڪ روايتن جو عرق، جنهن جي لفظ لفظ ۾ ليٽيا پيائي ٿو. جنهن جي روح ۾ هزارين سالن جي قومي اتهاس جي ڌيمي خوشبوءِ آهي ۽ ان جو پيغام عالمي به آهي ته انساني به آهي مڪاني به آهي ته لامڪاني به آهي.

احمد سولنگي نئين جديد سنڌ جو نڪور ۽ مزاحمتي آواز آهي جنهن وٽ تخليق جا نوان روپ آهن. نظم کان سواءِ غزل ۽ گيت پڻ سندس شاعراڻي عظمت جا جاندار دليل آهن.

ڪنهن اڳيان شخص هو جهڪي نٿو،
بک ۾ هوڏ تان لهي نٿو!

روز ڪيڏا ڪتاب ٿو پڙهي!
سچ جي زهر کي چکي نٿو.

هن اڏارا وتا به پير، پکي،
وقت سان گڏ ٻڪي اڏي نٿو.

آس جو آسمان آڪميو،
پر ڪنوي ۾ گجي وسي نٿو.

هي سفر آ سفر عجيب ڪو،
زندگيءَ جو سفر لڳي نٿو.

هو جڏهن قرت العين طاهره تي نظم لکي ٿو تہ هو هڪ انسان دوست سنڌي شاعر جي حيثيت ۾ ايران جي تاريخ سان مخاطب آهي. طويل عرصي کان پوءِ بہ هو ايران کان قرت العين طاهره جي بي رحماڻي قتل تي وضاحت طلب ڪري رهيو آهي، احتجاج ڪري رهيو آهي. هو چئي رهيو آهي تہ:

قرت العين.
ڪالهہ خوشبوءِ جي مدفن ۾ جيئن ئي سُتي،
اڄ بہ اُن جي مٽي،
جڻ گلابن ۾ آهي رکي،
۽ گُل لالہ وانگر سندس چهرو ٻهڪي پيو
طاهره جو بدن باغ ۾،
ڪوڙسارن گلن جي آهيڃان رکيو
وار جڻ ياسمن ساڻ مهڪن پيا،
۽ اکيون جڻ تہ نرگس ۾ رهجي ويون،
چپ هر ڪنهن ڪليءَ ۾ ٿا مُرڪن پيا.
ڪنهن بہ پوشاڪ، پردي ۾ ڇا هي رکيو؟
حسن جو هر حوالو آ وکريو پيو!
سبزُ سُرهي هوا تي گلن مان لنگهي،
جاڳ جلاد جي،
ننڊ منصور جي،
موت آڏو الڳ تي ڪا معنيٰ رکي!

هو جتي پوپ جي اجاراداري کي ننڊي ٿو اُتي وان گوگ ۽ مائيڪل اينجلو جي عظمت آڏو سيس نوائي ٿو نہ رڳو ايترو پر هو پنهنجي ڌرتيءَ جي پڙهيل طبقي کي اون ڪري، پنهنجي شاندار نظم هميرو ڪولهي جي ذريعي عالمي اتهاس آڏو آڻي ٿو.

هميرو ڪولهي هڪ علامت آهي، جنهن جي ذريعي هو سنڌ جي مايوس ڪلاس جي هر پل عذاب تي گذرندڙ زندگيءَ جا ڪربناڪ عڪس چٽي ٿو ۽ سُتل ضميرن کي جهنجهوڙي چوي ٿو تہ ديس جو هي دراوڙ نسل ڪيئن نہ قيامتن جي روبرو بيٺل آهي

اهڙيءَ طرح هو غزل جي فني پابندين سان گڏ ان ۾ موجود غنائيت جي علم کان بہ آگاهہ آهي، ان ڪري سندس سمورا غزل جهونگاري سگهجن ٿا، اهڙا غزل جيڪي محبوبا ڏي خط ۾ لکي موڪلجن تہ سندس نيڻ آلا ٿي پون. سندس گيت وري اهڙا رسيلا آهن جو جيڪڏهن اُهي ڪنهن بدڙي ماءُ کي ٻڌائجن تہ هن جي پرڏيهہ ويل پٽ جي ياد سندس چهري تي درد جي ريکا ٿي اُڀري اچي. هن گيتن ۾ فڪري پسمنظر خوبصورت انداز ۾ چٽيو آهي.

احمد سولنگي شاعر طور جيترو ديو قامت آهي، هو پنهنجي ذات ۾ بہ اوترو ئي من موجي، مست الست ۽ بادشاهہ جسم ۾ فقيري روح رکندڙ ماڻهو آهي. هن شخص جي ذات جا زاويا هر ڪو شايد نہ ڄاڻي سگهي. هو مانُو دريا آهي مانُو دريا ڇڳا پلا تارو بوڙي ماري ڇڏيندو آهي، ان ڪري هن پياري دوست جي حياتي کي حيران ڪندڙ هوڏون آهن. سندس رمزن کي دريافت ڪرڻ لاءِ سندس شاعريءَ سان مڪاميلو ڪرڻو پوندو هو جيڪو ڪنهن پل پڙڪي چوندو آهي:

احمد نہ رهيو احمد،
پر درد سلامت آ.

واقعي بہ شخص درد جي علامت آهي. پر هن وٽ ماڻهو موهڻ جا دلبري انداز آهن. هن جا پاڪر وسيع آهن. جن ۾ ڪائنات سمائجي سگهي ٿي. شاعري هن جي اهڙي محبوبا آهي جيڪا ڪائنس هڪ لمحو بہ ڪڏهن ڏور ناهي وئي. زماني جون محبوبائون پلي احمد جا لاڏ ڪوڏ ڏسي دلبرداشتہ بہ ٿي وڃن پر شاعري هن جي هر ادا مان مطمئن آهي. شاعري ڪائنس ڪڏهن بہ رسي ناهي وئي، ان ڪري هوءَ مٿس اوڙڪون ٿي وسندي رهي آهي ۽ احمد شاعريءَ کان ديس جي سموري جاگراني ياد ڪرڻ جو ڪم وٺي رهيو آهي، ان ڪري ڪڏهن ڪيس سن جو سنت ياد ايندو آهي تہ پاڻ جٿي ڏيندو آهي:

ضعيف ديس جو جوڳي، لباس گيڙوءَ ۾
هٽي پيو سين سرن جي، صدا جي رستي ۾.

احمد سولنگي وطن جي وڪجڻ واري الميي تي افسرده ٿي وقت جي حاڪمن کي مخاطب ٿي چوندو آهي:

"تون مون کان منهنجي جمڻ جي تاريخ پڇين ٿي تہ پوءِ لک جنهن ڏينهن تو مون سان پيار جو اظهار ڪيو اُهو منهنجي جمڻ جو ڏينهن هو."

نظم جو اهو شعر منهنجي احساسن جو ترجمان ٿي پوي ٿو آئون تصور ڪيان ٿو تہ جڻ منهنجي محبوبا، ڪا فلسطيني ڇوڪري هجي ۽ آئون هن سان نذار قاباني جي نظمن ۾ مخاطب ٿي رهيو آهيان يا نذار قاباني، منهنجي ديس جو احمد سولنگي يا حسن درس هجي. جن منهنجي دلي پيڙا تي شعر لکيو هجي، تڏهن مون کي وري سنڌ جي جديد فڪر جي ترجمان شاعر احمد سولنگيءَ جي شاهڪار نظم "بيت المقدس" جون هي سٽون ذهن تر تري ٿيون اچن:

هن عرب صحرا جي لاڏائو ڏنارن جون اکيون،
واچ جا وسڪار ۽ انڌڪار ماپي ٿيون سگهن،
هر بدوجي پنڌ جون ٽڪڙيون تکيون،
۽ شڪارين جون وڏيون وتريون وکون،
هر بکايل باز جي پهرين اڏار،
ڪنهن وڏي طوفان جي،
رفتار ٿيون ماپي سگهن،
هي ڪچين ۽ ڏاچين جي ڪير تازي تي،
پليو آ ديس جيڪو
رت ڳاڙيندو رهي ٿو.

اها شاعري زمينون ۽ زمانا لتاڙي پوري دنيا جي انسانن جي اُمنگن، احساسن، خيالن ۽ روين جي ترجمان ٿيندي، جنهن ۾ وطن جي مٽيءَ جي مهڪار سان گڏ، روءِ زمين جي هر رڙ کي پنهنجي سيني ۾ سموهڻ جي سگهہ هوندي يا هر دانهن جي درد کي اظهارڻ جو منجهس سليقو هوندو، اُها ئي انفراديت پنائيءَ سائين وٽ آهي يا پوءِ وارن ڪلاسيڪل شاعرن کان وٺي احمد سولنگيءَ تائين ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ ادبي ۽ فڪري قافلي جي سرواڻي ڪري آئي آهي. اياز جي شاعري تہ ان جو معتبر ۽ احترام وارو مثال آهي.

نور محمد ڪلهوڙي جي تلوار تہ سنڌ جون سرحدون نہ بچائي سگهي پر شاهہ لطيف جي شاعريءَ سڄي دنيا ۾ پنهنجون سرحدون قائم ڪري ڇڏيون ان

ڪري ڇيو ويندو اهي تہ دوام فن کي اهي. انساني مساوات جي تحريڪ ۾ اسين پائيوار آهيون. اياز صاحب چيو تہ:

"هر شاعرِ محبت شاعرِ انقلاب هوندو آهي پر هر شاعرِ انقلاب شاعرِ محبت ناهي هوندو."

اها ڳالهہ احمد سولنگيءَ جي سڄي ڪلام ۾ ويساک جي چنڊ جيان چٽي آهي. احمد سولنگيءَ سنڌ کي هڪ نئين شڪل ۾ ڏٺو آهي ان جي اظهار جا طريقا پنهنجا پاڻ چونڊيا اٿس. ان ۾ هن جي انفراديت نمايان ٿي بيٺي آهي. هو پنهنجي حقيقي اسڪول آف ٿاٽ ڏانهن ذميواريءَ جو بہ اعتراف ڪري ٿو. هن جو خواب آهي تہ پنهنجن ٻارڙن جي پيرن هيٺان پنهنجي آزاد ديس جي زمين هجي جتي هو باوقار نموني ڪنڌ کڻي جي سگهن. هن جا پير پنهنجي زمين ۾ کتل آهن. هن جا موضوع هڪ ئي وقت قومي بہ آهن تہ بين الاقوامي بہ آهن. ان جو مثال رڳو سندس نظم "پڪاسو" وٺجي تڏهن بہ دليل وزن دار ٿي سگهي ٿو.

پڻ ڏٺيءَ جي ڪلام ۾ لفظ "سنڌ" رڳو هڪ ٻن هنڌن تي استعمال ٿيل آهي پر سندس سموري شاعري سنڌ جو معجزو آهي. سراپا سنڌيت آهي. وطن آهي ۽ ان جو جزاءُ پوري جڳ سان آهي.

ائين احمد جو ڪلام هن مٽيءَ جي لين ۽ ليارن جي مٿان ڪرندڙ ماڪ جي منظرن مان ڪنيل آهي. جنهن ۾ ڪينجهر بہ آهي تہ راڻا سر بہ آهي، ڪراچي بہ آهي تہ ڪاڇو بہ آهي. آئون بحيثيت هڪ قومي ڪارڪن، سندس شاعريءَ مان اُتساهہ وٺي عمل جي ميدان ۾ پاڻ کي مضبوط محسوس ٿو ڪريان. هن جا نظم آئون جڏهن جلسن ۾ پڙهان ٿو تہ ماڻهن جون تاڙيون مون کي هڪ نئين تاريخ جو جلوو پسائن ٿيون. تڏهن آئون محسوس ٿو ڪريان تہ هن جي ڪلام ۾ ڪوڙ جا ڪنگرا لوڏي سگهڻ جي سگهہ آهي. تڏهن تہ هن دور جو منصور منصوعي دانائيءَ کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي.

سنڌ وٽ انسان ذات جي سيني براين جو پائيدار حل آهي. اهو جناب جي ايم سيد جي سياسي ڏاهپ ۽ صورت ۾ هجي. آغا سليم کان رسول ميمڻ تائين جي فڪشن جي صورت ۾ هجي. آريسر صاحب. پليجي صاحب. جامي چانڊيي ۽ اعجاز منگي تائين تخليقي ادب جي شڪل ۾ هجي يا شيخ اياز کان

احمد سولنگيءَ تائين ڪمال فن جي صورت ۾ هجي، اسان هي آرٽ، ادب ۽ آدرش پوري دنيا ٻان شيئر ڪرڻ چاهيون ٿا، جن جي ذريعي اسين پنهنجي سڄي محروميءَ جو دائمي حل طلب ڪري رهيا آهيون، اچو تہ نوان رستا تعمير ڪريون ادبي ۽ سياسي فڪر جو ميلاپ ڪريون، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بقا لاءِ سموري ادبي، علمي ڪاوشن جو نچوڙ ڪيون، ان مان نئين سنڌ جو نقشو نروار ٿيندو.

احمد سولنگيءَ جي شاعري اسان کي هن خول مان ڪڍي هڪ وسيع شاهراهہ تي هلي ڪائنات ۽ حيات جا سمورا معاملا نبيرڻ جي نينڊ ڏئي رهي آهي، اچو تہ ان جو ڪڏجي آواز ٻڌون ۽ احمد کي گهربل اهميت ڏيون.

-

## ● سرحد پار کان آيل خواب آوارا پکي

موهن همتاڻي

احمد سولنگي جو ڪتاب "خواب آوارا پکي" سندس سڪ سندي سنيهي سان مليو. ڪتاب هٿ ۾ کڻندي ئي ايئن لڳندو آهي ڄڻ عبادت لاءِ هٿ تا کڄن.

اِها هڪ شاعر جي شاعريءَ لاءِ عبادت ئي آهي. احمد سولنگي پاڻ خود ڪتاب ۾ درج سندس بيان ۾ قبول ٿو ڪري "اڄ مان پوري اعتماد سان چوڻ چاهيان ٿو ته مان شايد توڪان وڌيڪ ڪنهن سان به ايماندار ۽ وفادار نه رهيو هُجان...... مون توسان ڪڏهن به مضوعي ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي.... مون توسان ڪڏهن ڪوڙ نه ڳالهايو آهي..... مون سدائين تنهنجو وقت تولاءِ ئي وقف ڪيو آهي وني ۽ پارڙا اُن لمحي تنهنجي عبادگاهه کان ٻاهر هوندا آهن"

ها! شاعري ڪنهن به شاعر لاءِ عبادت ئي آهي ۽ اِها عبادت هر شاعر سڏائڻ واري شخص جي وس جي ڳالهه ناهي. اِها عبادت ان جي ئي حصي ۾ ايندي آهي جيڪو زندگيءَ جي جدوجهد ۾ اڻاگن رستن ۽ ڏکين پيچرن تي خوشي سان هلڻ قبول ڪندو آهي يا ايئن چئون ته سندس تلاش فقط ڏکين رستن جي هوندي آهي منزلن جي نه. احمد سولنگي جو هيءُ نظم زندگيءَ ڏانهن سندس وسيع ۽ ڪشادي نظريي جو ضامن آهي ۽ اهو نظريو سولائي سان ڪونه نهندو آهي.

ڪشادي رات جي ٻيڙي
رسيون ساڪا، لنگر لوها
نماڻن مير بحرن جا

تڏا ڪي خواب جا پاڇا....
حسين ڪنهن حادثي جي لئِه
الائي ڇو مُنتظر آهن؟

تنهن کي هو پنهنجي نظم ۾ پنهنجي ڪوتا ۾ چئي ٿو. هر دور، هر وقت ۾ لکيل ڪوتا، حقيقت ۾ انهن ڏکيائين کان نجات حاصل ڪرڻ ئي آهي ۽ هڪ سادي زندگيءَ طرف وڻي وڃڻ جو عمل جنهن ۾ ڪوي زندگيءَ جو سڪون ماڻي ٿو.

فطرتي اُهو شخص شاعر ٿي نہ ٿو سگهي جيڪو عشق، پيار جي ڳالهہ نہ ڪري يا وري جنهن عشق نہ ڪيو هجي عشق شاعر لاءِ لازمي شرط آهي ۽ جنهن عشق نہ ڪيو معاف ڪجو پوءِ اُهو شاعر آهي يا ناهي؟.... سواليہ نشان آهي.

احمد سولنگيءَ شاعر جي ان فطرت ۽ شرط کي پنهنجي غزلن، نظمن، گيتن ۽ واين ۾ بخوبي اظهاريو آهي سندس بالغ ٿي ويل عشق جي اظهار جي تازگي جو لُطف هو پاڻکن کي پنهنجي رسدار ۽ چشڪيدار ٻوليءَ ۾ پنهنجي دلڪش اسٽائيل سان وٺارائي ٿو:

تنهنجي اکڙين سان ڏسڻ سپنا گهران ٿو......
ياتہ مان تنهنجو جهومڪ هُجان
تنهنجي ڳلن سان پيو گسان
رُخسار تنهنجا پيو چُما
تون ٽڪي لينٽي وهاڻي تي پوين،
۽ ڳهر جي مان ڳلن سان ڳل ملائي
خواب جي ماحول کي اُٽندو رهان

-

اجنبي عورت!
ڪچي جڻ سون جي آ مورتي
قيمتي هُن جو بدن
انگ نازُڪ
چيلهہ ڪشتيءَ جي رسيءَ کان مختصر
اُرهہ اپريل چنڊ چوڏهينءَ جي مثال،
عاج جهڙي ٻانهن هُن جي
ويڪري هُن جي ڪرائيءَ جي تراش
پازيب اهڙي،

جڻ نديءَ جي سارنگيءَ جي نغمگي!
اجنبي عورت ڪيو
نيم عريانيءَ سان منهنجي
اڪ لچاري ڪي اسير!

نون استعارن ۽ ٻوليءَ جي تخليقي استعمال احمد سولنگيءَ جهڙي نئين ۽ تجرباتي اپروچ ۽ سوچ رکندڙ شاعر جوئي ڪمال ٿي سگهي ٿو. نظم جي هڪ هڪ سٽ ور ور ڪري پڙهڻ تي ذهن آماده ٿئي ٿو ۽ اِها ئي شاعر جي سُڃاڻپ آهي ۽ هڪ شاعر هُجڻ جي دعويٰ باقي جنهن وٽ به شاعريءَ جو اِهو مجموعو دستياب آهي سو شاعر جي علامتن، قولن، لفظن سان سنلس ڪيل فائين ٽريٽمينٽ ۽ اڄ جي سنڌي غزل سان روبرو ٿيندو ٿي گڏ ئي ڪيس اِهو به محسوس ٿيندو ته سنڌي شاعري موضوع ۽ اظهار جا نوان مقام ۽ ايام طئي ڪري جنهن بلنديءَ تي اڄ پهتي آهي اُن جو خوبصورت نالو احمد سولنگي آهي.

—

## • شعر اوارا پکي

مسرور پيرزادو

سال 2014ع جي شروعات ۾ احمد سولنگيءَ جو بيحد سهڻو ڇپيل شعري مجموعو "خواب آوارا پکي" مون کي شاعر پاران تحفي ۾ مليو. جيسيتائين ڪتاب جي مواد تائين پهچجي تيستائين ڪتاب جي ٻاهرين ٻيهڪ، ڇپائي ئسي دل خوش ٿي ٿي وڃي ۽ دل چاهي ٿي ته مان به اهڙو سهڻو ڪتاب ڇپائي سگهان. ان ڪتاب جو پنو پنو ڇپائي ۽ آرٽ اسڪيچ دل لڀائيندڙ آهن. مان دعا ڪيان ٿو ته الله احمد کي ايترا گهڻو ڏي ته جيئن هو پنهنجا ٻيا ڪتاب به اهڙا ئي سهڻا ڇپائي سگهي!

احمد سولنگيءَ جو هي پهريون مجموعو آهي. توڙي جو هو گذريل ٽيهن سالن کان شاعري ڪري رهيو آهي. انهن سالن دوران ڪجهه سنڌي شاعرن، (جيڪي احمد جا همعصر آهن) ڪافي سٺي شاعري ڪئي ۽ هو مشهور به ٿيا پر انهن جا ڪتاب نه ڇپجي سگهيا. تنهنڪري انهن متعلق ڪا مجموعي راءِ نه جڙي سگهي. انهن شاعرن ۾ حسن درس، مظهر لغاري، حسن مجتبيٰ ۽ اعجاز منگي نمايان هيا. شايد آهي مسعود لوهار ۽ ٻي سنگت کي جن حسن درس جو مجموعو هن جي موت کان پوءِ ڇپايو. باقي مظهر، حسن مجتبيٰ ۽ اعجاز جو اڃا تائين ڪو ڪتاب ناهي آيو. اهو سنڌي ادب، خاص طور تي شاعري جو الميو آهي ته ڪنهن دور ۾ سرجندڙ مشهور شاعري ان دور ۾ نٿي ڇپجي. جيڪا ڇپجڻ گهرجي. حسن درس جو مجموعو هن جي اوچتي موت کان پوءِ ڇپيو ۽ ان ۾ ڪافي غلطيون هيون، جن جي ڪري ڪتاب جو مجموعو تاثر ڪجهه متاثر ٿيو سو اهڙي صورتحال ۾ احمد جو ڪتاب اچڻ هڪ حوصلا افزا ۽ مثبت ڳالهه آهي. مون کي اها ڳالهه چوڻ ۾ ڪا هٻڪ نٿي ٿئي ته احمد سولنگيءَ جو هي شعري مجموعو گذريل اٺن 10 سالن ۾ ڇپيل سنڌي شاعريءَ جي مجموعن ۾ (حسن درس ۽ امداد حسيني جي مجموعن کان پوءِ) سڀ کان سٺو شاعري جو ڪتاب آهي.

هن ڪتاب جو مهاڳ مشهور اديب ۽ نقاد لڇمڻ ڪومل دل سان لکيو آهي. ان مهاڳ ۾ هن نہ فقط احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ بابت ڳالهايو آهي پر اوور آل سنڌي ۽ عالمي اديب ۽ شاعري تي پڻ خوب ڳالهايو آهي. هن جتي رابرٽ فسڪ جو حوالو ڏنو آهي تہ اتي اردوءَ جي زبردست شاعر ميرا جيءَ جو پڻ احوال خوبصورتيءَ سان پيش ڪيو آهي. هن جديد شاعريءَ بابت بہ سٺيون ڳالهيون لکيون آهن ۽ هو نثري نظم جي حق ۾ نظر نٿو اچي. هو لکي ٿو تہ "نثري نظم ۽ نيئن ڪويتا جا ڪوي جڏهن اهو دليل پيش ڪندا آهن تہ اسين تجرباتي طور بحر وزن يا ڇندن ۽ ماترائن کي ٽوڙي رهيا آهيون تہ انهن کي اهو ئي چئي سگهجي ٿو تہ خدارا پهرئين ڪجهہ جوڙڻ سکو ۽ پوءِ ئي توهان کي اهو ٽوڙڻ جو حق حاصل ٿئي ٿو."

اهڙي نموني احمد سولنگيءَ جي هن ڪتاب ۾ ڪٿي بہ نثري نظم ناهي. جيڪو دليل آهي تہ هن کي پنهنجو خيال پيش ڪرڻ لاءِ بحر وزن جي ٽوڙڻ جي ضرورت محسوس نہ ٿي آهي. اها ڳالهہ ثابت ڪري ٿي تہ هن جي بحروزن تي سٺي دسترس آهي ۽ شاعري جي ٽيڪنيڪ تي سٺي دسترس هجڻ هڪ شاعر لاءِ تمام گهڻي ضروري آهي. بلڪل ائين جئين هڪ ڳائڻي لاءِ سر گم تي سٺي دسترس هجڻ ضروري آهي.

احمد جي شاعري ۾ مون کي منظر نگاريءَ ڏاڍو متاثر ڪيو. هو ڪنهن بہ منظر کي محسوس ڪري جهڙي طرح پني تي آڻي ٿو تہ پڙهندڙ کي اهو شعر گهٽ پر مصوري وڌيڪ ٿو لڳي. هن جي اهڙي مهارت جا ڪجهہ مثال مان هتي ڏيان ٿو:

هير هندورو ڪينجهر ڪَپ،
چنڊ چُمي پيو نوريءَ چپ

يا هڪ نظم جون هي سٽون ڏسو:

ڪُهُڪُهہ اوندهہ سان اکيون، ٻانهون ٻڌي،
چنڊ کي اغوا ڪيو آهي ويو.

يا پلا هڪ وائي جو هي بند ڏسو جنهن ۾ شاعر تارن کي اُڀ جا ڄاڄي

چوي ٿو:

تارا، چاچي اُپ جا،
چنڊ ڪري ٿو ناز.

هڪ هنڌ هو تارن کي ڪيڏي نه خوبصورتيءَ سان پاوليون ٿو چوي:

اُپ جي خالي ٿَلَ ڪشڪول ۾،
ڪنهن ستارن جون رکيون هي پاوليون؟

يا احمد جو خوبصورت گيت "چم چم برسن بوندون" به منظر نگاريءَ جو سهڻو مثال آهي جنهن جا آخري ٻه بند مان هتي توهان آڏو رکان ٿو.

ٻيهري جو بادل برسيا، ڏوبهي ويو تن من،
سارنگ ۾ سنجوڳ ٿيو آ، ڇا ته ٺريو تن من،
رنگ ڀريا تو ۽ مون
چم چم برسن بوندون
من جي سندر بن ۾ برسي، مينهن ڪري ٿو ناچ
پيرن ۾ پازيب ٻڌي جڻ، نينهن ڪري ٿو ناچ
مور مچائن موجون
چم چم برسن بوندون

اهڙي قسم جون ڪيتريون ئي سٽون هن ڪتاب ۾ موجود آهن جيڪي شاعر جي جمالياتي حسن شاعراڻي اندازِ بيان جو خوبصورت نمونو آهي.

هر شاعر جي ڪا نه ڪا پسند جي صنف هوندي آهي يا ائين ڪٿي چئجي هر شاعر پنهنجي اظهار لاءِ گهڻو ڪري ڪنهن هڪ صنف جي چونڊ ڪندو آهي جنهن ۾ هن جو اظهار سگهارو هوندو آهي. احمد سولنگيءَ گهڻو ڪري پنهنجو اظهار نظم/آزاد ۾ ڪري ٿو ۽ هو ان صنف ۾ سگهارو پڻ آهي پر مون کي ڪتاب پڙهندي ڪٿي ڪٿي محسوس ٿيو ته شاعر نظم ۾ خيال جي سينٽرل آئيڊيا (central idea) تان هٽي ٿو وڃي ۽ شاعريءَ جي فن ۽ لفظن سان صرف راند ڪندي نظم کي ختم ڪري ٿو ڇڏي شايد اها ڳالهه لڇمڻ ڪومل به محسوس ڪئي ان لاءِ ئي هو لکي ٿو ته:

"احمد سولنگي بنيادي طور نظم جو شاعر آهي. ان ڪري هن جي غزلن جو تعداد ٻين شاعرن جي ڀيٽ ۾ ايترو خاطر خواهه نه آهي پر مون کي هن جي

شاعري پڙهندي اهو احساس ٿيو آهي تہ غزل هن جي مزاج سان وڌيڪ ٺهڪندڙ آهي جو احمد سولنگي خالص رومانوي شاعر آهي ۽ هڪ شاعر جو رومانوي رويو غزل جهڙي صنف ۾ اثرائتي نموني اُڀري بيهي ٿو. احمد سولنگيءَ جي حق ۾ اها حقيقت تهائين وڌيڪ واضح ٿئي ٿي جو هن جي طبيعت موزون ۽ روان دوان آهي خود هن جي نظمن جا ڪيترا شعر غزل جي رنگ ۾ رتل آهن"

نظمن کان علاوه احمد وايون ۽ گيت بہ سٺا لکيا آهن جيڪي پنهنجي فن ۽ فڪر ۾ انهن صنفن جي مزاج وٽان آهن. اسان وٽ افسوس جو گيت گهٽو نہ ٿو لکيو وڃي ۽ وري سٺو گيت تہ جڻ تمام گهٽ ٿي ويو آهي. اهڙي صورتحال ۾ اميد ڪري سگهجي ٿي تہ احمد ايندڙ وقت ۾ گهڻا ۽ سٺا گيت بہ لکندو.

احمد سولنگي ڪٿي ڪٿي اهڙا لفظ بہ استعمال ڪري ٿو جيڪي وزن کي متاثر ڪن ٿا. مثال طور هن جي غزل جو هڪ مصرعو آهي تہ :

ازل کان ابد جي ارڏي نگاهہ ۾ آهي

ان سٽ ۾ ابد کي اب/د ڪري پڙهڻو پوندو، جيڪو غلط آهي. اهڙي نموني هن حس/ن کي حُ/سن ۽ شهہ/ر کي ش/هر لکيو آهي. اهڙيون غلطيون احمد جهڙي شاعر کي نہ ڪرڻ کپن ۽ لفظن کي انهن جي صحيح اچار سان لکڻ گهرجي. احمد جي شاعري پڙهي ڪافي جڳهن تي اهو محسوس ٿيو تہ هو شيخ اياز مان گهڻو متاثر آهي. خير شيخ اياز تہ اهڙو شاعر آهي جنهن جو اثر 70ع واري ڏهاڪي کان پوءِ جي شاعرن تي تمام گهڻو رهيو آهي پر احمد جا تہ ڪجهہ شعر پڙهي يڪدم اياز جا شعر ٿا ياد اچن وڃن. مثال طور :

سپ ساحل جي مٿان.
سمنڊ کي سوگهو ڪيو.
(احمد)

اياز جي نظم جون سٽون آهن تہ :

ڪوڏ ڪٺن ڪناري تي
سمنڊ کي سمايو آ.

يا احمد جي نظم جون هي سٽون:

ڪنهن نئين عشق جي آرزوءَ ۾ وري
زندگيءَ جي مُنڍيءَ ۾ ٿو پورو پوان

پڙهي اياز جو ڪراچيءَ تي لکيل نظم ياد ٿو اچي جنهن ۾ هن لکيو آهي ته:

جهلملاتيندڙ ڪراچي!
اڄ به مان،
تنهنجي رستن ڪي منڍيءَ جيئن
جڙڻ ته پورو ٿو اچان.

يا احمد جي غزل جو هي شعر:

ننڍ ۾ ويندءِ چنڊ چمي
ولهه ۾ ويڙهي وار نه سمهه!

پڙهي اياز جو هي شعر ياد ٿو اچي وڃي ته:

چنڊ توکان چمي وتي آهي،
چانڊنيءَ ۾ ڪڏهن سُتي آهين.

منهنجي چوڻ جو مقصد اهو هر گز نه آهي ته احمد اياز جي ڪاپي ڪئي آهي، دنيا جي وڏن وڏن شاعرن وٽ اهڙا شعر ملن ٿا، جيڪي ٻين شاعرن مان متاثر ٿي لکيل هوندا آهن. مان اهو چوڻ ٿو چاهيان ته احمد ڪي تمام گهڻي سمجهداريءَ سان اياز جي اثر مان نڪرڻو پوندو ۽ پنهنجي الڳ سڃاڻپ برقرار رکڻي پوندي، بلڪل ائين ئي جيئن اياز سمجهداريءَ سان ڪم ڪيو ۽ ڀٽائيءَ جي تمام گهڻي اثر کان پنهنجي شاعريءَ کي بچايو ۽ پنهنجي الڳ سڃاڻپ ناهي. مون کي ياد ٿو اچي ته اياز ڪٿي لکيو آهي ته هن هڪ مخصوص وقت کان پوءِ شاهه جو رسالو پڙهڻ ڇڏي ڏنو، ڇو ته ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو اثر هن جي شاعري تي ٿئي پيو. سو ڪنهن ٻئي شاعر جي ڇاپ کان هر شاعر کي بچڻ گهرجي ۽ پنهنجي الڳ ۽ منفرد حيثيت کي قائم ڪرڻ گهرجي.

هن ڪتاب جي آخر ۾ رکيل موراڻيءَ احمد سولنگيءَ بابت جيڪو ڪجهه لکيو آهي اهو احمد کي سمجهڻ ۾ ڪافي مددگار ثابت ٿئي ٿو. انهيءَ ليک ۾ هن اها ڳالهه به لکي آهي ته شيخ اياز هڪ ڀيري چيو هو ته "احمد سولنگي منهنجي continuity (تسلسل) آهي." اها ڳالهه هڪ لحاظ کان صحيح به آهي ڇو ته احمد جو انداز لهجو ۽ نظمن جو فارميٽ اياز وانگر آهي پر احمد کي يا ڪنهن ٻئي شاعر کي اياز يا ڪنهن ٻئي شاعر جو تسلسل ٿيڻ بدران پنهنجو الڳ دڳ

ونڻ گهرجي. ڇو ته انهي ۾ ئي ڪنهن شاعر جي بقا آهي. تاريخ فوٽو ڪاپي نه پر اصل original کي قبول ڪندي آهي.

هاڻي آخر مان پنهنجي ڳالهه کي سموهيان ٿو. احمد سولنگيءَ جو پهريون مجموعو ”خواب آوارا پکي“ ڪافي وقت کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ ايندڙ شاعريءَ جو هڪ تمام سٺو ڪتاب آهي. احمد کي فن ۽ فڪر تي سٺي دسترس آهي. هن کي معلوم آهي ته نظم ڪيئن لکجي، غزل وائي ۽ گيت ڪيئن لکجي. اسان وٽ ته اڪثر شاعر (سينيئر شاعرن سميت) صنفن جي مزاج جو خيال نٿا رکن، وزن جو خيال نٿا رکن. قافين جو خيال نٿا رکن. اهڙي صورتحال ۾ احمد جي شاعري حوصله افزا آهي ۽ هن مان وڏي پئماني تي اميد رکي سگهجي ٿي ته هو پنهنجي ايندڙ شعري مجموعن ۾ سنڌي ادب کي اڃا به وڌيڪ سهڻيون ۽ سگهاريون تخليقون ڏيندو ڇو ته هو ان جو اهل آهي ۽ هن ۾ اها سگهه آهي ته هو موجوده دور جي افق تي ستاري جيان چمڪندو رهي. ويندي ويندي احمد جا هي خوبصورت شعر ڏسو:

اک کجي نٿي تو تان،<br>
اک کٽي ڏسان ڪاڏي!<br>
چنڊ رات، تنهائي،<br>
درد کان ڀڄان ڪاڏي!<br>
آءُ تون لڪائي رک،<br>
لوڪ کان لڪان ڪاڏي!

## • سمنڊ کي سوگهو ڪيو

ماروجمالي

هاري جڏهن ٻار ڳاهي ان جي راهه ڪندو آهي ته ان مان هڪڙي لپ پري خريدار کي ڏيکاريندو آهي. ان لپ مان ئي خريدار جنس جي سٺي يا خراب هجڻ جو تعين ڪري، اگهه ٻڌائيندو آهي. ائين ئي شاعري جي راهه (ڍير) مان، احمد سولنگيءَ "خواب آوارا پکي" جي لپ پري مون کي ڏني ته مون اهو تعين ڪيو ته شيخ اياز جي شاعريءَ کان پوءِ جيڪڏهن ڪنهن ڪتاب مون کي بار بار پڙهڻ تي مجبور ڪيو آهي ته اهو "خواب آوارا پکي" آهي. اهو منهنجي ضمير جو اعتراف آهي.

فني اعتبار کان هي ڪتاب انتهائي مضبوط فڪري اعتبار کان مڌ مست جوانيءَ جهڙو ڀرپور ڪتاب آهي. جڏهن گهري نگاهه سان ڏسجي ٿو ته هن ڪتاب ۾ احمد سولنگيءَ اندر جا احوال به اوريا آهن. ته جڳ جهان جو وايو منڊل به بيان ڪيو آهي. شاعريءَ ۾ درد، دل لڳي، اوجاڳا، آرسون، انتظار نينهن، نديءَ سڪ، سپ سمنڊ ڪوڏ ساڻ. ساحلُ ٻاجهه پيڙيون ورهه ونجهه جوڀن جمال، وصل ۽ ويراڳ جون ڳالهيون ڪيل آهن. مستيءَ ۽ مڌ جو ذڪر آهي. ان کان علاوه صوفي ازم جي اها اساس بيان ٿيل آهي جيڪا هن ننڍي ڪنڌ کي فطرت طرفان نصيب ٿيل آهي. احمد هڪ سڄاڻ پختو ۽ گهڻ پڙهيو شاعر ٿي سامهون آيو آهي. هن جي شاعريءَ ۾ سنڌو نديءَ جهڙي رواني ۽ برسات جي ڇم ڇم جهڙي بلا درجي جي نغمگي آهي. اها شاهدي سندس غزلن جا هي شعر به ڏين ٿا.

نئڻ ۾ وينڌءِ چنڊ ڇمي
ولهه ۾ ويڙهي وار نه سمها!

جيسين بکيو پيٽ پريءَ
تيسين پالڻهار نه سمها!

عشق کي سخت سزائن کاڌو
لڙڪ جون لوڻ وفائن کاڌو

اوت مون تي اوت جا نمر اڻ ميا،
رنگ جوڀن جا، شبابن جا گلاس

مون گناهن جا رکيا ترتيب سان
کنهن رکيا وچ ۾ ثوابن جا گلاس

بک ۾ افلاس ٽوڙي ٽا ڇڏّن
نظرين ۾ انقلابن جا گلاس

جلادا اڏي مرکي، کنهن نينهن نظاري ڇڏيا
سِرُ ڏار ڪري ڌڙ کان، سرمد کي سمهاري ڇڏيا

تخليق ۾ خالق ۾، تفريق نه آ ڪائي،
هي پاند پناهن جو جسمن تان اتارِ ڇڏ

متيءَ جي پنوڙي ۾ هي سلهه سنتل آهن،
سجدي ۾ وڃي "احمد" انسان اٿاري ڇڏيا

هن لڦن کي وڪيو ناهي
آدمي محترم آهي

ماڻ سان جا ملي ماني
سا ڙکي محترم آهي

ڪنارا خواب جا ٻوڙي وڃي ٿي
اکين ۾ ٿي رواني آ، نديءَ جي

جڏهن سڄو ڪتاب پڙهجي ٿو تہ آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ احمد ڀٽائيءَ کان وٺي اياز تائين منزل شعر جي سونهن کان پار پڇيا آهن ۽ پوءِ مطالعي جي ماني ذات جي ڳڙ سان ڳنڍي هڏي نڪري پيو آهي فن پنهنجا ڏڱ دل سان چونڊيا آهن.

هي صرف ڪنهن هڪڙي صنف جو شاعر ناهي، ڪنهن بہ شاعر کي رڳو هڪڙي صنف جو بادشاهہ ڪوٺڻ يا تہ شاعر سان ناانصافي آهي يا تہ هو واقعي يڪسانيت جو شڪار آهي ۽ پڪ سان ان کي قادرالڪلام شاعر نہ ٿو چئي سگهجي. جيتوڻيڪ احمد سولنگيءَ نظم گهٽا لکيا آهن پر ڪتاب ۾ شامل ٻين صنفن ۾ بہ هن جو آرٽسٽڪ انداز موجود آهي

هو چائي ٿو تہ فنڪار جو جوهر گهٽ ڪجهہ تخليق ڪندو آهي تڏهن ئي تہ هن "لادين" نظم ۾ هي سٽون لکيون:

فنڪار جو بہ جوهر،
تخليق ڇا ڪري ٿو،
پٿر جا بت تراشي،
ڌڙڪن عطا ڪري ٿو
آ ذر جو ذوهہ ناهي
لادين دل بہ آهي

پنهنجي ڌرتيءَ جو حلالي پٽ هئڻ تي فخر سان چيائين:

پنهنجي مٽيءَ جو آهيان،
پنهنجي مٽيءَ جو ٿيندس،
ڪعبا ڇلي شوالا،
پنهنجي گهٽيءَ جو ٿيندس
ڪو آسمان لاهي
لادين دل بہ آهي

پنهنجي ڌرتيءَ جي سچائپ "اوپر جي آرسي" نظم ۾ هنن انمول سٽن سان ڪرائيندي لکي ٿو:

پوءِ بہ دنيا جي ڏڪائيل،
ڏور هڪڙي ڪنڊ ۾،
آشتيءِ امن جو اهڃاڻ بڻجي،
ڪالھ وانگي
اڄ بہ آهي،
سنڌ بيٺي،
سنڌ بيٺي.

پنائيءَ جو پڙلاءُ ونندي جڏهن اها ست ساھ ۾ سمائجي ويس تہ:

دوست منا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين!

تڏهن لکيائين "مائيڪل اينجلو" هن نظم جون سدا بهار سٽون آهن:

• ديس هر هڪ جي مٽي
مون تہ ڌرتيءَ جي دونهائيل
سرخ گولي تان کٽي
پنهنجي خوابن ۾ سنڀالي آ رکي

اجا بہ اڳتي ان ئي نظم ۾ چوي ٿو.

۽ پکي پنهنجي پرن ۾،
جيئن لڪائي ٿو رکي پنهنجا ٻچا،
سوچ منهنجيءَ ۾ ائين محمود جي ڌرتي رهي،
(محمود درويش فلسطين جو شاعر)

اجا بہ هڪ وک اڳتي وڌائيندي احمد "منهنجو ديس" نظم لکيو. جنهن
۾ پنهنجي ديس جو تعارف هنن خوبصورت سٽن سان ڪندي لکيائين.

هتان ريشمي بادلن جو گذر ٿيو
هتان ئي شروع ٿيون هوا جون ڪٿائون،
هتان بيد مشڪن مٺان ڪي چڪوريون،
ڪٽي خواب چنڊ کي چمڻ جا اڏاڻيون،
هتي لاک جهڙين چنبين لاءِ آرون،
گگن جي ڪڪوريل ڪنارن تان آيون.

اهي ئي تہ قصا سڪيءَ جي شهر جا،
اهي ئي پرينءَ جي پٽن جون پچارون.

احمد رڳو پنهنجي ديس جون ڳالهيون نہ ٿو ڪري پر، هن ڪنهن بہ دين ڌرم جي دوکي کان پاڻ بچائيندي "لَکُمۡ دِيۡنَکُمۡ وَلِيَ دِيۡن" تي عمل ڪندي "سڀ ڪي پنهنجو گوتم آ" جهڙو بهترين نظم لکي بنياد پرستيءَ کي هڪ ئي لت سان رد ڪيو آهي. نظم جون شروعاتي سٽون آهن:

سڀ کي پنهنجي پنهنجي ريت،
پنهنجي پنهنجي ڌرتي آ،
پنهنجا پنهنجا پيغمبر،
پنهنجي پنهنجي جاڳرتا،
پنهنجو پنهنجو ڌرم ڪرم،
پنهنجي پنهنجي آ پوڄا.

هن بهترين نظم جا سيئي بند هڪ ٻئي جا دليل آهن ۽ آخر ۾ پڄاڻي بہ شاندار سچ سان ڪئي اٿس:

سڀ کي پنهنجو گوتم آ،
سرور ڏکم ڏکم آ،

ان ئي تسلسل ۾ احمد "هڪڙي يهودي ڇوڪري" نظم بہ لکيو:

يهودي ڇوڪريءَ سوچيو:
ٻلن جي آمنّي ساڳي،
پناهہ گاهون محبت جون
قديمي عشق ڪافر جي، ڳهڻي ساڳي،
نہ عبراني، نہ عربيءَ ۾ الڳ آ پيار جو نغمو
ٻنهي جي سان سُر، لئي جي رهي ٿي نغمگي ساڳي،
سچي آ، روشني تا بندگي ساڳي
رسولن جي خدا سان دوستي ساڳي،
يهودي ڇوڪريءَ سوچيو:

محبت ملڪ آ منهنجو
سچائُپ منهنجي محبوبي
پنهنجي محبوب جي تِرَ جي
ڇئو بخشش ڏيان ڪهڙي؟

شاعريءَ ۾ منظر نگاري ۽ تشبيهه نہ صرف شعر ۾ خوبصورتيءَ جو اضافو ڪن ٿيون پر لازمي جُزبہ آهن. تشبيهه جو گهڻو استعمال هوندئن تہ شعر کي ڏڪ بہ رسائيندو آهي. پر جڏهن اُهي تشبيهون نيون هجن تہ پڙهندڙ ان جي لهرن ۾ لڙهندي بوريت جي عذاب کان بچي پوندو آهي. احمد جيڪا منظر نگاري ڪري ٿو اها سامريءَ جيان ڪو منڊ مُنڊڻ جي قوت ضرور رکي ٿو اچو تہ منظر نگاريءَ جا ڪجهہ عڪس ڏسون.

ڪنهن ڍنڍ مان ڪنواري،
وهنجي جڏهن ڪلي ٿي
مکڙي ڪنول جي گل جي،
پاڻيءَ مٿان ترَي ٿي
ڪا، جل پري ڪناري،
پتِرائجي وڃي ٿي
سپ سرشتي ڏسي ٿي
اوگهڙ سچي ڍڪي ٿي،
۽ خوبصورتيءَ جا،
مرڪي پون ٿا منظر.
هڪ برنٽمان مصور،
جوڙيا سوين سمنڊر.
(هڪ بوند وشالتا" نظم")

عشق جو آ، ڏار ڏاڍو پرت ٿو اهڙو پري،
هر ستارو چڙهي سڄيءَ ۾ چنڊ چوڏهينءَ جو ڀري

اُڀ جي ڪُونڊيءَ ۾،
تارن ڦول ترّيا.
سونيءَ سانجهيءَ ۾
(وائي)

هوءَ سيئي در دريون ٻيڪڙي
درد جي آ دڻاري سُتي
(غزل)

سنجهاڻائي ڪير هيءَ
آئي اڪيلي
دل جي دروازي اڳيان
(وائي)

ٻاريون ٻيجارا،
پوکيا ڪنهن ٻاهوهه مان؟
ڪيتي ڪيڙي اُڀ جي
سيئي ستارا،
پوکيا ڪنهن ٻاهوهه مان؟
اوڙون اکڙين ڪي ڏئي
سپنا هي سارا،
پوکيا ڪنهن ٻاهوهه مان؟
(وائي)

مٿي ڏنل شعرن ۾ نه صرف منظر نگاريءَ پر تجنيس صرحرفيءَ جو به خوبصورت استعمال ٿيل آهي سنڌ جو ڀلوڙ شاعر محترم محسن ڪڪڙائي غزل ڪي اک جي ماڻڪي ۽ وائيءَ کي سنڌي شاعريءَ جي "ڪنوار" ڪوٺيندو هو. جڏهن اسلن احمد جي غزل جي ماڻڪيءَ مان دل ۽ دنيا کي پسي سگهون ٿا ته سندس وائيءَ جي ڪنوار جو چهرو به آمرڪ ڪان سواءِ رهي نه ٿا سگهون.

سچ چيو آهي تہ "احمد منهنجو تسلسل آهي" انهن لفظن جي ان ڪري بہ اهميت آهي تہ پنهنجي اصليت اياز بہ نہ وساري ۽ احمد بہ نہ.

اياز ڀٽائي جو تسلسل آهي ۽ احمد اياز جو. ڀٽائيءَ جي پنهنجي واٽ آهي اياز جو پنڌ پنهنجو آهي تہ احمد جو پيچرو پنهنجو آهي. ڊڪشن، موضوع ۽ تخيل جي اڏام هر هڪ جي پنهنجي آهي.

گيت روح مان ائين ڦٽي پوندا آهن جيئن برسات کان پوءِ ڪنييون، لوڙهڪ، ڳُلُرَ ۽ مُريڙو. احمد جي روح تي جيڪي گيت ڦٽا آهن اچو تہ انهن جو واس وٺون:

هي جو پوئنري جهڙو من:
ڪين قبولي هڪڙو هنڌ،
مڪڙيءَ مڪڙيءَ جو سوڳنڌ.

ٿاري ٿاري لوڏي واءُ،
پل پل کي پنهنجو پڙلاءُ،
گهڙي گهڙي کي روپ رتن،
وقت وقت کي پنهنجو انڌُ.
مڪڙيءَ مڪڙيءَ جو سوڳنڌ.

ڏور پراٿي هُن مندر ۾،
سوچون سندر سپنا گهوري،
هڪڙي مورت پوڄي پڳلي
هڪڙي مالها سوري

رنگ رسيلو ساونڻ آيو
ڪنوڻ ڪنوي چوماسي
ڇايا بادل ناسي

من جي مالها جو تون ڌاڳو
منهنجي ننڊ بہ آ اوجاڳو

اڪڙيون اپٽيان يا ڪي ٻرنيان،
ساپيا سپني ۾ تون ساڳو
تنهنجي روپ، سروپ سوا ڏس.
اکڙين منجهه اُداسي،
ڇايا بادل ناسي.

تنهنجون منهنجي، منهنجون تنهنجي من ۾ ميخون،
سپني ۾ هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾ ٿا جهومون،
ڇم ڇم برسن بوندون.

من جي سندر بن ۾ برسي مينهن ڪري تو ناچ،
پيرن ۾ پازيب ٻڌي ڇڻ، نينهن ڪري تو ناچ،
مور مچائن موجون،
ڇم ڇم برسن بوندون.

مٿيان گيت پڙهي انهن ۾ اسان منظر نگاري ٻه ڏسون ٿا ته صنعت تجنيس به هنن ۾ نيون ترڪيبون ۽ تشبيهون به آهن ته اوجاڳا ۽ انتظار به جيڪي سڀ گيت جي زمين آهن. ان زمين تي مکڙين جي قسمن من ۾ ميخن، وقت کي پنهنجي انڌ ۽ پل پل جي پڙلاءَ جو بج ڇٽيو ويو آهي. ڇا اها جدت ناهي؟ نج ٻوليءَ جو نج استعمال درد جي ڪيفيت کي رومانوي انداز ۾ پيش ڪرڻ ساڪن متحرڪ جو صحيح استعمال. احمد جي شاعريءَ جون خصوصيتون آهن.

هو روايتي شاعر ناهي. غير روايتي نرالو ۽ پختو شاعر آهي. صرف هڪڙي ٻن وزنن تي طبع آزمائي ڪرڻ جي بدڪاريءَ کان بچندي احمد مختلف وزن ڪاميابيءَ سان استعمال ڪيا آهن. نه رڳو ايترو پر قافيي رديف جو استعمال به انوکي انداز ۾ ڪيو اٿس. هو گِٺل پيٺل ترڪيبون ۽ استعارا ڪم نه ٿو آڻي. پر پنهنجون ترڪيبون پنهنجا استعارا ايجاد ڪري ٿو. سياسي دانشور، مذهبي اسڪالر، نظريي جي لڪير جا فقير، ادبي دنيا جا ادبي وڏيرا ۽ نقاد چاهڻ جي

باوجود بہ هن ڪتاب کي رد نہ ٿا ڪري سگهن. جيئن چند ڪاري هيٺان نہ لکندو
آهي تيئن هن نئين آواز کي ڪير بہ ماڙجي ڪاري هيٺان نہ ٿو لڪائي سگهي.
مارڪيٽ ۾ شل نہ ڪو نٿو، ڪتاب اچي ان تي لکڻ لاءِ ان مان رڳو
عيب ڪڍڻ لاءِ همراهن جا قلم اپا ٿي وڃن ٿا، پر هن ڪتاب جي اچڻ سان انهن
جي داد ڏيڻ واري حِسُ جنبش ۾ الائي ڪڏهن ايندي؟ احمد شاعريءَ جي سمنڊ
کي "خواب آوارا پکي" جي سِپَ ۾ سوگهو ڪيو آهي جيئن پاڻ لکيو اٿس:

سِپَ ساحل جي مٿان،
سمنڊ کي سوگهو ڪيو.

—

هيءَ شاعري جيڪا لڳ ڀڳ ٽين سالن جي مشاهدن، مطالعن، سانحن، سودائن، جاڳن، اوجاڳن، وحشتن ۽ وصالي سرباٽن جو نچوڙ آهي. اهو نچوڙ بنا شڪ جي منفرد اڇُت، سگهاري، جديد، تخليقي پورهئي جو نشانبر آهي.

احمد سولنگي سچ ته جدت جي علمبرداري ۽ ترجماني ڪندڙ سرموڙ شاعر آهي. هن جي شاعري جدت ۽ ڪلاسيڪيت ڪي سمائي اڳتي هلڻ واري شاعري آهي. هن جي تخليقن جو پنهنجو واس آهي پنهنجو الڳ رستو آهي احمد سولنگي جي دلفريب شاعريءَ کي پنهنجي ڇانوَ آهي پنهنجا گهاٽ آهن. پنهنجي چلولائي ۽ پنهنجا ڇيٽ آهن. پنهنجا نقش ۽ پنهنجا نيڻ آهن. ان ڪري ئي احمد سولنگي جديد دور جو منفرد، اهم ۽ ڪامياب شاعر آهي محبوب شاعر آهي. هن جي شاعري پاڻ ان جو ثبوت آهي ته ڪيتري جاندار ۽ حسين آهي.

ڪنهن چنڊ جي تمنا، پاڳل ڪيو اسان کي،
ڪي رات جا ستارا، پنهنجي پچار ۾ ڏس!

هو تخت بخت پير جي هيٺان رکي هليو
پر سنڌ کي منظور سڪندر نه ٿي سگهيو!

هٽي چنڊ پيڙيون، وجهن طوق تارا،
سجي رات احمد کي آرام ناهي.

زندگيءَ کي مون تلاشيو آ گهڻو!
تنهنجي نيڻن سان ڏسان، آهي ڪٿي؟

شدتن آ شهر کي ڏوئي ڇڏيو
زهر آهي زهر کي ڏوئي ڇڏيو!

ملون نقاب ۾ سارا حجاب لاهي ڪيئن؟
ڏسون ته چنڊ جي پوري تراش آهي ڪيئن؟

بي خوف صليبن تي آ، وقت جي چريائي،
منصور قبولي ڪيئن، هن دور جي دانائي.

جيئن تہ احمد سولنگي بنيادي طور تي نظم جو اعليٰ شاعر آهي، هن ڪيترائي ڪمال جا نظم لکيا آهن. جيڪي جديد سنڌي نظم جو بيمثال حصو آهن. اهي جديد نظم جو منفرد سرمايو آهن. اهي نہ وسرندڙ آهن. انهن جي اهميت ڪڏهن بہ ميري ٿيڻي ئي ناهي.

### راڻا سر

مان اڪيلو ڪين آهيان پڌ- پروانا آڏن،
ڪوڙ راڻا سر مٿان ٿا، خيال ديوانا اُڏن
مور جهڙا پنک پهري، نينهن نذرانا اڏن.
رند پهڪن، مڌ چمڪي ۽ ٿا مئخانا اڏن.
مون پڪاريو: تون ڪٿي آن؟
تو چيو: "چيلهار" ۾،
اڄ مسافر مڌ جي ملهار ۾.

### اگهاڙا چور

ڪوڙ جو ٿي ڏنُ ڪنيائون ڏوڙ مان،
سچ جا ساڪي نہ ها، پرور نہ ها.
ديس جون چتيون اُڌيڙي ويا ڪٿي
جو اگهاڙا چور ها، رهبر نہ ها!

### علامت

وچين ٿي دور جي مون ڪان،
يقيني ۽ بي يقيني ۾،
چٽن ٿا ڏينهن پن پن تي.

## هڪ شهر جو الميو

وحشي پٽي جي دور ۾ اڄ پڻ تہ رهون ٿا،
احساس سندو چنڊ، نہ ڪنهن رات ٻريو آ.
جڏهن موت ٿو بارود جي گونجار ۾ ڪيڏي،
سپنن جو گهڙي هڪ بہ نہ هي شهر ٺريو آ،
جڏهن ملڪ هي پنهنجي عمر تي آ رَسي ويو
پنهنجو ئي ڪفن پاڻ خريدي تہ رهيو آ.

## هڪڙي يهودي ڇوڪري

پنهنجي محبوب جي ٿَر جي،
ڇئو بخشش ڏيان ڪهڙي؟

## بي خواب هوا آئي

جنهن وقت ڪلي مون تي آ رات جي تنهائي،
اڪڙيون نہ اگهيو ڪنهن پڻ دل ڪنهن بہ نہ پرچائي،
بي خواب هوا آئي.

## منهنجو ديس

هتان ريشمي بادلن جو گذر ٿيو،
هتان ئي شروع ٿيو هوا جون ڪٿائون.

## بي ترتيب زندگيءَ جو الميو

تو چو نہ ٻهاريو ٻوٽن مان،
جنهن وقت ڇٽيس مان پن پن ٿي،
جنهن وقت ڪڙس مان تاري جان،
تو چو نہ نهاريو پيار منجهان.

**جلاوطن دوست جي ياد ۾**

سنڀاري سنڌ ساريءَ کي
اکيون پرديس ۾ تنهنجيون روئن ٿيون رت هارن ٿيون
سموري لاڙ جي ڇاڇر پکين جي پير هيٺان آ.

**نئون گهاٽ**

وري ڪنهن گرهڻ ۾ ٿيو چنڊ قابو
سلاسل ۾ سارا ستارا سمهي پيا،
وري ڏاگهه تي ڪا چڙهي آ ڏهاڳڻ!

**لادين**

پنهنجي مٽيءَ جو آهيان،
پنهنجي مٽيءَ جو ٿيندس
ڪعبا ڇڏي شوالا،
پنهنجي گهٽيءَ جو ٿيندس،
ڪو آسمان لاهي
لادين دل ۾ آهي!

اهي سمورا نظم ۽ ڪي ٻيا به دلربا نظم نه رڳو احمد سولنگيءَ جي سڃاڻپ آهن پر اهي نظم جديد شاهڪار سنڌي نظمن جي ساک جو ثبوت به آهن.

اهو به سچ آهي ته شيخ اياز کان پوءِ عالمي موضوعن تي سڀ کان وڌيڪ احمد سولنگي ئي شاعري ڪئي آهي ايترا عالمي موضوع ٻين شاعرن استعمال ناهن ڪيا. ڳالهه رڳو عالمي موضوعن جي به ناهي احمد نظرياتي موضوعن جي آگر به جهلي آهي. اهي نظريا روشن خياليءَ جي صبح جي روشنيءَ طور مڃيا ويا آهن. اهي نظريا انساني آزاديءَ جي سڏ جو به پڙاڏو آهن. اينجلو کان محمود درويش تائين، پڪاسو کان واگوگ تائين، منصور حلاج کان سرمد شهيد تائين، حضرت عيسيٰ جي صليب کان امڙ مقدس مريم جي ڳوڙهن تائين جي سچ جي صدائن کي احمد سولنگيءَ جيءَ ۾ جاءِ ڏني، جيڪو شاعراڻو لباس

اوڊايو آهي. اهو بيمثال آهي. هن جي شاعري عشق جي خوشبوءِ جي حامي بڻجي نئون نياپو بڻجي ايري آهي هي شاعري وهندڙ عظيم رت جي وارث اچي ٿي آهي.

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جي هڪ وڏي انفراديت جيڪا هن جي همعصرن وٽ ناهي. اها هيءَ آهي تہ هن جي شاعريءَ کو هڪ مخصوص رنگ پاڻ تي ناهي چاڙهيو. اها هر وقت تبديلين ۾ گردش ڪندي نظر اچي ٿي. ڪٿي گل ٿيو ٽڙيو پوي، ڪٿي ٿوهر ٿيو رهڙيو وجي. ڪٿي پکيءَ جي ڪوڪ ۾ تبديل ٿيو وجي. ڪٿي وڪاميل عورت جون اداس نگاهون بڻجو وجي. اها ڪيئي مزاجن جو ميلو محسوس ٿئي ٿي. ايستائين جو اسلوب بہ اوچتو اوچتو بدلبا وڃن ٿا. ڪلاسيڪيت کي ڇهڻ جي تمنا هن شاعريءَ مان بکي ٿي. جديديت تہ هن شاعريءَ جو سگهارو روح هونئن ئي آهي.

احمد جي شاعريءَ جي ڌرتي سوڙهي ناهي. ڪافي ڪشادي آهي. ان ۾ سمنڊ آهن. درياهہ آهن. گل آهن. پوپٽ آهن. چانڊُن جهڙيون ڇوڪريون آهن. آڌيون آهن. اسر آهن. ستارا. هوائون. بادل آهن. پکي ۽ بوليون آهن. ڪاچا، تر، بر، پٽون ۽ ڪارونجهر جا مور آهن. هڪ سڄي جي سڄي جاڳندڙ فطرت موجود آهي. جيڪا انسان جي خواب جهڙي دلربا آهي.

احمد سولنگيءَ اڄ کان ويهہ سال اڳي جيڪو پنهنجو معتبر، دلفريب شاعراڻو اثر ۽ جادو جوڙيو هو اهو اڄ بہ برقرار آهي. اها احمد جي وڏي ڪاميابي آهي. احمد سولنگيءَ جي شاعري جديد سنڌي شاعريءَ جو اهم حوالو آهي. ان حقيقت کي ڪنهن بہ تشريح جي ضرورت ناهي. احمد جي شاعري ائين آهي. جڻ سوين آئينا روبرو هجن! هيءَ شاعري سچ تہ جديد سنڌي شاعريءَ جي اڏول جسم ۾ تازي رت جيان آهي. اها حقيقت اسان لاءِ فخر جوڳي آهي.

—

## ● اک عبادت گذار آهُن جي

معشوق ڏاريجو

احمد سولنگي جديد دور جو اُهو شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ جو پنهنجو جهان آهي اهڙو شاعرائو جهان جنهن کي جوڙڻ جي هر شاعر کي حسرت هوندي آهي

اک عبادت گذار آ. هن جي،
هن جا سپنا به باوضو آهن.

اک جو عبادت گذار ۽ سپنن جو باوضو هجڻ احمد جو شاعرائو ڪمال آهي سندس وائيءَ جو ٽڪرو آهي ته:

وٺي وٺي رات وٺي،
آيو آيو سوجهرو.

رات کي پڇائڻ ۽ اوندهه کي ٽارڻ جو عزم آهي آيو آيو سوجهرو صبح جي اُميد آهي احمد باک جي ساک ۽ صبح جي اُميد "اوشا جي آشا" جهڙو شاعر آهي

هُو لکي ٿو ته:

ڏينهن کي رات، رات ڪيئن چئجي،
جيت تنهنجيءَ کي مات ڪيئن چئجي

احمد ڏينهن کي ڏينهن ۽ رات کي رات چوڻ وارو شاعر آهي هي ڪڏهن به جيت کي مات ۽ مات کي جيت چوڻ وارو نه آهي هن نه رڳو فڪري پر فني طور به پنهنجي شاعريءَ ۾ اندروني قافيي جو ڏاڍو سهڻو استعمال ڪيو آهي

اُڄ کي مون رُڃ ۾ اُڇلي ڇڏيو.

اُڄ کي رُڃ ۾ اڇلي ڇڏڻ احمد جي شاعرائي تشنگيءَ جي انتها آهي احمد جي شاعريءَ ۾ وان گوگ ۽ پڪاسو جي پينٽنگ برش ۽ اسڪيچ به آهن ته ڪلا جي ڪاريهر هٿان ڪنهن فنڪار جا ڪڪيل نيڻ به آهن هُن جي پرواز جا پَرَ تمام گهڻو مضبوط آهن تڏهن ته هو چوي ٿو ته:

هر خيال ڪبوتر جيئن آڪاش تلاشي ٿو.

سندس خيال هيءُ به آهي ته:

مجذوب جي پيرن جي پازيب ٿيان آئون

درويش! نگاهن سان هڪ وار نهاري ڇڏ

احمد سولنگيءَ جي شاعري زندگيءَ جي شاعري آهي جيئن:

بک ويڙهي سمهي پيا آهن.

ٿس! ننڍيا ٻارڙا ۽ هُنَ جو گهر.

احمد جون هي سٽون پڙهي ڪنهن اردو شاعر جون سٽون ٿيون ياد اچن:

افلاس نے بچوں کو تہذیب سکھادی ہے،

سہمی ہوئی بیٹھے ہیں شرارت نہیں کرتے۔

يا شاهه لطيف جي سِٽ آهي ته:

ٻُک وڏائون ٻُگرين جوگي ڪندا جُڄَ.

احمد چوي ٿو ته:

هُنَ لقن کي وڪيو ناهي،

آدمي محترم آهي

۽ اياز چيو ته:

منهنجو اگهه پڇين ٿو آمر!

منهنجا گيت ڳنهي سگهندين تون.

احمد لگزري لائيف ۾ به لقن جو مان ڄاڻي ٿو. ان لاءِ جو هو/هي موري جي پورهيت رسول بخش سولنگيءَ جو پٽ آهي. هِن جو پونئري جهڙو مَنُ. سدائين مُڪڙي مُڪڙي جي سُڳند ۽ سرهاڻ جو ڳولائو ۽ گهُرجائو رهيو آهي جيئن:

هي جو پونئري جهڙو من،

ڪين قبولي هڪڙو هنڌ

مُڪڙيءَ مُڪڙي جو سُو ڳند.

احمد جي شاعريءَ ۾ نديءَ جي رواني آهي:

بلن تنهنجو جواني آ نديءَ جي

جواني جادواني آ نديءَ جي

پار ڪري هُو پوڙهو ڪرمي
جوڳ انهيءَ وٽ، جاٽ انهيءَ جي،
پير اُگهاڙا وات انهيءَ جي
گهاٽ انهيءَ جو ڪاجاھ موريءَ
پرٽو اُن جو مرٽي جهڙو
ڪهڙا گهوٽيتا ۽ ساڏي
ڪهڙا ڄاڃي ڪهڙا ڪانڌي؟
زالون اُن جون موت مري ويون
پٽ، نہ نهرون اڳڻ اڪيلو
ڪهڙو اُن جو ڳُڙم قبيلو؟
گهر لوڙهي ۾ هڪڙو پونو
ٻڪ ۾ پاٽي پيئنڊڙ بوڙهو
رنگ جو ڪارو ڪن ۾ والي
اک سُفيد پکيءَ جي پَرَ جيئن،
هيءَ حياتي ڪيئن اُن جالي
موڪ ۾ ريت لُڙانيل پاٽي،
مارين سائي چادر تاٽي
ٻنيءَ ٻنيءَ ۾ ديروُن جو
پٽيءَ پٽيءَ تي پيرواُن جو
هَر پلُ آهي تابع اُن جي،
سانجهي رات سويرواُن جو
هيءَ ڌرتي آ ماءُ انهيءَ جي،
وڻ وڻ آهي ياءُ انهيءَ جو
پن پن ڪلَ ڪنگورءِ ترسان،
ماتيلو آ سنگ انهيءَ جو
سچ ۽ ٻج تو ٻهڪي اُنَ لئہ
هر ٻارو آ دنگ انهيءَ جو،

هر ماڻهو ڇا ڇاتي سگهندو
اُن جي ڳالهين جي مالها ۾
آهي معنيٰ جو هر ڌاڳو
وقت هميري ڪولهي جو
ڪيئن گذريو آ، ڪيئن گذري ٿو!؟

احمد جو نظم "اگهاڙا چور" وٽي پڌ وارو نظم آهي. نظم جو آخري بند/چار سٽون آهن ته:

ڪُوڙ جو ٿي ٿنُ ڪنيائون ڏوڙ مان،
سچَ جا ساڪي نه ها، پرور نه ها،
ديس جو ڇتيون اُديڙي ويا ڪٽي
جڻ اگهاڙا چورَ ها، رهبر نه ها!

احمد سولنگي نه رڳو نظم جي دوستيءَ ۽ دلربائيءَ تي نازُ ڪري ٿو. پر هي غزل جي صنف سان پڻ ايترو ئي پيار ڪري ٿو.

بي خوف صليبن تي آ وقت جي ڇريائي،
منصور قبولي ڪيئن ، هن دور جي دانائي

احمد سولنگي منصوري روايت کي برقرار رکڻ واري سَٽَ جو ساتاري شاعر آهي. جيڪو لکي/ چوي ٿو ته:

هن چنڊ چڪوري جو ڪوانت نه اڄئو آ،
چانڊان ۾ چاهت کي آ ماتِ ڪڏهن آئي؟

احمد وٽ نه رڳو مزاحمت ۽ سماجيات آهي پر سندس شاعريءَ جو رومانوي رنگ به جهمپير جي تاڙيءَ ۽ ٻچي جي ڳوٺ جي مَڏ جهڙو پر ڪيف آهي، جيئن:

سرد موسم جي نهاڙن ۾ ملي
اُس جي آثار جهڙي ڇوڪري

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ ۾ اُس جي آثار جهڙي ڇوڪري سان گڏ ڪوهه دامن جي رهاڪو نينگري به آهي. جيئن:

ڪوهه دامن جي رهاڪو نينگري

آبشارن جيئن حواسن تي لٿي،
هن نديءَ جهڙين نهارن سان ڏٺو
پيا اِرم جا بند دروازا کلي

احمد جي شاعريءَ ۾ نہ رڳو نديءَ جهڙي ماٺار آهي پر آبشارن جهڙي رواني بہ آهي. احمد جي شاعري فطرت جي حسن جي عڪاس آهي. ڪوهه دامن، آبشار لهرون، پکي، ڪنارا ۽ نيرا اُٿاهه ساگر ان جو چٽو ثبوت آهن.

احمد سولنگيءَ جو نظم "قرت العين طاهره" هن دور جو بلاولي نظم آهي. ان جون آخري ٽي سٽون آهن تہ:

طاهره جي ڳچيءَ ۾ چُنيءَ کي وجهي جن چڪيو
تنهن ترڙيءَ تي ڏٺي ۽ گهُٽو جيئن ڏٺو
وقت گهو گهو ڏٺو جڏ تہ ايران کي!!

احمد سولنگي قلم جي عظمت کي قائم رکڻ وارو شاعر آهي:

ڪڏهين گلاب پوک مان، گوليون ڦٽي سگهيون،
ڪنهن گل جي پنکڙيءَ منجهان خنجر نہ ڦٽي سگهيو:

احمد ڪنهن لوڪ قصي جهڙو شخص ۽ شاعر آهي. موري جي محبوب مٽيءَ مان ڳوهيل هي شخص ۽ شاعر جڳجيت جي آواز ۽ انداز جهڙو سحر انگيز آهي. احمد جي شاعري بہ سحر انگيز آهي. جيئن سندس هيءَ وائي آهي تہ:

سيڻيءَ جو آواز
آڌيءَ ويل گهٽيءَ ۾.
چور بہ چوڪيدار کان،
ڪيئن لڪائن رازُ
آڌيءَ ويل گهٽيءَ ۾.
چانڊوڪيءَ ۾ واءَ جو
جهيٽو جهيٽو سازُ
آڌيءَ ويل گهٽيءَ ۾.

تارا، ڇاڇِي اُبَ جا،

چنڊُ ڪري ٿو ناز

آڏيءَ ويل گهٽيءَ ۾.

"مستقبل جي نالي" احمد جو هو خوبصورت نظم آهي. ان جون شروعاتي ٻه سٽون آهن ته:

هوائن جي آنچل تي، ڪنڊڙو پرن ٿيون،

هي فطرت جون همراز فنڪار ڪڪريون

هوائن جي آنچل تي، فطرت جي همراز ۽ فنڪار ڪڪرين جو ڪنڊڙو پرڻ، ٻنهي نئون ۽ نڪور خيال آهي ۽ اهڙا خيال ۽ سٽون لکڻ لاءِ فعولن فعولن جي ڦرهيءَ کي ڦيرا ۽ پيرا ڏيندڙ شاعر سڄي عمر سِڪي مرندا آهن. احمد جهڙيءَ شاعرائي رياضت لاءِ مطالعي ۽ مشاهدي جي ٻنيءَ مان پڇي نڪرڻ لازمي آهي. ساڳئي نظم جون آخري چار سٽون آهن ته:

ڪڏهن ٻهڪندا، خواب جڳ جي اکين ۾،

ڪڏهن خوف، بيداد جا قيد ٽٽندا،

ڪڏهن مات جهنگل جو قانون ٿيندو

۽ جهرڻا محبت جي ڌرتيءَ تي ڦٽندا.

خواب ۽ عشق احمد جي شاعريءَ جو مرڪز ۽ محور آهن. عشق جنهن لاءِ اياز لکيو هو ته:

عشق اسان وٽ آرائين جيئن، آيو جهول پري

۽ ان عشق لاءِ احمد جو خيال آهي ته:

صليب سوچ جو عيسيٰ کٽي جتان گذريو

اسان جو عشق انهيءَ رسم راهه ۾ آهي.

احمد جو عشق فٽ ڦاٽ تي ٻڪ ويڙهي سٽل جي درد کي محسوس ڪندي اظهاري ٿو ته:

هوءَ سُڏڪي لُڇي رات ڪشتو پڇي،

فٽ ڦاٽن مٿان ٻڪ ويڙهي سُتي.

جنهن جي هٿ ۾ روشني،

ان کي کهڙي مات.

روشني شعور جي هجي يا تارچ جي روشني روشني آهي. ساڳيءَ وائيءَ جو بند آهي ته:

سِرُ مٿانهون سنڌ کان،

ڪيڏي اوچي بات!

سنڌ جي عوامي شاعر ۽ ڪتاب "عشق جو آسمان" جي تخليقڪار مولا بخش ڪيريي جي نوجوان پٽ ۽ سهڻي شاعر فريد ڪيريي جي غزل جون سٽون ٿيون ياد اچن ته:

ڪٿانجي ٿو ڪنڌ قوم لئه جڏهن ته پو

ڪو ڪنهن تي بار ڪو نه ٿو رهي

احمد سولنگي به اها آس رکي ٿو ته:

هن اونداهي ڏيهه ۾،

جرڪي منهنجي ذات.

منهنجي (معشوق ڌاريجو) غزل جون سٽون آهن ته:

مان نه هوندس اگر زماني ۾،

باک گيتن منجهان ڦٽي پوندي

احمد جي شاعري اونداهي ڏيهه ۾، چونڪ تي لڳل فانوس، وانگر آهي، جنهن جي جوت راهه مسافرن کي ٺيڙ، ٿابي کائڻ کان بچائيندي، دڳ لائيندي رهندي. واٽ ڏسيندي رهندي ۽ منزل جو ڏس ڏيندي رهندي آهي.

نيڻ لهرن جي پينگهي ۾ لڏندا رهن،

ننڊ گهري ندي تي ڏٺي روح کي.

نيڻن جو لهرن جي پينگهي ۾ لڏڻ ۽ گهري نديءَ جو روح کي ننڊ ڏيڻ، ڪمال جو تصور ۽ خيال آهي. ساڳي طرح احمد جي شاعري پڙهڻ جي پر وارو تِر ۽ نڪ جو ڪوڪو به آسمان جي ستاري ثريا وانگر تجلا ڏيندي نظر اچي ٿو. جڏهن ته سندس شاعريءَ ۾ ڪونج جهڙيون ڳچيون ۽ لال يا قوتي نيڻ به پنهنجي جوت ۽ جلوو پسائين ٿا.

نظم "عشق جي تڪميل" موهيندڙ نظم آهي

خنجر جي رهيو نوڪ تي معصوم تبسم.

"خنجر جي نوڪ تي معصوم تبسم جو هجڻ" سموري دور جي وحشت، دهشت ۽ فنداگرديءَ جو راز فاش ڪري ٿو.

رهي تشنگي تي الائي ته ڪهڙي،
اُجارا، اُجارا، اُجن ۾ رهون ٿا،
پکيءَ وانگي آزاد پنهنجون اُڏارون،
ڪٿي سرحدن جي حدن ۾ رهون ٿا.

احمد سولنگي بين الاقوامي آفاقي شعور جو شاعر آهي سرحدن جي حدن ۾ رهڻ، ڪٿي سرحدن جي حدن ۾ رهون ٿا. وارو تصور سندس عالمگيريت جو ساکي آهي:

هر نديءَ جو وهڪرو ننڍڙو لڳي،
تنهنجي اک کان سمنڊ ٿو ننڍڙو لڳي.

ڪنهن جي اک کان سمنڊ ۽ نديءَ جي وهڪري جو ننڍڙو لڳڻ نج شاعراڻو احساس آهي جنهن کي پڙهي شمشير الحيدريءَ جي غزل جون سٽون ٿيون ياد اچن ته:

تنهنجي نيڻن ۾ جو نهاري ويو،
جڻ ته سنڌوءَ جي ڀئي ڪناري ويو.

احمد ساڳي ئي غزل ۾ چوي ٿو ته:

ڪيتري اک جي ڪشادي آ زمين،
خواب جو ٿو ڳوٺڙو ننڍڙو لڳي.

لفظ ڳوٺ مان ڳوٺڙي جو استعمال اسم تصغير آهي. اسم تصغير جو استعمال شاعريءَ/ٻوليءَ کي منڙو ۽ مائيدار بڻائي ٿو.

احمد پنهنجي شاعريءَ ۾ "اڪيون ڪوليو" جو آواز بلند ڪندي ڪيڏو نه خبرداريءَ سان چوي ٿو ته:

شهر ۽ سمنڊ جهڙو ڪر کپي ويندا،
ڪراچيءَ ۾ اسان جا گهر کپي ويندا.

اکيون ڪوليون نہ ٿئي جيئن سنڌ جو سودو
وڏي ناٿي وڏا رهبر ڪپي ويندا.

احمد جي شاعري فني تورڙي فڪري شاهڪاريت/ڪماليت جو بهترين نمونو آهي. سندس وائي:

"ڪنهن ڪان ورتئي ونڊالا!"

۾ ڪمال جي تجنيسيت آهي. ڏاڍا ڏاڍا درد جا، سُرهو ساهہ سرير ۾ جيڏي! جوٺئي جنڊ الا! ۽ سور ستارن سان سلي، تجنيس حرفيءَ جا موهيندڙ مثال آهن. جڏهن تہ ساڳي وائي جو بند:

پنهنجي ريت پريت ائين.
جيئن چڪورو چنڊ الا!

بهترين تشبيهہ آهي ۽ ريت پريت ٻنو لفظ آهي. احمد جو نظم "امن جي تاريخ" بار بار پڙهڻ جهڙو نظم آهي:

امن جي تاريخ
ڀٽ جي شاهہ
بُلهي باهوءَ
رحمان بابا
مست توڪليءَ جي
اکين جي آرسين منجهان.
قديم حُسن.
محبت، شادابيءَ
امن ۽ آزادگيءَ جا
اجرا عڪس ڦٽي رهيا آهن.
۽ اڄ جا آقا
ڪلاشنڪوف جي قلم سان
امن جي تاريخ لکي رهيا آهن.

احمد وٽ هڪ بوند جي وشالتا بہ آهي. سندس غزل جون سِٽون آهن تہ:

منهنجي اکڙين منجهہ تون ويهي رهين،
تنهنجي اکڙين ۾ ڏسان هڪ آسمان.

احمد جي غزل جون هي ٻہ سٽون پڙهي، دل ڪونجن جي قطار ٻڌجي آسمان ۾ اڏامڻ چاهي ٿي.

احمد جي سٽ"منهنجي اکڙين منجهہ تون ويهي رهين" پٽائيءَ جي سٽ:

اکين ۾ ٿي ويهہ واري ڇپر ڍڪيان.

جو سرور ڏيندڙ ۽ سڪون لاهيندڙ آهي احمد جي هڪ دلربا وائي آهي ته:

مهڪي چنبيلي

دل جي دروازي اڳيان.

سنجها ٿاڻي ڪير هيءَ
آئي اڪيلي،

دل جي دروازي اڳيان

ڪنهن جا پيرا ڏنڊ ۾،
ڳولي ڳهيلي،

دل جي دروازي اڳيان

آئي سارنگ پاڻ سان
سهسين سهيلي،

دل جي دروازي اڳيان.

احمد جي هيءَ وائي دور جديد ۽ جديد سنڌي شاعريءَ جي لاجواب وائي آهي. احمد مختلف ٿانس، مزاجن ۽ ڪيفيتن وارو شاعر آهي

ڪو بہ اکڙين جي اڳيان آهي ڪٿي؟
جنهن کي مان پنهنجو چوان آهي ڪٿي

احمد جو نظم "لبرا ڇوڪريءَ جي ڳولا" ڪمال جو نظم آهي. ڪيمي ڪولهڻ پڻ سنڌس شاندار نظمن منجهان هڪ آهي. "هميري ڪولهي" وانگر هن جو نظم "ڪيمي ڪولهڻ" بہ ڪيميءَ جي ڪردار کي امر ڪندڙ نظم آهي

کيمي ڪولهڻ
هر ڪو توکي!
تن من اربي
هَسُ ڳچيءَ جو
هار ڪري ٿو
هر ڪو تو سان
پيار ڪري ٿو
او ڪجراري!
وينگس تنهنجا!
پير سفيد،
پڪيءَ ڪان اُجرا!
نيڻ نڪورا،
نيلم جهڙا،
هٿ سراپا،
چانديءَ ورنا،
سونيون راسيون،
تنهنجيون ڇاتيون
ڪارا پنيا وار ڪلهن تي
موتئي جي مهڪار ڇپن تي
را ٿوڙي جي ڪيمي ڪولهڻ
تون ٻلڙيءَ ۾ ٺلهه مهانگي!

احمد سولنگيءَ جي هن نظم کي پڙهي رفيق سيال جو نظم "شوليءَ" ذهن تي تري اچي ٿو. جيڪو پڻ ان انداز ۾ لکيل بهترين نظم آهي.

حمد جو دوهي جهڙو شعر آهي ته:

ڳُل ڳُل جي تون ڪچي مکڙي، ول ول جو مهڪاءُ،
ناريلن جي جهنڊ مان نڪري، سمنڊ هوا ٿي آءُ

احمد سولنگيءَ جو هي شعر / دوهو ٻڌندڙن ۽ پڙهندڙن جي حواسن تي ٿڌي سنلن دلين ۾ سمنڊ جي هڪ بيچيني لهر پيدا ڪري ٿو. سندس هنن

سٽن جي سحر انگيزي محسوس ڪندي مير محمد پيرزادي جو دوهو ياد اچي ٿو ته:

آرزوءَ ڪي ڳل ساڻ لڳائي رازُ چوي ٿي سَلِ،
آنءُ منجهي بيو آهيان ڪهڙو آرزو ڪهڙو ڳل،

"پيار دل جو قرار آهين تون" جهڙي سٽ لکندڙ احمد سولنگي پيار پرست شاعر آهي جنهن جي شاعري خودداريءَ جو درس ڏيندڙ شاعري آهي.

ٻُڪ ۾ جهڪيا ناهيون،
باوقار گذري ٿي،

هتي زندگي ڪنايو آهي معنيٰ زندگي باوقار گذري ٿي. احمد جو هي خيال پڙهي فياض ڏاهريءَ جي نظم جون سٽون ذهن تي تري ٿيون اچن ته:

عمر ۾ آيو نه هو پر پاڻ ڪي،
هٿ ٽنگڻ ۾ ڪنڊ جهڪائڻ جو هنر.

اهڙوئي خودداريءَ ۽ ضبط جو پيغام احمد جي هيٺين سٽن ۾ به آهي ته:

لُڙڪ اک ۾ سُڪي ٿيو پٿر،
ڇا ته آ ضبط ڇا جگر آهي

اک ۾ لڙڪ کي پٿر بڻائڻ احمد جي نظم "اکين جو جهنگ" جون آخري ٽي سٽون آهن ته:

خواب آوارا پکي،
بند اکڙين جي وڻي ڪنهن،
جهنگ ۾ آهن اداس.

احمد جتي ڳوڙهي فڪر کي ڪتب آندو آهي اُتي سندس شاعريءَ ۾ لهجي جي سادگي پڻ ڏاڍي دل فريب آهي:

پيار جيون ۾ ڪجي،
درد کي دلبر ڪجي

احمد سولنگي نظم ۽ غزل جيان وائيءَ جو به سهڻو شاعر آهي:

. دونالي‌ءَ ٺا...ٺا،

پکي اڏريا اُپ ٿي

ٽڙ ۾ ڪاري تتر جي
ٻولي ناهي ڪا.
پکي اڏريا اُپ ڏي

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ ۾ ڪٿي ڪٿي علامتي ۽ تجريدي رنگ به ملي ٿو/نظر اچي ٿو.

احمد جو نظم "ڪراچي" معنيٰ خيز نظم آهي. جنهن کي پڙهي ڪراچيءَ جو/نثري نظم جو باڪمال شاعر "ذي شان ساحل" ياد اچي وڃي ٿو. هن نظم ۾ احمد لکي ٿو ته:

اي ڪراچي!
سنڌ جي تون نڪ جي آهين ڦُلي،
هُٿ ٻُچيءَ جو
سينڌ جو سندور، ماٿي جو ٽِڪو
۽ ڪرائيءَ جو ڪنگڻ.

احمد سولنگيءَ شاعريءَ جي دنيا ۾ خيال جا جيڪي ڪونتل ڪڏايا، سُرخا، انبلڪ، ڪميت ۽ الياڻ هڪليا آهن تن جو پنڌ ڏاڍو سهڻو ۽ شانائتو آهي. هن جو نظم "خوابن جي خودڪشي" پڙهي مون کي انور ابڙي جي ڪهاڻين جي ڪتاب "خودڪشيءَ جو رومانس" ۽ ساحر راهوءَ جي شاعريءَ جو ڪتاب "خوابن جي خودڪشين کان پوءِ" ذهن ۾ ڦرڻ لڳي ٿو. نظم جو فقرو "ڪافر حسينا" احمد سولنگيءَ جي ڪافر ادائن جهڙي حسناڪي رکي ٿو.

خودڪشيءَ جي ئي خواب تي سوچي،
زندگي پاڪرين ٻکي آهي.

خودڪشيءَ جي خواب تي سوچي زندگيءَ کي پاڪرين ٻَڪَڻُ زندگيءَ سان پيار جي علامت آهي. احمد سولنگي زندگيءَ جي وجدان جو شاعر آهي تڏهن ئي ته هو پنهنجي هڪ غزل ۾ لکي ٿو ته:

آگريون گُل فروش عورت جون،
۽ سندس نازڪي سڏي مون کي.

احمد جي نظم "سمنڊ ۽ شهر جي ڪتا" جي هڪ سٽ آهي ته:

هوائون ٿڙ وڃائن ٿيون
رتون سڀ گيت ڳائن ٿيون
چڙيءَ جي لا ٻڌجي ٿي
ڪٿي ڏسجي ٿو پاريهر
ڪٿي ڏسجي ٿو ڪاريهر
صفا جوڳيءَ جي ٽهٽي
سموري شاعري هن جي
سکين جي آ اکين جهڙي
سکين جي آسکين جهڙي
سمورو ناٽ ناتر جو
سمورو موهه مومل جو
سڄي ڄڻ ڪاڪ هن ۾ آ.
ڏسو احمد اُڏاري ٿو
پکي خوابن جا آوارا.
پکي خوابن جا آوارا.

(احمد سولنگيءَ ڪي منظوم پيتا سندس ۽ پنهنجي سنن جي سنگم سان)

احمد سولنگيءَ جي شاعري ۾ جاڙن پرن واريءَ جوانيءَ جا جلوا به آهن ته نرگسي نيڻن جون نهارون به آهن. سندس نظر ۾/لفظن ۾:

خاموش اڪيلائي
روحن جي رياضت آ.

درد جهمپير ۾ لٿو آهي
دل مسافر رهي سفر ۾ ٿي

اکين ۾ ڪنهن لکي تنهنجي رڳو شامِ غريبان آ.
ڳلن تي هيءَ سرخيءَ سان لکي ڪنهن ڪربلا آهي

احمد نظرانداز ڪو ڪنهن کي ڪري بہ پئي،
فنڪار جي هٿڻ کي، فراموش ڪيئن ڪجي

احمد "تضاد" کي بيان ڪندي لکي ٿو تہ:

مون هُنَ ڏي رابيل اُماٽيا،
تحفي ۾ تلوارون آيون.

۽ سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز چيو هو تہ:

ساري شهر وسايا پٿر، جن سان ڇڪنا ڇُور هيو
پوءِ بہ هن تي نعرا ماريا، مڙس تہ ڪو منصور هيو.

احمد سولنگيءَ جو نظم "سيوهڻ مٿان چنڊ" پڙهي علي نواز ڏاهريءَ جي شاعريءَ جو مجموعو "چانهونءَ مٿان چنڊ" ذهن تي تري اچي ٿو.

لڇمڻ ڪومل، احمد سولنگيءَ جي ڪتاب "خواب آوارا پکي" جي مقدمي ۾ لکي ٿو تہ:

"احمد سولنگيءَ کي مان هتي نئين نسل جي نئين شاعريءَ جي علامت ڪري ڪٿان ٿو. احمد سولنگي بنيادي طور تي نظم جو شاعر آهي. سندس شاعريءَ ۾ نئون فڪر، ٻڪشن ۽ ان جو جديد انداز اڄ جي وقت جي هر تقاضا پوري ڪري ٿو."

احمد سولنگي پنهنجي شعري مجموعي "خواب آوارا پکي" ۾ پنهنجي ياران لکيل مضمون "شاعريءَ جي حضور ۾" منجهہ لکي ٿو تہ:

"تو مون تي هميشہ مٺيءَ ماءُ وانگر مِهر ڪئي آهي سنڀاليو آهي ڪڏهن ڪڏهن بچائي بہ ورتو آهي. جڏهن جڏهن بہ وقت اڪيلائيءَ جي آڙاهہ ۾ اڇلايو آهي تڏهن تڏهن تون مون تي اگهاميل دُعا وانگر لٿي آهين!"

رڪيل مورائي، احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ بابت راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ:

"هو ايندڙ دور جو هڪ اهڙو شاعر آهي جيڪو سنڌ جي جديد شاعريءَ کي عالمگير سطح تي کڻي ويندو."

احمد سولنگيءَ جي شاعري، سنڌي شاعريءَ سان پيار ڪرڻ وارن لاءِ هڪ انمول ۽ سدا بهار تحفو آهي.

-

## ● احمد جيان اَڏار ڪٿي آ؟!

امر اقبال

شاعِرَ احمد سولنگيءَ سان سنڌي شاعري پڙهندڙن جو چڱو تعارف تڏهن ٿيو هو جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي ئي انداز واري نثر نويس، نصير مرزا، پنهنجي ڪنهن ڪالم /مضمون ۾ هڪ اهڙي شاعِرَ جو ذڪر ڪيو هو جنهن کي جديد سنڌي شاعريءَ جي سورج، شيخ اياز، حيدرآباد ۾ محمد ابراهيم جويي صاحب جي رهائش گاهه تي اڪيلائيءَ ۾ ٻڌو هو ۽ پوءِ ان شاعِرَ جي شاعريءَ کي پنهنجي شاعريءَ جو تسلسل سڏيو هو. اهو شاعِرُ احمد سولنگي ئي هُيو.

احمد سولنگي بنيادي طرح نظم جو شاعِرُ آهي. بلڪل ائين جيئن اياز، شمشير ۽ امداد بنيادي طرح نظمَ جا شاعِرَ آهن (هونئن اِها ڳالهه به آهي ته هر نظم جو شاعِرُ، غزلَ جو شاعِر ته هوندو ئي آهي پر هر غزل جي شاعر لاءِ ضروري ناهي ته هُو نظم جو به شاعر هُجي). ايازَ جي سُورَجَ سمان شاعرانِي شخصيت مان، احمد سولنگيءَ جي ئي ٽهيءَ مان (يا ٿورڙو هيٺ مٿي) جن نظم جي شاعرن، سُورج مُکيءَ جو رُوپ ڌاري، فڪر ۽ تخيل جا ڪرتا پئي حاصل ڪيا آهن، اُنهن مان (مُنهنجي ذاتي راءِ موجب) حليم باغي، حسن درس، مظهر لغاري ۽ احمد سولنگي نظم جا نمايان ۽ سرواڻي ڪندڙ شاعِرَ آهن. جديد سنڌي شاعريءَ جي آسمانَ تي ٽمڪندڙ اڪيلي سُورجَ، ايازَ جي فڪري ۽ فَني سَرچشمن مان سرشار ٿيڻ جي باوجود انهن چئني شاعرن جي شاعريءَ جو مُتُهن ۽ مُهاندو، رنگ ۽ ڍنگ، چال ۽ چلت ۽ ڏيک ۽ ويک، الڳ الڳ ۽ پنهنجو پنهنجو ئي آهي (مٿي ذڪر ڪيل شاعراڻي ٽهيءَ کان پوءِ سنڌي شاعريءَ ۾ جيڪو stuff ظاهر ٿيو آهي، اُنَ جي ڪٿ اڃان تائين هِڪَ سوالَ وانگر ئي آهي). 1992ع ۾ جڏهن شاعريءَ جي نون آواز جي انٿالاجي "ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان" شايع ٿي ۽ اياز انهيءَ جو طويل مُهاڳ لکي انهن آوازن جي نه صرف آجيان ڪئي پر انهن کي مُناسب ميٽا به ڏني، تڏهن اُنهيءَ انٿالاجيءَ مان جن شاعرن کي Miss ڪيو ويو انهن ۾ حليم باغي، مظهر لغاريءَ آسي زميني ۽ سميت احمد سولنگيءَ جو نالو به نمايان هو.

ادبي مخزن ٽماهي "پوئيٽ" کي ايڊٽ ڪرڻ جي بهاني سموري سنڌ مان جھجھي تعداد ۾ موصول ٿيندڙ شاعريءَ سان مڪاميلو معمول بڻيل آهي پر افسوس ته انهن ٿيندو آهي، جڏهن (جيڪڏهن تور ڪجهي تہ) ڳڻ جي حساب سان ملندڙ نهيءَ شاعريءَ مان "شاعري" ڪا ٿوري ئي هوندي آهي. اهڙي ئي ڏکاريل صورتحال ۾ "پوئيٽ" جي پنن جي ڪجهہ مڙئي پٽ رکڻ لاءِ مان اڪثر واقعي "شاعر" دوستن کي شاعري ڏيڻ لاءِ گذارش ڪندو رهندو آهيان. اهڙي گذارش مون جڏهن احمد کي ڪئي تہ هُنَ انهيءَ کي مانُ ڏيندي، مون ڏانهن پنهنجي شاعري موڪلي (حالانڪ هو انهيءَ معاملي ۾ ڏاڍو سُست ۽ رسالن ۾ ڇپجڻ کي هرو ڀرو بہ ضروري نہ سمجھندڙ رهيو آهي). احمد جي اِها شاعري "پوئيٽ" جي آڪٽوبر- ڊسمبر 2013ع واري اَئين ڪڙيءَ ۾ شايع ٿي. مون سندس نظم "مائيڪل اينجلو" مان هِڪ سِٽ کڻي انهيءَ سموري شاعريءَ کي عنوان ڏنو: "آءُ آوارا پکي". ۽ انهيءَ شاعريءَ متعلق پنهنجي پاران پيارَ مان جيڪي سِٽون لکيون، اهي ڪجهہ هيٺئن هُيون:

"بہ ادائي ڏهاڪا کن اڳ، شاعرن جي جنهن سَٽَ، سنڌي شاعريءَ جي هڪ نئين دؤر جي تعمير ۾ حصو ورتو، احمد سولنگي انهيءَ سَٽَ جي سرواڻي ڪندڙ شاعرن مان هِڪُ آهي، جنهن پنهنجي منفرد اسلوب، اڻ ڇهيل تخيل ۽ گُوڙهي تفڪر جي آڌار سنڌي شاعريءَ جي ڪاڪ محل جا طلسم ووڙيندي مينڌري جهڙي ڏِکَ پئي ڏني آهي. احمد جنهن تي شاعري هر دؤر ۾ اوڙڪون ڪري وُٺي آهي ۽ هُنَ پنهنجا سمورا خوابَ، خيالَ ۽ خُمار اُنهيءَ شاعريءَ ۾ پوڙي ڇڏيا آهن. احمد جي نظمن ۾ جِتي ڪنهن نئين جهڙي رواني سمايل آهي تہ سندس غزلن ۾ وري ڪنهن جرڪندڙ ترائيءَ جو عڪسُ پَسي سگهجي ٿو. سندس نظمَ جبر جي ڊگهي تاريڪ رات ۾ انڪار جي اُبي ٿيل اماڙيءَ جهڙا بہ آهن تہ ٻئي طرف سندس غزلن ۾ حسن ۽ جمال جون جلوه گريون پُوري آبَ تابَ سان نظر جن ٿيون. احمد سولنگي پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي سموري هوشمندي ۽ سموري مدهوشيءَ سميت دريافت ٿئي ٿو. احمد جي سِٽُن مان سفر ڪندي صليبن جا سَڏَ بہ ڪنائي سگهجن ٿا تہ ياقوتي جسمن جا اڻ ڏٺا عڪس بہ پَسي سگهجن ٿا. احمد جي شاعري پڙهندي سچ تہ تصور ۾ سندس ئي هِڪُ نظم جي

مان نہ ٿو چاھيان تہ سنڌي شاعريءَ جي هِنَ سُهڻي مُسافر، (جنهن شاعريءَ سان زندگيءَ وانگي پيار ڪيو آهي ايتري تائين جو شاعريءَ کي پنهنجي جسم جي چمڙيءَ سان تشبيھ ڏئي ڇڏي آهي) جي شاعريءَ تي لکندي سندس ڪِتابَ مان ڪي سِٽون quote ڪري ڳالهين جا "ڪوٽ" تعمير ڪيان يا وري "حوالن" جا حوالَ شامل ڪري پنهنجي هَنَ لکڻيءَ جي ديگھ ويڪر کي وڌايان پرَ احمد جي سمورن "دوستن" ۽ احمد جي سمورن "دشمنن" کي ايترو عرضُ ضرور ڪندس تہ: "خُدارا! احمد سولنگي جيڪو پنهنجي عهدَ جو هِڪُ حَسين، گهڻ رنگو مُنفرد ۽ مضبوط شاعِرُ آهي، اُنَ "شاعِرَ احمد" کي پنهنجي دوستيءَ ۽ پڻ دشمنيءَ جي صَليبَ ڏانهن نہ ڇڪي وڃو..... هُنَ کي هِڪَ شاعِرَ جي حيثيت سان ڏسوءِ پرکيوءِ پوءِ سندس اُڏارَ متعلق پنهنجي راءِ ڏيو."

اي آسمان! هر ڪو پري پرَ
"احمد" جيان اُڏارَ ڪٿي آ
(احمد سولنگي)

## • بي خواب هوا آئي

عبدالمؤمن ميمڻ

وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ

ماڻهو سرجڻهار جي سموري تخليق جو شاهڪار آهي. فرمايل آهي ته: اِنَّ اللهَ خَلَقَ آدَمَ عَلٰی صُوْرَتِہٖ 'الله، آدم کي پنهنجي مهانڊن تي خلقيو آهي.' ۽ قرآن ته چوي ٿو ته: وَنَفَخَ فِيۡهِ مِنۡ رُّوۡحِهٖ 'ء آدم ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو اٿس.' تنهنڪري حضور اقدس ﷺ سموري آفاقي تعليم جو روح هڪ جملي ۾ واضح فرمائي مسئلو ئي حل ڪري ڇڏيو ته: تَخَلَّقُوْا بِاَخْلَاقِ اللهِ 'الله جا گڻ اپنايو!'

'اَلْخَالِقُ' – يعني تخليقڪار! تاريخ جي هر موڙ ۾ حساس، سنجيده ۽ سمجهو ماڻهن سرجڻهار جي تخليقڪاريءَ جي صفت ۾ پاڻ اهڙو ته موکيو آهي جو زندگيءَ جون الله جي ڪيڏيون اڻايون سٽايون ٿي پيون آهن. ڪن سائنس جي وٽ سان تخليق جي ڪِرت کي نت نئين جوت عطا ڪندي وڏا شاهڪار تخليق ڪيا آهن ته ڪن آرٽ جي ذريعي صداڪاري، اداڪاري، ڪلاڪاري ۽ سخنن ڪاريءَ جا شاندار ڪارناما سرانجام ڏئي انسان جي نفسي مونجهارن جا نه رڳو سُٽ سلجهائي ورتا آهن بلڪ تاريخ کي به جهڙوڪر جيئرو جاڳندو رکندا آيا آهن. حق ۽ ناحق ۾ نکيڙ ڪندا آيا آهن. انسان جي اُڌمن کي آٿتون ڏيندا رهيا آهن. مايوسين جي ٻاٽ ۾ اميدن جي لاٽ ٻاريندا رهيا آهن. انسان جي اُڌمن کي آٿتون اربيندا رهيا آهن. مايوسين جي ٻاٽ ۾ اميدن جي لاٽ ٻاريندا رهيا آهن. فنا کي نهوڙي، بقا جون بشارتون ڏيندا رهيا آهن. نفرتن کي مات ڏيندي محبتن جون مکڙيون مهڪائيندا رهيا آهن. گفتني ناگفتنيءَ کي قلندرانه بيان ڪندي، سوچن، احساسن، پيڙائن ۽ دردن کي زبان عطا ڪندا رهيا آهن. ڪي بُرش جي ذريعي، ڪي پنهنجي بدني تحريڪات (Body language) يعني ناچ

جي ذريعي، ڪي موسيقيءَ جي آلات جي ذريعي، ڪي پنهنجي مڌر آوازن جي آلاپن جي ذريعي ته ڪي وري قلم جي ذريعي! اظهار جي انهن سمورن ذريعن منجهان 'قلم' هڪ اهڙي وٿ آهي جنهن جو قسم کڻي پروردگار به قلمڪارن جي شاهڪارن جي ساک ڏني آهي: نۤ وَالْقَلَمِ وَمَا يَسْطُرُوْنَ 'متن ڪپڙي ۽ قلم جو قسم! ۽ اُنهن لکڻين جو قسم جيڪي لکبيون رهن ٿيون'! ته قلمڪاريءَ جي وٿ سان انسان، خلقڻهار جي تخليقي صفت کي اجاگري بخشيندي جڏهن پاڻ موکيو آهي ۽ موکيندو رهي ٿو ته سندس اهڙي ڪرت خلقڻهار جي هن احسن تقويم جو نه رڳو پرم ثابت ٿي آهي بلڪ انسان پنهنجي پالڻهار پاران عطا ٿيل صلاحيتن جو لڄادار به رهندو آيو آهي ته الله پاڪ جي مهانڌن تي خلقيل هٿڻ جي حق ادائيگيءَ ۾ به ويرون وڌ رهندو پيو اچي! ڪائنات جي حسناڪين جا شاهڪار خاموش آهن پر قلمڪار انهن شاهڪارن کي پنهنجين سِٽن جي ذريعي جهڙوڪر قُوَّةِ گويائي عطا ڪري كُنْ فَيَكُوْنَ جي راز جي پروڙ به ٿيندو پيو اچي ۽ ڪائنات جي ناتماميءَ کي تماميءَ ڏانهن به وٺيو پيو هلي:

يہ کائنات ابھی نا تمام ہے شاید
کہ آ رہی ہے دمادم صدائے کُن فیکُون

تو رازِ کُن فکاں ہے اپنی آنکھوں پہ عیاں ہو جا
خودی کا رازداں ہو جا خدا کا ترجماں ہو جا

علم جي تاريخ گواهه آهي ته انسان جو قلمي پورهيو هوڻ ته پنهنجي هر صنف ۾ هر دؤر ۾ اثرانداز رهندو آيو آهي پر شاعريءَ جي صِنف جا اثرات عوام خواه خواص تي وڌيڪ تکڙا اثر انداز ٿيا آهن. نثر جي پنڌ کان نظم جي رقص انسان کي وڌيڪ موهيو آهي. بشرطيڪ نظم جو اهو رقص ڪڌڙن جي نمڪن کان پاڪيزه هجي!

'خواب آوارا پکي'، احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو ڳتڪو وڏي عرصي کانپوءِ سنڌي ادب جو هڪ اهڙو شاهڪار باذوقن جي آڏو آيو آهي جنهن جي نظمن —نغمن— گيتن ۽ غزلن ۾ موهن جي دڙي جي رقاصه —سمبارا جي رقص جا

اهڃاڻ موجود آهن تہ جنهن جي شاعريءَ ۾ مٽيءَ ماءُ جي ٻوليءَ جو رسيلو رَسُ بہ آهي تہ لوليءَ جو ڇَنُ بہ! جنهن ۾ سنڌ جي جيڪي مٽيءَ تي مينهوڳيءَ جي مهڪار جي سڳنڌ بہ آهي تہ صبح جي ٿڌڙي هير جو هڳاءُ بہ! 'خواب آوارا پکي' دراصل احمد جي ذهن جي اُڀ جي چنڊ ستارن- ڪتين ۽ ڪهڪشائن جو سنسار آهي جنهن ۾ شاعريءَ جي انيڪ صنفن جا جنسار آهن. پيا ٽا جهرمر جهرمر جرڪن ماندي من کي مهڪائين ۽ تاسن روحن کي سيراب ڪن ۽ پريشان دلين کي آسائتيون آسون اربين ۽ پيا ٽا آوارا ذهنن کي اکيون پيچي پيچي ريجهائڻ ۽ وکريل سوچن کي سميٽڻ جا جتن ڪن!

شاعريءَ جي صلاحيتن سان ڀرپور ذهنن کي عرب، الله جا پٽ چوندا هئا':

اَلشُعَراءُ اَبْنَآءُ اللّٰهِ! شاعري شعريت آهي يا شعوريت؟ مان سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن چڙو لفظن جي جڙاوت آهي، سَڪَ بندي آهي ۽ خيالن جي سهٽائي آهي تہ پوءِ شاعري شعريت آهي. پر جيڪڏهن انهن سمورين خصلتن سان گڏ ان ۾ مزاحمت يا ڪو پيغام بہ آهي. جيڪو جاڳائڻ ۽ بدلائڻ جو محرڪ بہ هجي تہ پوءِ شاعري شعوريت آهي! اِهڙي شاعري، جيڪا شعريت ۽ شعوريت سان تمتار هجي ان جو عالَمي مثال 'قرآن حڪيم' آهي. جيڪو خوش قسمتيءَ سان آفاقي بہ آهي تہ عالمي بہ — قومي بہ آهي تہ بين الاقوامي بہ! شاعري جڏهن جزو پيغمبري آهي تہ پوءِ استدلال ۽ حڪمت سان ڀرپور شاعري دراصل خود هڪ آفاقيت آهي جيڪا پڪ سان شاعر جي دل ۽ دماغ تي نازل ٿيندي آهي ۽ پڙهندڙ يا ٻڌندڙ جي دماغ تان وڃ وراڪا ڪندي دل ۾ اچي ويندي آهي جتي گهر ڪري ولندي آهي.

شاعر جي دل ڪومل جذبن، نرمل احساسن، سندر سوچن ۽ حسين خيالن جو سرچشمو هوندي آهي. شاعر جي فطرت ۾ جيڪا فراست وديعت ٿيل هوندي آهي اها ايڏي تہ تيز تر هوندي آهي جو شاعر اهو ڪجهہ چئي ولندو آهي جيڪو عام ماڻهوءَ جي دل ۾ اڳواٽ ئي موجود هوندو آهي ۽ ائين شاعر هر ڪنهن دل جو ترجمان بڻجي سامهون ايندو آهي بلڪ هو غير ارادي طور تي اهڙيون اڳڪٿيون بہ ڪري ويندو آهي جيڪي وقت اچڻ سان تير بهدف ثابت ٿينديون آهن ۽ شاعر کي فطرت پاران مرجهايل ۽ مايوس دلين کي جيڪو مهڪائڻ ۽ ريجهائڻ جو ڏانءُ ڏات ۾ مليل آهي سو عين آفاقي اسلوب سان نهڪندڙ آهي. مون آفاقي

ڪتاب جي لاءِ نالو ڪتب آندو آهي: 'قرآنِ حڪيم' جنهن بابت فرمايل آهي: وَالْقُرْآنِ الْحَكِيمِ قسم ڏاهپ سان ڀرپور قرآن جو!' سو قرآن جي ڏاهپ جا ڪجهه مثال عرض ڪرڻ کان اڳ مان ايترو سو ضرور چوڻ چاهيندس ته سنڌ جي ڏاهپ جا اهڃاڻ سمجهيا ويندڙ 'ڏاها' قرآن جي حوالن کي ملاڻڪي سمجهي ان کان ٽارو ڪرڻ ۽ ان ڏانهن ڌيان ڏيڻ کان لاتار ڪري وڃڻ کي پنهنجي ڏاهپ لاءِ ضروري سمجهڻ جي روايت کي وڏي اهميت ڏيندا آهن. ساڳئي وقت اهي 'ڏاها' مغربي مفڪرن، فلاسافرن، سائنسدانن ۽ شاعرن جا۔ خاص ڪري انگريزيءَ ۾ مثال ۽ حوالا پيش ڪرڻ ڪانسواءِ پنهنجين لکڻين ڪچهرين ۽ تقريرن کي اڌورو ۽ ڇسو تصور ڪندا آهن! جيڪڏهن انهن جي آڏو ڪنهن جي تحرير ۾ اگر ڪا قرآن جي آيت، حديث جو حوالو يا ڪنهن مذهبي ڏاهي جي ڳالهه ايندي ته ان تي ٺهه پهه ملائيت جي فتوي لڳائي ڇڏيندا پلي پوءِ اهو حوالو ڪيترو به اهم ڇو نه هجي پر اهو ويندو ضرور 'ملان' جي کاتي ۾! مون کي پتو ناهي ته اهو رويو احساس برتري آهي يا احساس ڪمتري؟! جيڪو ڪجهه به آهي پر حال آهي مضحڪ خيز!

منَ کي ريجهائڻ ۽ ڳالهه مڃائڻ جو اهو اسلوب جنهن ۾ پيار ئي پيار هجي جنهن ۾ انگل به هجي ته حُجَ به ڏاڍو وڻندڙ ۽ لُپائيندڙ لڳندو آهي. خلقڻهار پاڻ کان پڇڪي ويل انسان کي ڏسو ته ڪيئن ٿو پنهنجين ڳالهين سان ريجهائڻ جا جتن ڪري مثال طور:

اَفَلَا يَنْظُرُوْنَ اِلَى الْاِبِلِ كَيْفَ خُلِقَتْ

وَاِلَى السَّمَآءِ كَيْفَ رُفِعَتْ

وَاِلَى الْجِبَالِ كَيْفَ نُصِبَتْ

وَاِلَى الْاَرْضِ كَيْفَ سُطِحَتْ

فَذَكِّرْ ۗ اِنَّمَآ اَنْتَ مُذَكِّرٌ

لَسْتَ عَلَيْهِمْ بِمُصَيْطِرٍ

'ڀلا هو اٺ ته ڏسو ڇا نه عجيب الخلقت آهي هلو ڀلا
آسمان ڏسو ڪيئن اُڀ ٻڌيو بلند لڳو بيٺو آهي چڱو ڀلا

فَذٰلِكُنَّ الَّذِىْ لُمْتُنَّنِىْ فِيْهِ
وَلَقَدْ رَاوَدْتُّهٗ عَنْ نَّفْسِهٖ

'جيڏيون، اهو ئي تہ مَنَ موهڻو آهي جنهن لاءِ مون کي ڏوراپا ڏيون ڏيو هاها، بي شڪ! پنهنجي سهڻي کي مون پنهنجي سونهن آڇي!' ترجمو: ع.م

*

تہ سائين منهنجا، ڳالهہ ڪرڻ جو حسين اسلوب جيڪو دل ۾ پيهجي وڃي سو قرآن حڪيم جي مٿين ڪجهہ مثالن مان جنهن انداز سان واضح ٿيو تہ اهو اسلوب نج شاعري تہ آهي! خلقڻهار ماڻهوءَ کي خلقيو آ. ڪيس پتو هو تہ ماڻهوءَ جو منُ ڪهڙي اسلوب سان موهبو. تڏهن تہ توريت، زبور، انجيل قرآن ويد ۾ گيتا ۽ سمورا آفاقي ڪتاب نج شاعراڻي پيرايي ۾ نازل ٿيا آهن!

بلڪ زبور تہ باقاعده بحروزن سان ٿمتار گيتن نما دعائن تي مشتمل آفاقي ڪتاب آهي جيڪو حضرت دائود عليہ السلام تي نازل ٿيو ۽ حضرت دائود عليہ السلام پنهنجي مٺي آواز سان پنهنجون ڌُنون ڳاهي جهونگاريندو هو تہ پٿر، پهڻ، جيت، پکي سڀ ساڻس سُر ملائڻ لڳندا هئا. اتان ئي تہ لَحن دائوديءَ جو محاورو جڙيو!

منهنجي معروضات جو بنيادي مقصد اهو تہ شاعريءَ جي صنف خود خلقڻهار جي پسنديده صنف آهي تہ جيڪو شاعر، ڏات سان، ڏانوَ سان فطرت کي ڳائي ماڻهن کي جاڳائي ۽ دلين کي مهڪائي ٿو. سو بي شڪ، خدا جي خليفي طور انساني صورت ۾ نيابت جو اهو فرض سرانجام ڏئي يقيناً خوديءَ جو رازدان ۽ خدا جو ترجمان آهي! بشرطيڪ ان ڏات ۽ ڏانوَ ۾ گهربل پاڪيزگي نفاست ۽ سوچن جي سندرتا سان گڏوگڏ فڪر جي بلنديءَ قوميت ۽ بين الاقواميت جي اپٽار بہ هجي!

اڻين تہ پوءِ جنهن دَوُر ۾ قرآن جو نزول ٿيو سو اهو دَوُر دراصل عرب دنيا جي شاعريءَ جو عروج وارو دَوُر هيو. قرآن جو لاجواب اسلوب، حضورِ اقدس ﷺ جي مخالفن جي لاءِ مٿي جو سور بڻجندو ويو مخالفن ۾ مڪي جي قريش گهراڻي جا وڏا وڏا رئيس پيش پيش هئا.

.... مهان ڪويءَ جيئن پنهنجي نڪور ڪويتا، پيش ڪئي تہ رئيس وڏيرا منهن کي رومال ڏيندا شرمندگيءَ وچان هڪ هڪ ٿي مشاعري واري محفل مان کسڪندا ويا!

تنهنڪري هرويرو بہ مهان ڪوي ٿيڻ جي خبط کان بہ پاڻ بچائڻ نهايت ضروري آهي نہ تہ پاڻ تہ صاحبِ ڪويتا پلي نرجو لڳو 'ڪويتائون' رچيندو وتي پر ويچاري قوم! ساڃي پئي ٿيندي

'خواب آوارا پکي' بلاشڪ، شاعريءَ سان ڀرپور شعريت ۽ شعوريت جو حسين ڳٽڪو آهي جنهن جي پل تي سنڌ جي ذات کي وڏي عرصي کان پوءِ ڳاٽ اوچو ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. ڪتاب پڙهندي ڪٿي بہ محسوس ڪونہ ٿو ٿئي تہ ڪو احمد زوريءَ شاعري ڪئي آهي. احمد کان شاعري ٿيندي وئي ٿيندي وئي... آهي. هن شعوري طور شاعري ڪئي بلڪل بہ نہ آهي ۽ ٿي ويل شاعري ئي دراصل نزول هوندو آهي پر، ڪَيَلَ شاعري بس چڪ چڪان هوندي آهي.

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو هي ڀريون ڳٽڪو منظر عام تي آيو آهي جنهن جي اپياس دوران مون وڏي ڪوشش ڪئي تہ ڏسان تہ سندس شاعريءَ تي ڪنهن جي ڇاپ آهي؟! سو آخرڪار جڏهن هن تي ڪنهن جي بہ ڇاپ نظر نہ آئي تہ منهنجي ذهن ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد جا جملا تري آيا:

'مان جڏهن اڃارو هئس تہ منهنجي اُڃ ٻين جهڙي نہ هئي ۽ جڏهن سيراب ٿيس تہ منهنجي سيرابيءَ جو سرچشمو شاهراهِ عام تي نہ هو. جنهن ڪري مون کي پنهنجي اڃ اجهائڻ لاءِ پنهنجو چشمو پاڻ کي کوٽڻو پيو'...

مان سمجهان ٿو تہ نہ ڪي اياز پٺاڻيءَ جو تسلسل هو ۽ نہ ئي وري احمد، اياز جو تسلسل آهي! ڪابہ تخليق دل جي پهاڙ مان آتش فشان بڻجي اُڀري ايندي آهي. آتش فشائون گڏجي پهاڙ ٿي پونديون آهن. پٺاڻي سنڌي شاعريءَ جو الڳ پهاڙ آهي جنهن جي بلنديون جون چوٽيون سڄي دنيا جي سجاڻ ڏاهن کي نظر اچن ٿيون! اياز هڪ الڳ پهاڙ آهي بخاري هڪ الڳ پهاڙ آهي. سنڌي شاعريءَ جي پهاڙي سلسلي جون اهڙيون ڪئي خوبصورت قطارون آهن جن ۾ ٽڪريون بہ آهن تہ ننڍڙا دڙا بہ باقي جيڪا مٽي آهي سا وقت جي واءُ سان اڏامي ٿي وڃي! احمد سولنگي سنڌي شاعريءَ جي پهاڙن ۾ پنهنجي الڳ قد ڪاٺ سان اچي بيٺو

پوءِ احمد کان اِڪ ڪتاب جي الاهي ساترن پنن تي ليڇمڻ ڪومل جو پيار پٽاريل آهي. جيڪو ڏاڍو ڀرپور آهي ڏاڍو ڀرپور! ليڇمڻ جي 'لڙڪن لپ' کان پهريان خدا بخش ابڙو صاحب. احمد جي صورت ڪي احمد جي فطرت مطابق چئي. پر م اقبال جي 'شاهين' بجاءِ شيخ اياز وارو چڪور ويهاري اڙي ڏني اٿائينس ته:

جيڪو به چڪور انڌاري ۾
جي اُڏري ٿو ته دروهيءَ آ!

ڪتاب جي صفحي نمبر 89 ۾ احمد شاعريءَ جي حضور ۾ پنهنجي قلم کي سربسجود ڪري ڇڏيو آهي. هن صفحي کان اڳ واري صفحي تي احمد آهي ۽ سمنڊ! مثان پکي آهن. جيڪي فضا ۾ آوارا اڏامندا وتن! خدا بخش ابڙو صاحب. احمد جي شخصيت ڪتاب جي عنوان ۽ احمد جي دلپذير منظر سمنڊ کي ڇا ته معنيٰ بخشي آهي سُبحَان الله!

'خواب آوارا پکي' حسين نظمن عجيب غزلن — انمول وائين ۽ مٺڙن گيتن جي مهڪار سان ٿمٿار شاعريءَ جي هڪ اهڙي مالها آهي. جنهن جي سُڳنڌ روح ۾ اهڙي تازگي اوتي ٿي جيڪا فطرت سان پيار ڪي بيٺو به ڪندي هلي ٿي ته زندگيءَ جي بوستڻ ۾ ٿڌي هير جا جهونڪا به اُريي ٿي جنهن سان سچ پچ ته اکيون ٺنڊا ڪڙيون ٿي وڃن ٿيون!

احمد سولنگي پنهنجي ڪوتائن ۾ سماجي سائنس جا اهڃاڻ به ڳايا آهن ته جنس جي سائنس کي به ڇيڙيو آهي. هِن سمنڊ جي حسناڪين کي پنهنجي لفظن جي آرٽ سان ايئن چٽيو آهي. جو سمنڊ جي نظارن ۽ تشبيهن رتا شعر پڙهندي پڙهندڙ پاڻ کي جڻ انهن منظرن ۾ موجود پسي ٿو. عورت جي سونهن جي حِسِ لطافت کي ته ڪمال انداز سان ڇيڙيو اٿائين. احمد جي لفظن ۾ عورت جي سونهن پڙهندي عورت ڏانهن جنسيت جي ميلان واري جبلت تي عورت جي ديويءَ وارو روپ حاوي ٿي وڃي ٿو ۽ روح، بي اختيار ٿيو عورت جي عظمت جي آڏو نِمي پوي ٿو! مثال طور، راڻي قلوپطره کي جڏهن مخاطب ٿيندي چوي ٿو ته:

قلوپطره!
چپن جا تو ڏني يا قوت
۽ الماس اکڙين جا.

هتن جا ڏئي ڪنول اَجرا،
سريڪون سون جو سينو
ڳلن جا ٽِڙ، بلن جون ڪئي بهارون ڏئي...

دامن ڪوهه تي حسينه جي اثرانگيزيءَ ڪانئس رڙيون ڪرائي وڌيون آهن.
اُس جي آثار جهڙي ڇوڪري
وئي نظر جي نانگ سان مون کي ڏنگي،
زهر جي ڪنهن ڏار جهڙي ڇوڪري
ڪوهه دامن جي رهاڪو نينگري،
آبشارن جيئن حواسن تي لٿي
هن نديءَ جهڙين نهارن سان ڏٺو
پيا ارم جا بند دروازا کلي.

’اُس جي آثار جهڙي‘ ۽ ’حواسن تي آبشارن جيان لهڻ‘ ڇا ته لطيف تشبيهون آهن. اُس واري تشبيهه پڙهڻ سان سرد صبح ۾ چِٽي اُس جهڙڻ واري احساس جو لطف جيئرو جاڳندو پيو ڀاسجي ته روح تي آبشارن جي تصور سان جڻ روح پيار جي پاڻيءَ ۾ وهجندي پيو محسوس ٿئي. سچ پچ ته اهڙين حسين ترين تشبيهن سان بلن ۽ روح ٻئي مهڪار جيو تا پون!
نيم عريانيءَ ۾ ته احمد يرَ قهر ڪري ڇڏيو اٿئي:
اجنبي عورت!
ڪچي جڻ سون جي آ مورتي
قيمتي هن جو بلن
انگ نازڪ
رنگ آ انمول اُن جو!
ڇيلهه ڪشتيءَ جي رسيءَ کان مختصر، اُرهه اپريل چنڊ چوڏهينءَ جي مثال
نيڻ هُن جا لال ياقوتي مشعال
عاج جهڙي ٻانهن هن جي

بهرحال مادي ورتي آهي! ۽ جن سائنسي طاقت سان زندگيءَ کي سهل بڻائي
هر شيءِ کي مادي طاقت جي تناظر ۾ ڏسڻ پرکڻ ۽ پرجهڻ کي ئي ترجيح ڏني آهي
۽ اُنهن جو ايمان صرف ۽ صرف طاقت ۾ آهي ۽ طاقت جي ان انڌ ۾ ئي تاهڙجڻ جو
نتيجو آهي جو اڄ ڌرتيءَ جو هي ڪائنات جي باقي حصن جي پيٽ ۾ پتڪڙو
حصو ايڏي بارود سان ڀريل آهي جو هڪ معصوم ۽ پتڪڙي ڌرتيءَ کي ڪروڙين
ڀيرا پلڪن ۾ ناس ۽ نابود ڪري سگهجي ٿو!

خدا جي انڪار جو ٻيو سبب آهي: حد کان وڌيڪ بدحالي! جيڪا غلام
بڻايل ملڪن کي نياڳي ننڊ غفلت نا اهلي ۽ خوشامديءَ جهڙين خباثتن جي
نتيجي ۾ بهرحال ڀڄيءَ پيل آهي اهڙن ملڪن جي ذهين ماڻهن ۾ اهو سوال
هميشه کان اڀرندو رهيو آهي ته: جي خدا آهي ته پوءِ غربت بک ۽ بدحاليءَ کي
ختم ڇو نه ٿو ڪري؟ اميرن ڪبيرن پيرن وڏيرن سرمائيدارن ۽ جاگيردارن کي
پڪڙي تباهه ڇو نه ٿو ڪري جيڪي زندگيون ۽ سماج تاراج ڪري رهيا آهن؟!!
مشرقي سماج جي شاعر مشرق علامه اقبال ته سرعام 'شڪوه' ڪئي:

اے خدا! شکوۂ ارباب وفا بھی سن لے
خوگر حمد سے تھوڑا سا گلا بھی سن لے

قہر تو یہ ہے کہ کافر کو ملیں حور و قصور
اور بے چارے مسلمان کو فقط وعدۂ حور

ہم تو جیتے ہیں کہ دنیا میں تیرا نام رہے
کہیں ممکن ہے کہ ساقی نہ رہے جام رہے؟

طعن اغیار ہے، رسوائی ہے ناداری ہے
کیا ترے نام پہ مرنے کا عوض خواری ہے؟

پھر بھی ہم سے یہ گلہ کہ وفادار نہیں
ہم وفادار نہیں، تو بھی تو دلدار نہیں!

اقبال کان پوءِ ساحر لڌيانويءَ به مشرق ۾ ويهي ٿي دانهون ڪيون ته:

آسماں پہ ہے خدا اور زمیں پہ ہم
آج کل وہ اس طرف دیکھتا ہے کم

آج کل کسی کو وہ ٹوکتا نہیں
چاہے کچھ بھی کیجئے روکتا نہیں

ہو رہی ہے لوٹ مار پھٹ رہے ہیں بم
آسماں پہ ہے خدا اور زمین پہ ہم

اتنی دور سے اگر دیکھتا بھی ہو
تیرے میرے واسطے کیا کرے گا وہ

زندگی ہے اپنے اپنے بازوؤں کا دم
آسماں پہ ہے خدا اور زمیں پہ ہم

فيض احمد فيض وري الئه کهڙي ڪيفيت ۾ هيئنءِ به چئي ڏنو:

ایک فرصت گناہ ملی وہ بھی چار دن
دیکھے ہیں ہم نے، حوصلے پروردگار کے!

سو خدا جي انڪار جي سڏ يا اڻ سڏي ريت، مغرب ۽ مشرق ۾ بهرحال الڳ الڳ رهي آهي. پياري احمد به پنهنجي هڪ غزل ۾ شڪوه ڪري ورتي آهي:

جيسين بکيو پيٽ پري به
تيسين پالڻهار! نه سمها

خدا آهي يا ڪونهي ان بحث کي هتي ڇيڙڻ جي گنجائش به ڪانهي ۽ هي موقعو به ڪونهي. مشرقي ڏاهپ جي لجادار سهٽي عليءَ جي انمول ڳالهه تي

الوجود جا اهڃاڻ بہ آهن. مون کي احمد سولنگيءَ جو ڪتاب پڙهندي، احمد سولنگيءَ ۾ هڪ صوفي بہ نظر اچي ٿو تہ هڪ عالم بہ! هڪ ديش ڀڳتي بہ سندس دل جي دريچن ۾ ويٺل آهي تہ هڪ پيار ڪندڙ ۽ محبت ڪندڙ عاشق بہ ويٺو سندس اندر مان ليئاڪا پائي! هڪ تاريخدان بہ سندس من جي صحرا ۾ ميرانجهڙو لڳو ويٺو آهي تہ هڪ مؤرخ بہ قُرت لڳو اپين پيري هر پل Hi Aelert لڳو بيٺو آهي. هڪ مصور بہ سندس وجود جي گهراين ۾ موجود آهي تہ هڪ موسيقار بہ سندس رڳ رڳ ۾ رچيو ويٺو آهي. ڪهڙو پلا علم جي گلدان جو اهو گل آهي جيڪو هن يڪاني نوجوان جي اندر جي دنيا ۾ ٽڙيل ناهي؟!

پڪو نڪو ديش ڀڳت احمد سولنگي جڏهن سنڌ جي ڳالهہ ٿو ڇيڙي تہ 'ڪراچيءَ' نالي پنهنجي نظم ۾ ڪلاچي- سنڌ جي مارئيءَ کي جيڪي تشبيهن جون سوکڙيون عطا ڪري ٿو تہ ڪنهن بہ حلالي سنڌيءَ جو من مهڪڻ ۽ دل جهومڻ کان رهي نہ ٿي سگهي:

اي ڪراچي!
سنڌ جي تون نڪ جي آهين ڦلي،
هَس ڪچيءَ جو
سينڌ جو سندور ماٿي جو ٽڪو
۽ ڪرائيءَ جو ڪنگڻ!

ڪراچيءَ جو صبح واقعي نرالو لڳندو آهي. اتي جي صبح جي سحر کي ۽ شام جي انمولتا کي ۽ رات جي جادوءَ ڀرين نظارن کي جڏهن احمد سولنگي لفظن جي آرٽ ۾ چٽي ٿو تہ پڙهندي هانءُ ٺريو پوي:

باک بادامي جڏهن ٿي تنهنجي رستن تي لهي،
صبح تنهنجو سون ورنو ٿو لڳي
۽ جڏهن ٿي شام گهونگهٽ کي کڻي،
سانوري ڪا ڪنوار آرس ٿي ڀڃي!
رات پنهنجا پاند ڦهلائي جڏهن ٿي تو مٿان،
چنڊ شرمائي وڃي ٿو اڳيان.

ڪراچي 'شاهہ جي دعا آهي' احمد جي اها سٽ نسوري قلندرانہ سٽ لڳي ٿي
تون ڪلاچي! شاهہ جي آهين دعا!

۽ وري ڪراچيءَ جي معاشي منظر کي 'پالڻهار' (مجازي پالڻهار) سان تشبيهه ڏيڻ جي جسارت واري 'ڪافريءَ' ۾ ڇا ته 'ايمانيت' پريل آهي! ڪراچيءَ جي ٻاجهه کي احمد ماءُ جي ممتا جي روپ ۾ سموئي ڇڏيو آهي. ۽ حادثا به ته هڪ ماءُ سان ٿيندا آهن نه پنهنجي اولاد جي حوالي سان.

اي ڪراچي!

تون ته پالڻهار وانگي ٿي لڳين.

تون ملين جي روز ڇمنين کي ڏکائي،

پيٽ ٻکيا ٿي ڀرين!

زندگيءَ مصروف تنهنجيءَ ۾ رهيا،

بي انت ڪيئي حادثا.

روشنين جا سلسلا!

ڪراچيءَ جي مالڪيءَ جي دعويٰ ۾ ڪرنگهيءَ جي هڏيءَ سان تشبيهه ڏئي احمد ڪراچيءَ کي سنڌ سان ـ سنڌين سان اهڙو ته سلهاڙي ڇڏيو آهي جو ڪراچي ناهي ته سنڌ به ناهي:

اي ڪراچي!

تون اسان جي آنهه ڪرنگهي جي هڏي،

عڪس جلوو آرسي،

۽ اکين جي روشني!

ڌارين جي رعب ۽ دٻدٻي جي اثر جي سينور ۾ سينوارجي ويل ذهنن کي احمد سولنگيءَ جيڪو پاراتو ڏئي پٽيو آهي سو بي شڪ هن بجا ڪيو آهي. اسين سنڌ جا سمورا عاشق احمد جي ان پاراتي تي وڏي واڪي چئون ٿا: آمين!

ڪِرم جو ٿي ڪاٽيارو

شال سو ويري مري،

جيڪو چوي

پنهنجي هوندي،

سنڌ کان تون ڌار آهين!

لاريب ـ احمد سولنگيءَ جي شاعري لاجواب آهي

احمد سولنگيءَ جي شاعري زندگيءَ سان ڀرپور هڪ 'امرتا' آهي

احمد سولنگيءَ جي شاعري نغمگي ۽ موسيقيءَ سان ٽمٽار پرڀات جي صدا بهار صدا آهي. جنهن ۾ سمورن پکين جي لات به آهي ته ماضي، حال ۽ مستقبل جي بات به آهي! احمد سولنگيءَ جي شاعري هڪ 'احساس' آهي جيڪو سنڌ واسين جي لاءِ احساس برتريءَ جو اهڃاڻ آهي.

احمد سولنگيءَ جي شاعري انمول سرمايو آهي. جيڪو سنڌي ادب جي غربت کي ختم ڪرڻ لاءِ سيڙپڪاريءَ جو بهترين ذريعو آهي.

احمد سولنگيءَ جي شاعري واقعي شاعري آهي. جيڪا شاعريءَ جي بين الاقوامي تقاضائن جو ڀرپور پرم آهي. شاعريءَ جي سمورن ماپن، سمورين حسانڪين، سمورين سچيتپاين، سمورين خاصيتن ۽ فني تقاضائن تي جيئن جو تيئن پوريءَ طرح پوري آهي. تنهنڪري اي سنڌ واسيو! توهين احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جي ڪهڙين ڪهڙين عظمتن ۽ امرتائن کان انڪار ڪندؤ؟!!

## ● سادو شخص ۽ سهڻو شاعر

سجاد ميراڻي

ساهتي پرڳڻي جي جنهن شاعر ساهتي پرڳڻي سان گڏ پوري سنڌ ۽ هند ۾ شاعريءَ جي حوالي سان پنهنجو پاڻ مڃايو آهي، اهو آهي ايشيا جي اديبن جي وڏي ۾ وڏي تنظيم سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو سرواڻ احمد سولنگي جيڪو پنهنجي فن ۽ فڪر سان گڏ پرڪشش شخصيت جو مالڪ پڻ آهي.

هن جو پورو نالو احمد حسين ولد رسول بخش سولنگي آهي. سندس جنم 5 جنوري 1971ع تي موري شهر ۾ ٿيو.

احمد سولنگي تعليم جي حوالي سان مئٽرڪ موري ۾ ڪئي ۽ شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور مان بي اي پاس ڪئي.

بي اي ڪرڻ کان پوءِ احمد مختلف اخبارن توڙي ٻين ادارن ۾ نوڪري ڪئي. نوڪريءَ جي حوالي سان نيٺ هٿي هنڌ ڪيائين ۽ سي ايم هائوس ۾ سنڌ جي وڏي وزير جو پروٽوڪول آفيسر مقرر ٿيو جنهن بعد سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ڊپٽي سيڪريٽري ۽ پوءِ سکر ۽ لاڙڪاڻي ۾ ڊائريڪٽر ايڪسائيز جا عهدا پڻ ماڻيا.

احمد هوندي ته شڪل شباهت ۾ عام ڏسندڙ کي هڪ بيوروڪريٽ جو ڏيک ڏيندو پر هن جي اندر ۾ جيڪو انسان ويٺل آهي اهو هڪ غريب نواز ۽ غريب پرور آهي.

احمد يارن جو يار، دوستن جو دوست ۽ اندر ٻاهر هڪ. هُو پنهنجي دوستن جي حلقي ۾ پاڻ کي وڏو ماڻهو ناهي سمجهندو. سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي چونڊن کان پوءِ هو جڏهن هڪ رات مون وٽ مهمان ٿي رهيو هو ته صبح جو ناشتي دوران مون کي سڏي چيائين ته رات وارا بچيل چانور کڻي اچ! مون کيس چيو ته اهي پاروٿا آهن ته پاڻ چيائين اهي پليٽ ۾ کڻي اچ ۽ پوءِ انهن جي مٿان ڏهي وجهي چمچي سان کاڌائين جڏهن ته سائين ادل سومري، پياري تاج جويي ۽ آزاد انور ڪانڌڙي سبزي، چولا، لسي ۽ چانهه سان ناشتو ڪيو. مان احمد جي ان ناشتي کي ۽ سندس سادگيءَ کي سدائين ياد رکندس.

احمد سولنگي جهڙو پاڻ سهڻو تهڙي سندس شاعري سهڻي. نازڪ ۽ نرمل هجڻ سان گڏ سڀاجهڙو سيبتو ۽ پيارو انسان هن کي نظم ۽ غزل جي اهم شاعرن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

احمد سولنگي خوبصورت ۽ خوب سيرت. کلڻو ملڻو خوش پوشاڪ. سندس خلوص ۽ قرب ۾ مقناطيسي ڪشش آهي سندس شاعري به اهڙي ئي آهي. جنهن جي لاءِ هن صدي جي مهان شاعر شيخ اياز چيو ته "احمد منهنجو تسلسل آهي". احمد لاءِ ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو وڏو اعزاز ٿي سگهي ٿو. هونئن به ڏٺو وڃي ته احمد جي شاعري قال سان گڏ حال تي به پوري لهي ٿي. جو ته سندس شاعريءَ ۾ فن، ڏانءُ، ڏات، فلسفو موسيقي، ردم ۽ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ محبت، پيار ۽ پريت جو پيغام آهي.

احمد جي شاعريءَ کي ڏسڻ لاءِ اندر جي اک جي ضرورت آهي جو ته سندس شاعري سنڌ، سونهن ۽ سچ جي چوڪاري ڦري ٿي. احمد جي غزل جون هي سٽون منهنجي ان ڳالهه جي گواهي ڏين ٿيون. سنڌ جي حوالي سان هو لکي ٿو:

شهر ۾ سمنڊ جهڙو ڪر ڪيي ويندا،
ڪراچيءَ ۾ اسان جا گهر ڪيي ويندا.
لهي ٿو سج شاعر جي پيالي ۾،
جوانيءَ جا صبُو ساغر، ڪيي ويندا.
اکيون کوليو نه ٿئي جيئڻ سنڌ جو سودو،
وڏي ناٽي وڏا رهبر، ڪيي ويندا.

سونهن جي حوالي سان به احمد جيڪو ڪجهه لکيو آهي اهو هڪ شاعر ئي لکي سگهي ٿو.

بدن تنهنجو جواني آ، نديءَ جي،
جواني جاوداني آ، نديءَ جي

ڪنارا خواب جا ٻوڙي وڃي ٿي
اکين ۾ ٿي رواني آ، نديءَ جي

ٻڏو پاتال ۾ احمد ڪٿي آ،
نديءَ ۾ بدگماني آ، نديءَ جي.

ٻئي غزل ۾ چوي ٿو تہ:

تنها پالي پيار نہ سُمهہ
ائين اڪيلي ڏار نہ سُمهہ

ننڊ ۾ ويند ئي چنڊ چُمي!
وِلهہ ۾ ويڙهي وار نہ سُمهہ

چوري چونڀيءَ منجهہ پري،
موتئي جي مهڪار نہ سُمهہ

اهڙيءَ ريت احمد سچ چوڻ جا شاعريءَ ۾ گُر بہ ڄاڻي ٿو ۽ تمام سهڻي انداز ۾ لفظن جا تير جيڪي سچ جي زهريلي پاڻيءَ مان ٻڏل آهن تن کي احمد قلم جي نوڪ سان ڪاغذ جي سيني تي وڏي بيباڪي ۽ دليريءَ سان لکي ۽ پڙهي ٿو:

لمحي لمحي جي پيڙا ۾،
منهنجو سَتُ سُڪوئي ناهي
سِرَ جي سوڙهي سُر ڪڻ ڪان هي
ڄاڻو جيءَ ٻنوئي ناهي،
هُو سڏ ڪري پيو ڪالاٽي،
ڏس مون کي اُوچي تختي تان،
۽ ويڙهي مرڪ ڪٽوريءَ ۾،
ٿو آڇي دار جهروڪي مان.

هونئن تہ هر شاعر جي لکڻي سندس آتم ڪهاڻي هوندي آهي. اهڙي ئي ريت احمد جي شاعري سندس شخصيت جي عڪاسي ڪندڙ آهي جيڪا پڙهندڙ کي احمد جي شخصيت آڏو پهچائي ٿي. احمد جون هي سٽون احمد جي شخصيت جي عڪاسي ڪن ٿيون ۽ احمد جي شاعريءَ جي حوالي سان هڪ ڪامل ڪويءَ جي گواهي ڏين ٿيون:

مان نہ ڪو تبريز هان،
۽ نہ روميءَ جو رباب.
مان نہ هان شيراز جي
ڪنهن بہ مٽيءَ جو گلاب.
مان نہ عيسيٰ جو صليب.
تون نہ مريم جي مٽي،
مان نہ ڪرسمس جو قصو
تون نہ گرجا جي گھنٽي،
سچ صوفيءَ جي مُنبي،
جنهن تي منهنجو آ جڙاءُ،
آءٌ ڪِرٽو سانجھہ جو
منهنجو پالڻ تي پڙاءُ.
تون وجائي چا ڪندينءَ،
مون پر پيانو موهہ جو
آس پائي چا ڪندينءَ.
آءٌ نہ جھرٽو روهہ جو.
آخر پر منهنجون ستون احمد لاءِ تہ:

دلدار وڏي شيءِ آ،
ها پيار وڏي شيءِ آ.
ماٺھو تہ مٽيءَ جو آ،
ڪردار وڏي شيءِ آ.

# • چنڊ کي جاڳي پيو

مولائي ملاح

سنڌ جي بادامي پاڻيءَ کي هڪ ٻڀي ٻالڪپڻ کان جوانيءَ جون وڪون کڻندڙ احمد سولنگي ادبي ڪيتر ۾ ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي سندس سرجيل سندر جذبن جي اظهار واري شاعري ئي سندس سنڌ ۽ هند ۾ وڏو تعارف آهي سندس فن، فڪر ۽ شخصيت سان ته ڪٿي ڪنهن جا به ڪيترا اختلاف ٿي سگهن ٿا پر سندس خيالن جي آڌام بلنديءَ ۽ لفظن جي اڻٽ پوءِ به اهل دل ماڻهو کان سندس شاعريءَ تي واهه واهه جا بي ساخته لفظ چورائڻ تي مجبور ڪري ٿي.

احمد جهڙي سرجڻهار سان اختلاف به سندس شاعراڻي شخصيت ۽ معياري شاعر هجڻ جو ثبوت ڏين ٿا شاعري ڏات آهي يا ڏانءُ اهو فيصلو ته ڪوئي ماهر ساهتڪار ۽ ڪوي ئي ڪري سگهي ٿو. پر احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو جادو اهو آهي ته ان کي پڙهڻ کان پوءِ هر نئين پڙهندڙ جي دل شاعري ڪرڻ ۽ شاعر بنجڻ لاءِ اڌما کائي ٿي. سندس شاعري علم عروض ۽ چند وديا تي ڪيترو پورو لهي ٿي اهي ماڻ ماپا پاڻ ڪونه ڄاڻون پر سندس خيال دل جي پاتال ۾ پيهي وڃن ٿا ۽ هر پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ کي خوابن جي واديءَ ۾ ڪٺي وڃن ٿا. جتان موٽڻ کان پوءِ هر ماڻهو عشق، حسن جو مجاور بڻجي وڃي ٿو. احمد جي شاعريءَ ۾ تخيل جي نواڻ اپسرا جي هار ۾ پوئيل موتين جيان جڳمڳائيندي هر زنده دل ماڻهوءَ کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪري ٿي.

لفظ لڙڪن جيان قطارون ڪري ذهن جي ڪينواس تي تڏهن ئي لهندا آهن. جڏهن دل ۾ عشق جي آڳ جلندي آهي پر احمد سولنگيءَ وٽ رڳو لفظن جي ئي نه پر تخيل، خيالن جي به اپسرا جهڙي آمد ٿئي ٿي. سندس پيار جي پهرين پورهئي "خواب آوارا پکي" جي جنهن به ورق کي اٿلائجي ٿو ته ان مان عشق ليئا پائيندي نظر اچي ٿو پوءِ پڙهندڙ جون اکيون سندس عشق جي اکين ۾ اٽڪي پون ٿيون اهڙي سمي دل جي ڪيفيت سڪتي جهڙي ٿي پوي ٿي يقينن احمد سولنگيءَ جي ڪيفيت به اياز کي پڙهڻ مهل اهڙي ئي ٿي پئي هوندي ۽ اياز جي به

جنهن لاءِ چوڻ ٺاهه ته پوءِ اياز پنهنجي شاعراڻي اسلوب کي برقرار رکڻ ۾ لطيف جي اثر کان پنهنجي شاعريءَ کي بچائڻ لاءِ زندگيءَ جي هڪ حصي ۾ لطيف کي پڙهڻ ڇڏي ڏنو هيو يقنن احمد سولنگيءَ به ائين ئي ڪيو هوندو.

ڪنهن چيو آهي ته شاعري شاعر جي آتم ڪٿا آهي. جنهن ۾ سندس آتما آوارا پکين جيان نظر اينديءَ آهي. سندس سڄي شاعريءَ ۾ حقيقت جي ڏياتين جي روشنيءَ کان علاوه مسئلن جا ڏس ۽ گس به محسوس ڪجن ٿا. احمد سولنگيءَ جي ڪيفيتن ئي سندس شاعريءَ ۾ احساسن جي رنگ کي اتساهه ڏنو آهي. جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ هڪ منصف. فراخ دل پڙهندڙ جهومي پوي ٿو ان ۾ سڄي ڳالهه محنت جي آهي جيڪو جيتري محنت ڪندو معيار جي ميدان ۾ اوترو ئي مان لهندو. منهنجي تعريفي ڪلمات سان ڪو ڪوي وڏو شاعر ته ڪونه ٿي سگهندو ۽ تنقيد سان ڪنهن جو قد ڪاٺ ننڍڙو نه ٿيندو. ان ۾ وري ڪٿي نصيب جو به عمل دخل آهي ته ڪنهن جي نصيب جي جهول ۾ لفظن جا موتي ٿا پون. ته ڪنهنجي وات مان وري باهه جا شعلا ٿا نڪرن...!!

"خواب آوارا پکي" تي جيڪڏهن ڪوئي ڄاڻو ماڻهو ڪائي تنقيد ڪري ته اها احمد سولنگيءَ کي به دل سان قبول ڪرڻ گهرجي. باقي ڪتاب "خواب آوارا پکي" جو مواد معيار جي مارڪيٽ ۾ ائين نه ڏسجي جيئن چون ٿا ته "ڪنهن مصور. آرٽسٽ پنهنجي ناهيل تصوير کي تنقيد لاءِ شهر جي ڪنهن چوراهي تي ٽنگي مٿان لکي ڇڏيو ته هن تي تنقيد ڪريو ٻئي ڏهاڙي جو هو اها تصوير ڏسي دنگ رهجي ويو سڄي تصوير تي لڪيرون پاتل هيس. هن چيو واهه واهه هت ته فن جا ڪي وڏا ڄاڻو ماڻهو آهن. سکڻ جو به وڏو موقعو آهي. هن ڇا ڪيو جو ان مٿان وري لکيائين ته هاڻ هن جي اصلاح ڪريو ڪيترن ئي ڏهاڙن تائين اها تصوير اتي ئي ٽنگيل رهي ان تي اصلاحي ڪنهن هڪ سٽ به نه لکي"

مطلب ته تنقيد ڪندڙ ته سڀ شهري هيا پر انهن ۾ اصلاح ڪرڻ جي صلاحيت ڪنهن هڪ ۾ به نه هئي. اصلاح ئي انسان ۽ آرٽسٽ کي سنواريندي آهي باقي تنقيد ته مون جهڙو مولائي مڙس به وٺو ڪري ته ڪنهن ڪويءَ تي ڪوئي فرق ڪونه پوندو. احمد سولنگيءَ جا "خواب آوارا پکي" به تنقيد جي

تيرن جو نشانو بڻجي زخمي ته ٿيا آهن پر انهن تي اصلاح جا پها اجان ڪو نه پيا آهن. اهو سوال به ان تصوير جيان پنن جي ڪنبڻ تي اصلاح جي آسري ۾ رهجي وڃي ٿو.....!!

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ ۾ خيالن جي بلنديءَ سان گڏ تشبيهون ۽ استعارا به نرالا سمايل آهن. جيئن سندس هي سٽون آهن ته:

سپ ساحل جي مٿان
سمنڊ کي سوگهو ڪيو
چنڊ کو جاڳي پيو.....

هونءَ ته احمد سولنگي رومانوي شاعر آهي پر هن رڳو رومانوي شاعري ئي ناهي ڪئي پر سندس شاعريءَ ۾ ڌرتيءَ جي درد جو احساس به سمايل آهي. هن حالتن جي جبر کي به پنهنجي شاعراڻي انداز سان تخيل ۾ قلم بند ڪيو آهي.

لڇمڻ ڪومل جي لفظن ۾ ته "احمد سولنگيءَ جي شاعري پڙهندڙ کي نئين ۽ جديد سوچ سان روشناس ۽ نئين سچ سان منهان منهن ڪرائي ٿي. اهڙي شاعريءَ کي ڪنهن هڪ دور يا دائري اندر قيد نه ٿو ڪري سگهجي جو اڳتي هلي به اها "ڪالهه جي شاعري نه پر اڄ جي شاعري ڪري تسليم ڪئي ويندي. اها شاعري ماضي پرستيءَ وارا لڪ لتاڙيندي مستقبل جا اهي روشن شعاع اجاگر ڪندي جيڪي ڪنهن به اڳتي هلي ڪنهن به دور ۽ جاءِ تي جهڪا نه ٿيندا."

ماتر ڀومي جي احساسن کي نه وسارڻ واري جذبي تي لڇمڻ ڪومل جهڙي ڪويءَ به سندس هنن سٽن کي رڳو هڪ حوالو ئي نه پر، سند جو درجو به ڏنو آهي ته:

ديس هر هڪ جي مٽي،
مون ته ڌرتيءَ جي دونهاتيل،
سرخ گولي تان کڻي،
پنهنجي خوابن ۾ سنڀالي آ رکي.....

هن قلوپطره جي سونهن ۽ درد ڀرين احساسن کي پنهنجي نظر جي زينت بڻائيندي جيڪو انصاف ڪيو آهي بيشڪ اهو عالمي ادب ۾ جوڳي جاءِ والاريندو جنهن کي هت لکڻ کان رهي نه ٿو سگهجي:

ڪشادي رات جي ٻيڙي،
رسيون ساڪا، لنگر لوها،
نماڻن مير بحرن جا،
ٿڏا ڪي خواب جا پاڇا،
مثال فانوس فطرت جو،
سمورا منتشر تارا،
حسين ڪنهن حادثي جي لئه
الئه ڇو منتظر آهن؟

جواني قيمتي تنهنجي،
اکين ۾ چانڊني پوکي
هوا مضبوط تختن تي
لهي ٿي اپسرا وانگي
درياءِ نيل جو پاڻي،
ڏسي ٿو اک کڻي توکي،
قلوپطره....

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ ۾ تشبيهن جي به ڪائي کوٽ ناهي، هن اکين جي پنبڻين جي ڪارن ڇيرن کي نيور ڪارن ڪڪرن سان ڪيڏي نه سهڻي ءِ من موهيندڙ تشبيهه ڏني آهي جيڪا واهه واهه... چوڻ تي مجبور ڪري ٿي جيئن سندس ٿي نظم جي هي سٽ آهي ته:

تنهنجي پنبڻين جا ڇير ڪارا ڪڪر
رات ڇانيل جڻ ته مئخاني مثان

—

۽ جڏهن تي شام نارنگي لهي،
ڪنهن جي رت جي ٿي متان ڪڻ ڪڻ وسي،
ڪو صليبن تان لهي ۽ ڪو صليبن تي چڙهي،
بدحواسيءَ جو نئون اتهاس ٿو لکبو رهي،
آن ۽ آوارا پکي
مون کي آهن چو منيون،
پيار جون پابند گهڙيون،
پٽ ڏٺي ٽنگون ميران ۽ ڪبين
آتما جي ارڻ تي ڏاڍڪو ڪتي
سور جو سوڳهو سڳو چوٽا ٻڌن؟

خدا جي خلق پنهنجي بنيادي حقن جي بحالي لاءِ ڪيترو پوڄيو آهي!
جديد ادب ۾ انهيءَ ڪرب جي ڪٿا فيض احمد فيض جي "هم جو تاريڪ راهون ۾ ماري گئي" کان شروع ٿي، احمد سولنگيءَ جي هن گيت تائين پهچي ٿي. هي گيت ايم آر ڊي تحريڪ جي تاريخ آهي:

زنجيرون ٽيون ڇٽڪن،
رات ڪنياڻون اوجاڳن ۾،
پير ڪڙيون ۽ مي ۽ سياڪا،
لوهي ميخون واءِ وراڪا،
چنڊ جهروڪا بند ڪيا ۾،
پوءِ پي ٽاٽا ٽڙڪن،
زنجيرون ٽيون ڇٽڪن

احمد سولنگيءَ وٽ دور رس نگاهه آهي جيڪا هر سچي شاعر جي سڃاڻپ هوندي آهي هن جي شاعري پنهنجي زماني جو ضمير آهي، سچ هن جي رت ۾ آهي تہ ست ۾ بہ آهي مزاحمت جي موضوع ۾ رت ۽ ست ٻنهي کي ولوڙي سچ چوڻ جي بيباڪي سان جرئت ڪري ٿو پر سندس رنگ رومانوي آهي. فريڊرڪ نٽشي چيو آهي تہ:

مون کي خبر ناهي تہ سنڌي ادب جي پڙهندڙن مان ڪيترن جي آنڌري مالرو جي ناول "آس جا ڏينهن" تائين رسائي آهي پر گهٽ بوسٽ جي ماحول ۾ اميد جي عڪاسيءَ لاءِ احمد سولنگيءَ جي غزل جو هي بند ڀرپور انداز سان پيش ڪري سگهجي ٿو:

چنڊ تارو ڪا ڪتي اُڀري تہ آ،
سوچ جو جاڳيو ڪٿان هڪ آسمان.

ڌرتيءَ جي اصلوڪن لوڪن جي پيڙائن تي نامديو ڍاسل جي شاعري، عبدالله حسين جي ناول "اداس نسلين" کان وٺي خورشيد قائمخاني جي ڪالمن جي مجموعي "ڀٽڪتي نسلين" تائين گهڻو اڇوت لوڪن جو ادب لکيو ويو آهي. احمد سولنگيءَ جو گاجا موري جي هميري ڪولهي تي نظم ان جو تسلسل هوندي بہ منفرد آهي هن درد جي ڌارا نئين انداز سان وهائي آهي. احمد سولنگيءَ جو نظم، "هڪ بوند مان مصور، جوڙيا سوين سمندر" صوفيءَ جي اعليٰ سوچ مان ڦٽي نڪتل آهي، دل چوي ٿي تہ هن خوبصورت نظم جو لطف بنا تبصري ماڻيون:

هڪ بوند مان مصور،
جوڙيا سوين سمندر،
ميرا طويل رستا.
ٿا ڏوڙ منجهہ ڏوين،
هن ڪينواس تي ڪئين،
هر هڪ بدن ڏيئو آ.
ڀهہ ڀهہ ٻري ٿا ڀڙڪن،
اڪڙيون انيڪ جاڳر.
هر رنگ جون لڪيرون،
هر سوچ جا تصور،
هڪ بوند مان مصور،
جوڙيا سوين سمندر.

احمد سولنگيءَ جو شمار سنڌي نظم کي نوجواني ڏيندڙ شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو پر هن جو غزل بہ غضب جو آهي، جنهن ۾ اوچي پد جي تغزل ۽ موضوع جي

رنگينيءَ سان گڏ فن ۽ فڪر جي سگهاري اڏام آهي هن وٽ تمثيل، ترڪيب، تشبيهه استعارو رديف ۽ قافيو پنهنجي همعصرن ۾ منفرد آهي:

تون پکي وانگر اڏين نيراڻ ۾،
چاهتن جو مان هجان هڪ آسمان.

خواب مان نڪتي پري ڪا رات جي،
ننڊ ۾ هو پيو اچان هڪ آسمان.

-

ميڻ جو ڏاڍو پري ٿو واءُ ۾،
سچ جو دامن ميان آهي ڪٿي؟

-

ننڊ ۾ ويندئي چنڊ چمي،
ولهه ۾ ويڙهي وار نہ سمهہ!

جيسين بکيو پيٽ پريءَ
تيسين پالڻهار نہ سمهہ!

-

لهرون پکي ڪنارا، ساحل ويچار ۾ هن،
نيرا اٿاهه ساگر، تنهنجي نهار ۾ هن

ڪي زلف سرڪشيءَ ۾، زنجير ٿي پون ٿا،
ڪيئي سنگين گهيرا، ٻانهن جي هار ۾ هن

ڪنهن چنڊ جي تمنا، پاڳل ڪيو اسان کي
ڪي رات جا ستارا، پنهنجي پچار ۾ هن.

-

ڪير لکي ويو هر ڪاغذ ۾،
پياسا پياسا ٿر ڪاغذ ۾.

وقت اڏايا لفظ پکين جيئن،
گھايل تن جا پر ڪاغذ ۾.

-

ڪينجھر ڪڏهن نہ سوچيو
نوريون نراس آهن.

سامهون شراب ۽ هي
هرڻيون هراس آهن.

-

دوستيءَ مصروف مون کي آ رکيو
ڪيئن سنڀاليان آنءُ تنهنجي دشمني

اڪ جي پردي ۾ ڇپيي جڻ ڪو ڪنڊو
ايترو ايذاءُ بخشي روشني

-

ڇو فقير جو ڪشتو اڄ پريل نہ خالي آ.
مُرڪ هن جي مک تي ۽ اڪ سندس جهڙالي آ.

فلسطين جو البيلو شاعر محمود درويش پنهنجي هڪ شعر ۾ چوي ٿو تہ:

ءِ تنهنجون اکيون،
اهو علائقو آهن،
جتي مان ڪڏهن ڪو نہ ويس.

احمد سولنگي اکين جو هي علائقو اکين جي روبرو ڪري اکين سان اکين جي علائقي جو پورو آسمان ڏسڻ چاهي ٿو.

اکين کي روبرو ڪر اکين سان تون،
ڪو اکين مان مان ڏسان هڪ آسمان

شيخ اياز سنڌ جي شهر رڳ ڪراچي کي سيتا سان پيتي هر دهشتگر کي راوڻ جو روپ سڏيو آهي حسن درس جي ٻولن ۾ ڪراچي سنڌ جو سج آ

احمد سولنگيءَ وٽ هي شهر سنڌ جي نڪ جي ڦلي ڪرائيءَ جو ڪنگڻ سِينڌ جو سِندور ماٿي جي ٽِڪي سميت سورنهن سينگار آهي. اهو ويري ڪوڙهيو ٿي مري جيڪو چوي ڪراچي سنڌ کان ڌار آهي.

احمد سولنگيءَ جي شاعري ۾ مجموعي طور تي ڀهراڙيءَ جي ٻولي ۽ ثقافت جي سڳنڌ آهي پر هن تبديليءَ ۽ تعميراتي دور ۾ شهري سماج کان پري نہ رهيو آهي.

شريڪانت صدف ۽ ايم ڪمل جيان غزل ۾ هِن شهر جي زندگي آندي آهي پر هِن جي ڇڪ نيري آڪاس هيٺيان ڪليل پٿرواري ڳوٺاڻي منظر جي لاءِ آهي:

صحن جو احساس پنهنجو ٿو رهي،
۽ فليٽن جي الڳ آ زندگي

ناميارې نقاد ٽي ايس ايليٽ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ "بنيادي طور تي شاعريءَ جو لاڳاپو احساسن ۽ امنگن سان آهي." انساني احساس ۽ اُمنگون ڌرتيءَ ۽ سرتيءَ جي عشق ۾ پروان چڙهنديون آهن. هڪ فارسي شعر جو مفهوم آهي تہ "عشق جي تنبو کوڙي تہ سارو ملڪ اتي ئي آهي يار جي پاڻ پسائي تہ جيءَ خود بخود اتي ڇڪجي اچي ٿو."

روسي ناول نويس گوگول جي ناول "تاريس بلبا" جو هيرو پنهنجي پيار کي چوي ٿو تہ "تون ئي منهنجي قوم آهين. تون ئي منهجو وطن آهين". جنگي جنون ۽ وڏندڙ وحشت جي دور ۾ عشق جي اُين ڪاون تي هلندڙ سنڌ جي نوجواني پنهنجي ڌرتيءَ جي ڏک ۽ پرينءَ جي زلفن جي نيري ڇانءَ کان سواءِ ڇا گهري ٿي؟ هن کي پيار گهرجي ٿو رڳو پيار.

نغمگي پازيب تنهنجي جي ٻُري،
روح جي تاريڪ تهخاني مٿان.

تنهنجي پنبڙين جي ڏکهي ڪاري قطار،
رات ڇانيل جڻ تہ مئخاني مٿان.

-

مون تہ سوچيو ڪين هو منهنجي مٿي،
پنهنجي جوين جي تون بخشيندين بهار.

رات جو جگنو جيان ۽ ڏينهن جو
پوپٽن ۾ تون ڪنديءَ پنهنجو شمار.

—

ڪا شام وچائي رستن ۾،
جنهن وقت اوبرو موٽيس مان،
تو ڇو نہ سمهاريو سپنن ۾؟
۽ دل جي رنگ رتولن ۾،
تو ڇو نہ ٻهاريو پوٽن مان؟
جنهن وقت ڇٽيس مان پن پن ٿي،
جنهن وقت ڪريس مان تاري جيان،
تو ڇو بہ نهاريو پيار منجهان.
جنهن وقت اکين کي ڏوڙ لڳيو
تو ڇو نہ چنبڙي سپ خواب ڪنيا؟
تو پاڻ سان پنهنجي ڇو نہ اکيو؟
هر سپنو منهنجي اکين جو
تو ڏک نہ ڪو محسوس ڪيو
ڪنهن وقت نہ تنهجا نيڻ پنا،
ڪنهن سور سڳيءَ ۾ مون لاءِ تو
ڪو لڙڪ نہ موتين جيان پويو،
هو ڇهرو واقف ڪار نہ ڪو
ٿي پاڇن پويان ڊوڙيس مان
ڪو آوازن جو جهنگ هئو
تو ڪو نہ پڪاريو پنهنجو ٿي
هر ست ۾ ڏک جو ڏيک هو
تو لفظ پڙهيا احساس بنا.
هن بي ترتيب جواني جو
تو ڇو نہ پڙهيو دل ساڻ پنو؟

مجسما جوڙيا آهن هن عورت جي انگ انگ جي حسن کي شاعريءَ ۾ سمايو اهي. هن جي شاعري جسم جي حسين ترين شاعري آهي. جنهن ۾ عرباني جي بدران رومانوي آرٽ آهي:

سانوڻي جو چاڙهه مستي مند جي،
جسم تنهنجي ۾ نديءَ جهڙو اُيار،
تون بدن جي سون ييناريءَ منجهان،
پنهنجي ڇاتيءَ جا ٻگها ڀڪي اڏار.

انسائيڪلوپيڊيا برٽانيڪا ۾ تنقيد جي وصف هن ريت ڏنل آهي ته ”ادب ۽ فنون لطيفه ۾ ڪنهن جمالياتي شئي جي وصفن ۽ قدرن بابت فيصلو ڪرڻ جو نالو تنقيد آهي.“ انهيءَ وصف جي آڌارِ احمد جي شاعريءَ جو گهڻو جائزو ورتو هو پر جنهن وقت آئون هي ليک لکي رهيو آهيان. انهيءَ وقت ذاتي زندگيءَ ۾ گهڻو جُهريل ۽ پُريل آهي احمد جي هڪ غزل جو بند آهي ته:

دوستي مصروف مون کي آ رکيو
ڪيئن سنڀاليان آنءَ تنهنجي دشمني

پر مون کي انهيءَ گهڙيءَ ۾ نه دوستيءَ مصروف رکيو آهي. نه آئون ڪنهن جي دشمني سنڀالي سگهان ٿو تنهائيءَ مون کي پاڪر ۾ پريو آهي صرف شاعري ساهيڙي ٿي آهي جنهن جي ڇيچ پڪڙي زندگيءَ جي اداس گلين مان گذري رهيو آهيان.

احمد سولنگيءَ شفق جي رنگ ۾ ڪيئي روپ ڏنا آهن. هن جي شاعريءَ جي پکيڙي اُفق تائين پرڙا پتوڙيا آهن. آڪاش کان ستارا چنا آهن. تر جي راتڙيءَ کان روپ ورتو آهي مون هن جي اکين ۽ چپن مان شراب ۽ شاعريءَ کي چوليون هڻندي ڏٺو آهي. هن پورا مئخانا پيتا آهن. مشاعرا لٽيا آهن. تر جي ڌرن ۾ مٽي پري هڳاءِ ۾ رند ٿي اُڪريو آهي. ڪارونجهر جي جڙي ٻوٽين جي گُل گُل تي پوپٽ وانگر رميو آهي. وسڪاري ۾ ٻائوري ۽ پيرين ٿارين کان ميجر جي مهڪ ورتي آهي. هن ڪانوَ جا آکيرا اکرن ۾ نه آندا آهن. هن مورن جي مٽڪوءَ تي پنهنجي من کي موهيو آهي. ڇيلهار لڳ راڻاسر جو خوبصورت تلاءُ جنهن جي فطري حسناڪي تي موهجي شيخ اياز پنهنجي جنڊڙي ۽ ذات کي راڻاسر سان پيڻيو آهي:

اڄ ٻہ منهنجي جندڙي، راڻاسر تي رات،
ڪيڏا منهنجي ذات، تارا ٽِڙ، ٽروڪڙيون.

راڻاسر احمد سولنگيءَ جو شاهڪار نظم آهي جنهن منهنجي ۽ احمد سولنگيءَ وچ ۾ روح جي ريلي جهڙو رشتو جوڙي رکيو آهي. آئون جڏهن بہ ٿڪي ٽٽي چيلهار پهچندو آهيان تہ منهنجي ڪنن کي ڪنهن سڏ جو پڙاڏو محسوس ٿيندو آهي تہ:

رات راڻاسر مٿان ڪو چنڊ جو شيشو ڀڳو
خواب مان ڇرڪي جڏهن هو جڙ جاڳي مون ڏٺو
منهنجي دل جي بيقراريءَ پٽ کي پاڪر پريو
درد الغوزي جيان جڻ روح ۾ وڄندو رهيو
مون پڪاريو تون ڪٿي آن؟
تو چيو چيلهار ۾،
هن سمي جي ساهہ ۾ ۽ سار ۾.

مان اڪيلو ڪين آهيان پڌ پروانا اُڏن،
ڪوڙ راڻاسر مٿان ٿا خيال ديوانا اُڏن.
مور جهڙا پک پهري نينهن نذرانا اُڏن،
رند ڀهڪن مڏ چمڪي ۽ ٿا مئخانا اُڏن،
مون پڪاريو تون ڪٿي آن؟
تو چيو چيلهار ۾،
اڄ مسافر مڏ جي ملهار ۾.

مون چيلهار ۾ احمد سولنگيءَ کي سانجهيءَ ٽاڻي پنهنجي ۽ ٿر جي لوڪ شاعري ٻڌائي تہ هن بي اختياريءَ مان اُٿي منهنجي ڳچيءَ تي چُمي ڏني اُهو هڪ شاعر جو ٻئي شاعر کي خلوص ڀريو داد هو. مون هن جي دوستي روح جي رومال ۾ ويڙهي رکي آهي. پيار جي آبشار جهڙي هن جي شاعريءَ مان ڪو بہ اچيو

۽ اداس نہ موٽيو آهي. پنجابيءَ جي هن لوڪ شعر جيان هن جي شاعريءَ ۾ سهڻن سرين جي اُجهل چڪ ۽ جِهيڻي جِهيڻي سار پڙهندڙ کي لفظن جي اشاري سان سڏي ٿي:

پلا مار کر بجها گئي ديوا،
تي اکِ نال گل کر گئي

(رئي جي پلوَ سان ڏيئي کي اجهائيندي اک سان اکڻ جي ڳالهہ ڪري وئي)

موسم جون مهربانيون هُرنديون رهيون هوا ۾،
گهر جون گليون اوهان لئہ مهڪيون بهار ۾ هن

(11 آگسٽ 2013 چيلهار)

# • آچپي جي آس جو شاعر: احمد سولنگي

آزاد انور ڪانڊڙو

احمد سولنگي جديد سنڌي شاعريءَ جو پنهنجي دور جو هڪ اهم ۽ نمائنده شاعر آهي. ڪيس جوانيءَ ۾ ائين ايترو مان ميڄتا مليل آهي. جيڪا خوش نصيب شاعرن جي حصي ۾ ايندي آهي هن شعر جي هر صنف تي لکيو ۽ تمام سٺو لکيو آهي. هن شاعريءَ ۾ مختلف صنفن جي ڪينواس تي اهي چٽ چٽيا آهن جن ڪيس جديد سنڌي شاعريءَ ۾ معتبر حيثيت ڏياري آهي.

احمد سولنگيءَ جي شخصيت سنڌ ۾ ڪنهن به تعارف جي محتاج نه آهي هو هڪ نمائنده شاعر سان گڏ، سنڌي اديبن ۽ شاعرن جي نمائنده ادبي جماعت، سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل پڻ آهي. ساهتي پرڳڻي کي اهو اعزاز حاصل آهي ته سنگت جي پهرئين باني سيڪريٽري جنرل گوبند مالهيءَ کان پوءِ احمد سولنگيءَ جو تعلق به ساهتي پرڳڻي سان آهي.

احمد سولنگي بنيادي طور هڪ شاعر آهي. سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو "خواب آوارا پکي"، 2013ع ۾ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ پاران ڇپيو آهي جڏهن ته هڪ گڏيل شعري مجموعي "ياد جا گلاب" ۾ به سندس شاعري شامل آهي. هو وڏي عرصي کان ادبي رسالن ۾ ڇپجندو رهيو آهي ۽ سوشل ميڊيا، فيس بڪ تي به ڇانيل رهيو آهي. سندس رومانوي ۽ قومي شاعري اسان جي ادبي روايتن لاءِ هڪ اهم ڪارائتو موڙ ثابت ٿيندي.

احمد سولنگي ڌرتيءَ ۽ سرتيءَ جو شاعر آهي. سندس قومي شاعريءَ ۾ روايتي ورجاءُ ۽ اجائي تڪبنديءَ بدران پيغام ۽ مقصد جي اهميت، پهچ ۽ حالتن جي چٽي عڪاسي ٿيل آهي. سندس شاعريءَ ۾ هڪ للڪار به آهي. هو ڏکين حالتن ۾ مهاڏو اٽڪائي بيهي ٿو. هُن وٽ اٽل ارادو ۽ جذبو آهي. ڇو ته کيس خبر آهي ته اٽل ارادو ۽ جذبو ئي آهي جنهن سان ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي ٿي.

پنهنجي تاريخ تان نه هٽ ڪندس،

لاءِ جيڪو به زور لائين ٿو!

احمد سولنگي قومي ۽ سياسي شعور رکندڙ شاعر آهي سندس شاعريءَ ۾ اڄوڪي جي آس ۽ آزاديءَ جو سڏ به آهي ته سجاڳي جو درس به آهي

سڄ صليبن مٿان ايا ريندا،
سرخ جهنبا وجود ۾ آهن.

اڄ به نادر شاهه سان
جهيڙي مڙس مٿير.

احمد سولنگي ڌرتيءَ جي مٽي سان بي انتها پيار ڪندڙ شاعر آهي. ديس ۽ ڌرتيءَ سان محبت هر انسان جو فطري عمل آهي احمد سولنگيءَ به ڌرتيءَ سان دلي وابستگي ۽ محبت جو اظهار وڏي واڪي ڪيو آهي

پنهنجي مٽيءَ جو آهيان
پنهنجي مٽيءَ جو ٿيندس،
ڪعبا چڙهي شوالا،
پنهنجي گهٽيءَ جو ٿيندس،
ڪو آسمان لاهي
لادين دل به آهي

احمد سولنگيءَ ، جي شاعريءَ ۾ اها خوبي به ڏيان طلب آهي ته هُن پنهنجي آدرش کي نه رڳو چٽي ۽ اثرائتي نموني بلڪ بنا ڪنهن ابهام جي چٽي نموني پيش ڪيو آهي سنڌ کي هو پنهنجو ساهه ۽ سرير سمجهي ٿو ۽ ان جو اظهار به وڏي واڪي ڪري ٿو.

سنڌ۔
سرير ۽ ساهه
انهيءَ ۾ وهندو پيو درياهه

ديس۔
سنياريو ست
گهري ٿو ڳچيءَ ڳچيءَ جو رَتُ

سگهن ٿا. هو سمجهي ٿو ته موجوده وقت ۾ به ديس ۾ ڏرتيءَ جي آجپي تورڙي خوشحاليءَ لاءِ اهڙن سورمن، سورهين ۽ سرويچن جي ضرورت آهي.

اڄ پڻ ٿو ڪپي سنڌ ڪي ڪو لال، اي سيوهڻ،
ڪو گهوٽ بلاول نئون ابدال، اي سيوهڻ!
دولهه ڪو ٿئي ديس جو رکوال، اي سيوهڻ،
ٿلتيءَ جي ٻڏي ڪنٺ ۾ ڪنمال، اي سيوهڻ!
اڄ واجه وجهي وقت ڏيءِ سيوهڻ تي ڏسي سنڌ!

احمد سولنگي، ڪلاسيڪي شاعرن جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪيو آهي ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ جي وڏي مانائتي ۽ سنڌ جي فڪري رهبر شاعر شاهه لطيف سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪيو آهي.

جوءِ ڀٽائيءَ جا ڳائي آ،
صدين جا اوجاڳا ميڙي!

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ ۾ انسانيت سان پيار وارو عالمگير جذبو به ملي ٿو. شاعر، اديب انسان ذات ۾ امن، ايڪتا، ڀائيچاري لاءِ ئي پيدا ٿيا آهن. حب الوطني انسان دوستي، محبت، ڀائيچارو اهڙا عالمي قدر آهن، جن کي سڄي دنيا جي ترقي پسند اديبن ۽ شاعرن پنهنجي پنهنجي تخليقن ذريعي اڳتي وڌايو آهي احمد سولنگيءَ وٽ به ان جو چٽو اظهار ملي ٿو.

جيسين ٻکيو ٻيٽ پريءَ
تيسين پالڻهار نه سمها!

سنڌ جي سدا سرسبز سرزمين، جيڪا هر دور ۾ ڌارين جي ڦر لٽ ڪاهن ۽ حملن جو شڪار رهي آهي پر ان باوجود هن ڌرتيءَ تان سڄي دنيا لاءِ عالمي امن جي پرچار جو پيغام ويندو رهيو آهي سڄي دنيا شاهد آهي ته سنڌ جي سر زمين تان ڪڏهن مذهبي متڀيد جو درس ناهي ڏنو ويو سنڌ اڄ به امن ۽ آشتيءَ جو اهڃاڻ آهي.

ملڪ اولهه جا سيئي،
اوپر تي مچريا ٿا گهمن،
دشمنيءَ جي دائمي آڙاهه هيئان،

ڪيتريون ڏرتيون سڙن
پو بہ دنيا جي ڏڪاٽيل
دور هڪڙيءَ ڪنڊ ۾
آشتيءَ ۽ امن جو اهڃاڻ بڻجي،
ڪالھہ وانگي
اڄ بہ آهي،
سنڌ بيٺي!
اڄ بہ آهي،
سنڌ بيٺي،
سنڌ بيٺي!

احمد سولنگي، اجوڪي دور ۾ جڏهن ماڻهو ٽڪي پئسي تي وڪري لاءِ تيار آهن ۽ پنهنجي سڄي عمر جو پورهيو، جدوجهد ۽ نظريو مطلب تہ سڀ ڪجھہ داءَ تي لڳائي، پاڻ کي داغدار ڪري مايا جي چڪر ۾ آهن اتي هڪ باشعور شاعر انهن حالتن ۾ وڪري کي عار سمجهي ٿو.

بک ۾ جھڪيا ناهيون
با وقار گذري ٿي

-

مان سان جا، ملي ماني
سا، رُکي محترم آهي

مطلب تہ احمد سولنگيءَ وٽ مقصديت کي اوليت حاصل آهي، هو سياسي ۽ سماجي حالتن جو ترجمان شاعر آهي احمد سولنگي فطرت سان پيار ڪندڙ شاعر آهي

ڍنڍ سفيد پکين سان ڇانيل،
ڪنهن شاعر جو خواب اٿيئي!

-

احمد اهو حسين شاعر آهي جنهن "پنهنجن خوابن ۾ هر هڪ ديس جي مٽي کي ڌرتيءَ جي دونهاٽيل سُرخ گولي تان ڪٽي سنيالي رکيو آهي. جنهن جي اک جي دائري جي ويجهڙو زان ڪازاڪس ٿو رهي. جنهن جي سوچ ۾ محمود درويش جي ڌرتي، ٽُنل ڪشڪول ۾ ڪنهن ماءُ جي ڳوڙهن جيان آهي. جنهن لاءِ خُدا پنهنجي جُستجوءَ ۾ بيگانگي لکي آهي. جنهن جي تخيل جي تاڃي پيٽي ۾ جڏهن آلندي، نرودا، پٽ ڏٽي، ٽئگور، ميران، ڪبير، سندس آتما جي آئٽ تي ڏاڳو ڪتي، سور جو سڳو سوگهو ٻڌن ٿا ته "مائيڪل اينجلو" جهڙو شاهڪار نظم احمد جي نفيس احساسن مان ڪبوتر جيان پرڪو ڏئي شاعريءَ جي آڪاس تي اُڏامڻ لڳي ٿو.

احمد سولنگي شاعريءَ جي اُتت ۾ وڏي ڪمال ۽ مهارت سان جيڪو جڙاءُ ۽ گهڙاءُ ڪري ٿو اُهو شاعري جي نئين سمتن جا دروازا کولي ڇڏي ٿو. احمد تخليق جي تناظر مان جڏهن مصر جي اپسرا "قلو پطره" کي شاعريءَ جو لباس اوڍائي، تخيل جي پيماني ۾ اوتي ٿو ته "خواب جي ٽڪن پاڇن ۾ فطرت جو فانوس، مُنتشر تارن سان ڪنهن حسين حادثي جي لاءِ مُنتظر بڻجي پوي ٿو." ۽ اکرن جي تراش مان حُسن جي مورتي پنهنجين سمورين حسناڪين سان نروار ٿي وڃي ٿي. "قلو پطره" نظم جو سُهڻو سٽاءُ ريشم جي رنگين تاڪين جيان کُلندو پنهنجن رنگن جي سحر ۾ جڪڙيندو حيرتن جون ڪائناتون جوڙيندو زلف ڪافر سان روم کي قابو ڪندو مصر جي چنڊ جي جادوگريءَ تي پُڄي ٿو." تڏهن ٿورو اُن کان اڳ، ڪنوڻ جي تجلي جهڙو هڪ تجسس ته:

پتو ئي ڪونہ ٿو پئي ڪو
هوس ۽ عشق ۾ ڪهڙو
ازل کان رابطو آهي؟

ته اهڙو بين الاقوامي اعليٰ نظم من کي موهيندي اُتڻ لڳي ٿو. هونئن به تخليق پنهنجو پاڻ ۾ درياهہ جي رواني/جا وهڪرا سمائي، آرٽ جي سمنڊ ۾ سمائجڻ لاءِ بيقرار وهندي ويندي آهي.احمد سولنگي جي شاعريءَ تي جيڪو "رنگ رتي تنهائي" جو ست رنگو آسمان ڇانيل آهي، اُن جي هيٺ "سُرخ شفق جي لالائي" وارو ڇُلندڙ ساگر، ڇوليون هٽي پاڻ ڏانهن ڇڪيندو محسوس

ٿئي ٿو. "رنگ رتي تنهائي" نظم "رڱيل جهنڊين" جهڙن خيالن جي اَٽت سان شاعريءَ جي پرت جا نوان نمونا پيري ڇڏي ٿو. ۽ نظم "وقت جو وان گوگ ۾" احمد عالمي شعور جي ڏياٽين سان روشن، پنهنجون لاٽون ۽ ٻاکون ڦهلائيندو چوي ٿو ته:

ڪو پڪاسو به ڪونه آهي اڄ،
فڪر، فن کي فريم تي چاڙهي،
سُونهن ليڪي جديد پئرس جي،
تن بدن کي فريم تي چاڙهي!

.......

رنگ آواز کان سوا پنکن،
جڻ ته خاموش هيءَ خُدائي آ،
ڪير سُڏڪو نه چترڪاريءَ جو،
درد جي دانهن ڪنهن ڪنائي؟

پنهنجي فطرت ۾ نِج آرٽسٽ شاعر احمد، تخيل جون نيون نيون ڪائناتون دريافت ڪندڙ اهڙو تخليقي شاعر آهي جنهن جديد سنڌي شاعريءَ جي مانُ ۽ مرتبي کي مٿاهون ڪيو آهي. هي ٻوليءَ جو وينجهار، چانڊوڪين جو چترڪار، محبتن جو مصور، سُونهن جو سنگتراش، ڪويتا جي ڪاڪ جو راڻو گهڻ رُخو شاعر آهي. جنهن جي شاعري جا سمورا رنگ ۽ ڍنگ، ڏک ۽ درد، خيال ۽ خواب، تشبيهون توڙي تمثيلون، استعارا توڙي احساس سندس روح مان ڦهاڻن جي جهرڻي جيان ڦُٽي نڪتا آهن. هي جديد توڙي ڪلاسيڪل، ڏيهي يا پرڏيهي ادب سان شناسائي رکندڙ اچوڪي دور جو گهڻ پڙهيو ۽ گهڻ لکيو شاعر آهي. جنهن جي شاعراڻين ڪيفيتن ۾ ڪمال جي ڪشش ڪڪور جي رڻي تي پوي ٿي. حقيقت اِها آهي ته اهڙي شاعري مون ڪوڙ ساري عرصي پُڄاڻان پوءِ ٿي پڙهي آهي. جنهن کي پڙهندي احساسن تي ڳاڙهسري رنگت ڇانئجي وڃي ٿي ۽ زندگيءَ جي اُوندهه ۾ نُور پکڙجي وڃي ٿو. "خُدا جا خليفا" نظم هڪ شاعر جي فطرت سان مُحبت جو دل آويز نغمو آهي. وڻن ۽ پکين جي اصليت، اهميت، افاديت ۽ ڪين اڄ جي دور ۾ نڌڻڪائيءَ جي ور چاڙهي وساري ڇڏڻ وارين الميائي حالتن خلاف هڪ رومانوي ۽ تخليقي بغاوت آهي. هِن نظم جي اُٽت ڏاڍي نفيس، نئين نڪور ۽ اَڻ ڇُهي انداز سان ڪئي وئي آهي.

ورثي ۾ پيوست ٿيل ملن ٿيون. اهو ئي سبب آهي جو احمد جي شاعري جديد ۽ ڪلاسيڪل شاعريءَ جو خوبصورت امتزاج آهي. هي اهڙي شاعري آهي. جنهن تي بي ساخته پيار اچي وڃي ٿو. جنهن کي پڙهندي شاعريءَ جي ڪمال ۽ جمال جو حسين مثال سامهون اچي وڃي ٿو. هي ئي اُها شاعري آهي جنهن کي اڄوڪي عهد جي سرواڻيءَ جو سهرو سَجي ٿو.

احمد جي شاعري، روح ۾ جُستجوءَ جون ڪئي ڪائناتون کٽي هلي ٿي ۽ نئين نئين دريافتن جا درس ڏئي ٿي. احمد جي شاعريءَ جي ڪتاب "خواب آوارا پکي" لاءِ سنڌ جي ناليواري اديب سوڀي گيانچندانيءَ جو خيال آهي ته "هي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ منهنجو تاثر اهو آهي ته وڏي عرصي کان پوءِ سنڌي شاعريءَجي ڦُلواڙيءَ ۾ نون گُلن ۽ خوشبوئن جو اضافو ٿيو آهي. مون کي اندازو نه هُيو ته هي يار پنهنجي خيالن جي دنيا ۾ ايڏو وسيع ۽ گهرو آهي. جو سندس هر نظم، گيت ۽ غزل پڙهندي محسوس ٿئي ٿو ته شاعر واقعي به پنهنجي شاعرائي سفر کي غير معمولي انداز ۾ روان ۽ دوان رکيو آهي. غير روايتي شاعريءَ جو هي مجموعو پڙهي سچ پچ مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. "اهڙي اهم ۽ وڏي راءِ جي روشنيءَ ۾ احمد جي شاعري پنهنجين اُوچين ۽ نفيس اُڏارن سان سنڌي شاعريءَ جي ڪينواس تي پنهنجن مضبوط پرن سان نوان نقش ۽ نگار چٽيندي نئين مُسافتن جا آڪاس سجائيندي رهي ٿي. "بي ترتيب زندگيءَ جو الميو" نظم احمد جي زندگيءَ جي حادثن جو نچوڙ آهي. جنهن جي سِٽ سِٽ ۾ سمايل پيڙا روح ۾ لهي ڏوڏي چڏي ٿي.

ڪا شام وڃائي رستن ۾،
جنهن وقت اوير و موٽيس مان،
تو چو نه سُمهاريو سپنن ۾،
۽ دل جي رنگ رتولن ۾.

............

تو چو نه ٻهاريو ٻوٽن مان.

جنهن وقت ڇنيس مان پن پن تي،
جنهن وقت ڪڙيس مان تاري جيان،
توچونہ نهاريو پيار منجهان؟

ايئن هي نظم پنهنجي المياتي ڪهاڻي جي داستان جا درد سهيڙيندي، پڙهندڙ جي روح کي وڃي ڇُهي ٿو. ڏِنو وڃي تہ هن ڪتاب تي جيترو بہ لکجي اوترو گهٽ آهي. ڇوتہ تخليقي شاعري پاڻ ۾ بي اَنت ڦهلاءُ رکند آهي. پيو تہ اُن جي هر رمز، روپ ۽ رويي تائين رسائي هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ بہ نہ آهي. اُن ڪري مان احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جي هن ڪتاب "خواب آوارا پکي" تي وڌيڪ لکڻ جو سَت نہ سارينديِ لڇمڻ ڪومل جي مهاڳ جي بيحد تعريف ڪنديِ اجازت وٺندُس.

## ● هڪ ٻوند جو مصور شاعر

فراق هاليپوٽو

تي سگهي ٿو منهنجي ڳالهه ڪي ڪجهه دوست غلط قرار ڏين پر ويجهڙائي واري عرصي ۾ مون شدت سان محسوس ڪيو آهي ته سنڌي شاعرن ۾ هڪ ٻوڙ وارو سلسلو شروع ٿي ويو آهي ناڪام شاعر پنهنجي ڌرتيءَ جي شعري روايت کي پٺي ڏئي بين الاقوامي شاعري ۽ ادب جا حوالا ڏيندڙ پنهنجي نج اسلوب ، آهنگ ۽ شاعريءَ جي روح ۽ مزاج کان اڻ واقف اديب انهيءَ ٻوڙ جو اهتمام به ڪري رهيا آهن ته انهيءَ ۾ ريفريءَ وارو ڪردار به ادا ڪري رهيا آهن.

مون اِهو به محسوس ڪيو آهي ته سنڌ جا سچا پچا تخليقڪار ڪوڙه نمبر ڪاٻه جيت حاصل ڪرڻ کان بي پرواهه ٿي پنهنجي تخليقي عمل ۾ رڌل آهن انهن سُچيت تخليقڪارن ۾ وسيم سومرو ۽ آڪاش عامر کان وٺي امر اقبال ۽ اسحاق سميجي تائين ڪيترا ئي نالا ذهن ۾ اچن ٿا ۽ انهن نالن مان هڪڙو نالو انهيءَ شاعر جو به آهي جنهن وٽ نج پنهنجا استعارا، پنهنجون علامتون ۽ پنهنجو گهاڙيتو به آهي ته انوکي نغمگي سان گڏ شاعرائي رمزيت ۽ فني پيچيدگين کان به واقف آهي ۽ انهيءَ ٻوڙ ۾ ان ڪري به شامل ناهي ٿيو جو کيس ڄاڻ آهي ته پنهنجي دور جي حسين ادب جي عظمت جو معيار اِهو ناهي، جي ها! آئون احمد سولنگيءَ جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان.

احمد پنهنجي نظمن جي ڪينواس تي جنهن منفرد نموني زندگين جي گهرايون جا رنگ چٽي ٿو ۽ ماڻهن جي خارجي احساس ۽ ڪيفيتن کي باريڪ بينيءَ ۽ گهرائيءَ سان پيش ڪري ٿو سندس اهو اسلوب، انداز جديد دور جي ڪيترن ئي شاعرن کان نرالو آهي سندس نظم اهڙي رڱ جيان محسوس ٿين ٿا جيڪا ديجي ديجي جڏهن ٻاهر نڪري ٿي ته ڪيترن کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪري ٿي هو ڪائنات جي هر فرد جا ڏک اکين سان ڏسي پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪرڻ جو فن به ڄاڻي ٿو ته ان سلسلي ۾ هڪ شاعر جي ذميواري ڇا هجڻ گهرجي ان کان به غافل ناهي ، سندس نظم پنهنجي پوري شدت سان هڪ اهڙي آترويلا

جو ڏيک ڏين ٿا جيڪا خود ڪلامي ڪندڙ شخص پنهنجي دور سان اظهارڻ چاهي ٿو.

آئون پنهنجي هن مضمون ۾ سندس شاعري ان ڪري به نٿو شامل ڪريان جو مون کي انهن ريفرين وانگر اهو ثابت ناهي ڪرڻو ته هو موجوده دور جو وڏو شاعر آهي اهي فيصلا وقت کي ڪرڻا آهن. وقت ئي ذات جي پرک ڪندو اسان مخصوص ٽولن پاران عطا ڪيل وڏن لقبن وارن شاعرن کي وقت جي دز ۾ لٽجندي ڏٺو آهي سو آئون فيصلو صادر ڪرڻ کان سواءِ بس پنهنجا ويچار اظهاريان ٿو ڇا ڪاڻ ته خود احمد کي به ڪنهن فيصلي جو انتظار ناهي!

احمد گهڻن شاعرن وانگر ڪو رعب ويهارڻ لاءِ ڪنهن انجيلا ، ڪنهن هيلن ۽ ڪنهن اسڪارپيو کي پنهنجو موضوع بڻائي ۽ پوءِ موضوع سان نڀائي نه سگهڻ ڪري نظمن کي اجائي ڊيگهه ۽ طوالت نٿو ڏئي پر سنڌ اسان کي سندس شاعريءَ ۾ ساهه کڻندي ته نظر اچي ٿي پر جڏهن سندس دل ڪائنات جي درد کي محسوس ڪري ٿي ۽ عالمي موضوع سندس قلم ڇهي ٿو ته هو گانڌيءَ کي لڳل گولي به پنهنجي سيني ۾ لڳل محسوس ڪري ٿو ته هُو هڪ يهودي ڇوڪري مائيڪلو اينجلو سرمد ۽ دارا ۽ ايران جي خوبصورت شاعر قرت العين طاهره کي ڏنل گهٽو به پنهنجي شاعريءَ ۾ ائين ڳائي ٿو جيئن گاجا موري جي هميري ڪولهيءَ جي اوڙن جاڻن ۽ ڏاندن جو ذڪر ڪري ٿو.

اُهي عالمي موضوع سندس شاعريءَ ۾ اچي موضوع سان خوبصورت نباهه جي ڪري اسان کي ڪابه اوپرائپ محسوس نٿا ڪرائن. قرت العين کي ڏنل گهٽو جڻ ته پوري ايران کي گهٽو آهي اهو اسان کي احمد جي شاعري ئي محسوس ڪرائي ٿي. احمد سولنگيءَ جي شاعري جڏهن نئين مزاج، ادائگي، ذاتي اسلوب ۽ موضوع جي همه گيري جي ڪري نرالي ۽ انوکي ٿي اسان سامهو اچي ٿي تڏهن سندس پيدا ڪيل نين راهن ۽ جديد شاعرانين ترڪيبن تي سچ ته پيار ٿيو اچي. سندس لهجي ۾ فن جو ڪمال به آهي ته جديد سنڌي نظم ۾ ٽيڪنيڪ جا نوان ۽ موهيندڙ تجربا به اسان کي سندس شاعريءَ ۾ ائين نظر اچن ٿا جيئن ڦڪڻ جي چند هينان ڏکهي قيد ڪٽي آيل قيدي جي ونيءَ جا جوانيءَ سان پرپور آرس.

شيخ اياز ڪٿي لکيو آهي تہ "نقط آرٽ جو چار ٿي چنڊ کي پاڻ ۾ ڦاسائي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪا شاعري پنهنجي فني توڙي بيئن گهرجن تي پوري آهي پر ان ۾ آرٽ ناهي يا زندگي جو خمير ناهي تہ اها انهيءَ نديءَ مثال آهي جيڪا پاڻيءَ کان خالي هجي. پاڻيءَ جو تصور نديءَ سان لاڳاپيل ناهي پر نديءَ جو تصور پاڻيءَ سان لاڳاپيل آهي بلڪل ائين شاعريءَ جو تصور بہ آرٽ سان لاڳاپيل آهي.

ڪي دوست منهنجي ڳالهہ سان اختلاف ڪندي چئي سگهن ٿا تہ شاعري تہ آهي ئي آرٽ پر مون سنڌ ۾ سرجندڙ تمام گهڻي شاعري اهڙي بہ پڙهي آهي جيڪا شاعريءَ جي بنهي لوازمات تي پوري لهي ٿي پر اها آرٽ کان خالي آهي. مون احمد جي شاعري جڏهن بہ پڙهي آهي تہ اُن مون کي پڪاسو ياد ڪرايو آهي. جنهن چيو آهي "آرٽ سچ ناهي. آرٽ اها ڳالهہ آهي جيڪا سچ کي محسوس ڪرائي ٿي" بلڪل ائين احمد جا نظم هجن يا غزل انهن ۾ هڪ اهڙي آرٽ آهي جا زندگي جي ازلي سچ يعني سونهن کي محسوس ڪرائي ٿي.

احمد پنهنجي شاعريءَ کي زندگي، سچ، سونهن ۽ ڌرتيءَ تائين محدود رکيو آهي (شاعريءَ جا ازلي موضوع تہ آهن ئي اهي) احمد جڏهن نوان جتوئي ۾ نمائي سنڌيءَ جي ورسيءَ ۾ اها ڳالهہ ڪئي تہ "شاعر کي ڪنهن نظريي جي تابع نہ هئڻ گهرجي. نمائو بہ ڪنهن نظريي جي تابع نہ هو. پر زندگيءَ ۽ ڌرتيءَ شاعر هو" تہ وڏو بحث چڙي پيو هو. عبدالواحد آريسر چيو هو تہ نمائي جي شاعريءَ ۾ ڪيترا ئي ڀيرا آزاديءَ جو لفظ استعمال ٿيل آهي. اها ڳالهہ نمائي جي ڪنهن نظريي سان وابستگيءَ جو وڏو ثبوت آهي. تڏهن احمد چيو هو تہ جيڪو شعر فقط فڪر جي ايم سيد سان لاڳاپيل آهي بس اهو ئي آزاديءَ جي ڳالهہ ڪري سگهي ٿو!

جنهن شاعر جي پنهنجي ڌرتيءَ سان ڪمٽمينٽ آهي پنهنجي ڌرتيءَ کي غلام سمجهي ٿو ڇا اهو ڌرتيءَ جي آزاديءَ جا گيت نٿو ڳائي سگهي؟ سو چوڻ جو مقصد تہ احمد جي شاعري زندگي، سچ، سونهن ۽ ڌرتيءَ کي پاڻ ۾ ائين سمائي ٿي جيئن اريءَ واري زمين پاڻ ۾ پاڻي سمائي ڇڏيندي آهي.

گهاٽن ۽ پوڙهن وڻن، سمنڊ ۽ ساحل جو دوست ۽ انسان جو هي يار احمد سولنگي چاڻي ٿو تہ نيري آڪاس ڏانهن نهارڻ ۽ ڪنهن خوبصورت عورت سان نفرت ڪرڻ ڪائنات جا بہ ضد آهن تڏهن تہ هو هر متضاد حقيقت تي اعتبار

ڪري هر وچوڙي ۾ قيد هوندي بہ پنهنجي شاعريءَ کي محبت جي فضائن ۾ اڏارڻ لاءِ پاڻ کي آزاد سمجهي ٿو.

هن جيڪو حيرتن جو سفر شروع ڪيو آهي ان سندس اکين سان لاتعلقي ظاهر ناهي ڪئي احمد شديد برفباريءَ ۾ بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ ٿڌڪي پاڻ کي زنده رکيو آهي ۽ اهو فن جيڪي بہ شاعر ڄاڻن ٿا انهن کي شاعريءَ زماني جي پري بازار ۾ وڃائڻ ناهي ڏنو. احمد جي نظمن جا عنوان جڏهن بہ مون تي آشڪار ٿيا آهن مون سندس ذات جي تشريح ڪرڻ شروع ڪئي آهي ۽ انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان تہ تاريخ ۾ زنده رهڻ وڏي ڳالهہ ناهي پر دلين ۾ زنده رهڻ لاءِ شاعر کي پنهنجي تاريخ پاڻ ئي جوڙڻ ۽ لکڻ گهرجي.

احمد اها تاريخ لکندي جڏهن سفيد ڪاغذ تي نظر ڊوڙائي ٿو تہ سڄو جهان انهن ڪاغذن تي هلچل ڪندي ايڏو تہ رتو ڇاڻ تي پوي ٿو جو خود احمد پنهنجا زخم وساري جهان جي زخمن جو مرهم ڪرڻ شروع ڪري ٿو. اهي زخم سندس شاعريءَ ۾ ايستائين چمڪندا رهندا جيستائين هو انهن مان نجات حاصل نٿو ڪري ۽ هن جڏهن بہ انهن مان نجات حاصل ڪئي اهو سندس شاعريءَ جو آخري ڏينهن هوندو. ان ڪري آئون کيس ايتري صلاح ضرور ڏيندس تہ هو سمنڊ سان ياري نوڙي يا نہ سندس مرضي پر انهيءَ بوند جو انڪاري نہ ٿئي جنهن مان احمد ڪنهن مصور کي سوين سمنڊ جوڙيندي ڏسندو آهي

هڪ بوند مان مصور،

جوڙيا سوين سمنڊ،

اهو سمنڊ ئي کيس بي چيني ۽ آتروپلا جي اهڙي جزيري ڏانهن وٺي ويندو جتي فقط شاعري ئي سندس استقبال لاءِ موجود هوندي

احمد هن سال 5 جنوري تي عمر جي اهڙي حصي ۾ پهچي رهيو آهي جنهن عمر ۾ ماڻهو پنهنجو پاڻ ڏانهن موٽڻ شروع ڪندو آهي ڪائنات جي اسرارن کي نئين سري سان سمجهڻ لڳندو آهي ۽ جنهن عمر ۾ پيغمبر ن تي ڪتاب نازل ٿيندا آهن. اسان کيس پاڻ ڏانهن موٽڻ ۽ ڪائنات کي نئين سري سان سمجهڻ جي ڳالهہ ڪونہ ڪنداسين پر کيس جنم ڏينهن جي واڌائي ڏيندي ڪاش هڪ وڏيڪ ڪتاب جي خواهش ضرور ڪنداسين.

اهي جيڪو پنهنجو نظم پڙهي سياستدانن وانگر داد حاصل ڪري جلسي ۾ جذبات جي باهه لڳائي سگهي ٿو ان ڏينهن کان ارادو ڪيم ته شعر پڙهبو ته سائين راشد وانگر يا احمد وانگر نه ته نه پڙهبو پر پوءِ دادو ۾ پڙهائي دوران پروگرامن ۾ وڃڻ ٿيندو هو مون ۾ اڄ ڏينهن تائين تي ڳالهيون پرپور نموني سان پريل آهن. هڪ تنظيم سازي، سياست ۽ ادبي شعور. ان ڪري تاريخ سان گهڻي دلچسپي اٿم پر تحقيق به پسنديده مشغلو آهي. ان ذوق سبب جلسن جلوسن ۽ ادبي پروگرامن ۾ استاد بخاريءَ کي ٻڌم. جيڪو لفظن سان گڏ لفظن جو مڪمل تاثر پيش ڪندو هو ڪيس ٻڌي سوچيم ته استاد جو انداز اجا به مختلف آهي پوءِ سيني کان پهريان استاد بخاري جا گهڻا نظم ياد ڪيم. مطلب ٽن شاعرن جي انداز مان ڦٽي نڪتو منهنجو پنهنجو انداز جيڪو هاڻي ٿنهي سان نٿو ملي.

احمد سولنگيءَ جي ڳوٺ اڪثر شادين جي ڪاڄن ۾ اچڻ وڃڻ ٿيندو هو هتي سندس ڳوٺ لڳ مهمانن جي آتر ياءَ جو جيڪو رنگ سندس مٿن ماڻٿن وٽ آهي اهو شايد ئي ڪنهن ٻئي قبيلي وٽ هجي. هتي وليمي جي ڪاڄ ۾ جيڪو ويندو هو ان کي صابڻ سان منهن ڌورائيندا. ڪريم پائوڊر ڪنگوءِ آئينو ڏيندا. بلڪل ڪاڄ ڪامين تي اهو رڪيل هوندو ته مهمان کي تيار ڪري ويهارڻو آهي. وري شاميانا به اهڙا خوبصورت جو اوهان کي لڳندو ته ڪنهن بزرگ جي ميلي ۾ آيا آهيون هونئن به ڪاهيءَ جا سولنگي سڄي سنڌ جا ميلا سجائن ٿا. ميلن ۾ ڏونگي مان لهيل مائي جا ايترا قسم ناهيا اٿن جو ماڻهو چوندا آهن هن مائي جي ايجاد ئي سولنگين جي آهي مطلب سنڌ جا ميلا سنوارڻ ۾ احمد سولنگي جي ڳوٺ جي پسگردائي جو وڏو هٿ آهي اها پوءِ خبر پئي ته سنڌي ٻولي کي اَٺ سريون ڌريون پارائي سورنهن سينگار ڪرائيندڙ عظيم ماءَ ۽ پيءُ جو موهي پٽ احمد سولنگي به هتان جوئي آهي.

وري هلون ٿا موري ۾ جتي بحر وزن جو بادشاهه راشد مورائي ويٺو هو. جيڪو مجال آهي ڪنهن کي محنت کان سواءِ وزن جو هڪ اکر به سيکاري، سو احمد سولنگي جڏهن راشد وٽ پهتو ته ڪيس وڏي جفا ڪشي ڪرڻي پئي پر پين جي نسبت گهٽ. چو ته احمد سولنگي هڪ ڦڙتيلو حسين ۽

خادم ٻگهيو تہ جواني ۾ گذاري ويو ۽ پويان جدائي جو درد ڏئي ويو مون خادم ٻگهيي کي هڪڙي پل جي لاءِ بہ نہ وساريو آهي. موري وارا جن ۾ مان بہ شامل آهيان هن جا ڏوهي يا قرضي آهيون جو سندس جيئري تہ نہ پر سندس پڇاڙيءَ ڪو سٺو پروگرام بہ ڪرائي نہ سگهيا آهيون جتي ويهي سندس يادون اوري بہ چار لڙڪ لاري سگهون.

شڪر آهي موري جا دوست سجاڳ ٿيا. ڪين جس هجي، جو احمد سولنگيءَ کي جيئري محبت ڏين پيا مون کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ احمد جو مون سان بہ بين وانگر بيپناهہ پيار آهي هو مون تي تمام گهڻو مهربان آهي پر اصل ماڻهو جي عظمت سندس ڪم مان ظاهر ٿيندي آهي احمد بيٺل پاڻي ناهي پر پوڙن وقت وهندڙ درياهہ آهي هي درياهہ شال ڪڏهن نہ سُڪي، متان شاهہ لطيف جهڙو ڪو عظيم شاعر چئي وجهي.

ڪر ڪي ڳالهڙيون ڪنڌا ڍور ڏٺين جون.

مون کي احمد سولنگي جي سمورن نظمن مان هي نظم سدائين ياد رهندو آهي جيڪو واقعي سوچرائي ۽ الائي ڪٿي پهچائي ٿو هي نظم سچ پچو تہ فراق گورکپوريءَ جي ڪسوٽي تي پورو لهي ٿو تہ نظم ائين هجي جڻ ڪپڙي جو ٿاڪيو کلندو هجي هن نظم ۾ وڏي وشالتا ۽ ندرت آهي:

**هڪ بُوند جي وِشالتا**

هڪ بُوند مان مصورَ
جُوڙيا سوين سمندرَ

جو ساحلن مٿان آ
هر وقت پيار تنها
جيڏو اٿاهہ ساگر
ايڏي وڏي تمنا
لهرون کڻي وڃن ٿيون
اوجل اکين جا سپنا
ڪي دلفريب لمحا

مصروف عاشقن جا
سپني نصيب پنهنجا
پنهنجا لِکيا مقدرَ
هڪ بوند مان مصورَ
جوڙيا سوين سمندرَ

ميرا طويل رستا
تا ڏورڙُ منجهه ڏوہن
هن ڪينواس تي ڪٿين
چهرا حسين چمڪن
هر هڪ بلن ڏيٺو آ
ٻهَ ٻهَ ٻري ٿا ٻهڪن
صحرا . سرابَ مهڪن
اکڙيون انيڪ جاڳن
هر رنگ جون لڪيرون
هر سوچ جا تصورَ
هڪ بوند مان مصورَ
جوڙيا سوين سمندرَ

ڪنهن ڍنڍ مان ڪنواري
وهنجي جڏهن ڪِلي ٿي
مُکڙي ڪنول جي گل جي
پاڻيءَ مٿان ٿڙي ٿي
ڪاجل - پري ڪناري
پٿر ٿجي وڃي ٿي
سڀ سِرشٽي ڏسي ٿي
اوگهڙ سچي ڍڪي ٿي

۽ خوبصورتيءَ جا
مُرڪي پون ٿا منظرَ
هڪ بوند مان مصورَ
جوڙيا سوين سمندرَ

دل جي اُداس اُڀ تي
تارا نہ ڪو بہ بادل
ڳهميل هوا ڳُهلي تي
هر سانجهہ سانت ڳهايل
هر ڏينهن ساهہ ساٽو
هر رات روحُ پاڳل
هڪ شور شور سُمهيل
هڪ دردُ دردُ جاڳيل
جيون سفر سفر ۾
جڻ پيرَ پيرَ پٿرَ
هڪ بوند مان مصورَ
جوڙيا سوين سمندرَ

يادگيرين جا پنا اُٿلائيندي اوهان سان هڪڙي ٻي ڳالهہ بہ ونڊڻ چاهيان ٿو جيڪو شاعري ڪندڙ نقادن لاءِ بہ اهم آهي تہ سنڌ راڻي پبليڪيشن طرفان 2016ع ۾ مون کي بهترين شاعر جو ايوارڊ مليو ها هيءَ ڳالهہ بہ غور طلب آهي تہ ايوارڊ کان اڳ مون کي نظم پڙهڻ لاءِ چيو ويو اتفاق سان مون کي زندگيءَ ۾ ڪنهن تخليق تي گهٽي کان گهٽو داد بہ هن ئي پروگرام ۾ مليو جتي اسٽيج مٿي احمد سولنگي پاڻ موجود هو عوام جي پنهنجي اهميت آهي انهن جي پيار کانسواءِ ڪو وڏو تخليقڪار ٿئو ٿي سگهي پر شاعري کي سمجهندڙ هڪ شاعر جو داد وڏي ڪم جو هوندو آهي.

هڪ تہ احمد سولنگي اسٽيج تي هوندو آهي تہ سيني شاعرن پيڪ هوندي آهي تہ احمد سولنگي ساڙ نہ ڪندو نہ ئي ٽوڪ هڻندو. بلڪ دا

ڏيندو سو مون کي بہ بلڪل دل سان داد ڏنائين. اهو اوارڊ جيڪو مون کي احمد سولنگيءَ جي هٿان مليو تنهن اهڙي خوشي ني، جنهن جو ڪاٿو ئي نہ ٿو ڪري سگهجي سو ايوارڊ ڏيڻ وقت احمد سولنگيءَ پاڪر ۾ آٽيندي چيو تہ "اڄ ايڏو داد مليو اٿئي جو ايترو اسان کي بہ نہ مليو هوندو "حالانڪ احمد کي ڪيترائي مشاعرا لٽيندي ڏٺو آهي اها هن جي وڏائي هئي ۽ هڪ شاعر هوندي بہ ٻئي شاعر جو شعر لڳي وڃي تہ ٿورڙو ساڙ ضرور ٿيندو. اهو فطري عمل آهي، پر هن کي منهنجو نظم بيحد پسند آيو.

ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ دوڙ ۾ ستار سندر جي ڪتاب جي مهورت ۾ اها ئي ڳالهہ ڪيائين. وري سندس گهر تي هڪ ڏينهن ملياسين. گڏ ماني کاڌيسين. جنهن ۾ پيارو خالد راڄپر بہ هو احمد اَٽَ ٽَوَ پيرا اهو ئي نظم جيڪو اوارڊ تقريب ۾ پڙهيو هئم. ٻڌائڻ لاءِ چيو. پوءِ چيائين. "پر هن ۾ ڪجهہ آهي. تڏهن داد ٿو ملئي بابا!"

## • سيئي پٽر ڪهي ويندا

حفيظ باغي

سنڌي شاعريءَ جو سفر ڀلي ميون شاهه عنايت رضويءَ جي سُورٺي نما بيت يا بيت نما سُورٺي کان شروع ٿيو هجي، يا لطف الله قادريءَ جي سُرن کان ڀلي ماموئي فقيرن جي سٽن يا تيرنهن بيتن کان يا ڪو بيو به شايد تاريخي حوالو هجي پر اصل شاعراڻو ڏڳ ۽ رستو شاهه لطيف رح جي عظيم خيال ۽ آرٽ جي باڪمال اڪين ئي ڏنو هو. شاهه سائينءَ جيڪو تخليقي ڪم ڪيو اُن نه صرف ٻوليءَ کي بقا ڏني يا ڪٿي چئجي ته تاريخي قصن کي compile ڪيو پر آنءَ اُهو چوندس ته شاهه سائينءَ اصل شاعريءَ کي دائميت بخشي آهي. اگر ڀٽائي اسان جي ڌرتيءَ جو شاعر نه هجي ها ته اڄوڪي دؤر ۾ سنڌي شاعري جيڪا هن صورت ۾ بيٺي آهي اُها هن شڪل صورت ۾ نه هجي ها. لطيف اسان جو بنياد آهي ان کان سواءِ اسان جي شاعراڻي عمارت تيار نه ٿي سگهي ها ۽ اڄ جيڪا ڏهه سيڪڙو سنڌ ۾ شاعري آهي، جيڪا شاعري آرٽ جي ميزان تي ڪي قدر پوري لهي ٿي ان شاعريءَ جي شاعرن اُهو لطيفاڻو رستو يا ته سمجهيو آهي يا ته اُن کي پنهنجي روح ۾ پاليو آهي.

انهن آڳرين تي ڳڻڻ جيترن شاعرن ۾ احمد سولنگي اول اول نظر اچي ٿو. شيخ اياز سان ويجهڙائي رکندي به هن وٽ اياز جو شاعراڻو پرتوو ناهي ۽ نه ئي سندس شاعريءَ ۾ اياز جو شاعراڻو فانوس ڪٿي ٻرندي نظر اچي ٿو. اُهو الڳ بحث آهي يا ته اُهو احمد خود ئي ڄاڻي ٿو ته ڇا هن اياز کان ڪي شيون سکيون يا سمجهيون آهن؟! پر منهنجي ڄاڻ موجب، يا منهنجي Research مطابق مون جيترو اياز پڙهيو آهي ۽ جيترو احمد کي ويجهڙو ٿي پڙهيو آهي ٻنهي جا شاعراڻا ورڻ الڳ الڳ ٻورَ جا رنگ رکن ٿا. شاعري اگر توهان دؤرن جي اثرن هيٺ سرجيندؤ ته اُها بيڪار آهي پر جيڪا شاعري دؤر سرجيندي آهي اها ئي باڪمال شاعري آهي.

پنهنجو آهي ڪن ڪن جاين تي اٽڪڻ جي باوجود هن وٽ شاعراڻي ٻاجهه جا هٿ شفيق ۽ ٻاجهارا آهن:

هوا سنگيت تي ڇيڙي ملاح ڪشتيءَ سان
سمونڊ سانجهه سان ڪهڙي صلاح ۾ آهي .

—

تنهنجو اڌ چهرو ڪڙي اک ۾ جلڻ
جو پڇي مون کان پتو ننڊ ٿو لڳي

—

شهر کان شهر تو بدلو وٺڻ چاهي
سيئي خنجر، سيئي پٽر ڪپي ويندا.

—

نيون ڪي ڏند ڪٿائون پيون جڙن ڪيڏيون
لٿا خدا جا مخالف خدا جي رستي ۾

—

ٻڏو پاتال ۾ احمد ڪٿي آ.
ندي ۾ بد گماني آ نديءَ جي

—

هو سج جي ڪرڻن کي ٻرڇيءَ سان پيئي ٿو ۽ شفق رنگ سمنڊ کي سونو پيالو بڻائي سگهي ٿو. هو لاکي جاجيءَ جي اڏامندڙ قطار کي سج جا موڙ ڪوٺي سگهي ٿو. اها شاعر جي ان الڳ دنيا جي دريافت آهي جتي پهچڻ هر شاعر جي وس جي ڳالهه ناهي اهو ذات جو ڪرشمو آهي. شاعر جڏهن الڳ اڏار ڀرهجي ٿو ته ٻولي ان لاءِ گنجائش پيدا ڪري ٿي.

چون ٿا ته گروديو ٽئگور علامه اقبال کان پڇيو ته "تون پنجابيءَ ۾ شاعري ڇو نه ٿو ڪرين اڙدوءَ ۾ ڇو ٿو ڪرين؟"

جنهن تي علامه اقبال چيو ته "پنجابي ٻولي ۾ ايترا لفظ ناهن. جيترا منهنجي اظهار کي مڪمل ٿيڻ لاءِ گهرجن ٿا."

ان تي ٽئگور چيو هئس ته "وڏا شاعر لفظن جا محتاج ناهن ٿيندا. وڏا شاعر ته پاڻ نوان لفظ تخليق ڪندا آهن."

احمد پڻ ٻوليءَ جو محتاج نظر نه ٿو اچي هن وٽ گهڙيل. توريل لفظ آهن جيڪي هو پاڻ دريافت ڪري آيو آهي. انهن لفظن جو استعمال هنر ۽ ڪرافٽ هن جو پنهنجو آهي. هو چئي ٿو ته:

رنگ آ انمول ان جو
چيلهه ڪشتيءَ جي رسي کان مختصر،
اُرهه اپريل چنڊ چوڏهينءَ جي مثال،
نيڻ هن جا لال يا قوتي مشعال!
عاج جهڙي ٻانهن هن جي،
ويڪري ان جي ڪرائيءَ جي تراش،
قد ڪليسا جو صليب،
وار ڪارا چڻ ته ڪعبي جو غلاف!
پير جي پازيب اهڙي،
جڻ نديءَ جي سارنگيءَ جي نغمگي!!

احمد وٽ نيون تشبيھون، استعارا، ترڪيبون، ردم، رواني ۽ شعري حسن تہ آھي، مگر ان کي جنھن انتها تي پھچايو آھي اھو سندس مطالعو آھي. ھو پنھنجي بنيادي موضوع جي تاريخي پس منظر کان با خبر آھي، جو تہ ھن نظرياتي ادب کان پنھنجي شاعريءَ جي ابتدا ڪئي آھي!! ھن مون کي پنھنجي قاسم آباد واري گھر جي ٽئرس تي ٻڌايو ھئو تہ " مان جڏھن بہ ڪرشن چند کي پڙھندو آھيان تہ منھنجي وجود ۾ ھڪ نئون نظم ڪر کڻندو آھي!!" اھو دوستيءَ ۾ ھن جي سچائيءَ جو اعتراف ھئو.

مون کي احمد جي شاعريءَ سان عشق جي حد تائين لڳاءُ آھي!! جو تہ ھن جي نظم ۾ جذبو ۽ چلانگ آھي ۽ ھڪ پراسرار ڪيفيت ھن جي ٻڌايل ۽ اڻ ٻڌايل سٽن جي وچ ۾ ڳنڍيل آھي:

معصوم محبت جا لمحا ھي سڙن جو ٿا ؟
۽ دل جي قبيلي جا خيما ھي سڙن جو ٿا ؟
ڪنھن جو نہ ڪئي دل جي دل ساڻ ميسحائي؟
بي خواب ھوا آئي بي خواب ھوا آئي !

چپ چاپ سڄو صحرا، چپ چاپ سمندر آ،
چپ چاپ ڏمالون ۽ چپ چاپ قلندر آ،
چپ چاپ ٽٽن تارا، چپ چاپ اڪيلائي
بي خواب ھوا آئي بي خواب ھوا آئي!

احمد جي شاعريءَ جو اصل الميو اھو آھي تہ ھو مسلسل ڇپجي نہ سگھيو آھي، ان لاءِ ڪوٽ نہ ٿو ڪيو وڃي، سندس شاعريءَ جو پيو براييڪ اھو آھي تہ احمد تي لکيو ئي ناھي ويو. ھن تي تنقيد ناھي ٿي جنھن ۾ سندس اصلاحي پھلوءَ تي تفصيلي سان ڳالھايو وڃي ھا. مگر ھاڻ مون کي خوف انھن چند شخصن/لکندڙن مان آھي، جيڪي اڄ ڪلھ بہ نظم لکي ۽ انٽر نيٽ تي گلزار جا نظم ٻڌي، سنڌي شاعريءَ جي مستقبل تي ماھراڻي راءِ ڏئي رھيا آھن.

انھن اڻ ڄاڻ ڄاڻن ۾ بہ سمجھ سمجھن بابت عرض آھي تہ اوھان احمد کي تعريف جي ڇريءَ سان خون نہ ڪيو! ھن کي ڇڏيو تہ ھو لوڪ فنڪارن کان "گھنڊ کولِ ديدار وکائو" وجد ۾ ٻڌي، ھن کي آزاد ڇڏيو تہ ھو سوڍي فقير کان ساوڻ جي رات ۾ "اسان سر دا سودا ڪر بيٺي!" ٻڌي، ھن کي ڇڏيو تہ ھو رقص ڪري ۽ صوفيءَ جي سوز ساز کان فطري واقفيت حاصل ڪري ھن جو ھر دوھو بند سپيءَ وانگر پاڻ ۾ سمنڊ سمائڻ جي تمنا رکي ٿو! ھن کي ماڪ جي ازلي بوند پيئڻ ڏيو تہ سندس من ۾ موجود پياس انمول موتيءَ کي دريافت ڪري سگھي. ھو ڪَٽپ جي قطار کان ٻاھر بيٺل ڪلاڪار آھي، ھن کي آزاد ڇڏيو ويچي جيئن سمنڊ جي گھميل آزاد ھوا ڪيٽي بندر تي لڳندي آھي، ھن کي پنھنجي رواني ۾ درم تي ڇڏي ڏيو وقت پاڻ کيس دريافت ڪندو.

—

هاڻي ٻه جيڪڏهن اسان ڪو سٺو نقاد ۽ ايماندار تجزئي نگار پيدا ڪري وٺون ٿا ته ڪافي سارو نقصان ڪرڻ کان بچي سگهون ٿا. پري پري تائين في الحال ڪا اهڙي روشني نظر نه ٿي اچي. ٿي سگهي ٿو ايندڙ وقت ۾ ڪو اهڙو نقاد پيدا ٿي پوي ۽ سنڌي شاعريءَ جو وڌيڪ زوال نه ٿي سگهي.

بغير ڪنهن ڪشتيءَ جي بغير ڪنهن وسيلي جي به سنڌي شاعري ايترو اڳتي آهي ۽ شاندار ترقيءَ جا موڙ پار ڪري رهي آهي ۽ ڪافي سارا تجربا ڪري رهي آهي. ان ۾ احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو وڌيڪ مقام ۽ ڪردار آهي. هُن اڪيلي سر اهڙي محنت ڪري سنڌي شاعري جو دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملايو آهي سچ ته اهي جيلس رهندڙ حيران ۽ ششدر آهن ته سنڌي شاعري ايترين سارين سازشن کي منهن ڏئي ڪيئين ايترو اڳتي نڪري آئي آهي؟

اهو سڀ احمد سولنگيءَ جهڙن نوجوانن جي اڻٿڪ محنت ۽ سنڌي شاعريءَ سان پيار جو ثبوت آهي جن هر مشڪل مرحلي ۾ پنهنجي سچائيءَ ۽ سنڌ شناسيءَ جو پيار سان پنهنجو ڀرپور حق ادا پئي ڪيو آهي. شيخ اياز کان پوءِ اسان محسوس ڪيو ته هاڻي سنڌي شاعريءَ تان رهنما هٿ کڄي ويو آهي ٿي سگهي ٿو ته اها ڪٿي منتشر نه ٿي وڃي يا اهڙي پاتال ۾ گم نه ٿي وڃي جتان ڪو نالو نشان ئي نه ملندو آهي.

اها حقيقت به آهي ته جڏهن رهنما شاعري سرجڻ گهٽبي آهي يا ختم ٿيندي آهي ته اها پويان اهڙو سڪتو طاري ڪري ويندي آهي جنهن جو صدين تائين جمود نه ٽٽندو آهي. پر شيخ اياز کان پوءِ احمد سولنگيءَ جهڙا نظم جي پختن شاعرن اهڙي ڪيفيت يا حالت کي اسرڻ ئي نه ڏنو ۽ پنهنجي شاعراڻي رفتار کي وڌيڪ تيز ڪيو ۽ اهي سڀ خال پري ڇڏيا جن جو ڪٿي ڪو وجود نه هو.

سچ جي روشني جڏهن تل ترارين تي پوندي آهي تڏهن اجايل هرٽين جون اکيون پروسي ۽ اتساهه ۾ ٻري پونديون آهن. سنڌي شاعريءَ جون اهڙيون ڪوڙ تل تراريون احمد جي نظمن ۾ اڄ به روشنين سان ٻري اجايل هرٽين کي سڏي رهيون آهن ۽ ڪيترا ئي هرڻ پنهنجي اڄ اجهائي لهندڙ سچ کي سپاٽي تائين الوداع چئي پنهنجي ماحول ۾ موٽي سمهن ٿا.

## ● زندگيءَ سان پيار ڪندڙ شاعر: احمد سولنگي

برڪت جيهو

تاريخ 2017_07_23 تي احمد سولنگيءَ پنهنجي خوبصورت شاعريءَ جو ڪتاب "خواب آوارا پکي" نئين ديري ۾ ڏنو. ۽ ان مٿان پنهنجي صحيح ٻه ڪئي. آنءُ سندس ٿورائتو آهيان. انهن ٻن اکرن لکڻ تي جيڪي هن ڪتاب مٿان منهنجي متعلق لکيا.

هي ڪتاب احمد سولنگيءَ جي گيتن، غزلن، نظمن ۽ وائين تي مشتمل شاعريءَ جو موجوده دور جو بائيبل آهي. هي ڪتاب احمد سولنگيءَ پنهنجي ماءُ جي نالي منسوب ڪيو آهي. ڪتاب تي ليڇمڻ ڪومل ڏکهو مقدمو جيڪو 81 صفحن تي مشتمل آهي لکيو آهي جنهن تي ليڇمڻ ڪومل تمام وڏي محنت سان احمد جي شاعريءَ جو نه صرف ڇيد ڪيو آهي پر ان کي عالمي تناظر ۽ جديديت واري اک سان پرکيو آهي.

ليڇمڻ ڪومل صاحب احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ کي ننڍي کنڊ جي ۽ سنڌ جي شاعرن پوءِ اُهي قديم ڪلاسيڪل صوفيت واري رنگ ۾ رڱيل هجن يا جديد شاعر هجن موجوده هندستان ۽ پاڪستان جي شاعرن جي ڪنهن حد تائين ڀيٽ ڪئي آهي ۽ اها ڀيٽ "ومي سدارنگاڻي" ۽ "احمد سولنگي" جي ئي نه آهي پر اها هندستان ۽ پاڪستان جي سيني شاعرن جي ڀيٽ آهي. جن جي سرير ۾ سنڌو ۽ گنگا جو اُهاءُ سمايل آهي.

هي مقدمو "خواب آوارا پکي" جي نه رڳو سجاڳ آهي پر احمد جي ڪتاب ۾ ان مقدمي جو هجڻ خود ليڇمڻ ڪومل جي به وڏي سجاڳ آهي. هن ڪتاب تي پوسٽ اسڪرپٽ رکيل مورائي صاحب لکيو آهي جيڪو وري احمد سولنگيءَ جي شخصيت جو احاطو ڪري ٿو. جنهن ۾ احمد سولنگي جي نه صرف ذاتي زندگيءَ تي لکيو اٿس پر هن جي شاعريءَ کي به پڙهندڙن تائين هڪڙي منفرد انداز ۾ پيش ڪري ٿو ته احمد جو رتبو ڪيڏو آهي ۽ هن ڪبير کان وٺي ميران ٻائيءَ تائين ڀٽائيءَ کان اياز تائين ٽالسٽاءِ کان پائلو ڪوئلهو تائين

پابلو نرودا کان ناظم حڪمت تائين، غالب کان ٽئگور تائين فيض کان احمد فراز تائين ۽ پروين شاڪر کان نوشي گيلانيءَ تائين مينهن جو ذڪر رڪيل موريائي اهڙي انداز ۾ ڪري ٿو جڻ تہ اُهي اڪثر سائنس رات جو گڏ هوندا آهن. جن کان هن فيض پرايو آهي. رڪيل موريائيءَ جو انداز احمد سولنگيءَ سان محبت ۽ هن جي فن کي پڙهندڙ تائين پهچائڻ وارو آهي. نہ ڪي تبليغ وارو.

رڪيل موريائي 24 صفحن ۾ احمد سولنگيءَ جي شخصيت جو مڪمل خاڪو پيش ڪري ٿو.

هن ڪتاب ۾ احمد سولنگيءَ "شاعريءَ جي حضور ۾" 14 صفحا لکيا آهن. اهي بہ پڙهڻ جهڙا آهن. جنهن جي شروعات ٿي ماءُ جي مقدستا ۽ محبوبہ جي مُرڪ سان ڪري ٿو ۽ مخاطب ٿئي ٿو ۽ اها مخاطبيت خبر نہ آهي تہ اٿاهہ محبت جو اظهار آهي يا حُجت جو اظهار آهي. جنهن ۾ هو پنهنجو ظاهر ۽ باطن، ليڪو ۽ چوڪو سڄي عمر جو جيڪو هن ويڙهي رکيو هو اهو کولي ظاهر ڪري ٿو. جيڪو هڪ ازلي سچ آهي ۽ سچو ڪلاڪار ائين ئي ڪندو آهي. هو انهن سٽن ۾ پنهنجي اصل صورت تہ پسائي ٿو پر پاڻ بہ اصل صورت ڏسڻ جي سگهہ جو سَتُ ساري ٿو. حالانڪ 41 سال ڪا ايڏي وڏي عمر بہ نہ آهي ۽ ان عمر ۾ احمد شاعريءَ جي حضور ۾ پيش ٿيو آهي تہ اهو صدين جو سوداءُ لڳي ٿو. سندس پاڻ متعلق لکيل لفظ لفظ ۾ سچائي جهلڪا ڏيئي ٿي.

هاڻي اسين احمد جي شاعريءَ تي اچون ٿا. احمد جي شاعري ڪا معمولي شاعري نہ آهي. هيءَ جُڳ جُڳ جي شاعري آهي جا شاهڪار آهي. شاهڪار شاعري فرد جي مٿان تاري ٿيل جمود کي ٽوڙي سگهي ٿي پر ان لاءِ ڪجهہ شرط شروط هوندا آهن. ڇا اها شاعري هڪ فرد جي احساسن کي ۽ جذبن، اڌمن جي ماٺار کي گرمائي ٽڌو ڪري يا انهن ماٺاريل جذبن کي هڪ اڳتي ڌڪ ڏئي سگهي ٿي؟؟ ۽ احمد جي شاعريءَ ۾ اهي سڀ لقاءُ سمايل آهن. جيئن چوي ٿو:

مٿان فانوس فطرت جو
سمورا منتشر تارا،
حسين ڪنهن حادثي جي لئہ
الئہ ڇو منتظر آهن؟

يا جواني قيمتي تنهنجي
اکين ۾ چانڊني پوکي،
هوا مضبوط تختن تي
لهي تي اپسرا وانگي.

احمد سولنگيءَ جو شاعراڻو تصور انتهائي طاقتور آهي جنهن ۾ جذبا ڪَرَ موڙي اٿن ٿا.

رَسيَءَ ڪان مختصر، نازڪ،
سَنهيءَ هن چيلهه تنهنجيءَ کي،
سهارو ٻانهه جو آهي،
يا
ٻلن جهڙ ڏاک جي وَلِ جيان،
ٻلن تي ٿي وريل آهي،
يا
ڪرين تي زلف ڪافر سان سموري روم کي ڦابو
پيو ڪهڙو پلا ڏس، مصر جي آ چنڊ جو جادو.

احمد سولنگيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙا جلوه ڏيکاريا آهن جن ۾ هڪ منفرد سَچُ ڏَچُ سمايل آهي جنهن جا ڪجهه مثال سندس ٿي شاعري مان ڏيان ٿو.

ننڊ ۾ ويندئي چنڊ چُمي،
وِلَهه ۾ وڙيڙهي وار نه سُمُها!

چوري! چوٽي منجهه پري،
موتئي جي مهڪار نه سمها!

جدائيءَ جي ڪيفيتن ۾ غَمِ جانانِ ۽ غَمِ دوران هوندو آهي ۽ محبوب سان ملڻ جي آرزو عيد جيان هوندي آهي.

مون پڪاريو تون ڪٿي آن؟
تون چيو چيلهار ۾،
پيرَ جي هر چيرَ جي چمڪار ۾!

احمد پنهنجي "خواب آوارا پکي" ڪتاب ۾ قلم جي حرمت کي نہ صرف سلامت رکيو آهي پر هڪ هڪ لفظ ۽ سِٽَ سِٽَ سان نياءُ ڪيو آهي.

ڪنهن گلن تان آ چکيو نمڪين سُرهيءَ سان کي!
ڪنهن ڪيو محسوس منهنجي درد جي احساس کي!
ڪير ڳوڙهن کي ڳڻيندو؟
وقت جي هيءَ ڏوڙ سيني جي مٿان وسندي رهي،
ڪير تيو بدنام آهي
ڪير تو سوچي اهو
ڪنهن خواريءَ جو ڪنيو هي پاڻ تي الزام آهي.

احمد جي شاعريءَ ۾ هڪ تخليقڪار جي ازلي گونج ٻڌڻ ۾ ايندي جيئن چوي ٿو:

مٽيءَ جي پنوڙي ۾ ساهہ سُتل آهي،
سجدي ۾ هي وجي احمد! انسان اٽاري چڙهہ

احمد جي شاعريءَ ۾ جوانيءَ جي گرم جوشي جذبن جي جولاني، بدلجندڙ سماجي رويا، سياسي ابتريون ۽ انهن جا رد عمل جا بجا پڙهندڙ محسوس ڪندو پر ان سان گڏو گڏ هن جي شعر ۾ خلوص جي مهڪ بہ شامل آهي

رسيلن چپن سان،
چُمن چاهتون ٿا.
رکن دل جون دل تي،
سِڌيون آرسيون ٿا.
يا

بک وڙهي سمهي پيا آهن،
ڏس ننڍا ٻارڙا ۽ هن جو گهر.

احمد پنهنجي شاعريءَ ۾ هر جڳهہ فڪري بلنديءَ ۽ فني احساس کي قائم رکيو آهي

منهنجو پنهنجو پاڳ اَپاڳ،
پنهنجي منزل پنهنجو ماڳ،

پنهنجي دنيا پنهنجو ڏُنُ
۽ آشائن جو آڳنڌ
مڪڙيءَ مڪڙيءَ جو سوڳنڌ

هن پنهنجي شاعريءَ ۾ تشبيهن جو استعمال به وڏي هنرمنديءَ سان ڪيو آهي

خواب هر ڪنهن جي ترِيءَ تي هور ڪي
ويا اڏيندا سون چانديءَ جا مڪان
يا
اُس جي آثار جهڙي چوڪري
يا
ڪا ٻڏي وئي ڳنڌ سوڳهي ساهه جي
ديد جاوئي دردا ورانگهي هيانءَ ۾
يا
پرهه پريءَ جي پاند ڪٺ سان
اوپر ۾ لالاڻ

چيو ويندو آهي ته عشق شعور بخشيندو ڪندو آهي. احمد کي به عشق ئي تخليقي شعور بخشيو آهي

سرد موسم جي ڏهاڙن ۾ ملي
اُس جي آثار جهڙي چوڪري
وئي نظر جي ناڳ سان مونکي ڏنگي
زهر جي ڪنهن ڏار جهڙي چوڪري
يا
ٻهچندي ئي روح جي پاتال ۾
ڪا ٻڏي وئي ڳنڌ سوڳهي ساهه جي
ديد جا وئي در اورانگهي هانوءَ ۾
ڪا سيالڻ هير، وارث شاهه جي

احمد جي شاعريءَ جي هن مجموعي ۾ ڪيترا اهڙا غزل نظم گيت ۽ وايون آهن. جن جي مقام جو گهٽ ۾ گهٽ منهنجي سمجهه مطابق تعين ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي. بس ايتروئي چئي سگهجي ٿو ته اُهي لاثاني ۽ لافاني آهن. جيئن:

مائيڪل اينجلو

پوپ ڪي ڪهڙي خبر،

قلوپطره

۽ اتر قطب

اهي سڀ نظم هن جي شاعريءَ جي آسمان جا جرڪندڙ تارا آهن. جن ۾ زندگيءَ جا سڀ اندلني رنگ سمايل آهن. جيڪي زندگيءَ کي قدرت جي فطري تقاضائن سان روشناس ڪرائن ٿا.

اهڙي شاعري گهٽ ۾ گهٽ اسان وٽ هن وقت اڻلڀ آهي. هن جي شاعريءَ ۾ محبت جو بُنيادي عنصر فطرت جي عين مطابق آهي.

ڪوهه دامن جي رهاڪو نينگريءَ

آبشارن جئن حواسن تي لٿي

هُن نديءَ جهڙين نهارُن سان ڏٺو

پيار ارم جا بند دروازا کُليا.

سنڌي شاعري ۾ هڪ عجب جوڙجنسار رکي ٿي. جنهن جي ارتقائي ڏاڪن ۾ تمام وڏن شاعرن پنهنجي پنهنجي رڳن جي رَتُ جو ريج ڏنو آهي. جنهن شاهه ڪريم کان شاهه لطيف، تائين شاهه لطيف کان شيخ اياز تائين ۽ شيخ اياز کان احمد سولنگيءَ تائين هڪ طويل سفر طئه ڪيو آهي

هر دور پنهنجي نواڻ بخشي آهي ۽ هر شاعر انساني جذبن جي اظهار جو هڪ نئون جهان جوڙيو آهي. جنهن سبب سنڌي شاعري ابديت واري رستي تي هلندڙ آهي.

احمد سولنگيءَ جي نظمن ۾ نعمگي ته آهي ئي پر هن جا غزل ابديت جو دليل آهن. جن ۾ هڪ منفرد چاشني سمايل آهي. هن جي شاعري پڙهندڙ جي احساسن جي لطيف ۽ نفيس پردن سان ٽڪرائجي دلين تي اثر ڪري ٿي. ان جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

بيقرار گذري ٿي
اشڪبار گذري ٿي

هجر جي هوا دل تان
بار بار گذري ٿي

جسم جي اڪيلائي،
ڏار ڏار گذري ٿي

احمد جي شعر جو لهجو ڏيمو ۽ گداز آهي هن جي شاعريءَ ۾ جديديت جو خوشگوار امتزاج آهي

سانوڻيءَ جو چاڙهه مستي مند جي،
جسم تنهنجي ۾ نديءَ جهڙو اُڀارُ
تون ٻلن جي سون ٽڪريءَ تان سِڪي!
پنهنجي ڇاتيءَ جي ڇڪورين کي اڏارِ

محبت اَڪسير ڪان وڌ هوندي آهي اَڪسيرُ ادنيٰ ڌاتن کي سون بڻائيندو آهي محبت تمام سفلي جذبن کي خودي بخشيندي آهي ۽ پاڪيزه وجودن کي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيندي آهي ان جو مثال احمد جي هن شعر مان ڏيان ٿو:

مون ته سوچيو ڪين نه هو منهنجي مٺي!
پاڻ اربي پاڻ لاهيندينءَ لباس
ڏينهن جي سوچي رتوليءَ رات تي،
تون اڪيلائيءَ ۾ ٿي ويندينءَ اُداس

رومانيت ۾ اڪثر تخيل ۽ جذبن تي زور هوندو آهي جو ته تخيل ۽ جذبن جي ڪا به حَدَ مقرر ڪو نه هوندي آهي. رومانوي شاعريءَ ۾ زندگيءَ جي روحاني ۽ وجداني عنصرن کي مادي عنصرن تي ترجيح هوندي آهي تخيل جو لا محدود تصور شاعر وٽ هوندو آهي ان سبب ئي شاعر زندگيءَ کي پنهنجي اک سان ڏسندو آهي جنهن سبب زندگيءَ جا ڪيترائي رُخَ مڪمل نه ٿيندا آهن ان ڪري شاعر تشنگي محسوس ڪندو آهي:

صبح جا رنگين پاڇا،
۽ وڻن جي ٽارڙين ۾،
جهولندڙ ڪا نرم ٿڌڙي روشني،
آبشارن جو ٿڌو پاڻي سفيد،
جڻ پرينءَ جي پيرن ۾ پازيب چانديءَ جا ٻڌل،
تون ته ڏيکاري سگهين ٿي.

مٿئين شعر ۾ احمد جي تخيل جي رواني انتها تي پهتل آهي. احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ ۾ ان جي اندر ۾ لڪل بي انتها امڪان ظاهر ٿيل آهن هو پنهنجي محبت ۽ خوابن کي وساري ۽ مٽائي نه سگهيو آهي ڇو ته محبت ۽ خواب زندگيءَ جي ابدي روح جا جوهر هوندا آهن.

احمد انهن جوهرن جي صورت گري پنهنجي ذات جي حوالي سان ڪئي آهي. جيڪا هن جي شاعريءَ جي مجموعي " خواب آوارا پکي" ۾ جابجاءِ نظر اچي ٿي. ڪجهه مثال ان نوعيت جا هيٺ ڏجن ٿا:

۽ ڪبوتر جي اکين ۾ ڪا عقابن جي اُڏار
زندگيءَ تمثيل ۽ تشبيهه جي دنيا سڄي
تون ته ڏيکاري سگهين ٿي.

يا

خواب، جنهن ۾ جڻ اکن جي ڪير جهڙا، پل سمورا.

يا

تنهنجو گهونگهٽ ۾ چهرو جڻ،
جُهڙ ۾ وڄ ورائي.

منهنجو تبصرو ته ان ڳالهه جي تقاضا ڪري ٿو ته آئون احمد سولنگيءَ جي هر غزل، نظم، گيت ۽ وائيءَ تي هِڪُ علمي ۽ فڪري بحث ڪريان پر اها وَٽِي وِستارَ ٿيندي ۽ پڙُ اهو ته نياءُ به ڪري سگهندس يا نه؟ پر پوءِ به مون احمد سولنگي جي هن 472 صفحن تي مشتمل شاعريءَ جي ڪتاب جي سِٽَ سِٽَ کي پڙهيو آهي ۽ آنءُ ان نتيجي تي پهتو آهيان ته احمد سولنگي زندگي سان پيار ڪندڙ شخص آهي ۽ هن جي شاعريءَ ۾ زندگي آهي.

## ● تنهنجي هٿ ۾ ماڻڪ موتي

اسير امتياز

جديد سنڌي شاعريءَ جي ڏگهي قافلي جا پانڌيڙا پنهنجي پنهنجي حصي جو پنڌ ڪري رهيا آهن.هي شعوري پنڌ آهي. هن پنڌ ۾ هلندي پير پٿون ٿي پون ٿا، پر پوءِ به انهيءَ پنڌ جا پانڌي پنهنجي منزل ڏي راهي رهيا آهن شاعري شعور جو عرق آهي. اُهو عرق جنهن اندر فطرت جا سمورا رنگ رقص ڪندي نظر اچن ٿا. اُها شاعري جنهن جي سٽ سٽ ۾ رقص آهي. جنهن جي سٽ سٽ ۾ ڪيفيت آهي. اُها شاعريءَ دل تي نرالو سحر طاري ڪري ٿي ڇڏي.اهڙي شاعري جيڪا شعور جي سوجهري کي مسلسل پکيڙيندي هلي. انهيءَ شاعريءَ جي گهُرج هر وقت رهي آهي. شعور شاعريءَ کي ۽ شاعري شعور کي وهنجاري ٿي. تڏهن ته شعوري شاعريءَ اندر سُترائي شامل آهي ۽ انهيءَ سُترائي سان گڏ غضب جي خوشبوءَ به رليل مليل هوندي آهي. جنهن کي معياري شاعري چاتو وڃي ٿو. اهڙي معياري ۽ معنيٰ خيز شاعري شيخ اياز کان پوءِ جديد مهڪ جيان نروار ٿيندڙ سُهڻو ليکڪ احمد سولنگي تخليق ڪري رهيو آهي.

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ اندر شعوري ڦهلاءُ هيڪاندو نظر اچي ٿو. هن جو فڪري پنڌ انهيءَ شعوري شاعريءَ جي سوجهري کي اڳتي کان اڳتي وٺي هلي ٿو ۽ ها... اُها گهُرج به آهي جيڪا احمد سولنگي جي قلم پوري ڪئي آهي. هن وٽ موضوع جي انفراديت مانائتي آهي. سندس لفظن جي سحر جو ڪمال ته بنهه موهيندڙ رهيو آهي. احمد سولنگيءَ وٽ فڪر جي کاڻ آهي. انهي کاڻ مان ئي سندس شاعريءَ جا ناياب هيرا جرڪندي محسوس ٿين ٿا.

جديد سنڌي شاعريءَ جا ڪوڙ سارا معتبر شاعر شيخ اياز کان وٺندي شمشير تائين ،اياز گُل کان وٺندي ادل سومري تائين. تنوير عباسي کان وٺندي احمد خان مدهوش تائين. استاد بخاري ۽ نارائڻ شيام تائين جيڪا ولوڙ سامهون آهي انهيءَ اندر هڪ وڏو شعور شامل آهي انهي شعور جو پنهنجو سوجهرو آهي پنهنجي جستجو آهي پر هي شعور جيڪو مختلف ۽ نهايت ئي مانائتو آهي

انهي اندر ڏکيو ڪيف به سمايل آهي انهيءَ ڪيف جو به پنهنجو ڪمال آهي جيڪو احمد سولنگي ئي پيش ڪري سگهيو آهي تنهن ته احمد سولنگيءَ جي شاعري دلين کي رقاصائن جيئن رقص ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿي.

هر شاعر جو پنهنجو معيار، پنهنجو اسلوب ۽ پنهنجي ٻولي هوندي آهي ڪي شاعر بهترين خيال پيش ڪندي فڪر کي وڃائي ويهندا آهن ته ڪي وري فڪري انفراديت کي برقرار رکندي موضوع کي مُنجهائي ماريندا آهن. ڪي وري تجرباتي طور شاعريءَ جون تنگون ڇڪي تخليقي سگهه کي هميشه جي لاءِ معذور بڻائي ڇڏيندا آهن. اُها سموري صورتحال تڏهن پيدا ٿيندي آهي جڏهن مشاهدو شعور پويان ٻوڙندو آهي ۽ شاعر خيال کان ويندي موضوع جي تلاش تائين تڙپندو آهي تڏهن شاعريءَ جي پڳل آرسي به تڙپندي محسوس ٿيندي آهي.

احمد سولنگي انهيءَ سموري لقاءُ جي ابتڙ شاعري ڪري پيو هن خيالن کان ويندي موضوع ۽ فڪري انفراديت تائين شاعريءَ جي وينگس کي وٽندڙ ثابت ڪري ڏيکاريو آهي. نه ته شاعريءَ اڪثر با ذوق دلين به بدذوقي جي ور چاڙهي ڇڏيون آهن. ان جو هڪڙو دلربا دليل، ڪافي عرصي کان وٺي لڳاتار سنڌي شاعريءَ جي غير معياري ڪتابن جو تڪڙو تڪڙو ڇپجڻ به آهي. ڪتاب ته ڇپجن پيا، مگر اُهو معيار ڪٿان ڳولجي جيڪو انهيءَ شعور کي پاڻ سان گڏ کڻي هلي جنهن جي مزاج اندر هلڪو ئي سهي پر سوجهرو شامل هجي. ان ڪري به چئي سگهجي ٿو ته ڪجهه ناميارن ليکڪن کان سواءِ باقي شاعرن رڳو ويهي سٽريا پُٽ جڻيا آهن، جن جو فڪر گهڻو وقت زنده نه رهي سگهيو آهي. احمد سولنگيءَ جي شاعري/شعور اهڙي ماحول ۾ نئين روايت کي جنم ڏنو آهي. جيڪا صحتمند اولاد جي وارثي پڻ ڪري.

مون اڳ ۾ به ڪٿ لکيو آهي ته "شاعرن جو آگريون ان ڪري به معتبر آهن جو اُهي تخليقي بار جڻين ٿيون" ٺيڪ اهڙي طرح احمد سولنگيءَ جو ذهن ان ڪري به شاهوڪار آهي جو انهيءَ ذهن جي پاتال مان نئين فڪري شاعري سرجي رهي آهي جيڪا آفاقي قدرن واري پاسجي ٿي جنهن جي سٽ سٽ ۾ نئون جوش ۽ جمال موجود آهي.

لفظ ڪان گهٽي ياڳي واقفڪار نہ هوندو ۽ ٻيو مٿئين سٽ ۾ آيل لفظ "پالي" بہ ڳوٺاڻو لفظ آهي، جيڪو بہ گهڻو ڪري ڳوٺن ۾ رهندڙ ماڻهو استعمال ڪن ٿا، پر هتي انهن لفظن کي احمد سولنگيءَ جهڙي ريت شاعريءَ ۾ شامل ڪري انهن کي شاهوڪاري جي نئين تاريخ ٻڌايو آهي، اُن طرح اُهي لفظ بہ سنڌي شاعريءَ جو منفرد حُسن محسوس ٿي رهيا آهن. شاعر جو ڪم ئي ٻولي وڌائڻ هوندو آهي لفظن کي گهڙي شعوري طور سهڻو بڻائڻ هوندو آهي، اسان جي هن خوبصورت شاعر انهيءَ رهيل ڪم کي پورو ڪري ڏيکاريو آهي. احمد سولنگي موضوعاتي شاعر آهي هن جي موضوعن جي چونڊ بہ نهايت ئي نرالي آهي.

هر خيال ڪبوتر جيئن، آڪاش تلاشي ٿو
تون نيڻ ڪري نغما، تارن ڏي اُڏاري ڇڏ

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جا ٻيا بہ موضوع آهن پر هن جي شاعريءَ اندر پکين جو ذڪر سوايو نظر اچي ٿو ۽ اُهو وساريل موضوع پڻ آهي جنهن تي منهنجي خيال مطابق احمد سولنگيءَ ئي قلم کنيو آهي.

وڻ ئي ته سُکهون سپ،
وڻن ۾ پناهون،
وڻن تي نگاهُون رکي ٿا سُکهون پر،
وڻن سان مخاطب رهيو ڪير آهي؟
وڻن ۾ رسالت جا آثار آهن،
وڻن منجهہ جوڙُون ۽ جنسار آهن،
ڪٿن ساهہُ وڻ ٿا،
وڻن کي مِلي ڪا عجب دلڪشي آ،
نئين نغمگي آ.

هي موضوع ڪو لُبيل ڪونهي ۽ نہ ئي بار بار ڳايل آهي، هن موضوع اندر جيڪو درد آهي، جيڪا تلاش آهي، اُها ڪيتري پُراثر آهي اُنهي جي تڙپ هر حساس دل ماڻهو سولائي سان محسوس ڪري سگهي ٿو.

جديد سنڌي شاعري شيخ اياز کان پوءِ جڻ تہ لاوارث ٿي وئي آهي، موضوع گُنل ٻيئل، خيال معذور ۽ فڪري تازگي مايوسيءَ جي ور چڙهيل رهي

سان ڳالهائيندي شرمائيندي آهي. اهڙي طرح احمد سولنگيءَ جي شاعري به ڪنهن ڳوٺاڻيءَ جي لڄاري مُرڪ کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ ڪونهي.

احمد سولنگيءَ وٽ جيڪا به شعوري سگهه آهي، هُو انهيءَ ئي آڌار تي خوبصورت شاعري تخليق ڪري پيو هن نه صرف اُجاڙ ٿيل آکيرن جي اُداس پکين کان ويندي، انهن جي ٻوليءَ ۽ دربدريءَ تي لکيو آهي پر فطرت جي حسين رنگن کي به پنهنجي شاعريءَ ۾ محبوب بيهڪ عطا ڪئي آهي احمد سولنگيءَ جتي سونهن، سينگار، مُرڪ، مهڪار ۽ محبوبيت تي لکيو آهي اُتي هن جي قلم بک، بدحاليءَ ۽ بيروزگاريءَ تي لُڇندڙ ڊوڙ پاتي آهي هن ٻڪن ۾ پاهڻ ٿيل ماڻهن جي پُٺي سان لڳل پيٽ جي پريشانيءَ تي به احتجاج ڪيو آهي، ته انهن جي غمگينيءَ جي به عڪاسي ڪئي آهي.

ٻُڪن ۾ ڪڙهن ڪنهن جا آنبا جذهن تا،
سڄي رات فطرت جي تخليق روئي،
ڏکن جون تي شبنم سان مالهائون پوئي،
عُمر کان اڳي تا ٿين ٻار بالغ،
وتوهي جنم آهه تهذيب کهڙو،
انڌو دؤر ڪنهن جي ڪري پالنا تو!

هي خيال ڪو عام خيال ڪونهي، هن خيال اندر هڪ صديءَ جي رڙ شامل آهي، جنهن صديءَ ٻُڪن ۾ پاهڻ ماڻهن جي ٻارن کي مختصر عمر عطا ڪري ڇڏ ته انهيءَ سموري نسل کي اپاهج ڪري ڇڏيو آهي هيءَ هڪ دؤر جي دربدري آهي، جيڪا احمد سولنگي جي شاعريءَ ۾ لڪيل رهي آهي، هن دؤر جو درد جيڪو اڳ جي ڪيترن ئي دؤرن جي بک کي ظاهر ڪري پيو هيل تائين به اُهو ساڳيو ئي درد هلندو پيو اچي، اهڙي شاعري جنهن ۾ ٻُڪن ۾ پاهه ڪڙهندڙ آنبن جو ذڪر هجي ته اُها ڪيئن تي عام شاعري تسليم ڪري سگهجي.

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جا جيڪي به رنگ آهن اُهي ان ڪري به انڊلٺ جي رنگن جهڙا ناهن، جو انهن جي پنهنجي انفراديت آهي، انهن رنگن ۾ هڪڙو بُک جو رنگ به شامل آهي، جنهن کي ڪنهن ڪڏهن محسوس ئي ناهي ڪيو ته ڪو بُک جو رنگ به ٿيندو آهي پيو هن جي شاعريءَ جو رنگ عورت جي

پُڪار آهي جيڪا پهاڙن سان ٽڪرائيندي ٿي ڦاٽي پوي ٿي.انهيءَ بيوسي جو بہ پنهنجو رنگ آهي جيڪو هن ٿي تخليقڪار وٽ ترسيل آهي

عاج جهڙي ٻانهن هُن جي،
ويڪري هُن جي ڪرائي جي تراش،
قد ڪليسا جو صليب،
وار ڪارا جڻ تہ ڪعبي جو غلاف.
پير جي پازيب اهڙي،
جڻ نديءَ جي سارنگيءَ جي نغمگي،
ترِ انهيءَ جي سونهن جو آ استعارو!

احمد سولنگي جي شاعريءَ جو استعارو عورت جي سونهن ۽ ان جو درد ئي آهي جيڪو علامتي معني رکندڙيا سجي ٿو.

احمد سولنگي وٽ لفظن جي پختگيءَ کان ويندي شاعريءَ جي حُسن تائين هڪ معيار شامل آهي جيڪو هن جي شاعريءَ کي مرڪندڙ معني پيش ڪري رهيو آهي

هر ڪو پنهنجا جهول ڀري ٿو
گل ميٺڙي ڪو ڪنڊا ميڙي

اڄ جي دؤر ۾ هر ماڻهو لالچي ٿي پيو آهي، هر ماڻهو پنهنجو جهول دولت سان ڀرڻ چاهيندو آهي پر شاعر جي جهوليءَ فقط گُل ۽ ڪنڊا ميڙڻ جو ئي سوچيو آهي ۽ اُها حقيقت آهي تہ جهول اندر ڪنڊن رکڻ جو معيار ئي پنهنجو آهي گُل تہ هر ڪوئي ميڙڻ چاهيندو آهي پر ڪنڊا ڪو ڪو ميڙيندو آهي، احمد سولنگيءَ گُلن سان گڏ ڪنڊا ميڙڻ جي تمنا بہ رکيو آهي.

احمد سولنگي جي شاعريءَ جي فڪري لهجي جي انفرديت اهم درجي جو مقام حاصل ڪري ورتو آهي،هن جو هي قلمي پورهيو ڪو عام شاعر جي قلمي پورهيي جهڙو ناهي هن پورهيي اندر رت ست شامل آهي هتن جي آڱرين جو ٽڪ شامل آهي، هڪ وڏي جستجو شامل آهي ڪيترائي خوابن جا اُجا اوجاڳا شامل آهن. شاعر جيڪڏهن پنهنجي قلمي پورهيي ۾ پنهنجو رتُ شامل ڪرڻ چاهي ٿو تہ پوءِ ئي ان جي شاعريءَ اندر هڪ درد جي ترجماني هر دل

ڪري ونئي ٿي.اُها ئي شاعري پنهنجي سهڻي معيار مطابق منفرد معني کڻي دلين تي راڄ ڪري ٿي

چريا! تو وٽ چاھ نہ اھڙا،
جهڙا ھُن جا پيار،
تو وٽ اهڙو ساز ڪٿي آ،
جهڙي هُن جي چير،
سورٺ ڪجري،
من جي اُجري،
تنهنجي من ۾ مير،
تنهنجي مُٺ ۾ ماڻڪ موتي
هيرا، لعل هزار،
هُن جا نيڻ نگينا نوري،
حيرت ۾ وينجهار....؟

احمد سولنگيءَ وٽ پيو ڪجهہ آهي يا ناهي پر هن جي هٿ ۾ ماڻڪ موتي ضرور آهن. هر هٿ زخميل بہ ناهي هوندو ۽ هر هٿ جي ڪمائي ايڏي شاندار بہ ناهي هوندي جيڪا ڪمائي ڪري هن تخليقڪار پنهنجي هٿ ۾ ماڻڪ جهليا آهن.خبر ناهي الائي ڪٿان الائي ڪهڙي پهر،الائي ڪهڙي سوچ سان احمد سولنگيءَ نواڻ جا پيرا کڻي کيس پڪڙي پنهنجي تخليق کي روشن بڻايو آهي. هن فقيري رنگ ۾ رتل ماڻهو الائجي ڪٿان هيءَ تخليقي ونڊ هٿ ڪري ورتي آهي جنهن ۾ ايمان سلامت ۽ صبر سوايو ٿو نظر اچي

ڪنهن کان ورتئي ونڊُ الا!
ڏاڻا ڏاڻا درد جا.

دردن جا ڏاڻا هن الائي ڪنهن کان ونڊ ڪري ورتا آهن.ونڊ ڏيڻ ونڊ ونڊڻ ٻنهي صورتن ۾ پُرخلوص جذبو آهي اُهو جذبو احمد سولنگيءَ جي اندر موجود آهي. احمد سولنگي پنهنجي تخليقي جوهر ۾ جنوني جذبو رکندڙ شاعر محسوس ٿئي ٿو هن جي سموري تخليق انهيءَ ڳالهہ جي گواهي ڏيندي نظر اچي ٿي

سمنڊ جيان آهي،ان جو انت پار شايد ڪوئي ڳولي لهي شاعريءَ جي عجيب درويشائي اُها بہ رهي آهي تہ سنڌي شاعريءَ کي بهترين نقاد نہ ملي سگهيا آهن.

اِها سُٺي ڳالهہ آهي تہ اسان وٽ شاعر پيدا ٿين ٿا،پر نقاد ڪو پيدا ٿئي نہ ٿو ٿئي. جيئن ڪنهن ٻيءَ کي لاڳيتو ڌيئرن جو اولاد ٿيندو آهي تہ ان کي پٽ جي اولاد جي گهٽي گهُرج محسوس ٿيندي آهي. اهڙي طرح سنڌي شاعريءَ ڌيئرن تہ ڪوڙ ڄڻيون آهن.پر ڪيس پٽ بہ ڄڻڻا پوندا. اُهي ئي شاعريءَ جي بهتر پرک ڪري شاعريءَ جو دامن صاف ڪري هڪ نئين تنقيدي تاريخ رقم ڪري سگهن ٿا. جنهن سان سنڌي ادب ۽ سنڌي شاعريءَ کي عاليشان تازگي ميسر ٿي سگهي ٿي.

## ● ٻڌو پاتال ۾ احمد ڪٿي آ

اسد مگھار

خواب آوارا پکي ڪتاب جنھن مھل منھنجي ھٿن ۾ آيو ۽ جڏھن مان ڪتاب جي ٽائيٽل کي ڇھيو تہ مون کي ڪتاب جي سونھن ۽ ڪوملتا مان ائين محسوس ٿيو ڄڻ مان ڪنھن خوبصورت اپسرا جي ڳلن تي ھٿ ڦيرائي رھيو آھيان.

۽ پوءِ جڏھن مان ڪتاب جو ھوريان ھوريان پنو پنو اٿلائيندو ويس تہ ھڪ عجيب خوشي ۽ سرور واري ڪيفيت مون مٿان طاري ٿيندي ٿي وئي.

"خواب آوارا پکي" ڪتاب جھڙو شاعريءَ جو ڪتاب سنڌي شاعري جي تاريخ ۾ ناھي ڇپيو. ھي ڪتاب صرف ڇپائي جي حد تائين خوبصورت ناھي نہ ئي سگھي ڪنھيءَ جي مثال وانگي آھي پر ھي ڪتاب ان پکل آويءَ مثل آھي جنھن کي ڪوڙڻ سان پڙھندڙن کي ساميءَ جي مٽ جيان شاعريءَ جا ڪيئي تمتمار مٽ ملندا. جنھن مان شاعريءَ جا اجايل پنھنجي اڃ اجھائي سگھن ٿا.

"خواب آوارا پکي" ۾ شامل شاعريءَ معرفت سنڌي شاعريءَ جي ڇھري مٿان چڙھيل در کي احمد سولنگيءَ پنھنجي آفاقي اظھار سان ڏوئي سنڌي شاعريءَ جي ڇھري کي مرڪندڙ ۽ جرڪندڙ بڻائي ڇڏيو آھي. جيڪڏھن شاعريءَ جي مختلف دورن تي نظر وجھبي تہ ھر دور جي پنھنجي الڳ حيثيت ۽ سڃاڻپ آھي ۽ ھر شاعر پنھنجي ھمعصرن يا پاڻ کان پھرين ٿيل کان ڪٿي نہ ڪٿي ضرور متاثر ٿيو ھوندو آھي.

اياز کان پوءِ واري جيڪا بہ ٿھي آئي آھي اھا ڪٿي نہ ڪٿي اياز کان ضرور متاثر ٿيندي نظر اچي ٿي ڇو جو اياز جو شاعرانو قد ايڏو تہ اونچو آھي جو ھر شاعر پنھنجي شاعرانہ قد کي اياز اڳيان ننڍڙو محسوس ڪندو آھي.

شيخ اياز اياز گل جي شاعريءَ جي ڪتاب "تو بن ڪھڙا ڇانورا" جي مھاڳ جو عنوان "ڪوئي گل ڦلتو منھنجي تاريءَ مان" رکيو ھئو ان مھاڳ ۾ اياز

"خواب اوارا پکي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ انهن نقادن ۽ اڪابرن جا ضرور ڪن ڪڙا ٿي ويندا. جن احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ روا رکيو هو.

جنهن دور ۾ "ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان" ڪتاب ڇپيو هو جنهن جو مهاڳ پڻ اياز لکيو هو جيڪو لڳ ڀڳ هڪ سئو صفحن تي مشتمل هو. ان ڪتاب ۾ 15 شاعر شامل هيا ۽ اهي سڀ شاعر احمد جي ٽهيءَ جا هيا ۽ ان دور ۾ به احمد شاعريءَ ڪندو هو مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته احمد سولنگيءَ جهڙو اهم ۽ خوبصورت شاعر ان چونڊ کان ڪيئن رهجي ويو!!؟ يا رهايو ويو؟ توڙي جو ڪتاب جي سهيڙيندڙ دوست ڪتاب ۾ پنهنجي پاران اهو اظهار ۽ وضاحت به ڪئي آهي ته حليم باغي مظهر لغاري ۽ احمد سولنگيءَ سان رابطو ڪيو ويو پر انهن طرفان موٽ نه ملي. پر احمد چوي ٿو ته مون سان ڪنهن به دوست رابطو نه ڪيو هو ۽ نه ئي ڪو مون کي خط مليو هو. "ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان" ڪتاب ۾ ڪجهه شاعر به ته ان ڪتاب ۾ شامل ٿيڻ جي معيار جا به نه هئا پر خبر ناهي اُهي شاعر ڪنهن جي معيار تي پورا لٿا جو اُهي ڪتاب ۾ شامل ٿي ويا.

جيڪڏهن هاڻي اسين انهن شاعرن جي ڳولا ڪيون ٿا ته سندن ڪتي به ڪو ڪُر، پير نظر نه ٿو اچي. پر ٿي سگهي ٿو ته هي مضمون پڙهڻ کان پوءِ اهي شاعر يا انهن جا ڪي همدرد ڪٽان نروار ٿي پون. منهنجو هتي مضمون لکڻ جو مقصد به اهو ئي آهي ته اهي ستل ذهن هاڻي ٿورو سجاڳ ٿين ۽ احمد سولنگيءَ جهڙي اهم شاعر کي پڙهن جنهن کي هو سدائين نظر انداز ڪندا پئي آيا آهن. جن ڪتي به احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو حوالي طور به ذڪر ناهي ڪيو هنن وٽ گذريل 20 سالن کان صرف ڪجهه مخصوص نالا ئي هيا جن کي هو پنهنجي ڪچهرين تقريرن ۽ تحريرن ۾ حوالي طور پيش ڪندا آيا آهن.

هاڻي گهٽ ۾ گهٽ اها هڪ هٽي ختم ٿيڻ گهرجي. انهن مخصوص شاعرن کان سواءِ جيڪڏهن سنڌ جي جديد شاعريءَ تي نظر ڊوڙائبي ته اهڙا شاندار ۽ منفرد اظهار وارا شاعر شاعري ڪر رهيا آهن جو سنڌي شاعريءَ کي ڪنهن به طرح کان عالمي شاعريءَ کان گهٽ نه ٿو سمجهي سگهجي ۽ اُهي شاعر عالمي شاعري سان ڪلهو ڪلهي ۾ ته ڇا پر هو عالمي شاعريءَ سان اکيون اکين

۾ ملاتي بيٺا اهن جن جي اڳيان احمد سولنگي بيٺو اهي ۽ ان کان پوءِ هڪ ڊگهي قطار آهي جنهن ۾ وسيم سومرو، اياز جاتي سعيد ميمڻ رکيل موراڻي پارس حميد، حفيظ باغي رفيق سيال، فراق هاليپوٽو اسحاق سميجو ايوب کوسو روحل ڪالرو، امر اقبال ميڪش سومرو، مارو جمالي آڪاش عامر، راج راڇپر، شبير هاليپوٽو، هي اُهي شاعر آهن جن جي شاعريءَ تي ذات ۽ جدت جي ديوي سدا مهربان رهي آهي ۽ هي سڀ دوست/شاعر سدا بهار شاعر آهن.

خواب آوارا پکي ڪتاب اچڻ کان پوءِ ڪافي نقادن ۽ اڪابرن جا ڪن اُپڙا تي ويا هوندا تہ هي ڇا ٿي ويو اسان تہ پنهنجي وَس ۽ وت آهر پرپور ڪوشش ڪئي تہ احمد سولنگيءَ کي پنتي ڏڪي چڙهيون پر احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ طوفان جيان انهن کي پنتي ڏڪي چڙهيو ۽ هاڻي هو پنهنجي اکين مان منافقيءَ جي مٽي ڪيڻ ۾ پورا هوندا.

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ تي ننڍي ڪنڊ جي تمام وڏي اديب ۽ ليکڪ لڇمڻ ڪومل طويل مهاڳ لکي اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي تہ احمد سولنگيءَ جي شاعري ان قابل آهي جو ان تي ايڏو تفصيلي مهاڳ لکي سگهجي ٿو. نہ تہ بي دلي ۽ جبر سان تہ سچي رائيٽر لاءِ هڪ سٽ لکڻ بہ وڏو مسئلو هوندي آهي پر لڇمڻ ڪومل جي تفصيلي مهاڳ پڙهڻ کان پوءِ ڪٿي بہ اهو احساس نہ ٿو ٿئي تہ ڪو ليکڪ ڪٿي لفظيات جي اسپيڊ بريڪر اڳيان ٿاٻڙيو هجي، يا سنڌس رواني ۾ ڪا گهٽتائي آئي هجي.

"خواب آوارا پکي" ڪتاب احمد سولنگي جي شاعريءَ جو اهو جوهر آهي جنهن کي ڪو جوهري ئي پرکي سگهي ٿو احمد جي شاعريءَ جي هر هڪ سٽ اردوءَ جي هن شعر جيان آهي تہ:

هي ڪوئي جوهري اشڪون ڪي نگينون ڪي طرح،
آج بازار ۾ هم جنس گران لائي هين.

احمد سولنگيءَ جي اها شاعريءَ سان سچائي آهي جو هُو پنهنجي شاعريءَ کي ماءُ چوي ٿو. ۽ شاعريءَ جي ٻاجهہ بہ احمد تي هڪ ماءُ جيان رهي آهي ان ماءُ جي ٻاجهہ ۽ سچائيءَ جي ڪري احمد سولنگيءَ کي لڇمڻ ڪومل جهڙي گهڻ پڙهيي ليکڪ ۽ نقاد جو مهاڳ نصيب ٿيو آهي.

چوندا اهن ته تاريخ ڪنهن سان به ناانصافي ناهي ڪندي سچي آرٽسٽ جو پورهيو ڪڏهن به ضايع ناهي ٿيندو. هاڻي هي جديد دور آهي، هاڻي هي دور هارون رشيد وارو ناهي جو هٿ ٺوڪيو مذهب ۾ تاريخ لکرائي وڃي. احمد اُهو شاعر آهي جيڪو انهن سڀني بدليل ۾ مخصوص روين تي هو مايوس ٿيڻ بجاءِ هو اڃان وڌيڪ پختو ٿيو آهي انهن روين هن جي شاعرائي سگهه ۾ ساڃاهه ۾ وڌيڪ نکار آندو آهي تڏهن ته احمد هي سٽون لکڻ جو معراج ماڻيو آهي.

رسم سقراط جي نڀايون ٿا،

زهر احمد حيات ڪيئن چئجي.

احمد سولنگي دنيا جو پهريون شاعر ناهي جنهن سان پنهنجي دور جي همعصرن ۾ نقادن ناانصافي ڪئي هجي مثال طور بنگال جي نوبل پرائز حاصل ڪندڙ شاعر ٽئگور کي جڏهن ٻاهرين دنيا ۾ ميجتا ۾ ايوارڊ مليا ته پوءِ سندس ملڪ جا ماڻهو حيران ٿي ويا ته ٽئگور ايڏو وڏو شاعر آهي ۽ پوءِ سندس ملڪ ۾ به کيس پذيرائي ملي يا فرانس جي شاعر بودليئر جو مثال به ڏئي سگهجي ٿو. بودليئر فرانس جو وڏي ۾ وڏو شاعر ليکيو وڃي ٿو پر سندس زندگيءَ ۾ هن جو تمام گهٽ قدر ڪيو ويو ۽ هن کي نظر انداز ڪيو ويو پر هاڻي جڏهن هو هن دنيا ۾ ناهي رهيو ته کيس فرانس وارا مهان ۽ عظيم شاعر طور ليکي رهيا آهن.

احمد سولنگيءَ سان به بلڪل اهڙو ئي رويو روا رکيو ويو آهي ڪتاب ڇپجڻ کان پهرين احمد جي شاعريءَ کي اها پذيرائي نه ملي سگهي جيتري پذيرائيءَ جو هو اهل ۽ لائق هو. احمد جي شاعرائي شعور ۽ سگهه جو اندازو سندس ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ لڳائي سگهجي ٿو ته هن ڪهڙي طرح سان بين الاقوامي ليول جي شاعري ڪئي آهي.

احمد جي نظم لاءِ لڇمڻ ڪومل پڻ چيو آهي ته احمد جو نظم شاندار آهي اها حقيقت آهي ته احمد جيڪي پنهنجي نظم لاءِ موضوع ڪنيا آهن اهي پهرين ڪنهن به شاعر ناهن ڪنيا، جي ڪنيا به آهن ته انهن سان انصاف نه ڪري سگهيا آهن سندس ڪتاب ۾ هڪ نظم آهي "قرت العين طاهره"

قرت العين طاهره ايران جي مشهور شاعره هئي هن لاءِ مشهور آهي ته جڏهن هن جي قتل جو حڪم جاري ڪيو ويو هو ته هن لاءِ هڪ روايت موجب

موت آئو الڳ تي ڪا معنيٰ رکي،
ڪالهه جيئن ڊيل جي چال سان سونهن ساگر ڪٽي،
رنگ پوپٽ جا پهري هوءَ نڪتي گهران
ماڪ شيشا جهليا ڄڻ تہ هن جي اڳيان
نور وسندو رهيو صبح، تاري منجهان
۽ اکين خواب جا ڪنپ کولي ڇڏيا،
ڪنهن پکيءَ جي پرن جي اڏارن جيان
عشق پنهنجون جبينون جهڪائي رکيون،
ڪير آهي ڏسي ڪائنات تي حسن؟
جهڙ جي جهالر منجهان،
چنڊ جهاتيون وجهي
سمنڊ کي ڪيئن ندي پوءِ،
ڀاڪر وجهي!
آبشارن پهاڙن زمينن اُپن،
ريگزارن سان ڪنهنجو رهي ربط ٿو!
ڪنهن بہ آهي ڏنو؟
سج، صد برگ، جو گل ٿو نوڙي ڇمي،
وقت تاريخ جي ڄڻ تہ تسبيح ۾،
ملڪ موتيءَ جيان ٿو هٿن ۾ گهمي،
طاهره جي ڳچيءَ ۾ ڇُنيءَ کي وجهي جن ڇڪيو
تنهن تڙيءَ تي لٽي ۽ گهٽو جيئن ڏنو
وقت گهوگهو ڏنو ڄڻ تہ ايران کي

مان حوالي طور هي نظم ڏئي صرف پڙهندڙن کي دعوت ٿو ڏيان تہ هو خواب آوارا پکي ڪتاب جو مطالعو ضرور ڪن. جنهن ۾ شاعريءَ جي جهان جون انيڪ حسناڪيون موجود آهن انهن جون ڪجهہ جهلڪيون بيون بہ پڙهي ڏسو جيڪي احمد جي غزلن مان ڪنيل آهن:

مون لڄائي ڪين هٿي پنهنجي مٽي،
ٿي پيو ميرو ڪفن اتفاق سان

نرتڪيءَ جا پير پيا نند ۾ سمهي،
پر پيا گهنگهرو وڄن اتفاق سان

يا سندس هي سٽون به پڙهي ڏسو:

هوءَ ڦتڪي لُڇي رات ڪشتو پڇي،
نٿ ياٽن مٿان بڪ ويڙهي سُتي

•

ڏسو ٽڙ تي ناسي ڪو سانوڻ وسي ٿو
تلاون مٿي پٽي هوا پير ساهي

شهر ۾ سمنڊ جهڙو ڪر ڪٿي ويندا،
ڪراچيءَ ۾ اسان جا گهر ڪٿي ويندا.

موت کي ڏٺي ڪيترا ڏانوڻ ڏيون،
زندگيءَ جو ٿو سڄو نندڙو لڳي

رڪيب پير قبولي نه ٿو ڪڇا ڪڏهين،
ازل وڇيرو هوا جو وڄون به ڪاهي ڪيئن؟

ڪجهه ڳيا ستارن جا، چنڊ جي سچي ماني،
هن پني سيني کان ڪائنات پالي آ.

توڙي جو سنڌي شاعريءَ جا هڪ لک چوويهه هزار کن ڪتاب ڇپجي چڪا هوندا پر 'خواب آوارا پکي' ڪتاب لاءِ مان اهو مثال ڏيندس ته قلندر شهباز سان هڪ ڳالهه منسوب اهي ته جڏهن هو سيوهڻ ۾ آيو هو ته اتي موجود درويش قلندر شهباز جي اڳيان هڪ کير جو پريل ڪٽورو پري اچي رکيو ته سيوهڻ شهر هتي اسان پيرن ۽ اوليائن سان اٿين پريل آهي جيئن هيءُ کير جو پريل ڪٽورو جيڪڏهن هن ڪٽوري ۾ اسان وڌيڪ کير وجهنداسين ته کير ڪٽوري مان هارجي پوندو ته پوءِ قلندر شهباز وري پنهنجي کيسي مان هڪ گلاب جو گل ڪڍي

ان کير جي ڪٽوريءَ ۾ وجهي ڇڏيو تہ اهو گل ان ڪٽوريءَ ۾ تري رهيو هو جنهن جو مقصد اهو هو تہ قلندر شهباز کين اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ مان توهان سيوهڻ جي سوالک پيرن جي پريل ڪٽوريءَ ۾ گل وانگي ترندس پيو.

"خواب آوارا پکي" ڪتاب بہ بلڪل سنڌي شاعريءَ جي ڪٽوريءَ ۾ گلاب جي گل جيان تري رهيو آهي آخر ۾ مان احمد جي شعر سان ئي پنهنجي هن مضمون جي پڄاڻي ٿو ڪريان تہ:

ٻڏو پاتال ۾ احمد ڪٿي آ.
نديءَ ۾ بدگماني آ نديءَ جي

-

## ● احمد تون محترم اهين

### مصطفيٰ آڪاش

تو وٽ سڀ ڪجهه پنهنجو آهي. تون ان دور ۾ پيو ساهه کڻين جتي سڀ ڪجهه اڳ ۾ ئي ختم ٿي چڪو آهي، جتي وڌيڪ ڪجهه نئون ڪرڻ جي ڪا به گنجائش ڪونهي. خيالن جا سڀ پکي اڳ ۾ ئي اڏامي چڪا آهن. موضوعن جون ڪهڪشائون پنهنجي وجود جي ڪير ڏارائن کي اڳواٽ ئي ٿهلائي چڪيون آهن. تخليقن جا هڙئي روپ پنهنجي حسناڪين سميت پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهچي چڪا آهن. آبشارن جون روانيون اظهار جي نديءَ ۾ وهي چڪيون آهن. گهاڙيٽن جي وشالتا جو انت اچي چڪو آهي. ڪنهن نڪور تجربي، ڪنهن نڪور مشاهدي کي بيان جا ويس ڍڪائڻ جي ڏانءَ جو به خاتمو اچي چڪو آهي. ورجاءَ جا به هزارين ورجاءَ ٿي چڪا آهن.

هاڻ پلا نئون چنڊ ڪٿان آڻجي؟ نوان اپ ڪيئن تخليق ڪجن؟ نڪور ستارن جا جهان ڪيئن ۽ ڪهڙي ريت جوڙجن؟ لفظن جي نئين ۽ سگهاري ٿهلاءَ جا ڏانءَ ڪهڙي ڏاهي کان سکجن؟ سونهن جون جديد صورتون ڪٿي ڳولي تلاشجن؟ اڻ ميي پيار جون ڪائناتون پلا ڪٿان ڪوٺي ڪٺي اچجن؟ چرڪائيندڙ تخيل جا ذخيرا به ته ڪُٺي چڪا آهن. وقت جي وادين ۾ به ته يڪسانيت جي ڌوڙ پيئي اڏامي.

سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته اهڙي منجهائيندڙ ۽ مايوسيءَ واري صورتحال ۾ تو اڻ ڇهيا احساس ڪٿان آندا. ذهن کي ڌوڏيندڙ خيال ۽ انهن جون حيرت ۾ وجهندڙ خوبصورت تخليقي صورتون ڪيئن ۽ ڪهڙي فطرت جي سهڪار سان گهڙيون. تون نڪورتا ۽ نواڻ جي گنجائش نه هجڻ جي باوجود پاڻ کي هر حوالي سان ميڙائي هلندڙ توڙي گذريل دور جي ڏات ڌڻين کي به چرڪائي وڌو.

احمد! تون واقعي ۾ به گهڻو محترم آهين. تنهنجي لفظن کي تنهنجون پنهنجون شڪلون ۽ تنهنجا پنهنجا روح آهن. جيڪي پڙهندڙن جي احساسن سان جڙت ۾ اچي محسوسات جي هڪ نه پر ڪيئي اجريون ڪائناتون جوڙين

## ● هڪ 'ڏياري' منهنجي نانءِ

موهن مدهوش

شاعر ۽ تخليقڪار پنهنجي ٻولي ۽ ان جي سماجي عڪس کي ڀرپور انداز ۾ اظهاريندا رهيا آهن. ڪي پنهنجي سوچ جي اُڪام ۾ آفاقي لڳندا آهن ته ڪي وري سطحي طور پنهنجو نالو "شهيدن جي لسٽ" ۾ لکرائڻ جا حامي هوندا آهن. هڪ خوبصورت شاعر پنهنجين چند سٽن ۾ زندگيءَ جي سموري وارتا کي سموهي ٿو. اها هن جي ڪلا آهي.

احمد سولنگيءَ سان منهنجي پهرين ملاقات سندس دوست پائو مولا بخش چانڊيي سان پنهنجي اداري جي آفيس ۾ ٿي هئي. هُو مولا بخش چانڊيي جي نئين ڇپايل ڪتاب جون ڪاپيون به کڻي آيو هو. پائو مولا بخش سان گڏ احمد پنهنجي ننڍڙي ٻار کي به وٺي آيو هو جيڪو بار بار احمد کي آفيس کان ٻاهر هلڻ لاءِ چئي رهيو هو ۽ پوءِ نيٺ اها ملاقات اتي ئي پوري ڪري هو هليا ويا.

ان وقت هُو هڪ سليقي وارو شخص لڳي رهيو هو. هن جي آواز ۾ پختگي بکي رهي هئي. اُن وقت مون هن جي شاعريءَ کي گهڻو غور سان نه پڙهيو هو پر هُن جي آئوٽ لُڪ مان هو صحتمند شاعر لڳي رهيو هو.

احمد سولنگي لڳ ڀڳ ٽن ڏهاڪن کان شاعري ڪندو پئي آيو آهي. هن جي شاعري مختلف رسالن ۾ ڇپبي رهي هئي پر هُن جو اُن وقت تائين ڪو به شعري مجموعو نه آيو هو. هڪڙي ڏينهن کيس چيم:

"يار هاڻ تنهنجي شاعريءَ جو ڪتاب به اچڻ کپي."

تنهن تي هن چيو "ها... واقعي، هاڻ ان تي ڪم ڪريون ٿا. اهو ضرور ايندو."

... ۽ پوءِ نيٺ 2013ع ۾ هُن جي شاعريءَ جو مجموعو "خواب آوارا پکي" به ڇپجي مارڪيٽ ۾ اچي ويو. هڪڙي ڏينهن هو مون کي پنهنجي ڪتاب جي اعزازي ڪاپي ڏيڻ آيو. ڏٺم ته ڪتاب گيٽ اپ ۽ ديده زيب ڇپائي سان سٺو لڳي رهيو هو. کيس چيم:

"ڪتاب جون ڪاپيون اسان جي بُڪ اسٽال 'ڪويتا ڪتاب گهر' تي به رکائي ڇڏيو." ۽ پوءِ هن ائين ڪيو.

اڪثر شاعرن جو ڪتاب وڪڻي عرصي تائين ڪِپي نه سگهندو آهي ۽ ڪتاب گهر وارا شاعريءَ جو ڪتاب نه رکڻ لاءِ زور پريندا آهن. پر احمد سولنگيءَ جي ڪتاب جون 50 ڪاپيون ٻن مهينن جي ٿوري عرصي ۾ ختم ٿي ويون هيون.

احمد سولنگيءَ جي ڪتاب "خواب آوارا پکي" ۾ ليڇمڻ ڪومل پنهنجي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته "شاعري هڪ عورت جيان سينگار ڪري تقاضائون ڪندي آهي ته 'ڏس مان ڪيئن ٿي لڳان؟'

نيڪ ان وقت ائين ئي منهنجي من ۾ جواب آيو "ها، تون نيڪ ٿي لڳين ٿين."

"خواب آوارا پکي" احمد سولنگيءَ جو پهريون شعري مجموعو آهي. چوندا آهن ته هر تخليقڪار کي پنهنجو پهريون مجموعو پنهنجي پهرئين ٻار وانگر پيارو هوندو آهي ۽ احمد سولنگيءَ کي به هن ڪتاب کي پڙرو ڪندي ضرور ائين لڳي رهيو هو.

احمد سولنگي هڪڙي ڏينهن مون کي پنهنجي گهر وٺي ويو ۽ ڪجهه دوستن سان گڏجي 'ڏياري' به ملهائي هئائون.

احمد سولنگيءَ ۾ شخصي طور ڪجهه روايون ڏاڍيون شاندار آهن ۽ دوستن سان گڏ هر حال ۾ ٿي ويندو آهي. هُن جي شاعريءَ ۾ رومانويت، حساسيت ۽ رواني آهي جنهن جا ڪيترائي مثال ڏيئي سگهجن ٿا. سندس نظم "هميرو ڪولهي" ۾ هو هميري جي هر خوبيءَ کي ساراهي ٿو:

پير اُگهاڙا واٽ انهيءَ جي،
گهاٽُ انهيءَ جو گاجاهه موري،
پرٽوأن جو مرٽي جهڙو

پٽيءَ پٽيءَ تي پيرواُن جو
هر پل آهي تابع ان جي
سانجهي رات، سويرواُن جو.
۽ وري هٿي هنڌ هُو چوي ٿو:
مايا ڇايا موهه
ڀرين پارسُ پاڻ هٿاسين،
هاڻي پٿر، لوهه
خالي سکڻا خوابَ اکين جا،
ڳوڙهن سان ٿي ڳوهه
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهه

## • خوبصورت اندازِ بيان جو شاعر

وزير فرهاد سولنگي

جڏهن انسان سماج جي اٿل پٿل مان گهڻو متاثر ٿيندو آهي ته ڏهن انهيءَ جو اظهار مختلف طريقن سان ڪندو آهي اندر جي حساس ڪيفيتن جي اظهار لاءِ قلم جو ذريعو ئي هڪ بهتر رستو آهي اهي ماڻهو تاريخ جو حصو بڻجي ويندا آهن جيڪي اندر جي اظهار لاءِ قلم جي نوڪ سان لفظن جو روپ ڏاري ڪاغذ تي اتاريندا آهن ۽ پنهنجو تخيل ۽ فڪر ايندڙ نسل لاءِ ڇڏي ويندا آهن انهن ڪڏهن نثر ۾ ته ڪڏهن نظم ۾ ڪڏهن غزل وائي، بيت ۾ اندر جي پيڙا جو اظهار ڪيو آهي شاعري به هڪ اهڙو لطيف فن آهي جنهن سان پنهنجي اندر جي احساس ۽ پيڙا کي ٻاهر اڇلڻ جو موقعو ملي ٿو.

ساهتي پرڳڻو علم ۽ ادب جي حوالي سان سنڌي ادب جي تاريخ ۾ اهم حيثيت رکي ٿو. سنڌ جي هن خوبصورت خطي ڪافي عالم، اديب، تاريخ دان، محقق ۽ شاعر ڏنا آهن جن پنهنجي تخليقن ۽ صلاحيتن کي استعمال هيٺ آڻي پنهنجي ٻوليءَ جي خدمت ڪئي آهي، ٻوليءَ جي انهن خدمتگارن ۾ گذريل ڪيترن سالن کان جيڪي ذات ڏٺي ٻوليءَ جي خدمت ۾ متحرڪ رهيا آهن انهن ۾ حافظ محمد بخش خاصخيلي راشد مورائي، مسرور پنائي، گدا خاصخيلي کان نماڻي سنڌي تائين ۽ ٻي کيپ ۾ ادريس جتوئي رکيل مورائي، محبتي ملاح، نجم سرهيو، رضا لانگاهه مٿڪش سومرو کان احمد سولنگي تائين نت نيو تخليقون ڏئي سنڌي ٻوليءَ جي سونهن ۽ سوڀيا ۾ اضافو آندو آهي انهيءَ کيپ ۾ نوجوان شاعر احمد سولنگي جون تخليقون منفرد حيثيت رکن ٿيون.

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو سفر 1985ع کان شروع ٿئي ٿو جيڪو اڄ تائين جاري آهي، احمد سولنگيءَ جو جنم رسول بخش سولنگيءَ جي ڪکن ۾ 5 جنوري 1971ع ۾ موري شهر ۾ ٿيو پاڻ شروعاتي تعليم موري مان ئي حاصل ڪيائين ۽ تعليم پرائڻ سان گڏوگڏ علم ادب سان سندس شوق ٻالڪپڻ کان ئي رهيو. پاڻ سنڌي ادبي سنگت شاخ موري جو سرگرم رڪن رهيو ۽ سائين راشد مورائي جي شفقت ۽ صحبت کيس ادبي ڪيتر ۾ وڌيڪ متحرڪ ڪيو.

احمد سولنگي سنڌي ادبي سنگت شاخ موري جو ٻه دفعا سيڪريٽري چونڊيو ويو ۽ هن سنگت جي ڪارڪردگي کي وڌيڪ فعال بنايو هيءَ علمي ادبي سياسي سماجي پروگرامن ۾ وڏي چاهه سان حصو وٺڻ لڳو جنهن ڪري سندس ادبي دوستن جو هڪ وسيع حلقو سڄي سنڌ ۾ پيدا ٿي ويو ۽ سندس سنڌ جي نالي وارن اديبن ۽ شاعرن سان شناسائي ٿي وئي هن کي پنهنجي محنت ۽ سٺي سياءَ سبب سنڌي ٻوليءَ جي پهرئين صف جي شاعرن سان ويجهڙائي ۽ صحبت نصيب ٿي.

احمد سولنگي جيتوڻيڪ هڪ مسڪين خاندان سان تعلق رکي ٿو پر هن پنهنجي محنت ۽ مسلسل جاکوڙ سبب پنهنجي پيرن تي بيهڻ سکي ورتو آهي هن وقت سندس شمار سنڌ جي نئين ٽهي جي نوجوان چونڊيءَ جي شاعرن ۾ ٿئي ٿو احمد سولنگي جي شاعريءَ ۾ وائي نظم گيت، غزل نثري نظم ۾ سندس احساسن جو ڀرپور اظهار ملي ٿو. سندس شاعري جا ٻه اهم محور هڪ محبوب ۽ ڀيو ڌرتي آهن. جنهن لاءِ سندس نظم جون هيٺيون سٽون آهن ته:

تختي ڏي کي پير وڌن ٿا،
ڦاسيءَ تي ڪي ڳاٽ لڏن ٿا،
تارا نڪتل ۽ گهوٽن کي،
ننڊ سمهاريو تختن،
زنجيرون ٽيون ڇڻڪن!

احمد سولنگي جي وائيءَ ۾ انقلابي رستن جو منظر نمايان ملي ٿو سندس شاعريءَ ۾ جديد خيالن جا عڪس تخيل جي حساسيت لفظن جو سٽاءُ ٻوليءَ جي جدت، خيال جي تقويت ان جي روانيءَ سان گڏ سندس اندازِ بيان سندس شاعريءَ ۾ ساهه وجهي ڇڏي ٿو.

احمد سولنگي شاعريءَ جي سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي جنهن ۾ گيت، غزل وائي بيت، نظم ٽيڙو نثري نظم اچي وڃن ٿا، احمد سولنگيءَ جي شاعري ٻڌندڙ کي انهيءَ وقت ڇرڪائي ڇڏيندي آهي جڏهن هو استيج تي بيهي پنهنجي مخصوص اندازِ بيان ڪندو آهي احمد بظاهر سباجهو ٻهڳڻو ۽ خوبصورت شاعر آهي ۽ سندس زبان مان نڪتل لفظ خيالن جو روپ ڌاري

ٻڌندڙن لاءِ هڪ پرڪيف ماحول تيار ڪندا آهن. جيڪا احمد جي اندازِ بيان جي ڪماليت آهي

رات بہ ڪاري رات،

ناهي وٽ نہ ڏيئڙو

جنهن جي هٿ ۾ سوجهرو انجي اوڇي ذات

ناهي وٽ نہ ڏيئڙو

سِڙ منو ٿئي سنڌ ڪان، ڪيڏي اوڇي بات

ناهي وٽ نہ ڏيئڙو

هن اونداهي ڏيهہ ۾، جرڪي منهنجي ذات

ناهي وٽ نہ ڏيئڙو

تنهنجي رت مان سانورا، چاڙهيئي پرڀات

ناهي وٽ نہ ڏيئڙو

احمد جي وائيءَ جي مٿين سٽن مان ڌرتيءَ سان محبت جو لازوال رشتو نظر اچي ٿو سندس شاعري ڌرتيءَ سان محبت، وفا جي اعليٰ ظرفن سان شرسار نظر اچي ٿي. ان سان گڏ سندس شاعريءَ ۾ رومانوي پهلوءَ جي حوالي سان نظر دوڙائبي تہ اُتي بہ سندس تخيل ڪمال جي حدن کي ڇهي ٿو جنهن جو اظهار سندس هن وائيءَ ۾ نظر اچي ٿو:

اکڙين جي آلاڻ

تنهنجي ڳالهہ ڪري ٿي

تنهائي جي اونداهيءَ ۾
يادن جي چانڊاڻ

تنهنجي ڳالهہ ڪري ٿي

موتئي جهڙي ماڪ ڦڙن ۾،

هيءَ جا آسرهاڻ

تنهنجي ڳالهه ڪري ٿي.

احمد سولنگي پنهنجي قلمي پورهئي سان اجا بہ نياڻيندو پيو اچي سندس تخليقون سنڌ جي مشهور رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻبيون آهن، ياڻ ساجام مهراڻ، سهڻي، ڪونج وغيره ۾ لکي چڪو آهي، هي مختلف ادبي وفدن سان گڏ ڀارت ۽ ٻين ملڪن ۾ پنهنجي ثقافتي علمي ادبي ٽوئرن تي وڃي چڪو آهي اميد تہ هي نوجوان سنڌي ٻوليءَ ۽ پنهنجي قلم سان ناتو نياڻيندو رهندو ۽ تخليق جي دنيا ۾ وڏو نانءُ ڪمائيندو.

## ● احمد سولنگيءَ جا نظم

احمد شاڪر

پاڻ هن پيپر ۾ سنڌ جي سهڻي شاعر احمد سولنگيءَ جي ڪُجھ نظمن جي حصن تي لکنداسين پر انهيءَ کان پهرين پاڻ احمد سولنگيءَ جي سموري شاعريءَ تي هڪ جامع راءِ جوڙڻ جي ڪوشش ڪنداسين ۽ بنا ڪنهن حوالي ۽ تشريح جي سڌو سنئون شاعري تي ڳالهائينداسين!

جڏهن به شاعرن کان ڪو سوال ڪندو آهي ته سائين! شاعري ڪيئن ڪندا آهيو..!؟ ۽ ان مختصر سوال جو جواب شاعر گهڻي ڀاڱي اِهو ئي ڏيندا آهن ته بس! شاعري الهام ٿيندي آهي ۽ ٻيو وري جواب اِهو ڏيندا آهن ته شاعري لاشعور ۾ ٿيو وڃي...! انهن سوالن جي جوابن واري جهان جو ڪو به بڻ بنياد ڪو نه آهي! جڏهن شاعر الهام تي ٿئي يا وري لاشعور ۾ ٿي ٿئي ته معنيٰ ان سموري پراسز (شاعري جڙڻ واري عمل) ۾ شاعر جو ڪهڙو ڪردار رهيو..!؟ اهو هڪ اهم سوال آهي ۽ آئون اهو بنا ڪنهن هٻڪ جي چوندس ته نه شاعري الهام ٿيندي آهي ۽ نه وري لاشعور ۾ ٿيندي آهي

انهيءَ مٿين ڳالهه ڪرڻ جو منهنجو هڪ ئي مقصد هو ته شاعري... شعور وارا ئي ڪري سگهندا آهن. نه ڪي بي شعور. ۽ جڏهن اسان احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ کي پڙهون ٿا ته چڙ ڪو ڏهاڪو سالن جي پيچ ڊاهه ۽ پيڙاءَ جا سمنڊ اُڪرندي جڙيل تي محسوس ٿئي. منهنجي خيال ۾ شيخ اياز کان پوءِ جيڪا جنريشن آئي انهيءَ منجهان جيڪي نانءَ شاعريءَ جي اُفق تي نکري نروار ٿيا. انهن منجهان احمد سولنگي به هڪ آهي..!

مون ٿورا ڏينهن اڳ سوشل ميڊيا تي احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ متعلق پنهنجي راءِ رکي هئي ته "احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ ۾ عالمگيريت؟ سواليه نشاني ڏئي رکي هئي جنهن تي ڪيترن ئي شاعرن احمد جي شاعريءَ بابت نفي ۾ رايا ڏنا هيا. پر اڄ وقت اِهو ثابت ڪيو آهي ته احمد سولنگي عالمي ليول جو نه ڪٿي پر سنڌ ليول جو تمام بهترين شاعر آهي.

رئن ٿا رڻ مٿان تارن پوي ٿي ماڪ پوڻن تي،
سڏن ٿا سُڄ جا سڏڪا، رُلي ٿي رُڄ رمتن تي
پکيڙن پاند ٿيون پنهنجا، ڪجل جي ريک ري راتيون

مٿي ڏنل ٻن نظمن جا ٽي حصا جڏهن پڙهيا ۽ وري ڪوٽ ڪري هن مضمون ۾ شامل ڪيا آهن ته سچ مون کي هڪ حيرت اها ٿي آهي ته ڇا آئون انهن ٻن نظمن "روايت" ۽ "جلاوطن دوست جي ياد ۾" جا جيڪي ٽي حصا ڪٽي رهيو آهيان، انهن تي ڀرپور لکي سگهندس يا نه...؟ پر آئون ايترو ئي چوڻ چاهيندس ۽ عام پڙهندڙ کي دعوت ڏيندس ته اوهان احمد سولنگيءَ جي مٿين ٻن نظمن سميت هيٺيان هي به نظم پڙهو جيڪي عالمي ليول جي شاعريءَ جي دائري ۾ داخليت جيتري سگهه رکن ٿا. ۽ اُهي هيءَ نظم آهن. انهن نظمن جا آئون رڳو عنوان ڏيندس:

"خدا جا خليفا"، "قلو پطره"، "قرت العين طاهره"، "هڪ بُوند جي وشالتا"، "سپاٽي جو سڏارث"، "مريم جي مٽي"، "اوير جي آرسي" ۽ "اُتر قطب" سميت ڪافي نظم اچي وڃن ٿا!

-

## ● احمد سولنگيءَ جي نالي

روشن شيخ

هيءَ بي چئي دل،
اوهان جي لاءِ ئي ڌڙڪي ٿي.
اهان جيڪي چنڊ آهيو
چاهت جا،
اوهان شاعريءَ جو حسين خواب،
اوهان جيڪي،
ڳالهين جون ڳنڍيون ٿا کوليو
سي ڳالهيون،
وقت جا حسين خواب ٿي وڃن ٿيون،
ءِ خواب،
اوهان جون اکيون آهن،
جن اکين ۾،
شاعريءَ جو آسمان،
ميرانجهڙو نہ ٿيندو.

–



**رکيل مورائي** بنيادي طور شاعر آهي ۽ سنڌس شاعري تہ عشق جي هڪ پوري ڪهاڻي هوندي آهي. نثر نويسي پڻ سندس ادبي زندگيءَ جو هڪ ٻيو تعارف آهي، ۽ جيڪو تعارف هڪ باوقار، سنجيده ۽ بامعنيٰ ليکڪ وارو آهي. هيءُ سنڌ جو اُهو شاعر ۽ نثرنويس آهي، جنهن علم ۽ ادب کي پنهنجي زندگي ۽ اُن جي مڙني سرگرمين جو محور بڻائي ڇڏيو آهي. هيءُ سرگرم ليکڪ، گرمي هجي يا سردي، ادبي محفلن ۾ نمايان انداز ۾ موجود هوندو پر ان سان گڏ هو خاموشيءَ سان هڪ اهڙو بہ علمي ۽ ادبي ڪم ڪندو رهندو آهي، جيڪو ڪڏهن شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي ٿيل جديد تحقيق کي سهيڙڻ جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي، تہ ڪڏهن "سنڌ جو سرمست" جي صورت ۾ پڌرو ٿيندوآهي، ڪڏهن شاه عبدالڪريم بلڙيءَ واري تي ڪو سندس سهيڙيل اهم ڪتاب ايندو آهي، تہ ڪڏهن قادر بخش بيدل تي ترتيب ڏنل سندس يادگار ڪتاب شايع ٿيندو آهي.

اهڙي ئي سلسلي ۾ هن جديد دور جي نمائنده شاعر احمد سولنگيءَ جي شخصيت، شاعري، فن ۽ ان جي مختلف ادبي پهلوئن تي سنڌ جي ناميارن ليکڪن جي تحريرن تي مشتمل هيءُ ادبي دستاويز تيار ڪيو آهي، جيڪو نہ رڳو احمد سولنگيءَ جي شاعراڻي حيثيت جي ڪٿ ڪري ٿو، پر اهو جديد سنڌي شاعريءَ جو بہ ذڪر ڪري ٿو. ان طرح رکيل مورائيءَ جڻ جديد شاعريءَ جي هڪ تاريخ سهيڙي آهي، اها اِن معنيٰ ۾ بہ، تہ جڏهن بہ اڄ جي ڪنهن شاعر تي ڪو ماڻهو لکي ٿو تہ، هو سنڌي شاعريءَ جي تاريخي روايتن، ڪلاسيڪي ورثي ۽ فني ميراث کي بہ بحث هيٺ آڻي، پنهنجي بحث ۾ سنڌي ادب کي اڄ سان جوڙي سگهڻ بابت ڪي اشارا ڏيئي وڃي ٿو. رکيل مورائيءَ جو ڪيل هيءُ ڪم بہ اهڙو ئي آهي، جيڪو زندگيءَ جي پاسي بيٺل سنڌي ادب کي اڳتي آڻي، هڪ اهڙي روايت وجهندو، جنهن ۾ خاص طور اسان جا نوجوان شاعر/ليکڪ بہ جيئري ئي مڃتا ۽ مانُ ماڻڻ لڳندا.

منهنجو ويساه آهي تہ احمد سولنگيءَ بابت رکيل مورائيءَ جي محبت ۽ محنت سان تيار ڪيل هيءُ علمي ۽ ادبي دستاويز خاص طور ايڪهين صديءَ جي ادب جو ضرور هڪ اهم حوالو بڻجندو.

— **انور ابڙو**
14 ڊسمبر 2018ع، ڪراچي

naeemdeswali

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.